سرمائيدار
۽
پورهيت استحصال



سنڌيڪار

خاڪي جويو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سرمائيدار
۽
پورهيت استحصال

ليکڪ

تاتيانا والڪووا ۽ فليڪس والڪوف

سنڌيڪار

خاڪي جويو



سکرنڊ/ حيدرآباد، سنڌ

2022ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	سرمائيدار ۽ پورهيت استحصال
ليکڪ	:	تاتيانا والڪووا ۽ فليڪس والڪوف
سنڌيڪار	:	خاڪي جويو
ڇاپو پهريون	:	2022ع
ڇپائيندڙ	:	مارئي اڪيڊمي، سڪرنڊ/ حيدرآباد
ڪمپوزنگ	:	راڻو خان ميگهواڙ
	:	سُورج پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ

قيمت : -/900 (نو سؤ رپيا)

لکپڙهه لاءِ پتو

مارئي اڪيڊمي،
بنگلو نمبر 198، ماروي ٽائون،
قاسم آباد، حيدرآباد، سنڌ.
موبائل نمبر: 03003094140
03343305344

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سٿاءُ

* پبلشر پاران ـ سڪندر ملاح 09
* ڄاڻ سڃاڻ (پنهنجي پاران) ـ خاڪي جويو 11
* سنڌ جو سچو ڪرو قومي ڏاهوءِ دانشور: خاڪي جويو ـ الطاف ملڪاڻي 14

باب پهريون:

سرمايوءِ ويڪوشين جي پيداوار 19

❖ ويڪوشيون 19
❖ ويڪوشين جي سڃاڻپ 19
❖ ويڪوشين جي استعمال جو قدر يا مُلهه 20
❖ ويڪوشين جي متضاد نوعيت يا الڳپڻو 26
❖ پورهيي جي ٻٽي نوعيت 28
❖ ويڪوشين جي قدرءِ قيمت جي ماهيت ءِ مقدار 32
❖ لازمي سماجي پورهيي جي مدت جو تعين 33
❖ پورهيي جي پيداوار سان قدر يا مُلهه جي وابستگي يا لاڳاپو 34
❖ پيداواري نظام ۾ نراجيت يا انارڪي 36
❖ قدرءِ قيمت جو قانون 37
❖ ويڪوشين جي پيداوار ۾ سرمائيدارن جو ڪردار 42

باب ٻيو

سرمائيداري ڪاروبار 44

❖ پيداواري ذريعن تي سرمائيدار ملڪيت جي والار 47
❖ سرمائي جون ابتدائي يا پهروٽيون وصفون ءِ خاصيتون 48
❖ سرمائي جي ساخت ءِ بناوت 50
❖ پورهيي جي طاقت ءِ سگهه 52
❖ پورهيي جي طاقت جو قدر 56

❖ پورهيي جي طاقت جو استعمالي قدر يا افاديت 59

باب ٽيون

زائد قدر جي ڏوڙ ڪيئن ڪئي ويندي آهي 60

❖ واجبي پورهيي جي مدت ۽ واڌي پورهيي ۾ فرق 60

❖ واڌو پورهيي جي مدت ۽ واڌو پورهيو 61

❖ زائدقدر 63

❖ سرمائيداري استحصال جو هٿيو 65

❖ نئوس ۽ پڪي پورهيي ۽ پيداواري ذريعن جي، قدر جي منتقلي 69

❖ سرمائيداري صنعت ۾ تيار ٿيل وکر جو قدر 70

❖ زائد قدر جي حقيقت پذيري يا وصولي 73

❖ زائد قدر جي حاصلات، سرمائيدار پيداواري طريقي جو مول ۽ متو آهي 74

❖ سرمايو ۽ زائد قدر 79

❖ زائد قدر ۽ چتاپيتيءَ واري ڏوڙ ڏُڪ 83

باب چوٽون

زائد قدر جو مقدار ۽ شرح 89

❖ زائد قدر جي جسامت ۽ مقدار 89

❖ زائد قدر جي مقدار جي واڌ 90

❖ اجرتي پورهيتن جي تعداد ۾ واڌ 92

❖ زائد قدر جي شرح 93

❖ استحصال جي شدت ۾ واڌ 96

❖ زائد قدر جي مقدار ۽ شرح جي وچ وارو ربط 97

باب پنجون

زائد قدر کي وڌائڻ جا طور طريقا 99

❖ نجو پجو زائد قدر 99

❖ ڏهاڙي ڪم ڪار جا وقت ۽ انهن جي حدبندي 102

❖ ڏهاڙي جي وقت کي طئي ڪندڙ مسئلي بابت ڪشمڪش ۽ ويڙهه 103

❖ پورهيي جي شدت ۾ واڌ 107

❖ نسبتي يا واڌو زائد قدر 111

❖ زائد قدر ۽ پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ 114

- وافر يا آڻ ـ هيو زائد قدر 115
- وافر زائد قدر ۾ ٽيڪنڪي ترقي 120
- اجرتون سرمائيداري استحصال جو ذريعو هونديون آهن 125
- پورهيي جي طاقت جي قدر سان جڙيل (Mechanise) اجرتون 128
- سرمائيداري ڪارخانن ۾ عورتن ۽ ٻارن جو پورهيو 130
- پرڏيهي پورهيي جي پرماريت 133
- ٽيلرازم 135
- فورڊازم 136
- ماهر مزدورن جي استحصال ۾ واڌ 139
- استحصال ۾ پرماريت جا نوان طريقا 141
- زائد قدر ۾ صنعتي ڏڪ 145

باب ڇهون

زائد قدر ڪير وصول ڪندو آهي؟ 147

- منافعو 147
- منافعي جو اصل جوهر ۽ ماهيت ڇا آهي؟ 148
- منافعي خوريءَ جي شرح 149
- منافعي جي سراسري شرح 151
- تجارتي منافعو 155
- قرضن جو وياج 161
- بئنڪارن جو منافعو 164
- ورهاستي منافعو 166
- زمين جي مقاطعداري 168
- ڪارو ڪاروبار 172
- استحصالين جا گڏيل مفاد 172
- مارڪس جي زائد قدر جو علمي نظريو 173

باب ستون

اجاريداري (سامراجي) واري، پيداوار ۾ زائد قدر تي قبضو 176

- اجاريداري واري 177
- اجاريداري اڳهه 178
- اجاريداري منافعو 180

- ❖ اجاريداريون پورهيت طبقي جي استحصال ۾ تيزي آڻيندڙ آهن 182
- ❖ اجاريداريون تجاوز يا فاضل زائد قدر ۾ واڌ آڻيندڙ آهن 183
- ❖ اجاريداري مافوق يا ماورا منافعو ۽ ان جا وسيلا 184
- ❖ اجاريداريون ۽ سراسري منافعا 188

باب اٺون

مالياتي سرمايو زائد قدر جي وڏندڙ حصي کي ڦڙڪائيندو ويندو آهي 190

- ❖ پرماري ناڻي جي پاڻ زوري سگهه 190
- ❖ منافعن ۾ پائيواري نظام 191
- ❖ اعزازي منافعو 193
- ❖ چمڪندڙ يا وهندڙ منافعو 195
- ❖ سٽي بازيءَ جو منافعو 196
- ❖ زمين جي سٽي بازي 197

باب نائون

منافعي خوريءَ جي واڌاري سرمائي جي روانگي 199

- ❖ زائد قدر جي واڌاري لاءِ سرمائي جي روانگي 199
- ❖ سرمائيڪاريءَ لاءِ علائقائي چڪتاڻ 201
- ❖ سرمائي جي روانگي ۽ ڪاروباري منافعو 204
- ❖ سرمائي جي روانگي ۽ قرضن جو وياج 206
- ❖ سرمائي جي روانگيءَ جي وڏندڙ نفعي خوري 207
- ❖ منتقل ٿيندڙ منافعن مان نئين سرمائيڪاري 208
- ❖ سرمائي ۽ مال جي روانگي 209
- ❖ ترقي پذير ملڪن تي وڏندڙ قرض 210
- ❖ سرمائي جي روانگي ۽ سامراجي ملڪن جي پورهيت طبقي جو استحصال 210

باب ڏهون

عالمي ڪارپوريشنون پورهيت استحصال کي تيز ڪن ٿيون 212

- ❖ دنيا جي معاشي ورهاست 212
- ❖ پرماري ڪارپوريشنون ۽ خانگي ڪارخانا 214
- ❖ پرماري ڪارپوريشنون ۽ وافر زائد قدر 216
- ❖ پرماري ڪارپوريشنون ۽ قيمتون 217

❖ پرماري ڪارپوريشنن جا منافعا وڌندا رهن ٿا 219

باب يارهون

منافعن ڪي وڌائڻ جا بينڪي ۽ جديد بينڪي طور طريقا 220

❖ بينڪي سامراجي نظام 220

❖ بينڪي منافعو 221

❖ بينڪي شهنشاهي شيرازو وکرڻ لڳو 223

❖ جديد بينڪي نظام جو جوهر 224

❖ جديد بينڪي استحصال 224

باب بارهون

زائد قدر جي پيداوار جي توسيع ۾ رياستي هڪ هٿي جو ڪردار 227

❖ رياستي ڪاروبار ۽ سرمائيدارن کي ملندڙ منافعو 227

❖ رياستي سرمائي مان خانگي سرمائي جي امداد ۽ ٻيون رعايتون 230

❖ رياست ۽ هڪ هٿي قيمتون 233

❖ جنگ بازي ۽ منافعا 234

❖ رياست مزدورن ۽ سرمائيدارن جي رشتي ۾ مداخلت ڪندي آهي 237

❖ رياست هڪ هٿين جي پر ڏيهي معاشي پکيڙ ۾ سهڪار ڪندي آهي 237

باب تيرهون

سرمائيدارن جي شاهوڪاريءَ جو سرچشمو ۽ زائد قدر 239

❖ زائد قدر جو استحصال 239

❖ فضول خرچيون ۽ اجايون عياشيون وڌي رهيون آهن 239

❖ سرمائي جي ذخيري اندوزي 241

❖ سرمائيدار جيئن پوءِ تيئن شاهوڪار ٿي رهيو آهي 242

❖ منافعي خورن ۽ واندن جو تعداد وڌندو پيو وڃي 244

باب چوڏهون

زائد قدر لاءِ دوڙ ۽ پورهيت جي بنيادي مفادن تي سرمائي جي هلان 245

❖ بيروزگاريءَ جو ٽڪائيندڙ ڪوهسار 245

❖ قيمتون وڌن ٽيون 248

❖ بک ۽ خراب ڪاڏو 250

❖ گهرن جي اڻ پورائي 250

❖ صحت جي سارسنيال ۽ معانگي ٽيندي پئي وڃي 251

❖ سرمائيدارن ۽ پورهيت طبقي ۾ سماجي ويچو وڌي پيو 252

باب پندرهون

پورهيت عوام سرمائيداري ڦرمار جي خلاف جنگ ۾ آهي 254

❖ پورهيت طبقي جي پهرين طبقاتي ويڙهه 254

❖ پورهيت طبقي جي معاشي جدوجهد 255

❖ پورهيت طبقي جي سياسي جدوجهد 258

❖ ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽيون 260

❁ حاصلات 252

❁ ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جون سمجهاڻيون 264

پبلشر پاران

اسان جي اداري جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ پنهنجن پڙهندڙن کي معياري ڪتاب پڙهائجن. ان سلسلي ۾ سنڌ ڏرتيءَ جي جاکوڙي شخص، سنڌ جي اديب، شاعر، دانشور خاڪي جويو جو سرمائيداري نظام خلاف ۽ پورهيت عوام جي حقن تي لکيل ڪتاب "سرمائيدار ۽ پورهيت استحصال" هڪ بهترين ڪتاب اوهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ اِهو ڄاڻايل آهي تہ سرمائيدار ڪيئن امير کان امير تر ٿيندو پيو وڃي ۽ غريب جو ڪيئن استحصال ڪري ان جو خون چوسي ان کي نچوري غربت جي دلدل ۾ ڦاسائي ڪيئن مرڻ ڪنڊي تائين پهچايو وڃي ٿو.

هن کان اڳ بہ 'مارئي اڪيڈمي' پاران خاڪي جويو جو لکيل ڪتاب "ترقي پسند ادب جا معيار" جهڙو ڪتاب بہ شايع ڪري چڪا آهيون، جنهن کي پڙهندڙن تمام سٺي موٽ ڏني. اُميد تہ هيءُ ڪتاب پڻ اوهان پڙهندڙن جي معيار مطابق ثابت ٿيندو.

سڪندر ملاح

پبلشر

پنهنجي پاران:

چاڻ سڃاڻ

اسان هر روز علم ۽ ڄاڻ، ٽيڪنڪ ۽ ثقافت جي ميدانن ۾ عجب ۽ وجهندڙ ۽ فطرت کي قابوءَ ۾ ڪندڙ توڙي پنهنجيءَ شخصيت کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ، پراڻي زماني کان جاري جدوجهد سبب اڄ جي جديد ترين ڪاميابين بابت ٻڌندا رهون ٿا، خاص ڪري ٻين سيارن ڏانهن خلائي پروازون ۽ ليزر شعاعن جا ڪمالات، جڳ تہ جنن ۽ پوتن جون ڪاڻيون ٿي پيون آهن. جڏهن تہ اهي هن جديد دؤر جون حقيقتون آهن. موجوده دؤر جي انسان، ڪيترين صلاحيتن واريون سگهاريون مشينون جوڙيون آهن ۽ اهڙيون نئين مواد واريون چادرون، پڙچ ۽ لوهي رادون ٺاهيون آهن، جيڪي اڳ ۾ موجود نہ هيون ۽ جيڪي بي انداز وڏو وزن کڻي سگهن ٿيون، اهڙيءَ طرح زراعت ۽ پوکي راهي ۾ بہ وڌيڪ پيداوار وارن فصلن ۽ وڌيڪ طاقت واري چوپائي مال جي نسل جي پرورش ڪئي پئي وڃي، اهڙين ڪاميابين جتي انسانن جي زندگيءَ جي معيار کي وڌايو آهي، اتي هن ڌرتيءَ تي جنت نما خوشين ۽ خوشحاسين جي حاصلات لاءِ موجود انساني نسل جي فائدي بابت اهي موقعا مهيا ڪري ڇڏيا آهن، جن لاءِ هن کان اڳ ۾ ڪو سوچي بہ نہ سگهيو آهي.

ٻئي طرف وري اسين روز بروز تباهي مچائيندڙ فضائي بمبارين ۽ عام انساني آبادين تي توبن ۽ گولن جي وسڪارن جون خبرون چارون بہ ٻڌندا رهون ٿا ۽ ان سان گڏ اسان اهي خبرون بہ ٻڌندا رهون ٿا تہ ڪنهن نہ ڪنهن انسان بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي، خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. اهڙيءَ طرح اسان سرمائيداري سماج ۾ لکين ۽ ڪروڙين انسانن جي غربت ۽ محرومين جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا. سرمائيدار حڪومتون وڏن وڏن فوجي اتالن کي ويهاري کارائيندڙيون آهن ۽ خطرناڪ هٿيارن جي تياريءَ تي اربين ۽ کربين روپيا خرچ ڪندڙيون آهن. جن ۾ ائٽمي،

ڪيميائي ۽ جراثيمي قسم جا هٿيار شامل هوندا آهن. وچ اوپر ۾ فلسطيني ۽ لبناني وطن دوست ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ جمهوريت پسند جوڌا نسل پرستيءَ ۽ نسلي اڻ برابريءَ جي خلاف وڙهندي پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي آزادي گهرندڙ قومن جي مٽان موت جا ملائڪ لامارا ڏئي رهيا آهن. سرمائيدار ملڪن ۾ بک ۽ بيروزگاري به گهٽي آهي ۽ هزارين ٽنن جي حساب سان غذائي جنسون جاٽي واٽي سمندن ۾ اُڇلايون يا وري ساڙيون وڃن ٿيون. هڪ طرف آگرين تي ڳڙڻ جيترا ماڻهو پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي پرمار آهن ۽ ٻئي طرف لکين ۽ ڪروڙين پورهيت ۽ هاري غربت ۽ بک جو بک ٽي رهيا آهن. هڪ طرف انتهائي بيڪاري، ڪاهلي ۽ اجايو خرچ ٽي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف پگهر وهائيندڙ ۽ ساهه نپوڙيندڙ پورهيو ۽ محنت آهي. اڳوٽي گذريل صديءَ جيان موجوده صديءَ جي سرمائيداري دؤر ۾ پڻ، ترقيءَ ۽ سڌاري سان گڏوگڏ بيروزگاريءَ جو راڪاس پڻ رڙهي رهيو آهي. جنهن لاءِ ماڻهن ۾ غير محفوظ هجڻ جو احساس وڌي ۽ ويجهي رهيو آهي. عام ۽ جاڻ جي عظيم تر ڪاميابين جي باوجود اڄ به بالغ انسانن جي آباديءَ جو وڏو تعداد تعليم جي اڻاڻ جو شڪار آهي. پورهيت طبقو ۽ هاري جيترو وڌيڪ پگهر وهائي ٿو، ايترو ئي انهن جي پورهيي مان پيدا ٿيندڙ دولت جو هڪ تمام وڏو حصو سرمائيدارن ۽ زميندارن جي هٿ لڳي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهه هن ويهين صديءَ جي آخري اڌ ۾، يعني جوهري توانائيءَ ۽ خلائي تخليق جي دؤر ۾ ٿي رهيو آهي. اهي ڪهڙا سبب آهن، جيڪي اهڙن هيبتناڪ مظهرن کي جنم ڏين ٿا ۽ انهن جي نتيجي ۾، پيدا ٿيندڙ تضادن ۽ تڪرارن کي وڌايو به، وڃي ٿو ۽ ايڏا وڌيڪ شديد تر ڪيو به وڃي ٿو. انميءَ سوال جو هڪ ئي جواب آهي ۽ اهو هيءَ ته، انميءَ جو بنيادي ۽ اصل سبب اهو نظام آهي، جنهن جي آغوش ۾ اهي مظهر وڌن ۽ ويجهن ٿا يعني سرمائيداري نظام، جيڪو ان جي اصل پيڙهه جو پٽر آهي. سترهين ۽ ارڙهين صدين جي سرمائيدار انقلابن جي نتيجي ۾، اولهه يورپ ۾ سرمائيداري نظام قائم ٿيو ـ استحصال ۽ جبر تي ٻڌل

انهيءَ نظام سرمائي کي معاشيات، علم جاڻ ۽ ثقافت وغيره مٿان ٽاڪي ۽ قابض ڪري ڇڏيو ۽ انهن سڀني جي ترقي ۽ واڌ کي مال ۽ دولت جي تابع ۽ منافعي خوريءَ جي بي لغام گهوڙي جي پيرن هيٺان ڏئي ڇڏيو. زائد قدر جي حاصلات جي لاءِ وڏندڙ ڀڳهيءَ ٻوڙ سرمائيداري پيداوار جو بنيادي شرط ٿي پئي ۽ اُها ان جو بنيادي محرڪ به ٿي پئي. اهو ئي سبب آهي جو زائد قدر جي حاصلات جي خواهش ئي سرمائيداري معاشيات جي بنيادي سيڌاڻپ جو تعين ڪندي آهي. ۽ اهڙيءَ طرح سرمائيداريءَ جو اصل لب لباب زائد قدر جي پيداوار آهي. ڪارل مارڪس سرمائي ۾ لکيو آهي ته: "سرمائيداري پيداوار رڳو ويڪو مال جي پيداوار جو نالو ئي ناهي، پر اصل ۾ زائد قدر جي پيداوار جو نالو آهي."

اهو ئي سبب آهي، جو زائد قدر جي سڌاڻپ ۽ سرچشمي توڙي ورهاست ۽ استعمال جي جاڻ اسان لاءِ اهميت واري ٿي وڃي ٿي. زائد قدر جي پيداوار کي سمجهڻ لاءِ سرمائيداري معاشي نظام جي بنيادي اصولن ۽ انهن جي جوڙجڪ تي نظر وجهڻ ضروري آهي.

خاڪي جويو

حيدرآباد

مهاڳ:

سنڌ جو سچو، ڪرو، قومي ڏاهو ۽ دانشور: خاڪي جويو

هن ڌرتيءَ جي گولي جي تاريخ تي نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي ته هيءَ انساني سماج سياسي، سماجي، معاشي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي حوالي سان ڪيترن ئي ارتقائي مرحلن مان گذريو آهي. ڇڙوڇڙ جهنگلي جيوت کان گڏيل قبيلائي سماج تائين ۽ قبيلائي سماج کان جاگيرداري دؤر تائين ۽ جاگيرداري دؤر کان جديد صنعتي سماج تائين، انسان تهذيب ۽ شعور جو هڪ ڏڳهو سفر طئ ڪيو آهي. انهيءَ انساني تجربي ۽ زندگيءَ جي ارتقا سان شعور اڄ جنهن منزل تي آهي سا تهذيبي تاريخ جي هڪ اعليٰ ترين منزل چئجي ته انهيءَ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. پر انتهائي افسوس جوڳي ڳالهه اها آهي ته جيتوڻيڪ هن وقت انسان، سائنسي، عقلي ۽ مادي ترقيءَ جي حوالي سان شعور جي اعليٰ ترين منزل تي آهي پر پوءِ به ماڻهوءَ هٿان ماڻهو جو استحصال جاري آهي. ظالم ۽ مظلوم، قورو ۽ ڦرجندڙ سرمائيدار ۽ پورهيت، جاگيردار ۽ هاري جهڙا طبقاتي تضاد اڄ به اسان جي سماج ۾ موجود آهن نه رڳو ايترو پر ظالم قومن جي جبر هيٺ پيڙجندڙ قومون، پنهنجو سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي تشخص وڃائي هن ڌرتيءَ جي گولي تان گم ٿيڻ جي حد تائين وڃي پهتيون آهن ۽ يقيني طور تي سنڌي قوم به اهڙين ئي قومن ۾ شمار ٿئي ٿي جيڪا گذريل ايڀائي سؤ سالن کان ۽ خاص طور ويجهي ماضيءَ جي 75 سالن کان هن رياست جي جبري الحاق هيٺ آهي. سنڌي سماج ۾ موجود طبقاتي تضاد پنهنجي جاءِ تي هڪ سچ آهي، انهيءَ کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي پر سنڌي قوم مٿان 1947ع ۾ مڙهيل غلاميءَ جو طوق هاڻ ايترو سگهارو، مضبوط ۽ سوڙهو ٿي چڪو آهي جو سنڌي ٻولي، ثقافت، جاگرافيائي حدن جي بربادي سميت، سنڌي قوم جي بحيثيت قوم جي

سياسي تشخص ۽ وجود کي جڙ ۾ هڪ ڪينسر وکوڙي ويو آهي ۽ خدا نه ڪري جو نارائڻ شيام جون هيءَ سٽون سچيون ٿي پون ته:

"الا! ائين مَ ٿئي، جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي هولي."

پر موجوده صورتحال ۾ جيڪا اُميد افزا ۽ همت ڏيارينڊڙ ڳالهه آهي سا هيءَ آهي ته سنڌ جي سياسي ۽ قومي تشخص جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ سائين جي. ايم. سيد جو فڪر اهڙو ليکو آهي جيڪو هاڻ اٽ آهي ۽ جنهن جي سهاري تي ئي سنڌ پنهنجو قومي، سياسي، آڇپوماڻي سگهي ٿي.

اهڙيءَ طرح وري سنڌي هولي ۽ ثقافت توڙي اخلاقي ۽ تهذيبي قدرن جي بقا ۽ بچاءَ جو ماڻ ۽ ماپو سنڌ جي عظيم رهبر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو رسالو آهي، جيڪڏهن سنڌ جو نئون نسل، ڀٽائي ۽ سائين جي. ايم. سيد جي فڪر جو پرجهلو ٿي ٻيٺو ته يقيني طور تي سنڌ اڄا به سوين سالن تائين پنهنجو سياسي، ثقافتي، اقتصادي، جاگرافيائي تشخص بحال رکي سگهندي پر رڳو سوال قومي تشخص ۽ وجود جي بقا جو ناهي پر ساڳي وقت سنڌي سماج ۾ موجود طبقاتي سوال خاص ڪري موجوده جديد صنعتي، سرمائيداري ۽ ملٽي نيشنلسٽ ڪمپنين جي استحصالي دؤر ۾ عالمي سامراج ۽ سرمائيدار طبقي خلاف هلندڙ عالمي جدوجهد جو حصو بنجڻ لاءِ سنڌ جي قومي دانشورن ۽ سياسي اڳواڻن کي واٽ ڳولڻي پوندي ۽ ڏنو ويجي ته سنڌ جي اندر طبقاتي سوال ۽ قومي آزادي يا "قومي حق خودارادیت" جي سوال کي جن دانشورن بهترين انداز ۾ حل ڪرڻ جو گس ۽ ڏس ڏنو انهن ۾ محترم خاڪي جويي جو نالو سيني کان وڏيڪ چٽو ۽ نمايان آهي.

خاڪي جويو سنڌ جي سياست، ادب جي جهان ۾ شعور جي اُها لاٽ ٻاريندڙ هو جنهن سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۾ قومي شعور جي سگهه پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ عالمي، علاقائي ۽ خاص ڪري هن رياست جي پنجوڙ ۾ ڦاٽل مظلوم قومن جي اندر طبقاتي جدوجهد جي راهه کي سولو ۽ سهنجو ڪري پيش ڪيو.

خاڪي جويي 1967ع جي اونداهي دؤر کان سنڌي ادب ۽ سنڌ جي سياسي هلچل ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. جڏهن کان هن ادبي ۽ سياسي شعور سنياليو تہ هن کي سنڌ قومي ۽ طبقاتي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ قائل نظر آئي. جنهن ڪري هن سنڌ جي قومي غلاميءَ جي حوالي سان سنڌ جي عظيم قومي رهبر سائين جي. ايم. سيد جي فڪر کي پنهنجو ڪيو تہ ساڳي وقت هن سنڌي سماج ۾ موجود طبقاتي تضادن جو حل بين الاقوامي عظيم پورهيت جدوجهد جي ڏاهن مارڪس ۽ لينن جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ ڏٺو. خاڪي جويو جيئن جي. ايم. سيد جي تعليم کي پنهنجي عقل ۽ شعور جي ڪسوٽيءَ تي پرکي پروڙي پوءِ ئي پنهنجي شاعريءَ ذريعي هيءَ اعلان ڪيو تہ:

سامراجي ڪُتا پَل پؤنڪندا رهن،
پاڻ کي هاڻ آزاد گهرجي وطن.

بلڪل اهڙي طرح ئي هن اهو بہ سمجهيو پي تہ اها آزادي ڪهڙي ڪم جي جنهن ۾ پورهيت، مزدور، هاري سُک ۽ سلامتي ماڻي نہ سگهن. سو هن طبقاتي جدوجهد جو شعور پيدا ڪرڻ لاءِ وري بہ پنهنجي شاعريءَ ذريعي هيءَ نعرو بلند ڪيو تہ:

پورهيت اچو پاڻ ۾ ڪيو ڪو اتحاد،
آجو ڪيون ڏاڍ کان، انساني اولاد.
اوندهہ مان آزاد، ڪريون جوت جهان جي.

("اِيءَ خاڪيءَ جو خيال")

سو اهو هڪ سچ آهي تہ خاڪي جويو هن ڌرتيءَ جو هڪ روشن خيال، ترقي پسند، قومپرست، انقلابي، پورهيت دوست ۽ قوم دوست ڏاهو ۽ دانشور آهي. هن نہ رڳو پاڻ انقلابي فڪر جو مطالعو ڪيو پر هڪ انقلابي ڏاهي ۽ دانشور جو سماج ۾ ڪهڙو عملي ڪردار ۽ جدوجهد هئڻ گهرجي، انهيءَ تي پاڻ عمل ڪري ڏيکاريو. هن سنڌي سماج جي ٽُڙ سياسي تجزئي ڪرڻ سان گڏوگڏ معروضي سياسي حالتن جو ادراڪ ڪندي، سنڌ جي تاريخي، قومي تشخص کي ڪڏهن بہ نظر انداز نہ ڪيو. هن پنهنجي مطالعي، مشاهدي، تجربي ۽ عملي جدوجهد مان

جيڪو بہ انقلابي شعور حاصل ڪيو اهو هن پوري ايمانداريءَ سان پنهنجي نئين نسل ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جو ثبوت خاڪي جويي جا لکيل ڪتاب آهن. خاڪي جويي جي شاعري هجي يا نثر، سياسي لکڻيون هجن يا ادبي مضمون پر هو پنهنجي هر لکڻيءَ ۾ قوم ۽ سماج ڏانهن هڪ جوابدار دانشور ۽ ڏاهي جي صورت ۾ نظر اچي ٿو.

خاڪي جويي جا "ساڃاهه" ۾ لکيل ايڊيٽوريل هجن يا وري سياسي تجزيا ۽ مضمون پر هن هر ليک ۾ اها ڪوشش ڪئي آهي ته هو پنهنجي نئين نسل کي اهڙو فڪر ۽ سوچ ڏيئي جنهن سان سندڙ جو نوجوان باشعور، روشن خيال، سيڪيولر ۽ وطن دوست نسل ٿي اُپري. هن وطن دوستي، قومي آزادي ۽ خودمختياري توڙي طبقاتي استحصال جي خاتمي لاءِ پنهنجي زندگيءَ کي وقف ڪري ڇڏيو هو سندس هٿ ۾ جهليل قلم سچ ۽ شعور جو اهڙو ڏيئو هو جنهن مان آزادي ۽ آڇپي جي روشني ڦُتندي نظر ٿي آئي.

حقيقت جي نگاهه سان ڏٺو ويجي ته خاڪي جويو بنيادي طور تي هڪ پورهيت، هاري گهراڻي جو فرد هو هن اک کولڻ سان ئي جاگيرداري ڏاڍ ۽ ڏمر کي ڏٺو ته جڏهن وري هن شاعر جي حيثيت ۾ ادب جي جهان ۾ وکون کڻڻ شروع ڪيون، جڏهن سندس ڪتابن سان سنگت ٿي ۽ وري جڏهن هو سندڙي ادبي سنگت جي قافلي سان سلهاڙيو ته هن ۾ قومي شعور جنم ورتو ۽ هو سندڙ جي قومي شعور جي لاٽ ٻاريندڙ "سن جي سيد" جي فڪر سان لاڳاپجي ويو ۽ جيئن ته 1967ع وارو ڏهاڪو قومي توڙي طبقاتي جدوجهد جي عروج وارو زمانو هو. جڏهن هو عملي سياست ۾ آيو ته هن طبقاتي جدوجهد جي سوال کي اوليت ڏني پر پوءِ سندڙ جي سماج جي تجزيي ۽ عملي جدوجهد جي حاصل ٿيل تاريخي شعور مان خاڪي جويو اهو نتيجو ڪڍيو ته جيستائين سندڙ جي قومي آزادي ۽ خودمختياري واري سوال کي حل نه ٿو ڪيو وڃي، اوستائين سڪڻي طبقاتي جدوجهد هن رياست جي اندر ڦاٽل مظلوم قومن جي مسئلن کي حل نه ڪري سگهندي، جنهن ڪري هن پنهنجي سياسي جدوجهد واري

واٽ پاڻ ٺاهي. هن فوجي مارشل لا هجي يا جمهوري حڪومت جي نانءَ ۾ قومن ۽ پورهيتن جو استحصال ڪندڙ جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو ٽولو هجي، هر حڪمران سان پنهنجي قلم ذريعي جهاد ڪيو. هن هميشہ سچ جو ساٿ ڏنو ۽ يقيني طور تي جديد سنڌ جي فڪري، سياسي، ادبي، روشن خيال ۽ ترقي پسنديءَ واري فڪر جي اڏاوت ۾ خاڪيءَ جي دانشوراڻي، ڏاهپ پرئي ڪردار کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. خاڪي نہ رڳو پنهنجي زندگيءَ ۾ سنڌ جي جياپي ۽ ظالمن خلاف جدوجهد ۾ هڪ اُتساهہ پريو ڪردار ادا ڪيو پر سندس جسماني وچوڙي کان پوءِ هن جو چڊيل علمي، ادبي ۽ قلمي ورثو سنڌ جي نئين نسل لاءِ هڪ روشن مشعل مثل آهي، جنهن جو ثبوت خاڪي جويي جو هيءُ ڪتاب "سرمائيدار ۽ پورهيت استحصال" اوهان جي هٿن ۾ آهي. خاڪي جويي هن ڪتاب جو ترجمو سولي سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي ۽ هن ڪتاب ۾ اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪيئن نہ سرمائيدار گهٽ معاوضي تي پورهيت طبقي کان وڌيڪ جسماني پورهيو ڪرائي، اضافي سرمايو پيدا ڪري ٿو.

سو سنڌ جي نئين نسل لاءِ خاڪيءَ جي اڳ لکيل سياسي، ادبي لکڻين جيان، هيءُ ڪتاب بہ هڪ روشن لاٽ مثل آهي، جيڪو اسان کي سرمائيدار ۽ پورهيت طبقي ۾ موجود هڪ اهم تضاد کي سمجهڻ ۾ مددگار ٿيندو.

آخر ۾ ايترو ئي چئي سگهجي ٿو تہ "خاڪي جويو سنڌ جو اهو ڏاهو ۽ قومي دانشور هو جنهن جي اندر ۾ هڪ اڻ موٽ، لالچ کان پاڪ، بي خوف، سچو ڪرو ۽ خودمختيار روح هو جنهن پنهنجي قوم ۽ سماج سان وفا جو ناتو مرڻ گهڙيءَ تائين نيايو." جيئن مرشد لطيف فرمايو آهي تہ:

جان جان هُئي جيئري، ورچي نہ ويني،
وڃي پوءِ پيني، سارينديءَ کي سڃڻين.
(شاهہ)

ـ الطاف ملڪاڻي

سنگر سٽي، جام شورو سنڌ
4 نومبر 2022ع

باب پهريون

سرمايو ۽ ويڪو شين جي پيداوار

ويڪو شيون: سرمائيداري معاشيات جي بنيادي سڃاڻپ اها آهي ته انهيءَ معيشيت ۾ ويڪو شين ۽ دولت جي لاڳاپي جو آفاقي غلبو ۽ والار هوندي آهي. سرمائيدار سماج ۾ عملي طور هر ڪا شيءِ ويڪو مال يا جنس بنجي ويندي آهي. ميوا، مشينون، پنون، صنعتي ادارا، اخبارون ۽ ٻيون لکين ڪروڙين شيون خريد ڪري ۽ وڪڻي سگهبيون آهن. انسان چوڌاري خريد ۽ وڪري جي شين ۾ گهيريل هوندو آهي. اُهي شيون ئي سرمائيدار سماج جي دولت جا سڀ کان وڏا ۽ بنيادي ايڪا هوندیون آهن، جيڪي هر هنڌ پکڙيون پيون هوندیون آهن. ڇو ته اهي شيون سرمائيداري نظام جو بنيادي معاشي جوهر ۽ جيو گهرڙا هوندیون آهن. ويڪو شين جي تبادلي ۽ متا سنا دوران ماڻهو هڪ ٻئي سان معاشي رشتن ۾ سلهاڙيا آهن، جن مان ڪي وڪرو ڪندڙ ته ڪي خريد ڪندڙ ٿيندا آهن. سرمائيداري سماج ۾ شين جي تبادلي ۽ متا سنا وارو سڀ کان وڌيڪ گهيري وارو ۽ وسيع رشتو هوندو آهي. ڪنهن به سرمائيداري سماج ۾ ڏينهن ۾ لکين ڪروڙين دفعا خريد ۽ فروخت ۽ ڏي وٺ ٿيندي آهي.

ويڪو شين جي سڃاڻپ: واپاري شين جي ڏي وٺ ڪرڻ وقت هرڪو ماڻهو سڀ کان پهرين انهن تي مادي شين جي لحاظ کان غور ڪندو آهي؛ ڇو ته گهڻيون ويڪو شيون، مادي ئي هوندیون آهن. ڪنهن دڪان ۾ وڪري جو مال، جهڙوڪ: ڪپڙا ۽ بوٽ وغيره يا ڪنهن فيڪٽريءَ ۾

پيداوار وڌائڻ لاءِ خريد ڪيل مشينون ۽ ٻيو سامان يا فوجي هٿيار وغيره سڀ مادي شيون آهن. تنهن کان سواءِ انهن ۾ ڪيتريون ئي مفت ۾ حاصل ٿيندڙ شيون به شامل هونديون آهن. جيئن جهنگ جا ميوا ۽ ٻير يا سوکڙيءَ طور ملندڙ شيون به مادي هونديون آهن. جيتوڻيڪ اهي به شيون ئي هونديون آهن پر اهي وڪري لاءِ نه هونديون آهن. ان ڪري وڪري جي شين (جنس) کي بين عام شين سان ملائڻ صحيح نه ٿيندو.

شيون پنهنجي ليکي، ويڪو شيون نٿيون هجن پر اهي هڪ خاص قسم جي انساني عمل ۽ سرگرميءَ جي نتيجي ۾ ويڪو شيون ٿي پون ٿيون. ويڪو شين لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته انهن کي ڏي وٺ ۽ وڪري لاءِ پيدا ڪيو وڃي. انهيءَ ڳالهه مان اهو نتيجو ٿو نڪري ته ڪنهن شيءِ کي ويڪو شيءِ ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته اها شيءِ پورهيي جي اهڙي عمل جي پيداوار هجي، جيڪا پيدا ڪندڙ جي هٿان سڌيءَ ريت خريدار جي هٿ ۾ وڃڻ جي بجاءِ تبادلي ۽ متاستا جي عمل جي وسيلي يا وڪري ۽ خريد جي عمل ذريعي پيدا ڪندڙ وٽان نڪري ڪپائيندڙ تائين پهچندي هجي. ويڪو شين جي شروعات عيسوي سن کان پنج ڇهه هزار سال اڳ ٿي هئي. اجتماعي پورهيي جي ورهاست ۽ پيداواري ذريعن تي ذاتي ملڪيت جو قبضو اُهي به اهڙا عمل هئا، جن جي نتيجي ۾ ويڪو شيون وجود ۾ آيون هيون.

سرمائيدار دؤر ۾ ويڪو شين چؤطرف پنهنجي والار قائم ڪري ورتي آهي. سرمائيدارانه ڪارخانن جي اندر انساني پورهيي جي سڄي پيداوار ويڪو شين جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. ويندي سرمائيداري نظام ۾ پورهيي جي سگهه به ويڪو شيءِ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

ويڪو شين جي استعمال جو قدر يا مُلهه: هر ويڪو شيءِ ڪنهن نه ڪنهن انساني ضرورت جو پورائو ڪندي آهي. مثال طور ماني سڀ کان وڌيڪ ڪاڏي جي طور استعمال ٿيندي آهي. اهڙيءَ طرح گوشت، کير، ميوا

۽ پاڇيون ۽ انساني گهرجن جو پورائو ڪن ٿيون. جتيون، بوٽ، قميصون، شلوارون، سوٽ ۽ ڪوٽ وغيره انسان جي لباس جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ تيار ڪيا ويندا آهن. نتيجي طور هر اها شيءِ، جيڪا انساني ضرورتن جي پورائيءَ جي اهليت رکندي آهي، اهائي هڪ ويڪو شيءِ جي لازمي سيڀاڻپ آهي ويڪو شيءِ جي اهڙيءَ خاصيت کي ئي استعمال قدر يا مُلهه چئبو آهي. ڪوبه ماڻهو ڪابه اهڙي شيءِ خريد ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهي، جنهن جي ڪا نه ڪا استعمالي افاديت نه هوندي آهي، ڇو ته اهڙيءَ شيءِ جي ڪنهن کي به ضرورت نه هوندي آهي. ڪنهن به شيءِ جو استعمالي قدر يا مُلهه ان شيءِ جي پنهنجيءَ فطري خاصيت کان سواءِ هڪ ٻيءَ خاصيت جو به نتيجو هوندو آهي، جيڪا انسان، ان شيءِ کي پنهنجي پورهيي جي ذريعي عطا ڪندو آهي، جيئن چاقو آهي، جيڪو ڊبل روٽيءَ کي رڳو ان خاصيت جي ڪري ڪونه ٿو وڍي ته اهو ڪنهن سخت قسم جي ڏاتوءَ جو ٺهيل آهي، پر ان جي وڍڻ واري صفت انهيءَ جي صورت ۽ بناوٽ جي ڪري به آهي، جيڪا ان کي انسان ڏني آهي. هن مان چٽيءَ طرح معلوم ٿيو ته استعمالي قدر يا مُلهه ۾ فطري مواد ۽ ڪم آندل پورهيي، بنهي جو ميلاپ شامل آهي. اهڙيءَ طرح فطرت ۽ پورهيو ملي ڪنهن شيءِ جي استعمالي قدر يا افاديت جو تعين ڪن ٿا. ڪجهه وقت اڳ سترهين صديءَ ۾ بورزوا سياسي معاشيات جي خالق 'وليم پيٽيءَ' لکيو هو ته: "پورهيو سموريءَ سماجي دولت جو پيءُ آهي ۽ زمين ماءُ آهي."

جيئن جيئن انساني سماج ترقي ڪندو رهندو آهي، تيئن تيئن شين جي خاصيتن بابت انسان جي سوچ ۽ سمجهه بهتر ٿيندي رهندي آهي ۽ نت نوان ڪم ونڊندو رهندو آهي ۽ ائين شين جو استعمالي قدر يا مُلهه ترقي ۽ ارتقا جي مرحلن مان گذرندو رهندو آهي ۽ انهن جون افاديتون گهڻ طرفيون ٿيندیون ويندیون آهن. مثال جيئن ڪاني آهي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ صرف گهر ٺاهڻ ۽ گهر ۾ ڪم ايندڙ ٻئي سامان سڙي لاءِ ٿيندي هئي پر هاڻ ان جي استعمال جا ٻيا به ڪيترائي گڻ هٿ

اچي ويا آهن. هاڻ ان جي ڪر مان ڪاغذ ناهيو وڃي ٿو. هٿرادو تارون بنايون وڃن ٿيون ۽ الڪوحل جي تياريءَ کان سواءِ ٻين صنعتن ۾ پڻ ڪائيءَ جي استعمال جي ڀرپور خبر پئجي چڪي آهي. ڪنهن زماني ۾ تيل رڳو هارڻ جي ڪم آندو ويندو هو. پر هاڻي گوناگون مصنوعي ترڪيبي شين جي تياري ۾ ان جي حيثيت اڃ تر ڪيميائي مواد واري ٿي پئي آهي.

ويڪو شين کان سواءِ ٻيون اهڙيون شيون به آهن، جيڪي استعمالي قدر يا مُلهه يا افاديت جون مالڪ آهن. مثال: اهي شيون به استعمالي قدر ۽ ملهه رکن ٿيون، جن کي پاڻ پريءَ اقتصاديات ۾ وهندڙ ماڻهو جوڙيندا آهن، جن کي پيدا ڪندڙ خود پنهنجي استعمال لاءِ پيدا ڪندو آهي. ان کان سواءِ قدرتي وسيلا آهن، جيئن چشمن ۽ آبشارن جو پاڻي، ٻير ۽ گُل ٻوٽا وغيره به استعمالي قدر ۽ افاديت وارا آهن. هتي اها ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته ويڪو شيءِ جي استعمالي قدر ۽ ٻين شين جي استعمالي قدر ۾ هڪجهڙو فرق آهي. اهو فرق تن اهم شرطن تي ٻڌل آهي.

اول: ويڪو شيءِ جو استعمال قدر يا مُلهه پنهنجي پيدا ڪندڙ جي ضرورتن جو پورائو نه ڪندو آهي. پر سماج ۾ رهندڙ ٻين ماڻهن جي گهرجن کي پورو ڪندو آهي. ويڪو شين جي تياريءَ جو اهو مقصد قطعاً نه هوندو آهي ته ان جو خالق پاڻ ان کي استعمال ڪري سگهي، بلڪ اها پنهنجي خريدار جي ئي استعمال ۾ ايندي آهي، جيئن درزي وڳو پنهنجي گراهڪ کي وڪڻڻ لاءِ ئي سبندو آهي ۽ نه پنهنجي پائڻ لاءِ سبندو آهي. ائين ئي ڪار ناهيندڙ ڪارخانا هن ئي معيار ۽ ماپي تي پرکي سگهجن ٿا. اها اُها وقت يا معيار هوندو آهي، جيڪو سيني ويڪو شين ۾ گڏيل ۽ ساڳيو هوندو آهي. پر انهن شين جي اها ساڳيا ئي واري صفت، انهن شين جي اندر ڪيميائي، طبعي يا ٻيءَ ڪنهن قدرتي خاصيت سان تعلق نه رکندي آهي، پر انهيءَ حقيقت سان جڙيل هوندي آهي ته اهي سڀ شيون انساني پورهيي جي پيداوار آهن. سموريون ويڪو شيون، ڪوٺ هجي، ريڊيو هجي، موٽر گاڏي هجي يا پينسل هجي مطلب ته هر قسم جون تيار

ٽيل شيون پورهيي جي پيداوار ٽين ٽيون. هرڪا ويڪو شيءِ پورهيي جي پراپت آهي. ان ڪري ويڪو شين جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪرڻ وقت، انهن شين جي تياريءَ ۾ ڪم آندل پورهيو ئي اصل ماپو ۽ مارُ هوندو آهي، جنهن جي ذريعي انهن شين جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪري سگهبي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ويڪو شين جي ادل بدل ۾ مٽ ست، حقيقت ۾ اهڙين مختلف شين جي تياريءَ ۾ ڪم آندل پورهيي جي پئماني کان سواءِ ٻي ڪابہ ڪونہ آهي. تنهن ڪري نتيجو اهو ٿو نڪري تہ قدر يا ملهہ جو پهريون ۽ اهم ترين مفهوم اهو ئي آهي تہ ڪنهن بہ ويڪو شئي جو قدر يا ملهہ اصل ۾ ان شيءِ جي صورت گر ۽ خالق جي پورهيي جي "جيئري جوڙ" هوندي آهي.

تنهن هوندي بہ اها خاصيت، قدر ۽ ملهہ جي مڪمل سچاڻپ ۽ وضاحت ناهي. پاڻ پريءَ اقتصاديات ۾ بہ پورهيو خرچ ٿيندو آهي، پر انهيءَ پورهيي جي نتيجي مان پيدا ٽيل شيون ويڪو شيون نہ ٽيون ٽين. ان ڪري انهن شين جي قدر ۽ قيمت بابت ڳالهہ ٻولهہ بہ اجائي ٽيندي، جو تہ پاڻ پريءَ اقتصاديات ۾ پيدا ٽيندڙ شيون، خود پنهنجي خالق جي گهرج يا استعمال ۾ ايندڙ آهن، پر اهي وڪري لاءِ نہ هوندڙ آهن.

ويڪو شين ۾ پورهيي جي هن خاص قسم جي لاڳت کي بهتر انداز ۾ سمجهڻ ضروري آهي. جيڪا انهن شين جي باهمي پيٽ ڪرڻ ۾ پرک ۽ ڪسوٽي جو ڪم ڏئي سگهي. انهيءَ مقصد کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ پاڻ پري اقتصاديات ۾ ڪم ايندڙ پورهيي ۽ ويڪو شين تي ٻڌل اقتصاديات ۾ ڪتب ايندڙ پورهيي جي جدا جدا نوعيت تي هڪ گهري نظر وجهڻ ضروري آهي.

خود ڪفيل يا پاڻ پرين معيشيتن جي پيداواري عمل ۾ مصروف ماڻهو پنهنجي ضرورت جي هرڪا شئي پاڻ پيدا ڪندا آهن، اهي شين جي تبادلي يا مٽ ست تي نہ پاڻيندا آهن. پاڻ پري اقتصاديات هميشہ هڪ يگانو ۽ اڪيلو معاشي ايڪو هوندي آهي. جڏهن تہ ويڪو شين وارو پيداواري نظام، لازمي طور پيداواري عمل ۾ پورهيي جي ورچ واري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اصول تي ٻڌل هوندو آهي، يعني اهڙي هڪ پيداواري نظام تي ٻڌل هوندو آهي، جنهن ۾ پيدائشي عمل ۾ مصروف هر ڪو شخص پنهنجي استعمال جي بجاءِ ڪنهن ٻئي خريدار لاءِ شيون تيار ڪندو آهي. جڏهن پيداواري پورهيو ڪندڙ هر ڪو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن واريون شيون بازار مان خريد ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهو پيداواري پورهيي ۾ مشغول ماڻهو پنهنجي پورت، ٻين جي پورهيي مان ڪندو آهي.

هن سڄيءَ ڳالهه جو مطلب ۽ مقصد اهو ٿو ٿئي ته ويڪو شين جي پيداواري نظام ۾، پورهيت ماڻهو هڪ ٻئي سان مضبوط معاشي بندڻن ۾ جڪڙيل ٿين ٿا، جيتوڻيڪ ذاتي ملڪيت وارو اصول ڪين هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيندو آهي، پر پوءِ به انهن مان هر هڪ جو پورهيو طرح طرح جي معاشي بندڻن جي ذريعي، ٻين سيني جي پورهيي سان ڳنڍيل ۽ ڳُتيل هوندو آهي. مثال: لوهي سرائيءَ ڌاهڻ ۾ ڪتب ايندڙ پورهيو انهيءَ سلائي مشين ڌاهيندڙ جي پورهيي سان اڻ سڌيءَ طرح جڙيل ۽ لاڳاپيل هوندو آهي، جيڪو ان کي استعمال ڪندو آهي. ٻئي لوهي سرايون ڌاهيندڙ جو پورهيو پنهنجي پويان فولاد ڌاهيندڙ انهن پورهيتن سان لاڳاپيل هوندو آهي، جيڪي پورهيت فولاد کي ڳاريندا آهن، جنهن مان لوهي سرايون ڌاهيون ويون آهن. انهيءَ کان سواءِ اهو پورهيت ٻين انهن سيني ڪارخانن جي پورهيي سان مختلف رشتن ۽ ناتن ۾ ڳنڍيل هوندو آهي، جيڪي لوهي سرايون ڌاهيندڙ ڪاريگرن کي مختلف قسم جو لازمي مددگار ۽ سهڪاري سامان مهيا ڪندو آهي. ان کان سواءِ کورن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت آهن، جيڪي ڪچي لوهه کي ڳاريندا آهن. اهي ڪاٽيون ڪوٽيندڙ مزدور به آهن، جيڪي انهن مان ڪچو لوهه ۽ ڪوئلو ڪيندا آهن. اهڙيءَ طرح پٽرايل ڪوئلو ڌاهيندڙ پورهيت آهي، جيڪي لوهه کي ڳارڻ لاءِ ڪوئلو ڌاهيندا آهن. تنهن کان سواءِ اهي ڪيمياگر به آهن، جيڪي انهيءَ سڄي سامان لاءِ رنگ ڌاهيندا آهن، اهي وڌا جيڪي سامان جي رکڻ لاءِ ڪاٺ جون پيٽيون ڌاهيندا آهن. بجلي گهر جا اهي

پورهيت آهن. جيڪي مشينون ناهيندڙ ڪارخانن کي بجلي پهچائيندا آهن، وغيره وغيره.

اهڙي نموني اسان ڏٺو ته ويڪو شين واري پيداواري نظام ۾ سرواين ۾ خود سرايون ناهڻ واري جي پورهيي کان سواءِ ويڪو شيون جوڙيندڙن جو ڪڙيءَ ۾ ڪڙي مليل هڪ زنجير آهي. جيڪا پورهيي جي زنجير جو هڪ ايڪو جوڙي ٿي يعني گڏيل ۽ اجتماعي پورهيي جي هڪ ايڪي کي وجود ۾ آڻي ٿي. گويا اها لوهي سرائي معاشي رشتن جو هڪ سلسو جوڙي ٿي. جيڪو ويڪو شيون ناهيندڙن جي وچ وارن رشتن ۽ ناتن جو آئيندار هوندو آهي. هيءُ اهو اٽ سڏو رابطو هوندو آهي، جيڪو تبادلي ۽ متا ستا جي وسيلي قائم رهندو آهي. اهڙيءَ طرح صرف تبادلي ۽ متاستا جي وسيلي يعني ڪنهن هڪ ويڪو شيءِ جو قدر ۽ ملهه جو ڪنهن ٻئي شيءِ سان چٽاپيٽيءَ جي عمل جي دوران پورهيي جي اجتماعي نوعيت جو اظهار ٿئي ٿو. اهو ئي عمل آهي، جنهن جي دوران اسان کي خبر پوندي آهي ته سماج کي ڪنهن درزيءَ، هاريءَ يا فولاد جوڙيندڙ جي پورهيي جي ضرورت آهي، يعني انهيءَ جي پورهيي کي سماجي پورهيي جي ايڪي جي طور تي قبول ڪيو وڃي ٿو جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي بازار ۾ گهرج آهي ته ان جو مطلب اهو ٿو نڪري ته انهيءَ شيءِ جي ناهيندڙ جي پورهيي جي مڃتا آهي پر جيڪڏهن اها ويڪو شيءِ بازار ۾ نٿي وڪامي ته انهيءَ جو مطلب آهي ته شيءِ ۾ پورهيي جي لاڳت کي سماجي سطح تي قبول نٿو ڪيو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح اهو پورهيو محنت ڪندڙ ۽ سماج جو ڌيان ئي سمجهڻ گهرجي ائين ان کي چئجي ته ڪنهن به ويڪو شيءِ ۾ سماجي پورهيي جي لاڳت کي ملهه، قدر ۽ قيمت چئبو آهي. قدر ۽ قيمت ئي ويڪو شيون ناهيندڙن جي وچ ۾ سماجي پيداواري رشتن جي عڪاسي هوندي آهي. جنهن جو اظهار تبادلي ۽ متاستا جي وسيلي ٿيندو آهي. قدر يا ملهه جو مواد اهو پورهيو هوندو آهي. جيڪو انهيءَ شئي جي تيار ڪرڻ تي ڪتب ايندو آهي. پورهيو ئي قدر ۽ قيمت جو سرچشمو

آهي ۽ ان جو خالق به آهي، صرف ۽ صرف پورهيو ئي قدر ۽ قيمت پيدا ڪري ٿو.

ڪنهن ويڪو شين جي تياريءَ ۾ ڪتب ايندڙ پورهيو واهپو ۽ وصوليابي، انهيءَ شئي جي لڳاتار پيداوار کي جاري رکندڙ حالتن ۽ شرطن جي پورائي لاءِ ضروري آهي، ته جيئن خريد و فروخت جي عمل جي دوران، شئي جا جوڙيندڙ ۽ ٺاهيندڙ شئي جي قدر ۽ قيمت مان رهنمائي حاصل ڪري سگهن. جيڪڏهن اها شئي پنهنجي قدر کان گهٽ قيمت تي وڪرو ٿئي ٿي ته پوءِ ان جي ٺاهيندڙ جي پورهيي جي پوري ۽ مناسب ادائگي ٿي نه سگهندي. نتيجي ۾ پورهيت جي زندگيءَ ۾ ڪم جون حالتون وڌيڪ خراب تر ٿي ويندیون.

ويڪو شين جي متضاد نوعيت يا الڳپٽو: ڪنهن چقمق جي ٻن طرفن وانگر هڪ ويڪو شئي جون به ٻه پاڻ ۾ ڳتيل ۽ نه ڌار ٿيندڙ وصفون هونديون آهن، ان جو قدر يا ملهه ۽ استعمالي افاديت ۽ ملهه ـ هڪ ٻئي کان جدا ۽ آزاد وجود رکي نٿا سگهن. اهي پاڻ ۾ ملڻ کان پوءِ ئي حقيقت جو روپ ڌارين ٿا. پر پوءِ به چقمق جي اتر ۽ ڏکڻ طرفن وانگر ٻنهي جي نوعيت ۽ نمونو هڪ ٻئي کان ابتڙ هوندو آهي. اول ته استعمالي قدر يا ملهه جي لحاظ کان ويڪو شين جي وصفن جي هڪ ٻئي سان پيٽ ئي نٿي ڪري سگهجي ۽ نه ئي وري انهن جي مقدار جي پيٽ ڪري ٿي سگهجي، خاص ڪري تڏهن، جڏهن ويڪو شين جي صفائي ۽ مقداري لحاظ کان پاڻ ۾ پيٽ ڪرڻي پوندي آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪماڻي ۽ سوٽ جي پيٽ ڪرڻي پوندي ته انهن ٻنهي جا استعمالي قدر ۽ قيمتون هڪ ٻئي کان ايتري قدر مختلف آهن، جو انهن جي پيٽ ڪرڻ لاءِ ڪو ماڻ ۽ ماپو ڪونه ملندو. پر پوءِ به انهن جي ملهه يا قدر کي ڪنهن هڪ ماڻ ۾ ماپي سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته ڪماڻي توڙي سوٽ ۾ هڪڙي شيءِ جي لاڳت ساڳي ۽ هڪ جهڙي ۽ هڪ جيتري آهي ۽ اهو انهن شين کي ٺاهيندڙ جو اجتماعي پورهيو آهي. اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي شين جي

تياريءَ تي پورهيي جي لاڳت جي پيٽ ڪري ڪمائڻ جي قدر ۽ قيمت جي سوٽ جي قدر ۽ قيمت سان پيٽ ڪري سگهجي ٿي ته سوٽ جو قدر ۽ قيمت، ڪمائڻءَ جي قدر ۽ قيمت کان ويهوٽو آهي يا ڏهوٽو آهي.

ٻيو ته: ڪنهن به شئي جي استعمالي قدر ۽ ملهه جو واسطو ان جي واهپي ۽ افاديت مان ٿيندو آهي، جڏهن قدر ۽ ملهه جو واسطو تبادلي ۽ مٽاسٽا مان لڳندو آهي. ڪنهن به شئي جي اهڙين ٻنهي وصفن مان هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو فائدو وٺي نٿو سگهي، انهن مان ڪنهن هڪ جي حقيقت جو روپ ڏاري، ٻئي قسم جي قدر ۽ ملهه کي حقيقت جو روپ وٺڻ نٿي ڏئي. جيڪڏهن ڪو موچي پنهنجا جوڙيل جوتا، پاڻ ئي پائيندو رهي ٿو يعني جوتن جي استعمالي قدر يا ملهه کي حقيقت جو روپ ٿو ڏيئي ته اهو جوتن جي انهيءَ جوڙي جي ملهه کي حقيقت جو روپ نٿو ڏئي سگهي، چو ته جوتن جي ملهه کي پڌري ڪرڻ لاءِ کيس انهن کي وڪڻڻو پوندو ۽ اهڙيءَ صورت ۾ جوتي جو استعمالي قدر ۽ ملهه، موچيءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿي ويندو. چو ته اهڙيءَ صورت ۾ جوتا خريدار جي هٿن تائين پهچي چڪا هوندا ۽ جيڪو انهن کي پائي، سندن استعمالي قدر ۽ ملهه کي حقيقت جو روپ ڏيندو آهي.

ٽيون ته: جيئن ته ڪنهن به ويڪو شئي جي استعمالي ملهه ۽ ان جي قدر (قيمت) کي هڪ ئي وقت حقيقت جو روپ نٿو ڏئي سگهجي، ان ڪري شين جون، اهي ٻئي صفتون هڪ ٻئي کان پوءِ ظاهر ٿيندیون آهن. هن طرح ڪنهن به شئي جو ملهه پهرين ظاهر ٿيندو آهي، ۽ استعمال قدر ان کان پوءِ ظاهر ٿيندو آهي. تڏهن به پهرئين ۽ پوئين رشتي ۾ هڪ قسم جو تضاد ۽ ٽڪراءُ موجود هوندو آهي. ڪنهن به شئي جي استعمالي قدر ۽ ملهه جي حقيقت جو روپ وٺڻ لاءِ ان جو به روپ وڪامڻ ضروري آهي يعني ان جي ملهه جو پهرين حقيقت پذير ٿيڻ ضروري آهي، تنهن هوندي به ڪنهن ويڪو شئي جي وڪري لاءِ ضروري آهي ته ان شئي جو استعمال ڪندڙ ۽ خريد ڪندڙ ان جي استعمالي قدر ۽ ملهه جي باري ۾

ڪنهن شڪ ۽ شبهي جو شڪار نه هجي. يعني ان کي يقين هجي ته اها شئي ان جي لاءِ فائدي واري آهي.

تضادن جي اهڙي طريقي سبب، مونجهارن ۽ تڪرارن جو هڪ ڏگهو سلسلو پيدا ٿي ويندو آهي. ڪابه ويڪو شئي گودامن ۾ رکي رکي پڄي پري ۽ سڙي سگهي ٿي، يا واهپي ۾ اچڻ کان اڳ پراڻي ٿي مدي خارج ٿي سگهي ٿي وغيره وغيره ۽ ممڪن آهي ته اهڙي ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري اُها وڪامي نه سگهي. اهڙيءَ صورت ۾ ويڪو شئي جي استعمالي قدر ۽ ملهه ۾ فرق پوڻ جي سبب جي ڪري، انهيءَ شئي جي ملهه (قيمت) جي حقيقت پذيري ۾ متاثر ٿيندي آهي. ان کان سواءِ ٻيون اهڙيون صورتون به ٿي سگهن ٿيون، جنهن جي ڪري ويڪو شئي منڊي ۾ ان ڪري به نه ايندي آهي، جو يا ته ان جي قيمت تمام گهڻي مهانگي هوندي آهي يا ان جو مالڪ ان کي گهربل قيمت ۾ وڪڻڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. اهڙين صورتن ۾ شئي جي استعمالي قدر ۽ ملهه جو حقيقت پذيريءَ جي راهه ۾ قدر ۽ ملهه (قيمت) ۾ رڪاوٽ ٿي پوندو آهي. بهرحال ٻنهي صورتن ۾ نتيجو اهو ئي نڪرندو آهي ته ويڪو شئي استعمال ڪندڙ تائين پهچڻ ۾ ناڪام رهندي آهي ۽ ان جي اندر پورهيي جي لاڳت ذيان ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ ڪڏهن ڪڏهن سرمائيدار ويڪو شين کي وڃائي، اُڇلائي ۽ تباهه ڪري ڇڏيندا آهن.

پورهيي جي ٻٽي نوعيت: ويڪو شئي جا اندروني تضاد، دراصل ويڪو شئي ۾ پورهيي جي لاڳت جا سبب ئي داخلي ۽ اندروني تضادن جي عڪاسي ڪندا آهن، هتي سمجهڻ جو نقطو اهو آهي ته هر ويڪو شئي جوڙيندڙ ماڻهوءَ جو پورهيو ٻهيءَ نوعيت جو مالڪ هوندو آهي. هڪ طرف ته ان جي ڪم جي پنهنجي حقيقت هوندي آهي، جنهن جو پنهنجو هڪ مقصد هوندو آهي، ۽ پنهنجي افاديت هوندي آهي، انهيءَ معنيٰ ۾ مختلف قسمن جي پورهيي جي ٻاهرين صورت، مقصد، ان لاءِ ضروري پيشوارانه مهارتن، طريقيڪارن ۽ خود ڪم جي پنهنجي نوعيت ۾ فرق

هوندو آهي. مثال طور تيل جي کوهه تي کم کندڙ ۽ تنور تي کم کندڙ پورهيت جي کمن ۾ فرق هوندو آهي. اهي مختلف قسم جي موادن تي کم کندا آهن. مختلف اوزارن، ٽيڪنيڪي مهارتن کي کم ۾ آڻيندا آهن ۽ انهيءَ لحاظ کان آخر ۾ مختلف نتيجا حاصل کندا آهن. تيل جي کوهن تي کم کندڙ تيل جي ٻلين، برمن ۽ مشقن جي ذريعي کم کندا آهن؛ جڏهن ته نانوائي تنورن ۽ ملشين ۽ مختلف ٽانون جي زور تي کم کندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن جي تربيت، عملي مهارتن ۽ کم جي طريقيڪار کان سواءِ سندن کمن جي تنظيمڪاري ۽ صورت گري ۾ جدا جدا هوندي آهي.

پورهيت، پنهنجي حقيقي پورهيي جي ذريعي پنهنجي پنهنجي کمن جي مناسبت سان اوزارن ۽ طريقيڪارن کي اختيار کندي، کم جي استعمال ۾ ايندڙ معروض يعني کچي مال ۽ ٻين شين کي بدلائي کين نيون شڪليون ۽ صورتون ڏيندا آهن. هيءُ ماڻهو (پورهيت) انهن کي سندن شڪليون ۽ صورتون ڏيندي پنهنجي مرضيءَ موجب، نيون شيون جوڙي ڇڏيندا آهن. اهو سخت ۽ حقيقي پورهيو ئي مختلف استعمالي قدر يا افاديتون پيدا کندو آهي. تيل جي کارخاني جي پورهيت جو پورهيو تيل کي نانوائي جو پورهيو نان کي ۽ فولاد جي پورهيت جو پورهيو فولاد کي افاديتي شڪل ڏيندو آهي، وغيره وغيره.

مختلف قسمن جي ويڪو شين جي پيداوار جي پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ بيهڪ ۽ حيثيت هوندي آهي. تڏهن ۾ منفرد صورتن جي باوجود انهن جي وچ ۾ هڪ جهڙيون خاصيتون ۾ هونديون آهن. ماني، تيل ۽ ٻين سيني شين جي پيداوار جي اهڙي ئي هڪ گڏيل خاصيت اها آهي ته انهن سيني جي تياريءَ ۾ انساني پورهيو شامل هوندو آهي. انهن سيني شين ۾ انسان جو جسماني ۽ روحاني پورهيو کتب ايندو آهي ۽ پورهيو ئي سيني قسمن جي شين جو عملي ۽ فعلياتي بنياد آهي. عملي ۽ فعلياتي لحاظ کان اهو انساني توانائي جي پيداواري استعمال جو نتيجو آهي، سيني قسمن جي پورهيي جي هڪ ٻي ساڳي مشترڪ وصف اها

آهي تہ انهن سيني جي تقسيم يا لاڳت ويڪو شين ۾ ظاهر ٿيندي آهي. ٻين لفظن ۾ سماجي پورهيي جي ايڪن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. جن جو ڪليءَ طرح اظهار تبادلي ۽ متاستا جي دوران ٿئي ٿو. تيل جي کوهن تي ڪم ڪندڙ فولاد جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ مانيءَ پچائيندڙ ۽ ٻين ويڪو شين کي تيار ڪندڙ سيئي سماجي پورهيي جي ايڪن جي نمائندگي ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ويڪو شئي کي تيار ڪندڙ جو پورهيو هڪ طرف تہ منفرد ۽ الڳ الڳ نوعيت وارو هوندو آهي ۽ ٻئي طرف اهو بنا ڪنهن فرق ۽ خاصيت جي انساني توانائي جي ڪاپي تي بڌل هوندو آهي. اهو انساني سماجي پورهيي جو هڪ اهڙو ايڪو هوندو آهي، جنهن جو سماجي ڪردار تبادلي ۽ متاستا جي عمل ۾ ظاهر ٿيندو آهي پورهيي جي مختلف حقيقي صورتن وچ ۾ اختلاف کان هٿي ڪري ويڪو شئي تي پورهيي جي لاڳت، انهيءَ پهلو يا پاسي کي تجريدي پورهيو چئبو آهي. تجريدي پورهيو بہ عام طور انساني پورهيو ئي آهي ۽ انهيءَ جي اجتماعي نوعيت جو انڪشاف يا کول، شين جي تبادلي ۽ متاستا واري عمل جي دوران ٿيندي آهي. تجريدي پورهيي جون پنهنجون مخصوص انفرادي وصفون نہ ٿيندڙيون آهن. باقي انهيءَ ساڳي نقطءِ نظر کان سيئي ويڪو شيون تيار ڪرڻ وارن جو پورهيو هڪ ئي نوعيت ۽ ڍنگ وارو هوندو آهي. دراصل حقيقت ۽ ٺوس پورهيو ئي استعمالي ملهہ کي ڇڪيندو آهي. جڏهن تہ تجريدي پورهيو شين جي قيمت کي جنم ڏيندو آهي. ويڪو شين ۾ پورهيي جي لاڳت جي حساب سان ۽ صفاتي اعتبار کان سيئي ويڪو شيون هڪ ئي نوعيت جون مالڪ آهن ۽ انهن جي مقدار کي هڪ ئي ڪسوٽيءَ تي پرکي ۽ توري، سندن پيٽ ڪري سگهجي ٿي. ويڪو شين جي قدر ۽ قيمت جي پيٽ اصل ۾ انهيءَ يڪسان ۽ هڪ رنگي تجريدي پورهيي جي ايڪن جي پيٽ آهي، جيڪو انهن شين جي شڪلين ۾ سمايل هوندو آهي. ويڪو شين جي تياريءَ ۾ ٺوس پورهيي جي لاڳت، خالص ذاتي ڪردار جي حامل هوندي آهي، يعني هڪ اهڙي سماج ۾، جنهن ۾ ذاتي ملڪيت جي والار هوندي

آهي. پيداوار ڪندڙ هر ڪو ماڻهو رسمي طور آزاد ۽ خودمختيار هوندو آهي. اهو پيداوار جي ڪاهه ٿوهه ۽ بندوبست ڪرڻ ۾ پاڻ ئي فيصلو ڪرڻ وارو هوندو آهي ۽ نفعي ۽ نقصان جو پاڻ ذميوار هوندو آهي. پر ڪيس اها به خبر نه هوندي آهي ته سندن ڪاهيل ويڪو شئي جي بازارن ۾ گهرج به آهي يا ڪانهي؟ جڏهن ته تجريدي پورهيي جي نوعيت ٻئي قسم جي هوندي آهي. اهو سماجي پورهيي جو هڪ ايڪو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو ويڪو شين جي پيداوار جي وچ ۾ معاشي ورڇ (مخصوص پيداواري رشتن) جي عڪاسي ڪندو آهي. اهو صحيح آهي ته تجريدي پورهيي جو سماجي ڪردار لڪل هوندو آهي. تجريدي پورهيي جي سماجي ڪردار جو انڪشاف يا کول پورهيي جي ڪاپي وقت نه پر تبادلي ۽ متا سٽا جي دوران ٿيندو آهي.

چاڪاڻ ته ويڪو شين جي ڪاهيندڙ جي سرگرميءَ ۾ حقيقي ۽ تجريدي ٻنهي قسمن جو پورهيو سمايل هوندو آهي. ان ڪري ان جي سرگرمي ٻٽي ڪردار واري هوندي آهي. اها سرگرمي ذاتي به ۽ اجتماعي به هوندي آهي. پر انهن ٻنهي يعني ذاتي ۽ اجتماعي پورهيي ۾ دشمن تضاد موجود هوندو آهي. ۽ اهو ئي تضاد آهي. جيڪو ويڪو شين جي سادي پيداواري نظام ۽ سرمائيداري پيداواري نظام ۾ موجود هوندو آهي. جيڪو (تضاد) شين جي تبادلي ۽ متاسٽا جي دوران پڌرو ٿي پوندو آهي. جڏهن پيداوار ڪندڙ پنهنجيون شيون منڊيءَ ۾ ڪٽي ايندا آهن. تڏهن ڪين خبر پوندي آهي ته انهن مان سماج ڪن ٿورين شين جي محنت کي قبول ٿو ڪري ۽ ان ئي قبوليت جي نتيجي ۾ اهي پنهنجيون ڪجهه شيون وڪرو ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته باقي ٻيا انهيءَ ۾ ناڪام وڃن ٿا. نتيجي ۾ ڪي ٿورا پيداوار ڪندڙ ئي پنهنجي پيداوار کي جاري رکي سگهندا آهن ۽ منافعو ڪمائي سگهندا آهن. جڏهن ته ٻيا تباهه ٿي ويندا آهن. ۽ خودمختياريءَ سان پنهنجي پيداوار کي جاري رکي نه سگهندا آهن.

ويڪو شين جي قدر ۽ قيمت جي ماهيت ۽ مقدار: ويڪو شيون، مانگي ۽ سستي اڳهه تي خريديون ۽ وڪرو ٿيندڙيون رهنديون آهن. ڪنهن شئي جي قيمت ڪيئن مقرر ٿئي ٿي، ان سوال جو جواب قدر ۽ قيمت جي نوعيت ۾ سمايل هوندو آهي. جيئن ته ويڪو شئي جي قدر ۽ قيمت جو دارومدار انهيءَ شئي ۾ مجرد پورهيي جي لاڳت تي هوندو آهي ان ڪري انهيءَ شئي جي قدر ۽ قيمت جي گهاٽي واڌيءَ جو انحصار انهيءَ جي گهڙاوت ۽ جوڙجڪ ۾ پورهيي جي لاڳت جي مقدار تي هوندو آهي. پورهيي جي مقدار جي تور تڪ لاءِ پورهيي تي لاڳو ٿيندڙ وقت جي پيمائش ۽ ماپ ڪرٽي پوندي آهي. نتيجي ۾ پورهيي جي مدت ڪنهن شئي جي قدر ۽ قيمت ۽ پورهيي جي مقدار جو پئمانو ناهي ڏيندي آهي. جنهن ويڪو شئي يا جنس تي جيترو وڌيڪ مجرد پورهيي جي لاڳت ٿيندي، يعني جنهن شئي جي تياريءَ تي جيترو وڌيڪ عرصو پورهيو ڪرٽو پوندو، ايترو ئي ان شئي جي قدر ۽ قيمت وڌيڪ ٿيندي، هڪ ڪلاڪ جي پورهيي جي پيٽ ۾ هن ڪلاڪن جي پورهيي مان ٻيٽي ملهه واري شئي پيدا ٿيندي آهي.

هتي اسان کي هڪ ٻيو مسئلو آڏو ٿو اچي: جيئن ته انساني مهارتن ۽ ڪاوشن جي سطح مختلف ٿئي ٿي: ان کان سواءِ جيئن ته ڪم ڪار جون حالتون به مختلف ٿين ٿيون: ان ڪري ائين به ٿيندو آهي ته ساڳي ئي قسم جي جنسن ۽ ويڪو شين جي پيداوار ۾ پورهيي جي مختلف مقدارن جي لاڳت ٿئي ٿي يا پورهيي جي مختلف مقدارن جي (لاڳت جي) نتيجي ۾ هم شڪل ۽ هڪ جهڙيون ويڪو شيون تيار ٿين ٿيون. ڪنهن گهريلو صنعت ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي پيٽ ۾ ڪنهن جديد ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو ڪنهن جنس جي هڪ ايڪي جي تياريءَ ۾ گهٽو گهٽ وقت صرف ڪندا آهن. مهارت يافته ۽ ذميدار پورهيت، بي هنر ۽ ڪاهل ڪم ڪندڙن جي پيٽ ۾، وڌيڪ تيزيءَ سان ڪم ڪي اُڪلائيندا آهن. مثال طور ڪنهن جديد ڪارخاني ۾ هڪ قميص جي سبڙ لاءِ ڏهه منٽ گهربل هوندا آهن. جڏهن ته پنهنجي ذاتي

دڪان ۾ ڪم ڪندڙ سڀ ۾ سڀو درزي به انهيءَ جھڙي ساڳي قميص تي گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڪلاڪ لڳائيندو آھي. پوءِ به بازار ۾ اھي مڙئي قميصون ھڪ ئي اڳھ تي وڪامنديون آھن. تنھن ڪري سوال اھو ٿو پيدا ٿئي تہ قدرءِ قيمت جو اصل معيار ڪھڙو آھي؟ ۽ پورھيي جي ڪنھي وقتن مان ڪھڙي وقت کي پيمائش جو پئمانو قرار ڏنو وڃي؟

جيئن تہ جنسن يا ويڪو شيون پيدا ڪندڙ ڪنھن به ماڻھوءَ جي پورھيي جي شئي جي قدر ۽ قيمت ۾ ڦير گھير ۽ تبديلي پاڻ مرادو نہ ٿيندي آھي پر ھڪجھڙي ۽ ھڪ رنگي سماجي پورھيي جي ايڪي جي لحاظ کان ٿيندي آھي. ان ڪري قدر ۽ ملھ جي گھاٽي واڌيءَ جو اندازو انهيءَ شيءِ تي ڪنھن ھڪڙي اڪيلي شخص جي پورھيي جي لاڳت واريءَ مدت ۽ وقت مان لڳائي نٿو سگھجي. جڏھن تہ ھڪ جھڙين ويڪو شين جو قدر ۽ قيمت ھڪ جھڙو ھجڻ ضروري آھي، ٻيءَ صورت ۾ ھڪ جھڙين شين جو ملھ مختلف ٿي پوندو ۽ اھي مارڪيٽ ۾ مختلف اڳھن تي وڪامنديون. اھڙي قسم جي صورتحال خود قدر ۽ قيمت جي نوعيت ۽ ماھيت سان ٽڪراءُ ۾ ايندي. اھو ئي سبب آھي، جو ڪنھن ويڪو شيءِ جي قدر ۽ قيمت جو اندازو انهيءَ جي تياريءَ ۾ ڪنھن ھڪ فرد جي پورھيي جي لاڳت جي مدت جي بجاءِ لازمي سماجي پورھيي جي لاڳت واريءَ مدت مان لڳائي سگھبو آھي.

لازمي سماجي پورھيي جي مدت جو تعين: اِھا اُھا مدت آھي، جيڪا ڪنھن خاص سماج ۾ پورھيت ماڻھن جي موجود مھارتن، ۽ پورھيي جي پيداوار جي وڇڙيءَ يا سراسريءَ سطح ۽ پيداوار جي نظام جي معياري نظام جي پيش نظر ويڪو شيءِ تي لڳندي آھي. معياري پيداواري حالتون، اھڙين پيداواري حالتن کي چئبو آھي، جن حالتن ۾ ڪنھن خاص قسم جون گھٽي ۾ گھٽيون ويڪو شيون تيار ڪيون ويندیون آھن. انهيءَ مان اھو نتيجو ٿو نڪري تہ لازمي سماجي پورھيي جي مدت جو تعين ۽ فيصلو انهيءَ ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ڪنھن صنعت جي

ڪارخانن ۾ جيڪي شيون تيار ٿين ٿيون، انهن شين جي گهٽائي جي تياريءَ تي محنت جي ڪيتري مدت لڳي آهي.

هن ڳالهه جي وضاحت هيٺئن ٿي سگهي ٿي ته هڪ فرضي سلڪ جي اسڪيم مان هڪ ئي قسم جون ٿي لک قميصون بازار ۾ آنديون وڃن ٿيون، انهن مان 35 هزار قميصون هڪ اهڙي جديد ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ تيار ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ جديد ترين ٽيڪنڪي سامان لڳل آهي ۽ جتان صرف ڏهن منٽن جي اندر هڪ قميص سبجي، ٺهي ۽ تيار ٿي نڪري ٿي، جڏهن ته ٻيون ٻه لک پنجاهه هزار قميصون اهڙيءَ عام فيڪتريءَ ۾ سبيون ويون آهن، جتي هڪ قميص جي تياريءَ تي 15 منٽ لڳن ٿا. باقي 15 هزار قميصون درزين جي ذاتي دڪانن جون سبيل آهن، جتي هرهڪ قميص جي تياري تي ڪلاڪ يا ان کان وڌيڪ وقت ورتو وڃي ٿو. هتي هن ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي ته انهيءَ ملڪ ۾ عام فيڪترين جي ڪم ڪار وارين حالتن کي ئي معياري ڪم جون حالتون قرار ڏئي سگهجي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ لازمي سماجي پورهيي جي مدت هرهڪ قميص لاءِ 15 منٽ بيهندي ۽ قميص جي قدر ۽ قيمت جو معيار ۽ پئمانو ٻه اهائي پورهيي جي مدت ٿيندي.

پورهيي جي پيداوار سان قدر يا مُلهه جي وابستگي يا لاڳاپو: ويڪو شين جي قدر ۽ قيمت ڪا اڻ تبديل ٿيندڙ نه هوندي آهي. پيداواري عمل جي ترقي ۽ ارتقا سان گڏوگڏ اُها گهٽجندي ۽ وڌندي رهندي آهي. 1784ع ۾ برطانيا ۾ هڪ پائونڊ سُٽ جي قيمت 130 پينسن کان وڌيڪ هئي، پر 1823ع ۾ اها گهٽجي 11 پينس ٿي وئي. اها ته ٿي پراڻي ڳالهه پر بلڪل ويجهر ۾، وڇئين درجي واري سٽي هڪ ٽن 29 ڊالرن ۾ ملندي هئي، اها 1962ع جي انگن جي ٽئين حصي جي برابر هئي. ٻين ٻه ڪيترين ويڪو شين جي قيمتن ۾ اهڙو ئي رجحان رهيو آهي، قدر ۽ قيمت جو لاهي چاڙهي جو دارومدار ڪيترين ئي ڳالهين تي هوندو آهي.

پورهيي جي پيداوار ۾ پورهيي جي ڪارڪردگيءَ جو تعلق انهيءَ ڳالھ سان آهي تہ پورهيي جي مدت ۾ وقت جي ڪنھن ھڪ ايڪي جي دوران، پورهيي ذريعي ڪيتري پيداوار ٿئي ٿي. انهيءَ جي پيمائش مختلف مخصوص ڪمن جي اھڙيءَ طرح ڪئي ويندي آهي، جيئن ھڪ ڪلاڪ يا ڏينھن ۾ ڪيترو تيل نڪتو ڪيترا ڪلن جا پرزا ٺھيا يا ڪيتريون مانيون پچي سگھيون. پورهيي جي پيداوار مختلف عواملن جي وابستگيءَ وارن زرن پرزن تي دارومدار رکندي آهي، جن مان سڀ کان وڌيڪ اھم عنصر ٽيڪنالوجي جي ترقي، ان جي سامان سڙي ۾ پيداواري عمل جي سڌاري ۾ بھتريءَ سان واسطو رکندا آھن. نئين نئين شين جي ايجاد ٽيڙ سان پيداواري عملن جي پورائيءَ ۾ گھٽ وقت لڳندو آهي، پورهيي جي ڪاريگريءَ، صلاحيت ۾ پيداوار ۾ خودڪاريءَ جي عملن کي ڪتب آڻي انتھائي اثرائتا نتيجا حاصل ڪيا ويندا آھن. شڪاگو جي ھڪ صنعتي ڪارخاني ۾ چار ملازم 16 خودڪار اوزار ھلائي اڳوڻن رڪاردن جي پيٽ ۾ انوٽا رڪارڊ تيار ڪندا آھن، جيڪي ان کان اڳ ۾ پراڻي ٽيڪنڪ جي استعمال سان 250 ملازم تيار ڪندا ھئا. ھن پورهيي جي پيداوار جي اضافي جو سبب بنجڻ وارن ٻين عواملن ۾ بھتر مھارتون، پيداوار جو بھترين انتظام ۾ بندوبست، سائنسي ايجادات جو واھپو ۾ قدرتي وسيلن مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪرڻ شامل آھن. جنھن ملڪ ۾ ٽيڪنالاجي ترقي تي ھوندي ۾ انجنيئرن ۾ پورهيت ماڻھن جي مھارتن ۾ ڪارڪردگيءَ جي سطح وڌيڪ ترقي يافتہ ھوندي ان ۾ پورهيي جي پيداوار بہ وڌيڪ ٽيندي آهي. ترقي پزير ملڪن ۾ ٽيڪنالاجي توڙي افرادي قوت جي تعليم ۾ مھارت جو معيار، ترقي يافتہ ملڪن جي پيٽ ۾ گھڻو گھٽ آهي. ڪن اندازن مطابق ايشيا ۾ آفريڪا جي ملڪن ۾ پورهيي جي پيداوار، آمريڪا جي پيداوار جي سطح کان 15 ۾ 20ھوڻ تي گھٽ آهي. جڏھن پورهيي جي پيداوار وڌندي آهي، يعني جڏھن پورهيي جي مدت يا وقت جي ھڪ ايڪي ۾ وڌيڪ پيداوار ٽيڙ لڳندي آهي تہ ويڪو شين جي ھڪ ايڪي ۾ انهيءَ پورهيي جو

کاپو گهٽجي ويندو آهي. جيڪو انهيءَ شيءِ جي تياريءَ ۾ لاڳت جي صورت ۾ ڪتب ايندو آهي. انهيءَ نقطي جي وضاحت هينئن ڪري سگهجي ٿي ته هڪ موچي هڪ ڏينهن جي 8 ڪلاڪن جي ڪم جي نتيجي ۾ جوتن جا ٻه جوڙا تيار ڪري ٿو ته هڪ جوڙي جو قدر يا مُلهه پورهيي جي مدت جو چئن ڪلاڪن جي برابر ٿيندو. جيڪڏهن اهو موچي، سٺن اوزارن ۽ بهتر مهارت جي ڀل تي پنهنجي پورهيي جي پيداوار کي ٻيڻو ٿو ڪري، ته هو هڪ ڏينهن جي 8 ڪلاڪن ۾ چار جوڙا جوتن جا تيار ڪري ويندو ۽ ان جي پورهيي جو کاپو چئن ڪلاڪن مان گهٽجي ٻه ڪلاڪ في جوتن جو جوڙو ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح پورهيي جي پيداوار ۾ 50 سيڪڙو اضافي جي نتيجي ۾ هڪ جوتن جي جوڙي تي پورهيي جي لاڳت ٻه گهٽجي چئن ڪلاڪن مان ٻه ڪلاڪ ٿي ويندي يعني ان ۾ پڻ 50 سيڪڙو گهٽتائي اچي ويندي. عين ان مطابق جوتن جي قدر ۽ قيمت ۾ ٻه 50 سيڪڙو گهٽتائي اچي ويندي. هڪ سادي سودي مثال مان واضح ٿئي ٿو ته قدر يا ملهه ۽ پورهيي جي پيداوار هڪ ٻئي جي ابتڙ نسبت وارا آهن: پورهيي جي پيداوار جيتري وڌيڪ ٿيندي، انهيءَ حساب سان ويڪو شيءِ جو ئي ايڪو قدر ۽ قيمت گهٽجي ويندا.

پيداواري نظام ۾ نراجيت يا انارڪي: سرمائيداري نظام ۾ ذاتي ملڪيت، سرمائيدار ادارن ۾ ديوارون اُڀيون ڪري، انفرادي مالڪن جي مفادن ۾ ٽڪراءُ جو سبب ٿيندي آهي ۽ سرمائي جو مالڪ، پيداوار جي ڪنهن ڪارخاني کي قائم ڪرڻ وقت خاص طور تي مڙئي خطرا گهري ويندو آهي. هن وٽ انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ جو ڪوبه ذريعو نه هوندو آهي ته هو جيڪو پيداوار جو مقدار پيدا ڪري رهيو آهي، سو سماجي گهرج مطابق آهي، يا ڪونهي. ۽ نه وري هو اها ڳالهه ڏسندو آهي ته هن جو تيار ٿيندڙ وکر وڪامڻ جهڙو آهي يا ڪونهي.

اهڙين حالتن جي پيش نظر نه رکو انفرادي ڪارخانن جي اڏاوت جو بلڪ پوري صنعت ۽ ملڪ جي سموري اقتصاديات جو مستقبل اونداهو

۽ غير يقينيءَ وارو ٿي پوندو آهي. ڪوبہ ماڻهو يقين ۽ پڪ سان انهيءَ ٻالهہ جي اڳ ڪٿي ڪري ئي نہ سگهندو آهي تہ ايندڙ سال ۾ يا پنجن ۾ سرمائيداري اقتصاديات ۾ چا ٿيندو يا چا ٿي رهندو؟ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن لاهي چاڙهي يا بحران جي باري ۾ ڪجهہ چئي نہ سگهندو آهي ۽ نہ ئي هو اڳواٽ اهو ٻڌائي سگهندو آهي تہ مستقبل ۾ ڪهڙيون شيون ڪيتري مقدار ۾ پيدا ڪيون ويندیون؟ ۽ اهي چا جي ڪري وڪامنديون ۽ لاتعداد ۽ اڻ ڳڻيون خوشفهميون وارن اعلانن جي باوجود پيداواري عمل ۾ بوروزوا حڪومتن جي مداخلت ۽ معاشي اڳڪٿين ۾ ڪمپيوٽرن جي مدد جي هوندي بہ ڪو چاڙهو نظر نہ ايندو آهي. اهڙيءَ طرح سرمائيداري اقتصاديات بيوسيءَ ۽ محتاجيءَ واري ترقي ڪري رهي آهي. جيئن اها پنهنجي شروعاتي دؤر ۾ هئي. نراجيت، انارڪي ۽ چڑواڳي ان جون لازمي صفتون آهن. پنهنجي ڪارخانن جا ڪل خودمختيار سرمائيدار مالڪ، سرمائيدار اقتصاديات جي انڌين قوتن جا غلام رهندا آهن. سرمائيدار اقتصاديات جو انهيءَ نراجي ۽ چڑواڳ چٽاپيٽي ۽ مقابلي بازيءَ سان قريبي ۽ ويجهو رشتو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدار ملڪ ۽ قومون باوجود سڻ معاهدن، سڻ وڪرن ۽ وڏ ۾ وڏ منافعي خوريءَ لاءِ هڪ ٻئي سان خوفناڪ مقابلي ۽ چٽاپيٽيءَ ۾ رُڌل رهندا آهن. انهن مان هر ڪو هڪ ٻئي کي پوئتي ڌڪڻ، شڪست ڏيڻ ۽ تباهہ ڪرڻ واريءَ جاکوڙ ۾ رهندو آهي. هر ڪو ٻئي جي خلاف گهات گهڙيندو رهندو آهي. ڪوبہ پنهنجي پر ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ ڪسر، ڪسيرو چڙڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي.

قدر ۽ قيمت جو قانون: سرمائيدار هن چڑواڳ معمر جوئي ۽ موتمار ۾ ابانيءَ مان پنهنجو دڳ ڪيئن ڳولي لهندا آهن؟ اها ڪهڙي بيوس ۽ لاچار قوت آهي، جيڪا سڻ سرگرمين کي ضابطي ۾ رکندي آهي ۽ دراصل اهو قدر جو قانون آهي، جيڪو سندن خدمت گذاري ڪندو آهي، انهيءَ قانون مان مراد اها آهي تہ لازمي سماجي پورهيي جي لاڳت جي مقدار تي، ويڪو شيون پيدا ڪندڙن کي هميشہ لازمي سماجي پورهيي

جي لاڳت تي ڏيان ڏيڻو پوندو آهي. جنهن کي گهٽ ڪرڻ واري ڏُني ئي سندن مٿي جو سُور هوندو آهي.

قدر جو قانون، قيمتن جي ٺيڪ تي هلندو آهي؛ نقد رقم جي صورت ۾ ڪنهن جنس يا شيءِ جي قدر ۽ ملهه کي قيمت چئبو آهي. آمريڪا ۾ قيمتون ڊالرن ۽ سينٽن ۾ ٻڌايون ويندیون آهن، هندستان ۾ روپين ۽ پئسن ۾، زمبيا ۾ ڪواچا ۽ نگريءَ ۾، انگولا ۾ ڪوانزا ۾ ۽ ايٿوپيا ۾ بر وغيره ۾ ٻڌايون ويندیون آهن.

نظري سطح تي ويڪو شيءِ جي قيمت، ان جي قدر مطابق هجڻ گهرجي پر پوءِ به حقيقت ۾ مارڪيٽ ۾ قيمتن جو تعين ۽ فيصلو آزاد طور تي ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻين ڳالهين سان گڏ قيمتن تي طلب ۽ رسد يا گهرج ۽ پهچ جي گڏيل عمل جي قانون جو به اثر ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي رسد ۽ فراهمي (پهچ)، انهيءَ شئي جي طلب ۽ گهرج جي برابر هوندي آهي، ته ويڪو شيءِ جي قيمت به ان جي قدر سان مطابقت رکندي آهي. پر ائين ۽ اهو ڪڏهن ڪڏهن ٿيندو آهي، نه ته گهٽو ڪري ڪنهن شيءِ جي فراهمي ۽ پهچ، يا ته ان جي طلب ۽ گهرج کان وڌي ويندي آهي؛ يا طلب ۽ گهرج، فراهمي ۽ پهچ کان اڳ ڪڍي ويندي آهي. جيڪڏهن ويڪو شيون ضرورت کان وڌيڪ پيدا ڪيون وڃن يعني جيڪڏهن پهچ، گهرج کان وڌي ويندي ته اهڙيءَ شيءِ جي قيمت، ان جي قدر کان گهٽجي ويندي، ان جي ابتڙ ٻئي طرف جيڪڏهن تيار ٿيل ويڪو شين جو مقدار ۽ انداز خريدارن جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ اڻ پورو آهي؛ يعني جيڪڏهن طلب ۽ گهرج وڌيڪ آهي ۽ رسد ۽ پهچ گهٽ آهي ته اهڙين شين جي قيمت سندن قدر کان وڌي ويندي آهي. ٻنهي صورتن ۾ قيمتن جي لاهي چاڑهي جو مرڪز يا بنياد قدر ئي هوندو آهي.

قدر جي چوڌاري قيمتن جي ڦرندڙ گهرندڙ لاهي چاڑهي جو سرمائيدار معيشيت تي گهرو ۽ ڳوڙهو اثر پوندو آهي. ظاهر آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪارخانو يا ڪپڙن سبڻ جي فيڪٽري خريدارن جي ضرورت کان گهٽ وڌا تيار ڪندي ته طلب ۽ گهرج سپلائي ۽ پهچ کان

وڏي ويندي، نتيجي ۾ وڻن جون قيمتون چڙهي ويندين ۽ وڪرو ڪندڙن کي منافعو وڌيڪ ٿيندو. اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن هڪ وڻي جي قيمت 20 ڊالر آهي ته ان جي جاءِ تي ان کي 24 ڊالر ملي ويندا ۽ 4 ڊالرن وارو واڌو منافعو قدر ۽ قيمت جي وچ واري فرق کي ظاهر ڪندو آهي ۽ سرمائيدارن کي اُڪسائيندو آهي ته اهي وڻن جي پيداوار ۾ وڌيڪ سرمائيڪاري ڪن. اهڙيءَ طرح سرمائيدار وڻن جي پيداوار ۾ تمام تڪڙي توسيع ڪندا آهن، ٻيءَ صنعت مان سرمايو ۽ پئسو ڏوڪڙ ڪڍي انهيءَ صنعت ۾ لڳائيندا آهن ۽ پوءِ ڪو وقت اهڙو ايندو جو وڻن جي سپلائي ۽ پهچ وڌيڪ طلب ۽ گهرج جو پورائو ڪرڻ لڳندي آهي يا وري طلب ۽ گهرج کان بہ وڌي ويندي آهي.

جڏهن ڪنهن صنعت ۾ خريدارن جي طلب ۽ گهرج کان وڌيڪ شيون پيدا ٿيڻ لڳنديون آهن، ته اسان جي آڏو هڪ مختلف صورتحال جا پردا کلڻ لڳندا آهن: جيئن ته سپلائي ۽ پهچ، طلب ۽ گهرج کان وڌي ويندي آهي، ان ڪري ويڪو شيءِ، مثال: قميص جي قيمت، ان جي قدر کان هيٺ ڪري پوندي آهي. مثال جيڪڏهن قميص جو قدر 12 ڊالر آهي ۽ بازار ۾ ان جي قيمت 9 ڊالر آهي، ته اهڙيءَ صورت ۾ وڪرو ڪندڙ واپاري 3 ڊالرن جي نقصان تي ڏيتي ليتي ڪندو آهي ۽ بين واپارين جي پيٽ ۾ خراب صورتحال ۾ گهيريل هوندو آهي، ڇو ته سندس نفعو گهٽجي ويندو آهي يا سراسر نقصان ۾ هوندو آهي، ان ڪري اهو واپاري پنهنجي نقصان کي گهٽائڻ لاءِ ۽ قيمتن کي مٿي چاڙهڻ لاءِ قميصن جي پيداوار گهٽائي ڇڏيندو آهي، ان جي نتيجي ۾ عارضي طور تي ئي سهي پر قميصن جي فراهمي ۽ پهچ گهٽجي، طلب ۽ گهرج جي برابر ٿي ويندي آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو قيمتن ۾ لاهي چاڙهي ۽ پيداواري منافعي خوريءَ گهٽ وڌائي ۾ ٻيا واسطيدار لاها چاڙها ئي ويڪو شين جي پيداوار جي مقدار ۾ ڪمي پيشي ۽ گهٽ وڌائيءَ جا ذميوار هوندا آهن. ٻين لفظن ۾ قدر جو قانون، ويڪو شين جي سرمائيداري پيداوار جو بي پرواهہ بادشاهہ يا مطلق العنان ناظم هوندو آهي. اهو ئي اُهو قانون آهي،

جيڪو ڪنهن اقتصادي نظام ۾ پورهيي ۽ سرمائي جي وهندڙ رُخ ۾ ڦيريون گهيريون آڻيندو رهندو آهي، ۽ ان جي صنعتي ڍانچي جي ساخت ۽ جوڙجڪ ۾ تغير ۽ تبديليون آڻيندو رهندو آهي. فوجي مقصدن لاءِ پيداوار جو ميدان، جيئن ته سڀ کان وڌيڪ ۽ لاڳيتو منافعي خوريءَ جو ذريعو هوندو آهي، ان ڪري اهو سرمائيڪار جو سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان وڌيڪ نفعي بخش ميدان بنجي ويو آهي. گهٽي مقدار ۾ ۽ وڏيءَ منافعي خوريءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ صنعتي ۽ عسڪري ڳٽ جوڙ جي بنياد تي وڏيون ديوهيڪل صنعتي ڪارپوريشنون هٿيارن جي ڊوڙ کي ايڏا وڌيڪ تيز ۽ تکڙو ڪري امن لاءِ هڪ تمام وڏو خطرو پيدا ڪري رهيون آهن. اهڙي طرح جنگي جنون واري ماحول کي وڌائي ۽ زور ونڌائي، فوجي مقصدن لاءِ خرچن کي وڌائين ٿيون ۽ فوجي اهليتن ۽ صلاحيتن کي مسلسل اوج ڏيندیون رهن ٿيون.

جيئن ته قدر جو قانون ئي سرمائيدار پيداوار کي ضابطي ۾ رکندو آهي ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو سبب ٿيندو آهي، ۽ پورهيي جي پيداوار ۽ پيداواري قوتن جي ترقي لاءِ محرڪ فراهم ڪندو آهي، ان ڪري هتي اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته اهو عمل ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ظاهر ٿيندو آهي. سرمائيدار لاءِ اهو ممڪن هوندو آهي ته اهو سرمائيداري پيداوار ۾ نئين ٽيڪنالاجي کي آڻي، پنهنجي ڪارخاني ۾ پيداوار جي خرچن کي لازمي سماجي خرچن کان هيٺ ڪيرائي ڇڏي ۽ ساڳي وقت هو پنهنجيءَ پيداوار کي ساڳي اڳوٽي قيمت تي وڪڻندو رهندو آهي، جيڪا پيداوار لازمي سماجي خرچن سان مطابقت رکندي آهي ۽ انهيءَ جي بدولت وڌيڪ منافعو ڪمائيندو آهي. ان کي ڏسندي ٻيا واپاري به ان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ نئين نئين ٽيڪنالاجي ميدان ۾ آڻيندا آهن، ۽ پنهنجي پيداواري طور طريقن ۾ بهتري ۽ سڌارا آڻيندا آهن ۽ پوءِ اهڙي نموني ٽيڪنالاجي ۾ روز بروز ترقي ٿيندي رهندي آهي ۽ مختلف واپاري خالص پنهنجي ذاتي مفادن ۽ منافعي جي واڌ ويجهه لاءِ پيداواري قوتن جي ترقيءَ جو سامان مهيا ڪندا آهن.

قدر جو قانون، جتي پيداوار ۾ ٽيڪنڪي ترقيءَ کي ضبط ۾ آڻيندو آهي، اتي اهو ٽيڪنالاجيءَ جي بهتريءَ کي متواتر ۽ لاڳيتو اڙيون ۽ هٽندو آهي. ڇا اسان انميءَ بنياد تي اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته قدر جو قانون ئي اها جادوئي قوت آهي، جيڪا سرمائيدار اقتصاديات ۾ نراجي ۽ ڇڙواڳ راڄ کي نظم ۽ ضبط جو پابند ڪندي آهي. نه اسان هرگز اهو نٽا چئي سگهون ته جيتوڻيڪ ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته قدر جو قانون، هڪ بيهڪ ۽ اڻ جهل انڌي قوت وانگر خدمت گذار هوندو آهي ۽ اهو پيداواري نظام ۾ باقائدگي آڻيندو آهي، پر پوءِ به اهو پيداوار جي عدم توازن کي بچائي نه سگهندو آهي، بلڪ اهو معاشي عدم توازن جي موجودگيءَ کان تڏهن خبردار ڪندو آهي، جڏهن اهو زوردار نموني سان پيداوار ۾ ڪاهي پوندو آهي. ۽ جڏهن پيداوار جي ارتقا جون ٽنگون ڀڄي هڪ وڏو ڪاپاري اقتصادي نقصان ڏيندو آهي ۽ پورهيي ۽ سرمائي جو زيان ڪندو آهي. قدر جو قانون تمام وڏي پئماني تي متضاد انداز ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ تي اثر انداز ٿيندو آهي ۽ واپارين کي پهرين ته نئين مشينري آڻڻ تي مجبور ڪندو آهي ۽ پوءِ انهن لاءِ اڻ وٽندڙ حالتون پيدا ڪندو آهي. جتي پورهيي جي پيداوار ۽ ٽيڪنالاجي، پيداواري طور طريقن جي سطح ايڏا پوئتي پيل آهي، اتي اهڙو پوئتي پيل ڪاروبار پنهنجي مخالفن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ ۾ ناڪام رهندو آهي، ان ڪري اهڙن ڪاروبارن جا مالڪ پنهنجا ڪاروبار ئي ڇڏڻ تي مجبور ٿين ٿا ۽ پوءِ انهن جا ملازم اڳ موجود بيروزگارن جي فوج ۾ شامل ٿي ويندا آهن.

قدر جي قانون جو اهم پاسو اهو به آهي ته اهو ويڪو شيون، پيدا ڪندڙن جي درجي بندي ڪري ڇڏيندو آهي. قدر جي قانون جي اثر ۾، معاشي اڻ برابري ۽ مخالف ڇڪتاڻ وڌندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ بين جي پيٽ ۾ سرمائيدارن جو ننڍو گروهه نفعو ڪمائيندو آهي ۽ پنهنجي ڪاروبار کي وڌائيندو آهي، انهن جي بينڪ ۽ گادي مضبوط ۽ سگهاري ٿيندي آهي، ۽ سندن قوت ۽ طاقت زور وٺندي آهي، پر ڪاروبارين جو هڪ ٻيو گروهه مار کائي، ميدان ڇڏي ڀڄي ويندو آهي.

ڪيترين صورتن ۾ ننڍن ننڍن واپارين ۽ پاڻ پريءَ معيشيت جي مالڪن يعني هارين ۽ ڪاريگرن جو اهو ئي حال ٿيندو آهي. انهن مان گهڻائي تباهه ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ پرائين نوڪرين ڪرڻ تي مجبور ۽ لاچار ٿيندي آهي. مثال طور آمريڪا ۾ 1935ع ۾ 68 لک ماڻهو فصل پوکيندڙ هئا. جيڪي 1960ع ۾ گهٽجي 39 لک ٿي ويا ۽ 1980ع ۾ اهي به گهٽجي 24 لک ٿي ويا. 1950ع کان 1970ع جي وچ واري زماني ۾ ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ مجموعي طور تي به ڪروڙ ويهه لک آبادگار تباهه ٿي ويا. يعني ڪل زرعي آبادي‌ءَ جو 50 سيڪڙو ماڻهو زمينن تان تڙجي نڪتا هئا.

ويڪو شين جي پيداوار ۾ سرمائيدارن جو ڪردار: پيداوار سرمائيدار به ڪندو آهي، ۽ ويڪو شين جي جوڙڻ ۾ مصروف ڪاريگر ۽ هاري به ڪندا آهن. پوءِ به ڪنهن پيداواري ڪاروبار کي ڇمائڻ وقت سرمائيدار جا هدف ۽ مقصد، سادي سودي طريقي سان پيدا ڪندڙ شخص کان گهڻو مختلف هوندا آهن. سڌي‌ءَ ريت پيداوار ۾ مشغول ماڻهو پاڻ پنهنجي هٿن سان ويڪو شيءِ کي ٺاهيندو آهي ۽ ان جي تياري‌ءَ ۾ ڪتب ايندڙ پيداوار جا اوزار به ان جي پنهنجي ملڪيت هوندا آهن. جنهن جو مقصد اهو هوندو آهي ته هو پنهنجي پيداوار کي وڪڻي، جيڪا رقم حاصل ڪندو ان مان پنهنجي ذاتي ضرورتن، (ڪاڏو ۽ ڪپڙو وغيره) کي به پورو ڪندو ۽ پيداواري خرچن کي به پورو ڪندو ۽ وڌيڪ پيداوار ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪرڻ جي قابل به ٿيندو.

انهيءَ پورهيت انسان وانگر، سرمائيدار جي به ڪوشش اها ئي هوندي آهي ته هو پنهنجي پيداوار مان حاصل ٿيندڙ رقم مان پنهنجا خرچ پورا ڪندو ۽ پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪندو. پر پوءِ به هن جو بنيادي ۽ اهم ترين مقصد اهو هوندو آهي ته هو ممڪن حد تائين پنهنجو منافعو وڌائيندو ۽ پنهنجي دولت ۾ واڌارو ڪندو. جيڪڏهن هن هڪ لک ڊالر خرچ ڪيا آهن ته هو پنهنجي‌ءَ پيداوار کي ڪنهن به صورت ۾ هڪ لک 30 هزار ڊالرن کان گهٽ نه وڪڻڻ گهرندو. هن طرح اڳوات

لڳل سرمايو (هڪ لک ڊالر) ۽ وڪري مان حاصل ٿيندڙ سرمائي (هڪ لک ٽيهه ڊالر) ۽ 30 هزارن ڊالرن جو تڪاوت آهي. سرمائي ۾ انهيءَ اضافي کي زائد ۽ واڌو سرمايو يا زائد ۽ واڌو قدر چوندا آهن.

اهو زائد قدر ڪٿان ٿو اچي؟ جيڪڏهن سرمائيدار پنهنجي پيداوار کي ان جي قدر جي برابر قيمت تي وڪڻي ٿو تہ پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ هو جنسن يا ويڪوشين جي بلڪل برابر رقم تي ان جو تبادلو ڪندو ۽ پوءِ هڪ لک ڊالر جي حيثيت جي عيوض جي حساب سان ڪيس هڪ لک ڊالر ئي ملندا. ۽ ان رقم کان هڪ سينٽ وڌيڪ نہ ملندو.

اهڙيءَ صورت ۾ واڌو قدر جي بنياد يا سرچشمي جي ڪا سڃاڻپ ٿي نٿي سگهي. جيڪڏهن سرمائيدار پنهنجي پيداوار کي قدر کان وڌيڪ قيمت تي وڪڻي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن قيمت کي قدرتي 30 سيڪڙو وڌايو وڃي ٿو تہ پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سرمائيدار کي پنهنجي هڪ لک جي پيداوار جي عيوض ۾ هڪ لک 30 هزار ڊالر ملي سگهن ٿا. پر جيئن تہ ٻيا سمورا واپاري پڻ انهيءَ عمل ۾ رڌل رهن ٿا ۽ اهي ڪنهن ٻئي کي اهڙو موقعو نہ ڏيندا آهن. اهو ڪين نقصان پهچائي. ۽ خود پنهنجو منافعو وڌائيندو رهي. انهيءَ ڪري مذڪوره سرمائيدار کي ٻين کان ويڪوشيون خريد ڪرڻ وقت انهن جي ادائگي پڻ 20 سيڪڙو وڌيڪ ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ طرح اهي شيون. جيڪي هو اڳ هڪ لک ڊالر ۾ خريد ڪندو هو سي هاڻ ڪيس هڪ لک 20 هزارن ڊالرن ۾ ملنديون. اهو ئي سبب آهي جو هڪ وڪري ڪندڙ جي حيثيت ۾ هن جيڪي 20 هزار ڊالر ڪمايا هئا. هڪ خريدار جي حيثيت ۾ هو انهن کي واپس ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ صورت ۾ بہ نفعو ڪمائي نہ سگهندو. انهن سڀني ڳالهين جو مقصد ۽ مطلب اهو آهي تہ ويڪوشين جي تبادلي ۽ مٽاسٽا جو عمل. پنهنجو پاڻ واڌو قدر نٿو پيدا ڪري سگهي. انهيءَ سوال جي جواب لاءِ اچو تہ ڪنهن سرمائيدارانہ ڪاروبار جو دورو ڪريون.

باب ٻيو

سرمائيداري ڪاروبار

اول ۾ سرمائيداري ڪاروبار، هٿ جي هنرن، ڪاريگرن ۽ اهڙن ننڍين دڪاندارن جي شڪل ۾ پيدا ٿيا، جن ۾ جيڪي پورهيت ڪم ڪندا هئا. اهي ڪنهن هڪ هنر جي ڄاڻو ڪاريگر وٽ سندس دڪان تي، ساڻس گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ ڪوبہ هڪ مالڪ يا استاد ڪاريگر انهن جي نگهباني ڪندو هو. سورهين صديءَ ۾ اهڙا ڪاروبار ۽ ڏڻڏا شروع ٿي چڪا هئا، ڪو انگريز واپاري ڏهہ يا ٻارهن آڏاڻا خريد ڪندو هو ۽ ڪنهن هڪ جاءِ ۾ لڳائي ڇڏيندو هو. ۽ پوءِ ضرورت جي حساب سان ڪورين کي اجرت تي رکيو ويندو هو. ان سان گڏ، لوهار، موچين، درزين ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا بہ ڪيترائي ڏڻڏا کوليا ويا هئا.

اول ۾ اهي سرمائيداري ڪارگاهون تمام ننڍيون هونديون هيون، انهن ۾ اٺ ـ ڏهہ يا وڌ ۾ وڌ ويهہ مزدور ڪم ڪندا هئا. انهن دڪانن ۾ ملازم يا تہ اهي ڪاريگر هوندا هئا، جيڪي ڪڏهن پنهنجو آزاد ۽ خودمختيار ڪم ڪار ڪندا هئا، پر هاڻي اهي سڀ ۽ ڪنگال ٿي چڪا هئا، يا وري اهي غريب هاري هوندا هئا، جيڪي زمينن تان تڙجي شهرن ڏانهن ڀڳا هئا؛ انهن ڪارگاهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي پورهيي جي ڪا ورهاست وغيره ڪانہ هوندي هئي. هرڪو هڪ ئي نوعيت جو ڪم ڪندو هو ۽ اهي ئي سادا سودا ۽ پراڻا اوزار استعمال ڪندا هئا. جيڪي انهن کان اڳ اهي ڪاريگر استعمال ڪندا هئا؛ جيڪي آزاد نموني سان پنهنجو پنهنجو ڪم ڪار ڪندا هئا. سرمائيداري ڪاروبار جي

انهيءَ پهرين ۾ قديم شڪل کي سادو سودو سرمائيدارانہ سهڪار سڏيو وڃي ٿو.

هن سادي سرمائيداري سهڪار سرمائيداري ڪاروبار جي اعليٰ ۾ سڌريل شڪل يا ائين چئجي تہ سرمائيداري صنعتڪاريءَ لاءِ زمين هموار ڪئي، جنهن اڳتي هلي ان جي جاءِ والاري آهي. سرمائيداري نظام جي صنعتڪاريءَ جو مرحلو سورهين صديءَ جي اڌ کان ونئي ارڙهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي واري عرصي ۾ قائم ٿيو آهي. سادي سرمائيداري سهڪار جي اڳئين مرحلي وانگر اها صنعتڪاري بہ جسماني پورهيي ۾ هٿ جي اوزارن کي ئي ڪم آڻيندي هئي، پر ان جي ابتڙ هاڻ ڪارخاني جا سڀ پورهيت ساڳي قسم جو هڪ جهڙو ڪم نہ ڪندا هئا. بلڪ هرڪو پورهيت ڪنهن شيءِ جي صرف هڪ پاسي وارو مخصوص ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي پاڻ کي پيداوار جي ڪنهن هڪ پرزي يا حصي تائين محدود رکندو هو. ٻين لفظن ۾ اجرتي ملازمن جي ڪم ڪار جي وچ ۾ پورهيي جي ورڇ قائم ٿي چڪي هئي ۽ اهڙي ئي سرمائيداري ڪاروبار کي صنعت چئبو آهي. جنهن ۾ هٿ جي اوزارن ۽ پورهيي جي ورڇ جي بنياد تي پيداوار ڪئي ويندي آهي.

اهڙين صنعتن جا بہ قسم هئا، پهرين قسم ۾ پورهيت، ڪنهن شيءِ جا مختلف حصا جوڙيندا هئا، جن کي پاڻ ۾ ملائي يا ڳنڍي ڪنهن شيءِ کي تيار يا مڪمل ڪيو ويندو هو. واڇن، ٽانگن، صندوقن ۽ ٻين مختلف شين کي تيار ڪرڻ واريءَ صنعت ۾ اهو ئي طريقو اختيار ڪيو ويندو هو. ٻئي قسم جون صنعتون، اهي هيون، مزدور ۽ پورهيت، ڪنهن شيءِ جي تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ ٿيندڙ عملن ۽ سرگرمين مان ڪنهن هڪ، عمل تي انحصار ڪندا هئا. هرڪو پورهيت صرف ڪنهن هڪ عمل کي پوري ڪرڻ ۾ رُڌل رهندو هو. پيداوار جا مختلف مرحلا ڪڙيءَ سان ڪڙيءَ واري هڪ سلسلي ۾ جوڙيل ۽ ڳنڍيل هوندا هئا ۽ تيار ٿيندڙ شيءِ هڪ هٿ مان نڪري، ٻئي هٿ تائين هلندي رهندي هئي، جيڪو پنهنجي حصي جو ڪم ڪري اڳتي وڌائي ڇڏيندو هو. ايستائين جو

آخر ۾ تيار ٿيل شيءِ ٻاهر نڪري ايندي هئي، پنن، ڪاغذن، بوتلن ۽ ٻين مختلف شين جي تياري اهڙي نموني سان ٿيندي هئي.

اهڙيءَ طرح صنعتن ۾ ڪم ۽ پورهيي جي ورڇ جي نتيجي ۾ اوزارن ۽ ٻئي هر قسم جي سامان سڙي ۾ وڃيءَ حد تائين فرق ۽ الڳ پڻو پيدا ٿي پيو ـ پيداوار جي هر منفرد عمل جي لاءِ خاص اوزارن جا سيٽ ٺهي ويا ـ ان ڪري قدرتي طور تي انهن ۾ مسلسل ۽ لاڳيتي بهتري ايندي وئي، انهيءَ پورهيي جي مخصوصيت ۽ الڳپڻي ۽ پيداوار جي اوزارن ۾ بهتري ۽ صنعتڪاريءَ جي ڪاروبار کي اهڙي حد تائين پهچائي ڇڏيو جو اهو پورهيي جي پيداوار وڌائڻ ۾ ڪافي مددگار ٿي پيو جنهن ڪري جيڪڏهن اسين جي هڪ ڪارخاني ۾ 10 مزدور روزانو 48000 هزار سيون ٺاهيندا هئا، يعني هر مزدور 4800 سيون ٺاهيندو هيو پر جي ڪم جي ورڇ نہ ٿيل هجي ها ۽ هر ڪم جا مخصوص اوزار نہ هجن ها تہ هڪ مزدور ڏينهن ۾ 20 سيون بہ مشڪل سان ٺاهي سگهي ها.

صنعتي ڪاروبارن ئي اهي حالتون پيدا ڪري آنديون هيون، جن جي نتيجي ۾ مشينن هٿ جي پورهيي جي جاءِ والاري هئي. اڳوڻن ڪاروبارن جي جاءِ تي نوان اهڙا ڪاروبار قائم ڪيا ويا هئا، جيڪي ڪم ڪار جي ورهاست تي ۽ مشينن جي زور تي پيداوار ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح سرمائيداريءَ مشينن جي ترقي ۽ واڌ سازگار حالتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون، گهٽ پيداوار ڪندڙ مشينون مسلسل وڌيڪ ۽ تيز تر پيداوار ڏيندڙ مشينن لاءِ جاءِ خالي ڪنديون ويون. ويهين صديءَ جي انوکي ۽ نرالي خاصيت اها ئي آهي جو انهيءَ ۾ پيداوار ۾ وڏي ۽ وسيع پئماني تي خودڪاريءَ جو عمل دخل ٿي ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ پورهيي جي پيداوار گهڻو وڌي وئي آهي ۽ ان ڪري ئي ڪاروباري پيداوار جي لياقت ۽ صلاحيت ۾ بہ اضافو ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ اها اضافي واري رفتار مختلف ملڪن ۽ خطن ۾ مختلف آهي ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن جي صنعتي پيداوار جي سطح، سڌريل سرمائيدار ملڪن جي پيداوار کان گهڻو گهٽ آهي، ڇو تہ ترقي

پذير ملڪ عالمي صنعتي پيداوار جو صرف 9 سيڪڙو حصو پيدا ڪن ٿا. هنن ملڪن ۾ سڄي دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ لوهي سراين ۽ سيخن جو ٽي سيڪڙو مشيني چڪي ۽ جانڀھ جي مشينن جو 2 سيڪڙو ۽ اهڙيءَ طرح لوهارڪن ڪارخانن ۽ ويلينڊڙ ۽ ڊهائيندڙ مشينن وغيره جو 5.9 سيڪڙو ۽ ڏاتو ڪاٽيندڙ اوزارن جو 0.6 سيڪڙو پيدا ٿيندو آهي. نتيجي ۾ اهڙن ملڪن ۾ صنعتي ترقي پوئتي رهندي پئي اچي ۽ نئين فيڪٽرين جي تعمير ۽ اڏاوت ۾ وڏي رڪاوٽ پيدا ٿي رهي آهي.

پيداواري ذريعن تي سرمائيدار ملڪيت جي والار: سرمائيداري ڪاروبار جي ڪهڙي به شڪل ڪٽي چو نہ هجي، انهن ۾ لازمي طور به مخالف قوتون شامل ۽ هم آهنگ هوندیون آهن. هڪڙي سرمائيداريءَ جي ۽ ٻي پورهيت قوت هوندي آهي. سرمائيدار ڪاروبار جو مالڪ هوندو آهي، سرمايو ۽ ٻيا مڙئي وسيلا ان جي مٽ ۾ هوندا آهن. هو پاڻ ڪوبہ پورهيو نہ ڪندو آهي، پر پيداواري ذريعن جي ملڪيت جي زور تي اجرتي مزدورن جو استحصال ڪندو آهي ۽ ائين پنهنجي سرمائي ۾ اضافو ڪندو رهندو آهي. ٻئي طرف اجرتي مزدورن وٽ پيداوار جو ڪوبہ ذريعو نہ هوندو آهي. سرمائيدار اُنهن کي اجرت جي عيوض ۾ ڪم تي رکندو آهي ۽ اهي ان جي گرفت ۾ هوندا آهن اهڙي طرح وري انهن جون، پنهنجون پيدا ڪيل ويڪو شيون سندن ملڪيت ۾ نہ هوندیون آهن، جڏهن تہ سرمائيدار ويڪو شين جو اڪيلو مالڪ هوندو آهي. ماضيءَ جي اصتحصالي نظامن وانگر سرمائيدار نظام ۾ بہ پورهيي جي پراپت سڌيءَ ريت پيداواري عمل ۾ مصروف ماڻهن جي ملڪيت نہ هوندي آهي. بلڪ اها پيداواري ذريعن شين جي مالڪ جي ملڪيت هوندي آهي. پيداواري ذريعن تي سرمائيداري ذاتي ملڪيت جا ڪيترائي قسم آهن، پهريون قسم انفرادي سرمائيداري ملڪيت جو آهي، جنهن ۾ ڪاروبار ڪنهن واحد ۽ اڪيلي سرمائيدار جي ملڪيت هوندو آهي. سرمائيدار نظام جي ترقيءَ جي شروعات ڏاڪن ۾ ملڪيت جي هيءَ شڪل ۽

صورت تمام گهٽي ۽ عام هئي. هيو قسم سرمائيداري اجتماعي ملڪيت جو آهي، جنهن ۾ پيداوار جا ذريعا، ڪنهن فرد واحد جي نه پر سرمائيدارن جي ڪنهن گڏيل گروهه جي ملڪيت هوندا آهن. گهٽو ڪري انهن گروهن جا فرد پاڻ ۾ ملي گڏيل سرمائي سان هڪ ڪمپني ٺاهيندا آهن. ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ اڄ ڪلهه اهڙي قسم جي سرمائيدار ملڪيت جو غلبو آهي. مثال طور 1904ع ۾ آمريڪا ۾ گڏيل سرمائي واريون ڪمپنيون ڪل صنعتي ڪاروبار جو 24 سيڪڙو هيون، پر 1919ع ۾ اهو وڌي 25 ٽي ويو. 1924ع ۾ 74 سيڪڙي تي پهچي ويو. 1939ع ۾ انهن جو اهو حصو وڌي 93 سيڪڙو ٽي ويو. اڄ ڪلهه فرد واحد جي ملڪيت ۾ هلڻ وارن ڪاروبارن جي اڪثريت زرعي شعبي ۾ آهي يا خدمت جي شعبن سان واسطو ٽي رکي.

اهڙيءَ طرح سرمائيدار اقتصاديات ۾ رياستي سرمائيدار ملڪيتن جو ڪردار به وڌي رهيو آهي. اها ملڪيت جي اُها خاص شڪل آهي، جنهن ۾ پيداواري ذريعا سرمائيدار رياست جي هٿ ۾ هوندا آهن، جيڪي وري به سرمائيدارن جي مفادن جي خواهشن کي پورو ڪندا آهن. سرمائيدار سماج ۾ سرمائيدار ذاتي ملڪيت تي زور ڏنو ويندو آهي. پورهيت سڄي عمر سرمائي ۽ دولت جي هرجائيءَ ۽ يڪجوئيءَ کي محسوس ڪندو رهندو آهي ۽ سرمائيدار ذاتي ملڪيت جي رشتن ۾ ڏهيل ۽ جڪڙيل رهندو آهي. هو جنهن گهر ۾ رهندو آهي، اهو به ذاتي ملڪيت ۾ هوندو آهي؛ هو جنهن ڪاروبار ۾ ملازم هوندو آهي، اهو به ذاتي ملڪيت ۾ هوندو آهي ۽ جن دڪانن تان هو ضرورت جون شيون خريد ڪندو آهي، اهي به ڪنهن نه ڪنهن جي ذاتي ملڪيت هوندا آهن وغيره وغيره.

سرمائي جون ابتدائي يا بهروٽيون وصفون ۽ خاصيتون: سرمائيداري ڪاروبار کي شروع ڪرڻ لاءِ ڪافي وڏي ابتدائي سرمائي جي ضرورت هوندي آهي. بورزوا دانشور ۽ خاص ڪري وڏن وڏن سرمائيدارن جون

سوانح عمريون لکڻ وارا ليکڪ انميءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ ۾ رُڌل رهندا آهن ته انهن ماڻهن وٽ ناڻو ان لاءِ گڏ ٿيو آهي، جو اهي محنتي ۽ هٿا ۽ ڪفايت ڪندڙ ۽ هٿا. پڙهندڙ کي اها ڳالهه مجرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته سرمائيدارن پاڻ پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪيو آهي، پنهنجو رت ست ڏنو آهي ۽ پائي پائي ميڙي شروعاتي سرمايو گڏ ڪيو آهي.

پر سرمائيدار تاريخ جو غير جانبدار مطالعو ٻڌائي ٿو ته انميءَ قصي جو حقيقت سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته سرمائيدار ڪاروبار ڪندڙ پهرين مهم جو ماڻهن، جيڪي سرمائي جا ابتدائي ذخيرا ڪيا هٿا، اهي سندن پورهيي ۽ بچت جو ثمر نه لٽ مار ڏاڍ، ڏمر، رهزني، ڏوڪي فريب ۽ ٺڳيءَ جو نتيجو هٿا.

شروعاتي سرمائيداري ڪاروبار جي قيام ۽ تنظيم ڪاريءَ جي لاءِ، جنهن وڏي سرمائي جي ضرورت هئي، اهو وڏيءَ حد تائين بينڪن مان انڊيءَ لٽ مار جي ذريعي گڏ ڪيو ويو هو جنهن جي نتيجي ۾ گهٽيون مقامي آبادين مرڳو ئي برباد ۽ نابود ٿي ويون هيون. 1500ع کان وٺي 1820ع تائين جي وچ واري عرصي ۾ لاطيني آمريڪا مان 20 اربن کان وڌيڪ ڊالرن جي مالیت جي دولت لتي وئي هئي، ان کان سواءِ غلامن جي واپار مان به بي پناهه منافعو ڪمايو ويو هو. صرف 200 سالن جي عرصي ۾ غلامن جي واپارين وچ آفريڪا مان ڏهه ڪروڙ انسان پڪڙي ۽ غلام ڪري آندا هٿا، جن مان 7 ڪروڙ ماڻهو آمريڪي بينڪن ڏي وٺي وڃڻ جي دوران مري ويا هٿا، جيڪي ماڻهو نه زنگ لڳي، نه ڪٽ چڙهي ۽ نه ڪپڙو ئي ميرو ٿئي، جي مترادف تڪڙي پئسي ميڙڻ جي فڪر ۾ هٿا، تن غلامن جي اُپار مان دولت جا وڏا وڏا ذخيرا گڏ ڪري ورتا هٿا. 1772ع ۾ انگلستان جي ليورپول بندرگاهه تي غلامن کي آڻيندڙ نيڻندڙ بحري ٻيڙا 132 جهازن تي مشتمل هٿا.

اهڙيءَ طرح بينڪن جي واپار مان پڻ غير معمولي طور گهٽو ئي منافعي خوريءَ وارو فصل لڻيو ويو هو. سورهين صديءَ جي انگلستان ۾

هندستان جا ڪارا مرچ انوٽي قيمت تي، ڪچو ريشم ڏهوڻ قيمت تي ۽ لونگ ٻارهوڻ قيمت تي وڪامندا هئا. اهڙيءَ طرح منافعي خوري توڙي ساموندي ڏاڻن ۽ وياج خوريءَ ۾ شروعاتي پيداواري سرمائي جي انبارن جي تعمير ۽ اڏاوت ۾ ڪو گهڻ اهميت وارو ڪردار ادا ڪونہ ڪيو آهي. ان کان سواءِ سرمائيدار رياستن جي سرپرستيءَ، سرمائي جي اضافي جي انهيءَ عمل کي ايڏو وڌيڪ تکو ۽ تيز تر ڪري ڇڏيو جنهن مطابق يورپ جي حڪومتن اهڙن ذاتي ڪاروبار ڪندڙ واپارين کي تحفظ سان گڏ امن امان ۾ فراهم ڪري ڏنو هو.

هاڻوڪيءَ ويهين صديءَ جي سرمائي جو وجود ۾ ڪفايت ۽ پاڻ ڏيئي پيڙو جي بنياد تي قائم ڪونہ آهي. هميشہ وانگر اهو سرمايو ۾ استحصال، ڏڏي بازيءَ ۽ ڪرائيم ۽ ڏوهن جي بنياد تي قائم ڪيو ويو آهي. جيئن انهيءَ ڳالهہ جي سچ ڪنهن کي خبر آهي تہ مشهور آمريڪي ارب پتي 'جان پيئرون مورگن' پنهنجي ڪارواري ڏيتي ليتيءَ ۾ بيڪار ۽ ناڪاره ٽيل هٿيارن کي وڪڻي، آمريڪي حڪومت سان دوکي بازي ڪئي هئي. هڪ ٻئي آمريڪي ارب پتي 'هيرالو سن لافيئيت هنٽ' پنهنجي ڪارواري زندگي، پتي راند کيڏڻ ۽ هٽ جي صفائيءَ سان شروع ڪئي هئي. هن پنهنجو پهريون تيل جو ڪوهہ جنهن ماڻهوءَ کان خريد ڪيو هو، انهيءَ جو موت عجيب ۽ پراسرار حالتن ۾ ٿيو هو.

سرمائي جي ساخت ۽ بناوت: فيڪٽريءَ يا ڪاٺ جي تعمير ۾ يا ڪنهن ٻئي ڪاروبار ۾، جيڪا سرمائي جي لاڳت ٿيندي آهي، سرمائيدار ان کي روڪڙيءَ رقم جي صورت ۾، سيڙپ ڪاري ڪندي ۽ حصن ۾ ورهائيندو آهي. پهرين حصي مان هو پيداوار جا ذريعا ۽ وسيلا خريد ڪندو آهي، جنهن کي جامد يا اڻ ڦرندڙ سرمايو چئبو آهي. روڪڙيءَ رقم جي صورت ۾ الڳ سرمائي جي ٻئي حصي مان پورهيي جي قوت ۽ سگهہ خريد ڪئي ويندي آهي، جيڪا مزدورن ۽ ملازمن کي قيمتن ۽

پگهارن جي صورت ۾ ادا ڪئي ويندي آهي. سرمائي جي اهڙي حصي کي ڦرندڙ گهرندڙ سرمايو سڏبو آهي.

جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي کي وڌيڪ ۾ن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي. پهرين حصي مان پورهيي جا ذريعا حاصل ڪيا ويندا آهن. جيئن عمارتون، مشينري ۽ ٻيو سامان سڙو ۽ اوزار ۽ بار برداري وغيره. سرمائي جو اهو حصو پائدار هوندو آهي، ۽ ان کي وري وري استعمال ڪري سگهبو آهي. فيڪٽريءَ جي عمارت 50 سال يا ان کان وڌيڪ سالن تائين ۾ قائم رهي سگهندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح مشين ۽ انهن جا اوزار ان ڏهن سالن تائين ڪم ڏئي سگهن ٿا وغيره وغيره. جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي جو ٻيو حصو پورهيي جي معروض يعني ڪچو مال، ٻارڻ ۽ بجلي وغيره جي خريد ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. پيداواري عمل جي دوران، پورهيي جا معروض، سڄا سارا ڪپي ۽ ختم ٿي ويندا آهن. مثال طور: بيڪريءَ جون عمارتون، تنور ۽ مشينون ڪيترن ئي سالن تائين ڪتب ايندا رهندا آهن. جڏهن ته انو خميرو ۽ ڪنڊ وغيره روزانو ايندي آهي ۽ ڪم ۾ اچي ختم ٿي ويندي آهي.

سرمائيداريءَ جي ترقي ۽ واڌ سان گڏوگڏ سرمائي جو قد ٻُت به وڌڻ لڳندو آهي. 1889ع ۾ آمريڪي صنعت ۾ سرمائي جي لاڳت جي مالیت 10.1 ارب ڊالر هئي، جيڪا 1939ع ۾ 90.1 ارب ڊالر ٿي وئي ۽ 1969ع ۾ 688.3 ارب ڊالرن کي وڃي پهتي يعني 1889ع کان 1969ع جي 80 سالن جي عرصي ۾ آمريڪي صنعتي سرمايو 68.1 سيڪڙو وڌي ويو.

سرمائي جي قد ٻُت ۽ واڌ سان گڏوگڏ، ان جي ساخت ۽ بناوٽ ۾ به تبديلي ايندي رهندي آهي. خاص ڪري ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان ڪلمو ڪلمي ۾ ملائيندي. جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمايو تڪڙي نموني وڌڻ لڳندو آهي. سرمائيدار وڌيڪ سڌريل ۽ پيچيديون مشينون خريد ڪندو آهي، جيڪي وڌيڪ مهانگيون هونديون آهن. نتيجي ۾ هو سامان سڙي ۽ ڪچي مال تي به وڌيڪ پئسو خرچ ڪندو آهي. جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آمريڪي صنعت ۾ ڪل جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي جي لاڳت ۾

1889ع کان 1969ع جي وچ ۾ 74هوڻ تي اضافو ٿيو هو ۽ اهو 8.3 ارب ڊالرن مان وڌي 614.1 ارب ڊالر ٿي ويو هو.

جڏهن ته وارڦير واري سرمائي جي وڌڻ جي رفتار سست ۽ ڏري هوندي آهي. 1889ع ۽ 1969ع جي وچ واري وقفي ۾ آمريڪي صنعت ۾ وارڦير واري سرمائي جي لاڳت 41.3هوڻ تي هئي؛ ۽ اها 1.8 ارب ڊالرن مان وڌي 74.3 ارب ڊالر ٿي هئي. واڌ جي اها رفتار واضح طور تي پهرينءَ جي پيٽ ۾ گهٽ آهي. سرمائيداريءَ جي ارتقا جي دوران، واڌ جي رفتار جو اهو فرق مجموعي سرمائي جي ذخيري ۾ جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي واري حصي کي وڌائي ڇڏيندو آهي. مثال طور آمريڪي صنعت جي ڪل سرمائي جي لاڳت ۾ جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي جو حصو 1889ع ۾ 82.2 سيڪڙو هو ۽ 1969ع ۾ اهو حصو وڌي 89.2 سيڪڙو ٿي ويو پر انهيءَ دوران ئي وارڦير واري سرمائي جو حصو 17.8 سيڪڙي مان گهٽجي 10.8 سيڪڙو ٿي ويو. انهيءَ حساب سان جامد ۽ اڻ ڦرندڙ سرمائي ۽ وارڦير واري سرمائي جو تناسب ۽ ريشو بدلجي ويو. پهرين اهو 1:4.6 هو ۽ پوءِ اهو 1:8.3 ٿي ويو.

پورهيي جي طاقت ۽ سگهه: سرمائيدار پورهيت کي پنهنجي ڪاروباري اداري ۾ اجرت تي ملازم رکندو آهي. ۽ پورهيت مڪمل طور تي سرمائيدار جي تابع هوندو آهي، ۽ ان جي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ ان جي هدايتن موجب عمل ڪندو آهي. اها ڪهڙي ڳالهه آهي: جيڪا هڪ پورهيت کي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ سرمائيداري ڪاروبار جي در تائين وٺي ايندي آهي؟ اهو ڪهڙو محرڪ آهي: جيڪو ڪيس سرمائيدار جي لاءِ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندو آهي. ان جو جواب هيءُ آهي ته: سرمائيداري نظام ۾ سرمائيدار ۽ زميندار پيداواري ذريعن ۽ وسيلن جا مالڪ هوندا آهن. پورهيت وٽ پيداوار جا ذريعا نه هوندا آهن. ان وٽ صرف پورهيي جي صلاحيت، ۽ پنهنجي جسماني ۽ ذهني لياقت هوندي آهي. جسماني قوت، مهارت، ذهن ۽ علم وغيره هوندو آهي. انهن

صلاحيتن جي بدولت پورهيت ڪم ڪار ۾ محنت ڪري سگھندو آھي. ۽ ڪجھ شيون ٺاھڻ ۾ جوڙڻ جي قابليت رکندو آھي ان جي انھيءَ پورهيي جي صلاحيت کي پورهيت جي پورهيي جي طاقت يا سگھ چئبو آھي. اھا پورهيي جي طاقت ۾ سگھ زنده ۾ تحرڪ ۾ رھندڙ ۽ اُسرندڙ ۽ وڌندڙ انسان ۾ سمايل ھوندي آھي. اھڙيءَ طرح انسان قوت محنت جو مجسمو آھي.

پورهيي جي طاقت ۾ پورهيو يڪسان ۽ ساڳيون شيون نہ آھن. پورهيي جي طاقت، پورهيو ڪري سگھڻ جي صلاحيت کي چئبو آھي. جڏھن تہ پورهيو انھيءَ پورهيي جي طاقت جو استعمال ۽ کاپي کي ۽ پيداواري عمل ۾ انھيءَ جي اثرائتي کپت کي چئبو آھي. درزيءَ جي پورهيي جي طاقت جو اظھار ان جي ڪپڑي سبڻ واريءَ صلاحيت مان ٿيندو آھي. جڏھن تہ ان جي پورهيي جو اظھار ھڪ لباس ٺاھي يا جوڙي ڏيڻ مان ٿيندو آھي. اھڙيءَ طرح فولاد ٺاھيندڙ پورهيت جي، پورهيي جي طاقت، اصل ۾ انھيءَ جي فولاد ٺاھڻ واري اھليت آھي. جڏھن تہ ان جي اھا قابليت، حقيقت جو روپ تڏھن ڌاريندي آھي. جڏھن ھو فولاد ڳارڻ وقت واقعي پورهيو ڪندو آھي. پورهيي جي دوران، پورهيي جي طاقت ۽ قوت پيداواري ذريعن سان جڙندي آھي ۽ انھيءَ کي استعمال ۾ آڻي، گھربل شين کي پيدا ڪيو ويندو آھي.

جيئن تہ سرمائيداري نظام ۾ پورهيت وٽ پنھنجا کي بہ پيداواري ذريعا نہ ھوندا آھن، ان ڪري اھو خودمختيار انداز ۾ پنھنجي پورهيي جي طاقت کي عمل ۾ آڻي نہ سگھندو آھي. جڏھن تہ پيداواري ذريعن کانسواءِ نہ پورهيو ڪري سگھجي ٿو ۽ نہ وري ڪي شيون ئي ٺاھي سگھجن ٿيون، اھو ئي سبب آھي، جو پنھنجيءَ زندگيءَ کي جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ توڙي پنھنجي خاندان جي پرورش جي لاءِ پورهيت مجبور ھوندو آھي تہ اھو انھيءَ واحد ۽ اڪيلي شيءِ کي وڪڻي، جيڪا ھن وٽ موجود آھي يعني ھن کي پنھنجي پورهيي جي طاقت ۽ سگھ کي وڪرو ڪرڻو پوندو آھي، ٻيءَ صورت ۾ گذر سفر جي وسيلن کان محرومي، کيس

بک ۽ موت جي سامهون آڻي بيهاريندي آهي. ظاهر آهي ته اهڙيءَ صورت ۾ پورهيت، پنهنجي پورهيي جي طاقت جي خريدار جي ڳولا ۾ نڪري پوندو آهي، جيڪو ان کي پيداواري ذريعن جي مالڪ سرمائيدار جي ذات ۾ ملندو آهي.

پورهيت جي پورهيي ڪرڻ واريءَ صلاحيت جي انهيءَ خريداريءَ ۽ وڪري جو اهو مطلب هوندو آهي ته سرمائيداري نظام ۾ پورهيي جي طاقت ۽ سگهه پڻ هڪ ويڪو شيءِ ٿي پوندي آهي، ۽ن اقتصادي بنيادي سببن جي ڪري اهو ممڪن ٿيو آهي ۽ ضروري ٿيو آهي ته پورهيي جي طاقت ۽ سگهه کي ٻ هڪ ويڪو شيءِ يا جنس ۾ بدلايو وڃي، پهريون سبب اهو آهي ته پورهيت ماڻهو ذاتي طور تي آزاد هجي ۽ پنهنجي پورهيي جي طاقت ۽ سگهه کي آزاد نموني سان وڪرو ڪري سگهي. جنهن لاءِ پورهيت جو قانوني طور آزاد هجڻ ضروري آهي ۽ پنهنجي پورهيي جي طاقت جو مالڪ ۽ مختيار هجڻ ضروري آهي. جاگيرداري نظام ۾ پورهيت، پنهنجي مالڪ سان ذاتي ۽ سماجي بندڻن ۾ جڪڙيل هوندو آهي. پر انهيءَ نيم غلاميءَ جي نظام جي خاتمي سان گڏ، اهو شرط پورو ٿي ويو آهي.

ٻيو شرط اهو آهي ته پورهيت کي پيداواري ذريعن کان محروم ۽ الڳ ڪيو وڃي، جڏهن ته پنهنجي پيداواري ذريعن جي ٻل تي ڪم ڪرڻ وارو هاري پنهنجون ضرورتون پاڻ پوريون ڪندو آهي ۽ پنهنجي پورهيي جي طاقت کي وڪري ڪرڻ جي ضرورت محسوس نه ڪندو آهي ۽ اهڙي نموني خود پنهنجي ڪارگاهه ۾ ڪم ڪرڻ واري ڪاريگر تي ٻ اهائي ڳالهه لاڳو ٿيندي آهي. جڏهن هاري ۽ ڪاريگر پنهنجون ملڪيتون وڃائي وهندا آهن ته ان جي نتيجي ۾ اهي پنهنجي گذر سفر جي وسيلن کان ٻ محروم ٿي ويندا آهن. ۽ پوءِ اهي روزگار جي شديد ضرورت محسوس ڪندا آهن. تنهنڪري اجرتي مزدورن جي قطارن ۾ وڃي شامل ٿيندا آهن.

سرمائيداري نظام جي ابتدائي ۽ پهروٽن دورن ۾، هارين ۽ ڪاريگرن کان پيداوار جي ذريعن کي کسڻ جي لاءِ خاص ڪري بيدرديءَ وارا ظالمانہ طريقيڪار اختيار ڪيا ويا هئا. هارين کي انهن زمينن تان زوريءَ بيدخل ڪيو ويو هو جن کي سندن ابن ڏاڏن صدين جي پورهيي ۽ سارسنيال ۾ رکيو هو.

يورپ ۾ رڍن ۾ڪرين جي واڌ ۽ ڪيٽين جي نتيجي ۾ ۽ خاص ڪري سورهين صديءَ جي انگلستان ۾، رولو ۽ پينو ماڻهن جا حشام عام رستن ۽ گذرگاهن ۾ ڏڪا ڪائيندا وتندا هئا. نئين هاول سرمائي جي خدمت لاءِ، حڪومت کين نوڪرين ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪيترائي غير انساني ڏاڍ ۽ ڏمر وارا قانون جوڙيا هئا. 'هينري' ائين جي ايڪٽ نمبر 1530 مطابق تندرست فقيرن کي ڏڪا هنيا ويندا هئا، ۽ کين ٽيپون ڏنيون ويندیون هيون. جيڪڏهن اهي ڪا چون چرا ڪندا هئا تہ کين هٿ گاڏن سان ٻڌي تيستائين ماربو رهبو هو جيستائين اهي رت ۾ ڳاڙها ٿي ويندا هئا. 1547ع ۾ 'ايڊورڊ' چهين حڪم ڏنو تہ جيڪي ماڻهو ڪم ڪرڻ کان نهڪر ڪن، تن کي گرم لوهہ سان داغي غلام بنائي وڪرو ڪيو وڃي، ويندي موت جي سزا بہ ڏني وڃي. جيتوڻيڪ راڻي 'ايلزبيٿ' پوءِ ڪجهہ نرم رويو اختيار ڪيو هو، پر پوءِ سورهين صديءَ جي آخر ۾، راڻيءَ جي حڪومت جي دؤر ۾، اهي قانون، ابتدائي يا ايجا بہ وڌيڪ سخت لاڳو ڪيا ويا هئا. جيڪي ماڻهو بي روزگار بہ هوندا هئا ۽ جن وٽ گذر سفر جو ڪو ذريعو بہ نہ هوندو هو، تن کي ڏاڍا سخت ڪوڙا هنيا ويندا هئا. کاڀي ڪن تي داغ ڏنو ويندو هو، ۽ ان کان پوءِ رياست جي خلاف ڏوهي ٺيڻ جي الزام ۾ موت جي حوالي ڪيو ويندو هو. پهرين هارين ۽ ڪاريگرن کي پيداوار جي ذريعن کان لوڏي ۽ تڙي ڪڍيو ويو، ۽ پوءِ کين سرمائيدار ادارن ۾ ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ ڪوڙا هنيا ويندا هئا. داغ ڏنا ويندا هئا، ۽ موت جي سزائن کان ڊيڄاريو ويندو هو. اهي هئا اصل طريقا، جن جي ذريعي اجرتي پورهيي ڪرڻ جا قاعدا ۽ ضابطا سيکاريا ويا هئا.

پورهيي جي طاقت جو قدر: سرمائيداري نظام ۾ پورهيي جي قوت ۽ سگهہ هڪ ويڪو شيءِ ٿي پوندي آهي ۽ ان جي ناتي ۽ رشتي سان ئي ان جو پنهنجو قدر ۽ استعمالي قدر ٿيندو آهي ۽ جيئن ته هڪ ويڪو شيءِ ئي هوندي آهي، ان ڪري ان جي قدر جو تعين ۽ ڪاٿو پورهيي جي مدت جي انهيءَ مقدار مان ٿيندو آهي، جيڪا انهيءَ ويڪو شيءِ کي پيدا ڪرڻ ۾ وري وري جاري رکڻ لاءِ ضروري هوندي آهي. پورهيي جي طاقت کي جاري رکڻ جو مفهوم ۽ مطلب اهو آهي ته پورهيت ۽ ان جي خاندان جي بقاءَ جو بندوبست ڪيو وڃي، يعني ان جي گذر سفر جو ايترو انتظام ڪيو وڃي، جيئن پيداواري عمل ۾ ان جي صرف ٿيندڙ توانائي وري وري بحال رهندي اچي. ان ڪري پورهيي جي طاقت ۽ سگهہ کي نت نئين سر پيدا ڪرڻ لاءِ ايترو ئي عرصو گهربل هوندو آهي، جيتري پورهيي جي مدت ۾ پورهيت جي گذر سفر لاءِ ضروري پيداواري ذريعن کي پيدا ڪري سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ پورهيي جي قوت جو قدر انهن گذر سفر جي ذريعن جي قدر جي برابر هوندو آهي، جيڪي پورهيت ۽ ان جي خاندان جي بقاءَ لاءِ ضروري هوندا آهن ۽ پورهيت جي ۽ ان جي خاندان جي بقاءَ لاءِ ضروري گذر سفر جي ذريعن ۽ وسيلن جي قدر جي ڇئن اهم جزن ۾ هن ريت فرق ۽ تفاوت ڪري سگهجي ٿو.

1. پورهيت جي جسماني توانائيءَ کي جاري رکڻ لاءِ ۽ ان جي طبعي ضرورتن جي پورت لاءِ يعني وري ٻيهر ڪم ڪرڻ جي لائق ٿيڻ لاءِ ڪيس ان جي گذر سفر جي ذريعن جي قيمت ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ ڪاڏو، ڪپڑو، جوتا، گهر، گرمي، بجلي، گهريلو ٽانوَ ٽپا ۽ دوائن وغيره جو خرچ اچي وڃي ٿو.

2. پورهيت جي خاندان جي گذر سفر جي قيمت هوندي آهي، جيڪڏهن ٻڌاپي، بيمارين ۽ موت وغيره جي نتيجي ۾ گهٽتجندڙ انفرادي قوت جي گهٽتائي کي پوري ڪرڻ لاءِ متواتر ۽ سانده تازي تواني افرادي قوت پيدا نه ٿيندي نه ئي پيداوار جاري رهي سگهندي آهي ۽ نه ئي ان ۾ ڪا وسعت ۽ واڌ ٿي سگهندي آهي.

3. پورهيت کي پنهنجي پيشي ۾ ڪم ڪار جي تربيت ۾ سکيا ڏيڻ لاءِ ذريعن جي قيمت هوندي آهي. جديد ٽيڪنڪي ترقيءَ جي ڪري اهو پاسو خاص طور تي اهميت اختيار ڪري ويو آهي. اها ٽيڪنڪي ترقي انهيءَ ڳالهه جي گهر ڪندي آهي ته پورهيت لاءِ اعليٰ سطح جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

4. پورهيت ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي ضرورتن جي پورت لاءِ ذريعن جي قيمت هوندي آهي. اهي ضرورتون تاريخي ترقيءَ ۾ ارتقا جو نتيجو هونديون آهن. انهن ۾ ٻين ڳالهين کان سواءِ ڪتابن، اخبارن، رسالن، فلمن ۽ ريڊيو يا ٽي. وي جو گهڻ ۾ گهٽ مقدار شامل هوندو آهي. جيئن ته مختلف ملڪ، مختلف اقتصادي، تاريخي، فطري، جاگرافيائي ۽ ماحولياتي خوبين، خامين ۽ خاصيتن جا مالڪ ٿين ٿا، ان ڪري هر ملڪ ۾ انهن شين جي مختلف تناسبن ۽ مقدارن جي ضرورت هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هر ملڪ ۾ پورهيي جي طاقت ۽ سگهه جو قدر ۽ ملهه ۾ مختلف ٿيندو آهي، جيڪي تمام وڏا فرق ۾ هوندا آهن. مثال طور جن ملڪن ۾ تمام سخت سردي ۽ ٽڏ پوندي آهي، اتي پورهيت ماڻهن کي گرم ڪپڙن، جوتن ۽ گهرن وغيره کي گرم رکڻ لاءِ ڪافي ۽ گهڻي رقم خرچ ڪرڻي پوندي آهي. پر گرم ملڪن ۾ اهڙي قسم جا خرچ ڪرڻا نه پوندا آهن.

ترقي پذير ملڪن جي پيٽ ۾ ترقي يافته ملڪن ۾ گهرجن جو مقدار ۾ گهٽو هوندو آهي. ان ڪري انهن ملڪن ۾ پورهيي جي طاقت جو قدر ۾ گهٽو هوندو آهي. ائين، جيئن تعليمي خرچن ۾ فرق هوندو آهي. مثال: 1970ع جي ڏهاڪي ۾ آمريڪا ۾ غير مهارت واري پورهيت کي لڳ ڀڳ 12 سال اسڪول ۾ گذارڻو پوندو هو. ۽ مهارت واري پورهيت ۽ فور مينن کي 12.4 سال اسڪول جي حوالي ڪرڻا پوندا هئا. جڏهن ته انهيءَ ساڳي وقت ۾ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ترقي پذير ملڪن ۾ 70 ڪروڙ ماڻهو بنيادي تعليم کان ئي ڪورا ۽ اڻ پڙهيل هئا. اهو ئي سبب آهي، جو ترقي پذير ملڪن جي پيٽ ۾ ترقي يافته ملڪن ۾ تعليمي خرچا لکن جي سطح تي تمام گهٽي مٿانهين سطح تي هئا. ترقي

پذير ملڪن ۾ سالياني 24 ڊالر في فرد يا ڪُنُ خرچ ٿيندا هئا، جڏهن ته ترقي يافته ملڪن ۾ اهو خرچ لڳ ڀڳ 314 ڊالر في ڪس يا ڪن ٽيو ٽي. يعني تيرهوڻ تي فرق هو. پورهئي جي طاقت ۽ سگهه جي ٻين پاسن جي قدر ۾ به ساڳيءَ اهميت جو فرق هو. اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪن ۾ لڳ ڀڳ في ڪس يا فرد ڪاڏو 2180 هڪ ڏينهن جي توانائي آهي. جڏهن ته ترقي يافته ملڪن ۾ اهو لڳ ڀڳ 3315 هڪ ڏينهن جي توانائي آهي. تنهن کان سواءِ ترقي پذير ملڪن ۾ مهانگو ڪاڏو جيئن مثال طور گوشت ۽ ٻئي حياتياتي پروٽين جو استعمال ترقي يافته ملڪن جي پيٽ ۾ 80 سيڪڙو گهٽ آهي، جڏهن ته چربيءَ ۽ سٽيپ جو ڪاپو اڃا ئي 3.5هوڻ تي گهٽ آهي.

سماج ۾ ترقيءَ سان گڏ، پورهيي جي طاقت جو قدر به بدلبو آهي. هڪ طرف اهو پورهيتن جي جسامت، ساخت ۽ بناوٽ جو اثر قبول ڪندو آهي ۽ ٻئي طرف تعليمي سَندَن ۽ سرٽيفڪيٽن جي مٿانهين سطح جو مطالبو ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح پورهيتن جي پنهنجي حقن لاءِ وڙندڙ جدوجهد، پيداوار ۾ پورهيتن جي وڌندڙ پيداوار ۽ اعليٰ تر زندگيءَ جا معيار به پورهيي جي طاقت ۽ سگهه جي قدر کي وڌائيندا آهن ۽ اها ڳالهه واضح ۽ چٽي آهي ته پورهيت جون جيتريون ضرورتون وڌنديون ۽ ان جي تعليم ۽ تربيت تي جيترو خرچ وڌندو آهي، پورهيت جي پورهيي جي صلاحيت ۽ اهليت کي جاري رکڻ لاءِ خرچ به انهيءَ حساب سان وڌندو آهي. اهڙيءَ طرح آمدرفت ۽ اڇ وڇ جي ذريعن، ۽ گهريلو ضرورتن (جيئن گئس، بجلي، پاڻي ۽ فون وغيره) جون وڌندڙ قيمتون به پورهيي جي طاقت ۽ سگهه جي قدر ۽ ملهه کي وڌائيندڙ آهن.

تڏهن به ڪي اهڙا طاقتور ۽ سگهارا عوامل به ٽين ٿا، جي پورهيي جي طاقت جي قدر کي گهٽائيندا آهن، جن ۾ سڀ کان اهم عنصر پورهيي جي پيداوار ۾ واڌارو آهي. جيڪو گذر سفر جي ذريعن جي قدر کي گهٽائيندو آهي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ پورهيي جي طاقت جو قدر به گهٽجي ويندو آهي. سرمائيداري پيداوار ۾، پورهيت ماڻهن جي خاندانن، زالن ۽ ٻارن جي واڌويجهه ۽ ٻاهرين ملڪن جي پورهيتن جو وڌندڙ حصو

۽ انهيءَ سان گڏوگڏ پورهيتن جي پنهنجي بنيادي مفادن تي سرمائيدارن جا ڏاڙا ب پورهيي جي طاقت جي قدر جي گهٽتائي جو سبب ٿيندا آهن.

سرمائيدار پورهيي جي طاقت ۽ سگهه جي ادائگي ڪيئن ڪندو آهي؟ اها انهيءَ اجرت جي ڪندو آهي، جيڪا هو پورهيت ماڻهن کي ادا ڪندو آهي. سرمائيداري نظام ۾ روڪڙيءَ رقم جي صورت ۾ ملندڙ اجرتون ئي پورهيي جي طاقت جي قدر ۽ قيمت جو اظهار هونديون آهن. ٻين ويڪوشين وانگر سرمائيدار پورهيت جي طاقت ۽ سگهه کي ان جي قدر کان گهٽ قيمت تي خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو پگهار گهٽائڻ ۽ پورهيتن جا حق ڦٻائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪندو آهي.

پورهيي جي طاقت جو استعمالي قدر يا افاديت: سرمائيدار پهرين پورهيي جي طاقت جي ادائگي ڪندو آهي ۽ ان جي عيوض ۾ ان کي هڪ ويڪو شيءِ جي استعمالي قدر جي طور حاصل ڪندو آهي ۽ پوءِ ان کي پنهنجي مفادن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ آزاد هوندو آهي. پورهيي جي طاقت جو استعمالي قدر ٻين سيني شين جي استعمالي قدر کان مختلف هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ٻين سيني شين ۾ قدر جي لاڳت هوندي آهي، جڏهن ته پورهيي جي طاقت جو استعمالي قدر بذات خود قدر کي تخليق ڪندو آهي. پورهيي جي طاقت جو استعمالي قدر اهو هوندو آهي ته پورهيت پورهيو ڪندو. پورهيي جي طاقت جي قدر کان وڌيڪ مقدار ۾ قدر جي تخليق ڪندو آهي. پورهيي جي طاقت جي اها لازمي اندروني خاصيت ئي سرمائيدار منافعي خوريءَ جو ذريعو هوندي آهي. ان جي لاءِ ئي سرمائيداري ڪاروباري ادارن جي پيداواري ذريعن سان اجرتي مزدورن کي وابسطا ڪيو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ مالڪيءَ جي حقن جي زورآوريءَ تي اجرت جي عيوض ۾ پورهيت جي پورهيي جو استحصال ڪيو ويندو آهي ۽ ائين منافعي خوريءَ جي طمعداري ۽ لالچ، سرمائي کي اڻيون هٽندي ۽ هٽي ڏيندي رهندي آهي.

باب ٽيون

زائد قدر جي ڏوڙ ڪيئن ڪئي ويندي آهي

سرمائيداري ڪاروبار ۾ ڪم ڪندڙ اجرتي پورهيت، سرمائيدار جا پيداواري ذريعا استعمال ڪندو آهي، ۽ هو انهن کي استعمال ڪندي، جيڪي شيون جوڙيندو آهي، انهن جو مالڪ به سرمائيدار ئي ٿيندو آهي ۽ اُهو ئي انهن کي بازار ۾ وڪڻندو به آهي. هن طرح مزدور جي حقيقي ۽ ٺوس محنت، ويڪو شين جي استعمالي قدر کي تخليق ڪندي آهي ۽ ان جي تجريدي محنت ويڪو شين جي قدر ۽ قيمت کي تخليق ڪندي آهي.


واجبي پورهيي جي مدت ۽ واجبي پورهيي ۾ فرق: سرمائيداري ڪاروبار ۾ پورهيت صبح کان شام تائين پورهيو ڪري، استعمالي قدر ۾ اضافي قدر ٻئي پيدا ڪندو آهي. پنهنجي ڏاڙيءَ جي ڪم جي دوران پورهيت، ڪيترو قدر ٿو تخليق ڪري ۽ ان قدر جو پورهيت جي پورهيي جي قدر سان ڪهڙو تعلق ۽ ڀانيڪاپو آهي؟ انهيءَ سوال جي جواب ڏيڻ لاءِ هڪ اهڙي پورهيت کي آڏو رکڻ ضروري آهي، جيڪو ڪنهن ترقي پذير ملڪ ۾ ڪپڙي سبڻ جي فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندڙ آهي. هيءَ فيڪٽري اهڙيون شيون ٺاهي ٿي، جن تي ٽلهو متارو ڪوئو چپيل هوندو آهي. هن فيڪٽريءَ ۾ پورهيت جي پورهيي جي ڏاڙيءَ جو قدر 2 ڊالر آهي. اها اجرت گهٽو ڪري انهيءَ اجرت جي برابر آهي، جيڪا مختلف ملڪن ۾ قائم غير قومي ڪارپوريشنون مزدورن کي پورهيي جي معاوضي طور ڏيندیون آهن. اهي مزدور هڪ ڪلاڪ جي پورهيي مان هڪ ڊالر جي

برابر قدر تخليق ڪن ٿا. ۽ اهڙيءَ طرح اهي مزدور پنهنجي ڏهاڙيءَ جي پهرين ڪلاڪ ۾ ئي قميصون سبن ٿا. ۽ هڪ ڏالر جو قدر تخليق ڪن ٿا. ٻي ڪلاڪ ۾ به اهي ايترو ئي ڪم ڪن ٿا. تنهن ڪري اهي ٻن ڪلاڪن ۾ ڇهه قميصون سبي ونڻ ٿا ۽ ٻن ڏالرن جي برابر نئون قدر تخليق ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح اسان ڏسي ورتو ته اهو نئون قدر مزدورن جي پورهيي جي طاقت جي برابر آهي، يعني صرف ٻن ڪلاڪن جو پورهيو انهن جي پورهيي جي طاقت جي برابر قدر کي پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ جيترو پورهيو پوري ڏينهن ۾ صرف ٿئي ٿو اهو ان کي نئين حياتي بخشڻ لاءِ ڪافي آهي. انهن ٻن ڪلاڪن کي لازمي يا واجبي پورهيي جي مدت چئبو آهي. انهيءَ واجبي مدت جي دوران پورهيي جي طاقت جي کاپي کي واجبي پورهيو چئبو آهي. جيڪڏهن پورهيت اهو واجبي پورهيو نه ڪندو ته هو پنهنجي پورهيي جي طاقت جي کاپي کي نئين سر حياتي بخشي نه سگهندو.

واڌو پورهيي جي مدت ۽ واڌو پورهيو: جيئن ته سرمائيدار ويڪو شيءِ جي، ان سڄي ذخيري جو مالڪ هوندو آهي، جيڪو هڪ سرمائيدار اداري ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي؛ ان ڪري اهو ٻن ڪلاڪن ۾ تيار ٿيل سيئي قميصون وڪڻي؛ اهي به ڏالر واپس حاصل ڪري سگهندو آهي؛ جيڪي پورهيت کي ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح هو هڪ سينٽ به نٿو وڃائي، ۽ پنهنجو خرچ ٿيل پئسو سڄي وارڦير واري سرمائي ذريعي واپس حاصل ڪري ونڊندو آهي، ٻئي طرف ڪيس انهيءَ حد تائين کو فائدو به نٿو ٿئي، پر جيئن ته سرمائيدار نفعي جي حاصلات لاءِ ئي پيداوار ڪرائيندو آهي؛ ان ڪري اهو ٻن ڪلاڪن جي خاتمي تي پيداوار روڪي نه ڇڏيندو آهي؛ بلڪ هو ٻن ڪلاڪن جي واجبي پورهيي جي مدت کان پوءِ به پورهيت کان ڪم ڪرائيندو رهندو آهي. ائين ڪرڻ ان جو قانوني حق هوندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته هن پورهيي جي طاقت ۽ سڳهه خريد ڪئي هوندي آهي ۽ ان جي اجرت ڏني آهي، ۽ ان کي ان ڳالهه جي

اهڙي آزادي آهي تہ انهيءَ پورهيي مان حاصل ٿيندڙ استعمالي قدر کي جتي چاهي، استعمال ڪري سگهي ٿو. پورهيت انهيءَ ڳالھ جو پابند آهي تہ اهو انهيءَ عرصي دوران سرمائيدار جي تابعداري ڪري ۽ ان جي حڪم جي تعميل ڪري، جيڪڏهن هو ائين نہ ٿو ڪري تہ ان کي نوڪري ۽ ملازمت مان بيدخل ڪيو ويندو ـ ۽ پوءِ جيڪڏهن هو رستن ۽ گهٽين ۾ ڏکا ٽاپا کائيندو رهي ٿو تہ اهڙيءَ صورت ۾ هو نہ پنهنجو ۽ نہ پنهنجي خاندان جو گذر سفر ڪري سگهي ٿو.

ڪيترن ترقي پذير ملڪن ۾، هفتي ۾ 48 ڪلاڪ ۽ سال ۾ 50 هفتا ڪم ورتو ويندو آهي، جنهن جو مفهوم ۽ مطلب اهو آهي تہ مزدور ڏينهن ۾ 8 ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي، ان ڪري اها ڳالھ منطقي طور پاڻ مرادو سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي تہ ٽيڪسٽائل سلائي جي فيڪٽريءَ ۾، ڏهاڙي هڪ مزدور کان اٺ ڪلاڪ ڪم ورتو وڃي ٿو ۽ انهيءَ فيڪٽريءَ جو مالڪ ہن ڪلاڪن جي واجبي پورهيي جي مدت جي بجاءِ پورهيت کان 8 ڪلاڪ ڪم ڪرائيندو آهي. يعني 2 ڪلاڪ واجبي پورهيي جي مدت ۽ 6 ڪلاڪ واڌو پورهيو ڪرائيندو آهي. اهي 6 ڪلاڪ پورهيي جي واڌو مدت چورائيندو آهي. ہين لفظن ۾، واجبي پورهيي جي مدت کان وڌيڪ پورهيي جي مدت ۽ پورهيت واڌو پورهيي جي مدت ۾، جيڪو پورهيو ڪندو آهي، ان کي واڌو پورهيو سڏبو آهي. اهڙيءَ طرح اجرتي پورهيت جي ڪم جي ڏهاڙيءَ جا وقت ہن حصن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. (1) واجبي پورهيي جي مدت، (2) واڌو پورهيي جي مدت. هيئيون ڏيڪاريل خاڪو انهيءَ ورهاست جي وضاحت ڪري ٿو:



ڏهاڙيءَ جي مدت دوران پورهيي جي شڪل هينئن ٻيهندي:



زائدقدر: واجبي پورهيي جي مدت وانگر واڌو پورهيي جي مدت دوران بہ پورهيت پنهنجي ٺوس حقيقي پورهيي جي ذريعي استعمالي قدر پيدا ڪندو آهي؛ ۽ پنهنجي مجرد محنت جي ذريعي زائد قدر بہ پيدا ڪندو آهي. هو جيتريءَ رفتار سان ڪم ڪندو آهي؛ پيداوار ۾ پورهيي جي شدت ۾ سختي بہ ايتري هوندي آهي ۽ ايتري ئي واجبي پورهيي جي مدت دوران بہ ٽيندي آهي. اهڙيءَ طرح پورهيت 6 ڪلاڪن جي واڌو پورهيي دوران جيڪڏهن 18 قميصون تيار ڪري ٿو 3+6=18) تہ انهن 6 ڪلاڪن ۾ هو ويڪو شين ۾ ڇهن ڊالرن جي برابر نئين قدر کي پيدا ڪندو آهي. (1 ڊالر+ 6 ڪلاڪ= 6 ڊالر) اهو نئون قدر انهيءَ قدر ۾ اضافو ڪندو جيڪو پهرين حاصل ڪيل هوندو آهي. انهيءَ کي ئي زائد قدر چوندا آهن.

مٿئين مثال مان واضح ٿئي ٿو تہ اجرتي پورهيت ماڻهن جو وڏيڪ پورهيو ئي زائد قدر جو سرچشمو آهي، ۽ صرف اجرتي پورهيت ئي انهيءَ قدر جا تخليقڪار آهن. پر اهو پورهيتن جي هٿن ۾ نہ ايندو آهي. انهيءَ مان هڪ ٽڪو بہ مزدورن کي ڪونہ ملندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سرمائيداري ڪاروبار مان تيار ٿيل شيون سرمائيدار جي ملڪيت هونديون آهن؛ ان ڪري پورو زائد قدر سرمائيدار جي ئي هٿ چڙهندو آهي. جڏهن تہ زائد قدر تي سرمائيدار جو ڪوبہ خرچ نہ لڳندو آهي ۽ نہ وري هو ان جي ڪا ادائگي ئي ڪندو آهي. اهو ڪيس مفت ۾ حاصل ٿيندو آهي.

ثابت ٿيو تہ زائد قدر اهو قدر آهي، جيڪو پورهيت پنهنجي پورهيي جي وڏيڪ مدت جي دوران پيدا ڪندا آهن؛ پر جنهن کي سرمائيدار ڦٻائي ويندو آهي. اِهو اُهو قدر آهي، جيڪو پورهيت پيدا ڪندا آهن، ۽ جيڪو انهن جي واجبي پورهيي جي طاقت جي قدر کان وڏيڪ هوندو آهي. اهو مزدورن جي انهيءَ پورهيي جو ثمر آهي؛ جنهن جي ڪين ڪابہ اجرت نہ ڏني ويندي آهي ۽ اهو ئي زائد قدر سرمائيدارن جي مال، ملڪيت ۽ دولت جو سرچشمو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح زائد قادر ئي سرمائيدار طبقي ۽ پورهيت طبقي جي وچ وارن پيداواري رشتن ۽ معاشي

ٻنڊڻ جي عڪاسي ڪندو آهي. سرمائيداري نظام جو بنياد ان تي بيئل هوندو آهي. جنهن مطابق سرمائيدار زائد قدر کي هڙپ ڪري انهيءَ مان فائدا حاصل ڪندا آهن.

زائد قدر جو مادي اظهار واڌو پورهيي ذريعي ٿيندو آهي. جنهن مطابق سڌيءَ ريت پيداواري عمل ۾ شامل اصل پيداوار ڪندڙ ماڻهو ضروري يا واجبي پيداوار کان سواءِ به ڪا پيداوار ڪندا آهن. جنهن کي واڌو پيداوار چئبو آهي. زائد قدر ۽ واڌو پيداوار هڪ ڳالھ نہ هوندي آهي. انهن ۾ پهريون فرق تہ اهو هوندو آهي تہ زائد قدر قدر هوندو آهي. جڏهن تہ واڌو پيداوار استعمالي قدر هوندو آهي. ٻيو تہ واڌو پيداوار ٺوس ۽ حقيقي پورهيي جو نتيجو هوندي آهي. جڏهن تہ زائد قدر مجرد محنت جو نتيجو هوندي آهي. آخريءَ جي پيٽ ۾ واڌو پيداوار ترقي يافتہ معاشري ۾ پيدا ڪئي ويندي آهي ۽ زائد قدر رڳو سرمائيدار معاشري مان روڙيو ويندو آهي. زائد قدر واڌو پيداوار جي فقط هڪ شڪل آهي. جيڪا اجرتي پورهيي جي پيداوار هوندي آهي. پر ان کي اهي سرمائيدار لڳائي ويندا آهن. جيڪي ٻين طبقن کي ڇورن وانگر چمبڙي سندن خون چوسيندا رهندا آهن.

اهڙيءَ طرح سرمائيدار نہ رڳو زائد قدر کي ڦٻائيندا آهن پر گڏوگڏ غاصبانيءَ والار جي انهيءَ ئي هڪ حملي ۾ واڌو پيداوار بہ هڙپ ڪري ويندا آهن. سرمائيدارن کي پنهنجي سرمائيداري ڪاروبار جي سڄي پيداوار تہ ملندي آهي پر واڌو پيداوار بہ انهيءَ ئي پيداوار جو اڻ ٽُٽندڙ حصي طور بہ هٿ چڙهندي آهي ۽ پوءِ انهيءَ پيداوار کي وڪري ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيس روڪڙيءَ رقم جي صورت ۾ زائد قدر بہ حاصل ٿي ويندو آهي. ٻيءَ صورت ۾ واڌو پيداوار (استعمالي قدر جي مجموعي طور) خريدار جي هٿ چڙهي ويندي آهي. جيڪو ئي انهن شين جي استعمالي قدر مان فائدو حاصل ڪندو آهي.

سرمائيداري استحصال جو هٿيو: زائد قدر واري پيداوار ۾ انهيءَ تي والار ئي سرمائيداري استحصال جو هٿيو ۾ بنياد آهي. سرمائيدار جتي پورهيت جو استحصال ڪندو آهي، اتي پورهيت کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ب ڪندو آهي ته اهو پنهنجي پورهيي جي طاقت جي قدر جي برابر پيداوار ڪرڻ کان پوءِ ب اڃا وڌيڪ وقت تائين پورهيو ڪندو رهي. سرمائيدار پيداواري ذريعن تي پنهنجيءَ ملڪيت جي حق جي زور تي پورهيت جي پورهيي جي پراپت ۾ ٿمر کي مڪمل طور تي پاڻ ڦهائي ويندو آهي.

سرمائيدار جنهن زائد قدر کي پنهنجي هٿ يا ذاتي ملڪيت ۾ ونندو آهي، ان جو مقدار ڪٽي ڪيترو ب گهٽو چونہ هجي، پر بنيادي ڳالهه اها آهي ته سرمائيداري استحصالي نظام جي رشتن ۾ ناتن جي تاڃي پيٽي جي صورت گري ۾ جوڙجڪ قدر جو قانون ئي ڪندو آهي ۾ زائد قدر جسامت ۾ مقدار قدر جي قانون جي نفعي نٿو ڪري سگهي. جيتوٽيڪ هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته سرمائيدار پيداواري ذريعن ۾ پورهيتن جي پورهيي جي طاقت خريد ڪرڻ وقت ويڪو شين جي قيمت جي ادائگي ب ڪندو آهي، ۾ اهڙيءَ طرح پنهنجي ڪاروبار ۾ تيار ٿيندڙ ويڪو شين کي انهن جي قدر ۾ قيمت جي حساب سان وڪڻندو آهي. خريد ۾ فروخت جي اهڙن قدمن ۾ سرگرمين جي هم قيمتي ۾ هڪ سرائي ۾ سماج ۾ شين ۾ روڪڙيءَ رقم جي رشتن ناتن جي هلت چلت، انهيءَ ڏيتي ليتيءَ جي پويان مخفي ۾ لڪل سرمائيداري استحصال جي پرده پوشي ڪن ٿا ۾ اهڙيءَ طرح انهيءَ ٻاهرين ڏيک موجب پورهيت پڻ سرمائيدار وانگر آزاد آهي ۾ برابريءَ وارن حقن جو مالڪ آهي. ظاهري طور ائين لڳندو آهي ته سرمائيدار ۾ پورهيت آزادانہ ۾ رضاڪارانہ طور تي پنهنجي پنهنجي هڪ جهڙيءَ قيمت وارين شين جي ڏي وٺ ڪن ٿا ۾ انهيءَ ۾ ٻئي آزاد ۾ خودمختيار آهن. اِها ڳالهه صحيح آهي ته زائد قدر پيداواري ذريعن ۾ پورهيي جي طاقت جي خريد ۾ ڪاروباري اداري جي پيدا ڪيل پيداوار جي وچ واريءَ هم قيمتي ۾ همسريءَ جي توازن ۾ بگاڙ

جو نتيجو نہ هوندو آهي. ۽ نہ وري زائد قدر جي ماهيت اها آهي تہ اهو شين کي انهن جي قدر کان وڌيڪ وڪڻي يا انهن کي سندن قدر کان گهٽ خريد ڪري حاصل ڪيو ويندو آهي. پر اصل حقيقت اها آهي تہ زائد قدر انهيءَ ڪري پيدا ٿو ٿئي. جو سرمائيدار هڪ خاص ويڪو شيءِ وڪڻي ٿو يعني هو پورهيي جي قوت خريد ڪري ٿو ۽ ان جي استعمال دوران. هو (سرمائيدار) پورهيت کي مجبور ڪري ٿو تہ اُهو پنهنجي پورهيي جي قوت ۽ سگهہ جي قدر کان وڌيڪ ۽ وڌيءَ جسامت ۽ مقدار واري نون قدرن کي کيس مفت ۾ پيدا ڪري ڏيئي. اهو ئي سبب آهي. جو پورهيت ۽ سرمائيدار ۾. پورهيي جي قوت ۽ سگهہ بابت اڳهہ پار ۽ ڏاڙي اجرت جي ڏيتي ليتي بظاهر قانوني لحاظ کان برابري وارو معاهدو لڳي ٿو پر ان جي پٺيان پيداواري رشتن ۽ ناتن ۾ لڪي ويڙل اڻ برابري واضح نموني سان نظر ايندي آهي. سرمائيدار پاڻ پورهيو نہ ڪندو آهي. جڏهن تہ پورهيت سخت ترين پورهيو ڪندو آهي. سرمائيدار پورهيت جو استحصال ڪندو آهي. ۽ ان کان وڌيڪ ڪم بنا معاوضي ڏيڻ جي ڪرائيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ پورهيت جي پورهيي جو بنا معاوضي وارو حصو ئي زائد قدر پيدا ڪندو آهي. جنهن زائد قدر کي سرمائيدار ڦهائي ويندو آهي. جڏهن تہ پورهيت کي ان جي عيوض ۾ ڪجهہ بہ نہ ڏنو ويندو آهي. کيس (پورهيت کي) پنهنجي طاقت ۽ قوت جو قدر پهرين ئي ڏئي ڇڏبو آهي. اهڙيءَ طرح سرمائيداري نظام جي قانون ۾ انهيءَ قدر يا نالي ماتر اجرت کانسواءِ پورهيت جو باقي ڪنهن شيءِ تي ڪو حق نہ هوندو آهي.

سرمائيدار جي هٿان اجرتي پورهيت جو اهو استحصال پنهنجي اساسن ۽ بنياد ۾ ظالماڻو ۽ بي دردي وارو آهي. سرمائيدار پورهيت جي جسماني صلاحيت، صحت يا ڪنهن بہ قسم جي عزت نفس جو ڪوبہ لحاظ نہ ڪندا آهن. اهو ئي پٿر دل جهڙو محرڪ هوندو آهي. جيڪو سندن روح ۽ ذهن کي کوکلو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پورهيت کي وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سمووا هٿ آيل وسيلا ئي

سرمائيدار جي پيرن ۾ آڻي ڦٽا ڪيا ويندا آهن. ۽ انهيءَ جي بنياد تي وڌ ۾ وڌ زائد قدر جي پيداوار ۽ روڙ ڪئي ويندي آهي.

سرمائيداري سماج جا حامي، انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ ۾ لڳل رهندا آهن، ته سرمائيداري نظام ۾ استحصال جي نالي واري ڪابه شئي وجود نٿي رکي؛ بلڪ سرمائيدار به هڪ پورهيت ماڻهو ئي آهي ۽ ايترو ئي سخت پورهيو ڪندو آهي، جيترو هڪ پورهيت ڪندو آهي. چون ٿا ته جيئن ته مزدور توڙي سرمائيدار پيداوار ۾ مختلف ڪم سرانجام ڏين ٿا، يعني مزدور سڏيءَ ريت محنت ٿو ڪري ۽ سرمائيدار انتظامي ڪم ٿو ڪري، ان ڪري بنهي کي پنهنجو پنهنجو صلو ملندو آهي. يعني پورهيت کي اجورو ۽ سرمائيدار کي منافعو ملندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو بورزوا نظرياتي تشريح ۽ سمجهاڻيءَ مطابق سرمائيدار جو منافعو سرمائيداري استحصال ۽ پرماريت جو نتيجو ناهي، بلڪ ان جي پنهنجي پورهيي جو جائز "اجر" آهي. اهڙيءَ طرح اِهو اُهو انعام آهي، جيڪو سرمائيدار کي پنهنجي انهيءَ قسم جي ڪاروباري صلاحيتن ۽ ٽيڪنڪي جديديت جي عيوض ۾ ملندو آهي. جيڪي ڳالهيون هو پنهنجي اداري ۾ متعارف ڪندو يا ڪتب آڻيندو آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته پيداوار جي عمل ۾ شراڪت جا اهي ٻئي قسم ساڳي معيار جا ناهن. ڇاڪاڻ ته سرمائيدار هڪ پورهيت جيان پورهيو نه ڪندو آهي، ۽ نه هو پيداوار سان لاڳاپيل ڪم سرانجام ڏيندو آهي، ۽ نه وري سرمائيدار پيداوار جي ٻاهه جوڙ ۽ بندوبست ۾ ڪو واضح حصو ونندو آهي. اهڙن ڪمن لاءِ هو انجنيئرن ۽ انتظام ڪندڙن کي اجرت تي ملازم رکندو آهي. سرمائيدار صرف هڪڙو ڪم ڪندو آهي اهو هيءَ ته گهٽي کان گهٽي زائد قدر جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪري مزدورن جو استحصال ڪندو آهي.

اها دعويٰ به بي بنياد ۽ اجائي آهي ته نفعو اصل ۾ سرمائيدار جي ادائگي ڪفايت شعاريءَ جو انعام آهي يا انهيءَ "ديرمدار" جو نتيجو آهي، جنهن جي دوران سرمائيدار پيداوار ۾ پنهنجي سرمائي جي لاڳت

مان ملندڙ منافعي جو انتظار ۽ اوسيڙو ڪندو آهي ۽ مختلف قسم جي پريشانين ۽ خدشن جو شڪار رهندو آهي. جيڪڏهن ڏکن ڏاکڻن ۽ فڪرمندين جو صلو ايڏو عاليشان ملي سگهي ٿو تہ پوءِ بيروزگار ماڻهو ئي سرمائيداري سماجي نظام جا امير ترين ماڻهو هجڻ گهرجن! ڇاڪاڻ تہ بيروزگار ماڻهو ئي، پنهنجي غير يقيني زندگيءَ ۽ سياڻپ جي انديشن ۽ وسوسن جي باري ۾ گهٽو گهيريل ۽ پريشان ترين ماڻهو هوندا آهن. بي روزگار ماڻهن کي سدائين اهو فڪر ۽ ڪٽڻي رهندي آهي تہ خبر ناهي تہ ڪهڙيون ڪهڙيون مصيبتون سندن انتظار ۾ اوسيڙڻي ۾ آهن. جڏهن تہ بيروزگارن جي بجاءِ سرمائيدار جيئن پوءِ تيئن امير کان امير تر ٿي رهيا آهن، ان کان سواءِ ڏٺو ويو آهي تہ سرمائيدارن ۾ ڪفايت شعاري ڪانہ هوندي آهي. اهي اجائي پئسي اڏائڻ ۾ ڪابہ دير نہ ڪندا آهن ۽ نہ وري اهي منافعي جي دير مداريءَ تي کو گهٽو پريشان رهندا آهن بلڪ ان جي برعڪس ڏٺو ويو آهي تہ اهي عياشين تي تمام گهٽو پئسو اُڏائيندا آهن ۽ پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي رکي عيش ۽ عشرتون ڪندا آهن. انهيءَ ڪوڙي ڪاڻيءَ جي ابتڙ سرمائيدارن جي زائد قدر جو ذريعو سندن نفس مارڻ ۽ سادگي نہ بلڪ اجرتي پورهيي جو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ استحصال ئي انهيءَ زائد قدر جو اصل سرچشمو آهي.

مٿين مثالن کي اتي ڇڏي هينيون مثال وٺون ٿا تہ هڪ فيڪٽريءَ ۾ 300 مزدور ڪم ڪن ٿا، اهي واجبي پورهيي جي مدت جي دوران 1800 قميصون (6×300=18) ٺاهين ٿا، ۽ 600 ڊالرن جو زائد قدر تخليق ڪن ٿا، جيڪو سندن پورهيي جي طاقت جي قدر جي برابر آهي. (2×300=600) اهڙيءَ طرح واڌو وقت ۾ هو 5400 قميصون جوڙي وٺن ٿا. (18×300=5400) يعني 1800 ڊالرن جو زائد قدر تخليق ڪن ٿا. (6×300=18) پورهيتن جي پورهئي جي ڏاڙي پيداوار جي نتيجي ۾ 7200 قميصون نڪرن ٿيون. (400+ 1800= 7200) انهن قيمتن جي مجرد محنت جي 2400 ڊالرن جي برابر نئين قدر جي لاڳت هوندي آهي. (6×1800=2400) اهڙيءَ طرح

سرمائيدارن جي هٿان فيڪٽريءَ جي اجرتي مزدورن جي استحصال جي نتيجي ۾ انهن 2400 ڊالرن مان 1800 ڊالر سرمائيدار ڦٻائي ويندو آهي.

نئوس ۽ پکي پورهيي ۽ پيداواري ذريعن جي، قدر جي منتقلي: ڇا روز تيار ٿيندڙ 7200 قميصن جو ڪل قدر (قيمت) 2400 ڊالرن جي برابر ٿئي ٿو؟ نه. اها قيمت اصل ۾ 2400 ڊالرن کان وڌيڪ ٿئي ٿي. ڇالاڻ هيءَ آهي ته پيداواري عمل جي دوران وارڦير واري سرمائي کانسواءِ سرمائيدار جو ٻيو به خرچ ٿئي ٿو ۽ هو پيداوار جي ذريعن کي خريد ڪرڻ لاءِ جامد ۽ مستقل سرمائي جي لاڳت به ڪندو آهي. ان ڪري سرمائيدار لاءِ پنهنجي مستقل سرمائي جي ڏاڙيءَ جي خرچن کي به پورو ڪرڻ ضرور هوندو آهي. نه ته ان جو ڏيوالو نڪرڻ شروع ٿي ويندو. ان باري ۾ هو ڪهڙا قدم کڻندو آهي؟ هن سوال جي جواب لاءِ نئوس ۽ پکي پورهيي تي غور ڪرڻ ضروري آهي. اسان ڏٺو آهي ته نئوس ۽ حقيقي پورهيو استعمالي قدر کي جنم ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته پيداواري عمل دوران پورهيت، پورهيي جي معروضن تي ڪم ڪرڻ لاءِ پيداواري اوزار استعمال ڪندو آهي؛ يعني مشينون ۽ اوزار ۽ ٻيو سامان سڙو استعمال ڪندو آهي. پورهيي جي معروض کي بدلائي نيون شيون تيار ڪندو آهي. مثال طور، جيئن اسان هن کان اڳ سلائي فيڪٽريءَ جو مثال ڏنو آهي ته ان ۾ پورهيت، هيٺيان پيداواري اوزار استعمال ڪندا آهن. جيئن سلائي جون مشينون، ڪٽڻچيون، لباس جون ڊزائنون ۽ قميصن تي تصويرن ڇاپڻ جا ٽپا وغيره. انهن اوزارن جي ذريعي پورهيت ڪپڙن جي ڪٽائي ڪندا آهن؛ ۽ پوءِ سلائي ڪندا آهن. جنهن لاءِ مختلف عملن جي دوران مختلف مواد استعمال ٿيندو آهي؛ مثال: ڪپڙن کي سبڻ لاءِ ڏاڪو آهي، قميصن تي تصويرون ڪڍڻ لاءِ رنگ آهي، مشين لاءِ تيل آهي، روشني آهي ۽ مشينن توڙي ٻين خودڪار اوزارن کي هلائڻ لاءِ بجلي آهي. فيڪٽريءَ جون عمارتون ۽ انهن ۾ پيل ٻيو سامان سڙو آهي ۽ اهڙيءَ طرح آمدورفت ۽ اڇ وڇ جا ذريعا وغيره به پيداواري عمل جي

دوران ڪم ايندا آهن. پورهيت ماڻهن جو ٿوس ۽ حقيقي پورهيو ئي پيداوار جي مادي جزن جي مجموعي قدرن کي ٿوس ۽ حقيقي شئي ۾ محفوظ ڪندو آهي. پورهيت انهن جزن جي قدر کي نئين تيار ٿيل شئي ۾ منتقل ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي مجرد محنت جي ذريعي نئين قدر جو اضافو ب ڪندا آهن. نئين استعمالي قدر جي تخليق ۾ جيترا پيداواري ذريعا کپندا ۽ خرچ ٿيندا آهن، انهيءَ مناسبت سان پيداواري ذريعن جو مجموعي قدر نئين شئي ۾ منتقل ٿيندو آهي. مثال طور ڪنهن مشين مان 10000 هزار شيون تيار ڪري سگهجن ٿيون، تنهن مان هرهڪ شئي ۾ مشين جي 10000/1 حصي جي لاڳت هوندي آهي. اهو ساڳيو حساب پورهيي جي ذريعن، سامان سڙي اوزارن، عمارتن ۽ بين سهوليتن وغيره تي ب لاڳو ٿيندو آهي. تنهن هوندي ب ڪجي مال جي مقدار (قدرن) جي باري ۾ اها ڳالهه صحيح ناهي جيتوڻيڪ مشينون وغيره پائدار هونديون آهن پر ڪجي مال کي وري وري استعمال ڪري نٽو سگهجي، چاڪاڻ ته پيداوار جي دوران ڪجي مواد جو قدر مڪمل طور تي کپي ۽ خرچ ٿي ويندو آهي ۽ پورهيي جي نتيجي ۾ ان جو سڄي جو سڄو قدر نئين شئي ۾ مجسم ۽ محفوظ ٿي ويندو آهي.

سرمائيداري صنعت ۾ تيار ٿيل وکر جو قدر: مختصر طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته سرمائيداري صنعت مان تيار ٿيندڙ وکر جي قدر جا ٽي اهم جزا هوندا آهن.

1. هڪ پيداواري ذريعن ۽ وسيلن جو اهو قدر جنهن کي اجرتي مزدورن جو ٿوس ۽ حقيقي پورهيو تيار ٿيل شئي ۾ منتقل ڪري ڇڏيندو آهي، انهيءَ قدر جو پئماني يا ماڻ ۽ ماپو مستقل سرمائي جو اهو مقدار هوندو آهي، جيڪو ڪنهن شئي جي تياريءَ ۾ صرف ۽ خرچ ٿيندو آهي. جنهن کي علامتي طور (C) چئبو آهي.

2. اهو نئون قدر جيڪو واجبي پورهيي جي مدت دوران، موجود محنت جي تخليق هوندو آهي. اهو پورهيتن جي قدر جي برابر هوندو

آهي ۽ انهيءَ وارڦير واري سرمائي سان مطابقت رکندو آهي. جيڪو پورهيي جي طاقت ۽ سگهه جي خريداريءَ تي خرچ ٿيندو آهي، جنهن کي علامتي طور (V) چئبو آهي.

3. اِهو زائد قدر جيڪو پورهيي جي واڌو مدت جي دوران، پورهيتن جي مجرد محنت جو نتيجو هوندو آهي، جنهن کي علامتي طور (M) چئبو آهي.

اهڙيءَ طرح تيار ٿيل صنعتي وکر جو قدر به ٿيندو آهي، جنهن کي علامتي طور (W) چوندا آهن: ان جي ساخت ۽ بناوٽ جو اظهار هيٺئين ڏنل فارمولي تحت ڪري سگهجي ٿو: W=C+V+M_ هن ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ سلائي جي فيڪٽريءَ ۾ ٿيندڙ ڪم جو هڪ پيرو ٻيهر جائزو وٺڻ ضروري آهي، جنهن جو تجزيو مٿئين پيراگراف ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ اهو فرض ڪرڻ ضروري آهي ته فيڪٽريءَ جو جامد ۽ مستقل سرمايو= 442000 ڊالر آهي، جنهن جي ترتيب هيٺئين نموني جي آهي:

1. عمارتون ۽ سهوليتون: 180000 ڊالر
2. مشينون ۽ ٻيو سامان سڙو: 225000 ڊالر
3. ڪٽنچيون، سلائي جون ڊزائينون ۽ ٻيا اوزار: 18000 ڊالر
4. ڏاڙي ڪپڙي جو استعمال ۽ ڪاپو: 17000 ڊالر
5. ڏاڙي ڏاڳي ۽ رنگن وغيره تي ايندڙ خرچ: 1250 ڊالر
6. روزانو بجليءَ تي ايندڙ خرچ: 750 ڊالر

ڪُل خرچ: 442000 ڊالر

هن ڳالهه کي ذهن ۾ رکي سگهجي ٿو ته عمارتون ۽ سهوليتون 30 سالن جي مدت تائين استعمال ٿي سگهن ٿيون، مشينون ۽ ٻيو سامان سڙو 5 سالن جي اندر پنهنجي عمر پوري ڪري سگهن ٿا ۽ ڪٽنچيون ڪپڙن جون ڊزائنون ۽ ٻيا اوزار ٻن سالن ۾ بيڪار ٿي سگهن ٿا. ڏسڻو اهو آهي ته پورهيت ماڻهن جو ٿوس ۽ حقيقي پورهيو پيداوار جي ذريعن جي قدر جي ڪهڙي حصي کي قميصن جي ڏاڙيءَ واريءَ پيداوار ۾ منتقل ڪري ٿو.

هتي عمارتن ۾ ٻين سهوليتن کان شروعات ڪجي ٿي، جن لاءِ جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته، اهي شيون سرمائيدار کي ٽن سالن تائين ڪم ايندیون رهنديون ۽ اهڙيءَ طرح پورهيت ماڻهن جي هر سال جي پورهيي جي مدت 50 هفتا يا 300 ڏينهن آهي. (6 ڏينهن+ 50 هفتا= 300 ڏينهن) ۽ ڇاڪاڻ ته عمارتون ۽ ٻيون سهوليتون، 9000 هزارن ڏينهن تائين سرمائيدار کي فائدو پهچائيندیون رهنديون. (300 ڏينهن+ 30 سال= 9000 ڏينهن) تنهن ڪري پورهيت هڪ ڏينهن ۾ عمارتن ۽ ٻين سهوليتن جي قدر جي 9000/1 حصي کي تيار ٿيل صنعتي مال ۾ منتقل ڪري سگهن ٿا. جيڪو قدر 20 ڊالرن جو آهي. (80000 ڊالر÷9000 ڏينهن= 20 ڊالر)

اهڙيءَ طرح سلائي ۽ رنگن جون مشينون 5 سالن يا 1500 ڏينهن تائين ڪم ڪري سگهن ٿيون. (300 ڏينهن+ 5 سال= 1500 ڏينهن) هن طرح ضروري ٿئي ٿو ته پورهيت ماڻهو انهيءَ جي قدر جو 1/1500 حصو ڏهاڙي تيار ٿيل صنعتي وکر ۾ منتقل ڪن، جيڪو قدر 150 ڊالر هڪ ڏينهن جو ٿئي ٿو. (225000 ڊالر÷ 1500 ڏينهن= 150 ڊالر) ائين ڪنڪچين ۽ ٻين اوزارن تي به اهو اصول لاڳو ٿئي ٿو. جيڪي ٻن سالن يا 600 ڏينهن تائين ڪم ڏئي سگهن ٿا. (300 ڏينهن+ 2 سال= 600 ڏينهن) انهيءَ جي قدر جو 1/600 حصو يعني 30 ڊالر ٿئي ٿو. (18000 ڊالر÷ 600 ڏينهن= 30 ڊالر)، جيڪو ڏهاڙي قميصن ۾ منتقل ٿيندو.

پورهيت ماڻهن جي ٽوس ۽ حقيقي پورهيي جي نتيجي ۾ ڪچي مال ۽ بجليءَ جو قدر مڪمل طور تي تيار ٿيل صنعتي وکر جي قدر ۾ شامل ٿي ويندو آهي. هن مثال جي حساب سان، انهيءَ ۾ ڪپڙي جي خريداريءَ تي خرچ ٿيل 17000 ڊالر، ڏاڳي ۽ رنگ وغيره تي خرچ ٿيل 125 ڊالر، ۽ بجليءَ تي خرچ ٿيل 750 ڊالر شامل آهن. اهڙيءَ طرح سلائي جي فيڪٽريءَ جي مزدورن جو پورهيو ۽ پيداواري ذريعن تي لاڳت جو قدر يعني 9200 ڊالر به روزانو تيار ٿيندڙ صنعتي وکر ۾ منتقل ٿيندو آهي. انهيءَ قدر کي هيٺ ڄاڻايل جزن ۽ حصن ۾ جدا جدا ورهائي سگهجي ٿو.

1. عمارت ۽ ٻين سهوليتن جي قيمتن ۾ لاڳ: 20 ڊالر
2. مشينن ۽ ٻئي سامان جي قيمت ۾ لاڳ: 150 ڊالر
3. ڪئنچين ۽ ٻئي سامان جي قيمت ۾ لاڳ: 30 ڊالر
4. اڳ سبيل ڪپڙن تي آيل خرچ: 17000 ڊالر
5. ڏاڪڻ، رنگن ۽ ٻئي مواد تي آيل خرچ: 1250 ڊالر
6. بجليءَ تي آيل خرچ: ء ڊالر

ڪُل خرچ: 19200 ڊالر

هن حساب ڪتاب مطابق قميصن جي ڏهاڙي پيداوار ۾ 4200 ڊالرن جي نئين قدر جو اضافو ٿئي ٿو. تنهن ڪري ڪُل قدر 21600 ڊالر ٿئي ٿو. (19200 ڊالر+ 2400 ڊالر= 21600 ڊالر) مٿي ڄاڻايل علامتن تحت انهيءَ قدر جي جزن ۽ حصن جي عڪاسي هن ريت ٿي سگهي ٿي.

(21600=M1800+V600+C17200=)

هاڻ سولائي سان هڪ قميص جو قدر ڪڍي سگهجي ٿو. انهيءَ مقصد لاءِ جيڪڏهن قميصن جي ڪُل قدر (21600 ڊالر) کي قميصن جي ڏهاڙيءَ جي تعداد (720) سان ونڊجي ته هڪ قميص جو قدر ملي ويندو. جنهن حساب سان هڪ قميص جو قدر 3 ڊالر ٿئي ٿو.

زائد قدر جي حقيقت پذيري يا وصولي: جيئن ئي مصنوعات ۽ ويڪو شيون تيار ٿيندیون آهن، سرمائيدار انهن کي ٻڌي يا ريزڪي اڳهه تي وڪري لاءِ منڊيءَ ۾ مارڪيٽ ۾ پهچائي ڇڏيندو آهي. سرمائيدار مصنوعات يا وکر کي ڪنهن مخصوص اڳهه تي وڪرو ڪندو آهي، جيڪو انهن جي قدر جي برابر هوندو آهي. مثال مطابق سلائي جي فيڪٽريءَ جو مالڪ 7200 قميصن کي جيڪڏهن في قميص ٽن ڊالرن جي حساب سان وڪڻندو آهي ته ان جي نتيجي ۾ کيس 21600 ڊالر حاصل ٿيندا آهن. (3 ڊالر+ 7200=21600 ڊالر). جيئن ته اها مصنوعات يا وکر سرمائيدار جي ملڪيت هوندو آهي، ان ڪري حاصل ٿيل رقم به ان جي ئي ملڪيت ٿيندي آهي. انهيءَ رقم سان پورهيت ماڻهن جو

کوبہ تعلق نہ هوندو آهي. انهن پنهنجي جيڪا شئي وڪي هئي، يعني پنهنجي پورهيي جي قوت ۽ سگهہ سرمائيدار کي وڪي هئي، ان جو معاوضو کين اڳ ۾ئي مليل هوندو آهي.

سرمائيدار انهيءَ رقم کي ڇا ڪندو آهي؟ اول تہ هو انهيءَ رقم مان پنهنجا خرچ پورا ڪندو آهي؛ جيستائين سلائيءَ جي فيڪٽريءَ جو تعلق آهي تہ اهي روزانو خرچن جي حساب ۾ 19200 ڊالر مستقل سرمائي جي لاڳت جا هوندا آهن ۽ 600 ڊالر في ڏهاڙيءَ جي حساب سان وارڦير واري سرمائي جي لاڳتن جا هوندا آهن؛ سرمائيدار مصنوعات ۽ وکر جي وڪري مان حاصل ٿيل رقم مان 19800 روپيا پيداواري خرچ جا ڪيندو آهي؛ انهيءَ سڄيءَ مليل رقم يعني 21600 ڊالرن مان ان وٽ 1800 ڊالر صافي بچندا آهن. اِها اُها رقم هوندي آهي، جيڪا سرمائيدار کي زائد قدر جي وڪري جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندي آهي. اِهو اُهو نقطو آهي، جتان پورهيت جي معاوضي واري پورهيي، جي پيداوار جو زائد قدر روڪڙيءَ رقم جي شڪل وٺي، سرمائيدار جي جهوليءَ ۾ ڪيسي ۾ پوندو آهي ۽ سرمائيدار انهيءَ رقم جو بنا ڪنهن ٻئي غير جي شرڪت جي اڪيلو مالڪ هوندو آهي. هو انهيءَ رقم کي ڦٻائڻ کان پوءِ انهيءَ ڳالهہ ۾ آزاد هوندو آهي تہ هو ان کي جيئن وڻيس، ائين کپائي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح سرمائيدار زائد قدر کي ڦٻائي اجرتي مزدورن جي پورهيي تي پلجندو آهي.

زائد قدر جي حاصلات، سرمائيدار پيداواري طريقي جو مول ۽ متو آهي:

سرمائيداري پيداواري طريقي جو آخري هدف ۽ اولين سبب اهو ئي آهي تہ زائد قدر کي هر حال ۾ ڪمايو وڃي؛ سرمائيداري پيداوار ڪئي ئي ان لاءِ ويندي آهي تہ زائد قدر کي حاصل ڪيو وڃي ۽ سرمائيدار انهيءَ هدف جي مطابقت سان ئي پنهنجون سڀ سرگرميون جاري رکندو آهي. زائد قدر ئي بورزوازيءَ جي منزل مقصود جي صورت گري ۽ شڪل ٺاهيندو آهي ۽ سرمائيداري پيداوار جي ترقي ۽ واڌ جي دڳ جو تعين

ڪندو آهي. سرمائيدار کي صرف انهيءَ ڳالهه جو فڪر ۽ ڳڻتي هوندي آهي ته ان کي زائد قدر ملي ٿو يا نه ۽ ان کي ان ڳالهه سان ڪابه دلچسپي نه هوندي آهي ته قميصون ٽيون ٺهن، ائٽمي توانائي گهر ٿو ٺهي، مشيني اوزار ٽا ٺهن يا ٽوٽ پيسٽ ٽي ٺهي، ان کي صرف هڪڙي ئي لوري لڳل هوندي آهي ته پيداوار مان فائدو ٽئي ٿو ۽ ذاتي منافعي جي طمع پوري ٽئي ٽي يا نه؟ بيءَ ڪنهن ڳالهه سان هن جو نه "ڊول هوندو آهي ۽ نه چمٽو."

زائد قدر لاءِ اها ڊوڙ ڊڪ، ڪڏهن به پنهنجي دنگ تي پهچڻ جي نه ڪندي آهي. سرمائيدار پنهنجي زائد قدر ۽ منافعن جي وڌائڻ لاءِ هرڪو ڪڏو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ جيئن ته هن جو گذارو ئي پورهيتن جي استحصال تي هوندو آهي، ان ڪري انهن مان وڌ ۾ وڌ زائد قدر روڙ ڪرڻ لاءِ سندن واڳون ڇڪي ۽ تاٽي رکندو آهي. زائد قدر جا امڪان جيترا قوي ۽ طاقتور هوندا آهن، سرمائيدار ايترو ئي سرگرم، پرجوش ۽ بي رحم ٽيندو ويندو آهي. انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي برطانوي ٽريڊ يونين ليڊر تي وڃي دنگ رکيو آهي ته: "سرمايو بنا يا گهٽ منافعي وارن ڪمن کان پرهيز ڪندو آهي." بلڪل ائين، جيئن ماضيءَ ۾ ڇٻبو هو ته فطرت خلاءِ کي برداشت نٿي ڪري، جيڪڏهن منافعو ٽيڪ ٽاڪ آهي ته سرمايو فائديمند ٽي پوندو آهي، جيڪڏهن ڪٽي 10 سيڪڙو منافعو يقين وارو آهي ته سرمايو به اڇي پهچندو آهي. منافعو 20 سيڪڙو آهي ته سرمائيڪاريءَ ۾ سرگرمي اڇي ويندي آهي، جيڪڏهن ڪٽي 50 سيڪڙو منافعو آهي ته سرمايو بيباڪ ٽي ويندو آهي. 100 سيڪڙي منافعي جي عيوض ۾، سرمايو سمورن انساني قانونن ۽ قائدن کي کي پٽيءَ جي پٽيان بالائي طاق رکي اڇلائي ڇڏيندو آهي، ۽ 300 سيڪڙي واري منافعي تي ته ڪوبه اهڙو ڏوهه نه هوندو آهي، جنهن تي سندس ضمير ڪيس لعنت ملامت ڪندو آهي ۽ نه وري اهڙو ڪو خطرو هوندو آهي، جنهن ۾ اهو منهن نه وجهندو آهي. ويندي، اهڙي خطري کڻڻ لاءِ به تيار ٽي ويندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ان جو مالڪ سرمائيدار قاسيءَ جي

تختي تي چڙهي ويندو آهي. زائد قدر جي ڏک ڏوڙ ئي سرمائيداري پيداوار جي جسامت، مقدار ۽ اقتصاديات جي مختلف شعبن ۾ پيداواري ذريعن ۽ افرادي قوت جي ورهاست جي نوعيت ۽ نموني کي متعين ۽ مقرر ڪندي آهي. سرمائيداري اقتصاديات جي ڍانچي ۽ اڏاوت ۾ تبديلين جي لاءِ رغبت ۽ چاهه زائد قدر ئي فراهم ڪندو آهي ۽ زائد قدر ئي اهو فيصلو ڪندو آهي ته منافعي خوريءَ وارين صنعتن کي وڌايو وڃي ۽ اهي صنعتون گهٽايون وڃن، جن ۾ ڪنهن به سبب جي ڪري زائد قدر جي حاصل ڪرڻ جا موقعا گهٽجي رهيا آهن. زائد قدر ئي اهڙين نئين ويڪو شين جي تياريءَ جي لاءِ نئين صنعتن جي قائم ڪرڻ جو پهريون ۽ آخري جواز پيدا ڪندو آهي، جن ۾ سرمائيدار ڪڙپيلن کي وڌيڪ منافعي جي اميد هوندي آهي. زائد قدر ئي اهو محرڪ هوندو آهي، جنهن جي ڪري سرمائيدار پيداوار کي وڌائيندو آهي ۽ جيڪو ئي ڪيس اُتساهيندو آهي ته هو نئين مشينن، نئين ڪچي مال ۽ پورهيي جي طاقت ۽ سگهه تي لاڳيتو خرچ کي وڌائيندو رهي، جيڪڏهن ڪا پيداوار غير منافعي واري ٿي ويندي آهي ته زائد قدر جي اهائي لالچ ۽ لوڀ، سرمائيدار کي ڪاروبار کي بند ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي ۽ هُو مزدورن کي ڪارخاني مان نيڪالي ڏئي ڇڏيندو آهي. چو ته ان لاءِ اهي ڪنهن ڪم جا نه رهندا آهن. اهڙيءَ طرح سرمائيدار کي زائد قدر جي روڙڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جن مزدورن جي ضرورت نه رهندي آهي، اهي بيروزگار ٿي ويندا آهن ۽ بک ۽ مصيبتون انهن کي گهيري ويندیون آهن. جيڪڏهن مزدورن جون پيدا ڪيل ويڪو شيون وڏو منافعو ڏئي نٿيون سگهن، ته سرمائيدار انهن کي وڪڻندو ئي ڪونهي ۽ نه وري سندس ذهن ۾ اها ڳالهه ايندي آهي ته هو اهي شيون ضرورتمندن کي ڏئي ڇڏي. رهندو هو انهن شين کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو آهي يعني وتائي جي چوڻ مطابق "مئل سمائيندو آهي پر ڏڪڻهن کي ڏيندو ڪونه آهي."

اهڙيءَ طرح زائد قدر واري خواهش سرمائيدار کي نئين ٽيڪنالاجيءَ کي ميدان ۾ آڻائيندي آهي. نئين ٽيڪنالاجي آمدنيءَ کي وڌائيندي آهي

ءِ پيداواري قوتن جي ترقيءَ جو سبب ٿيندي آهي، پر جڏهن اها ساڳي نئين ٽيڪنالاجي سرمائيداريءَ جي منافعي خوريءَ کي نقصان ڏيندي آهي ءِ ان جي نتيجي ۾ سندس ڪاروباري مخالفن جي زائد قدر جي اضافي جو امڪان پيدا ڪندي آهي تہ اهو ئي ساڳيو سرمائيدار ترقيءَ ءِ پيداواري عمل ۾ سائنسي نواڻ جو وڏي ۾ وڏو دشمن بنجي پوندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ هو نئين ٽيڪنالاجيءَ کي ٻين کان لڪائيندو آهي ءِ ان کي راز ءِ ڳجهہ ۾ رکي ڦهلاءُ کي روڪيندو آهي ءِ نئين ٽيڪنالاجيءَ جا حق ءِ واسطا خريد ڪري پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيندو آهي ءِ ائين سائنسي ڪوجنائن ءِ ٽيڪنڪي ترقيءَ کي پابند بنائي ڇڏيندو آهي، جتي اهي گمناميءَ جي غار ۾ پيون هوندیون آهن.

زائد قدر جي لالچ ءِ لوپ ئي سرمائيداري پيداواري رشتن ءِ ناتن جي ترقيءَ جون راهون مقرر ڪندي آهي. زائد قدر جي واڌ ويجهہ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سرمائيدارن جي جائداد توڙي سرمايو بہ وڌندو آهي. سرمائي جي واڌاري لاءِ سرمائيدار هڪ ٻئي سان هٿ ۾ هٿ ملائي هلندا آهن، ءِ اهڙيءَ طرح گڏيل مفادن تي ٻڌل معاهدا ڪري، اجاري داريون ءِ هڪ ٻئيون قائم ڪندا ءِ ڇٽ جوڙ ناهيندا آهن. هر سرمائيدار پنهنجي مخالف جون پاڙون پٽڻ لاءِ ءِ جيڪڏهن پاڻ پيڙو ڏيندو اٽس تہ معاشي تباهي ءِ بربادیءَ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪندو آهي. جيڪڏهن وٽس ڪڏهن پئسي پنجڙ جي ڪمي ءِ ڳهتتائي ٿي پوندي آهي تہ پنهنجي انميءَ ذاتي فائدي جي لالچ ءِ لوپ لاءِ اوڏر سوڏر بہ ڪٽندو ءِ وڌندو رهندو آهي، پر جيڪڏهن وٽس وڌيڪ پئسو اچي ويندو آهي تہ وياج خوري ڪندي دير بہ نہ ڪندو آهي. سندس ديانتداري ءِ ايمانداري ڪک پن ٿي اُڏامي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح هر سرمائيدار خطري واري خريد ءِ فروخت ءِ فريب ڪاريءَ واري ڏيتي ليتي بہ ڪندو آهي تہ شين ءِ ڏوکڙن جي ستي بازي بہ ڪندو آهي. مختصر اهو تہ هر قسم جي انتهائي ناخوشگوار ءِ ڏکار جوڳين ڪاروباري معمن ۾ ملوث رهندو آهي، جڏهن تہ قدرتي وسيلن جو لاڀيتو بيدرديءَ وارو استعمال، ڏرتي ءِ ان جي

ماحول لاءِ ڏاڍو نقصانڪار آهي ۽ ٻئي طرف سرمائيداري رشتن ۽ ناتن جي محتاج آدم طور فطرت روز بروز وڌي رهي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اها وڌيڪ عوام دشمني ۽ انسان دشمني اختيار ڪندي، سماجي ترقيءَ جي تقاضائن جي مخالفت ۾ ويڄي رهي آهي.

زائد قدر جي لالچ ۽ لوپ ئي اهو محرڪ آهي، جيڪو سرمائيداريءَ کي هڪ ئي پاسي ڏي ڏکيندو ۽ ڪاهيندو رهي ٿو ۽ اهي لاڳيتو انميءَ رخ ۾ وهندي صنعتي مزدورن توڙي پورهيت عوام جي مفادن کي لتاڙيندا ويڄي رهيا آهن. پورهيت عوام جو استحصال هونئن ئي تمام گهڻو شديد ٿي رهيو آهي، پر جيئن جيئن سرمائيدار زائد قدر کي وڌائيندا ۽ پنهنجي انتها تائين پهچائيندا رهن ٿا، تيئن تيئن پورهيت عوام جو استحصال وڌيڪ ناقابل برداشت ٿيندو رهي ٿو. ٻئي پاسي سرمائيدار ان وقت تائين ڪفايت نٿو ڪري سگهي، جيستائين اهو مزدورن جي جسم مان رت جو آخري ڦڙو چوسي نٿو وڃي. سرمائيدار کي انميءَ ڳالهه کان ڪابه بچان نه ايندي آهي، ته ڪو انميءَ جا طور طريقا ڏالات وارا آهن، ۽ پورهيت جي صحت ۽ جان کي نقصان رسائي رهيا آهن. ويندي ان جي موت جو سبب به ٿي سگهن ٿا. پورهيت ماڻهوءَ جي شخصيت، عزت نفس، صحت توڙي زندگيءَ سان سرمائيدار جو ڪوبه سروڪار نه هوندو آهي. هن کي رڳو زائد قدر جو لوپ هوندو آهي.

زائد قدر جو گهورو سرمائيدار، رڳو ڏوهن ۽ ڪرائيم تي ئي بس نه ڪندو آهي، هو دغابازين، جعل سازين ۽ ٽمڪين ۽ رشوت خوريءَ ۾ به ملوث رهندو آهي. ان جي اڳيان قانون ڪا معنيٰ نه رکندو آهي. ڪيس رڳو زائد قدر حاصل ڪرڻ، امير ترين ٽيڙ ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جي تڪڙ هوندي آهي، جنهن مقصد لاءِ هو ذليل ترين ۽ ڪميٽين سياسي قوتن جي پئيرائي ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي، جنهن لاءِ هو شراب ۽ آفيم خوريءَ ۽ بين نشي آور شين جي همت افزائي به ڪندو آهي ۽ ماڻهن کي روحاني ۽ ذهني ذلت جي اوڙاهن ۾ به اڇلائيندي دير نه ڪندو آهي، جنهن لاءِ هو قومي معيشيت کي فوجي رنگ ۾ رڱي چڏيندو آهي. هٿيارن

جي ڊوڙ ۾ فوجي خرچن ۾ اضافي جي حمايت ڪندو آهي. اها ئي حقيقت آهي، جيڪا استعماري قوتن جي جارحانہ مقصدن جي پويان ڪارفرما هوندي آهي، نتيجي ۾ استعماري دنيا جي مٿان هڪ نئين عالمي جنگ جو پوت لامارا ڏئي رهيو آهي، جڏڻ ريت ڪنهن زماني ۾ زائد قدر جي بک، کين بينڪي قبضي گيريءَ تي اڀاريو هو. اڄڻ وقت اڃوکيءَ زائد قدر جي ڳولا ڦولا استعماري قوتن کي قسمين قسمين جديد بينڪي مهمن تي اُڀاري ۽ گرمائي رهي آهي. دراصل اها ئي بنيادي بک ۽ خواهش آهي، جيڪا صنعتي لحاظ کان ترقي يافتہ ملڪن ۽ قومن کي ترغيب ڏئي ۽ لالچائي رهي آهي تہ نون آزاد ٽيل ملڪن ۾ بہ اڄڻ ئي سرمائيداري نظام قائم ڪن، جڏڻ وٽن آهي تہ جيئن هيءَ انهن قومن جو استحصال ڪري سگهن ۽ پنهنجي لٽ مار جي بازار گرم ڪري سگهن ۽ ائين سندن معاشي ۽ اقتصادي ترقيءَ کي رسا وجهي روڪي سگهن.

اڄڻيءَ طرح زائد قدر ئي اها منزل مقصود، محرڪ ۽ اولين سبب آهي، جيڪو سرمائيدار اقتصاديات جي ترقيءَ جي رخ کي مقرر ڪندو آهي. سرمائيداريءَ جو بنيادي معاشي قانون ئي اهو آهي تہ زائد قدر وڌ ۾ وڌ پيدا ڪيو وڃي، ۽ اجرتي مزدورن جي استحصال جي ذريعي سرمائيدارن جي هٿن ۾ ان کي مرڪوز ڪيو وڃي. ڪارل مارڪس پنهنجي ڪتاب "سرمائي" ۾ ان حقيقت جي ٽيڪ ٽاڪ نشاندهي ڪندي لکيو آهي: "زائد قدر جي ڪشيد ۽ روڙ هن پيداواري طريقي جو مطلق قانون آهي." اهو مطلق قانون، سرمائيداري پيداواري طريقي جو لب لباب آهي، اهو ئي قانون آهي، جيڪو معاشياتي طرز جي سيني بنيادي پاسن جي صورتگري ۽ شڪل جوڙيندو آهي ۽ انهيءَ ئي قانون جو عمل دخل سرمائيداريءَ جي تضادن کي گهرو ڪندو آهي.

سرمايو ۽ زائد قدر: هاڻ جڏهن زائد قدر جي ماهيت ۽ جوهر جي ڄاڻ کان پوءِ، اسان اهو بہ ڄاتو آهي تہ سرمائيداري اقتصاديات ۾ زائد قدر جو ڪڙو ڪردار ٿئي ٿو تہ هاڻي هڪ نظر سرمائي جي جوهر تي بہ وجهڻ

ضروري آهي. هن مضمون جي پوين حصن ۾ سرمائي بابت بحث ڪندي بڌايو ويو آهي ته هيءَ اُها رقم ۽ پئسو هوندو آهي، جيڪو سرمائيدار پيداواري ذريعن ۽ پورهيي کي خريد ڪرڻ لاءِ اڳواٽ خرچ ڪندو آهي، يعني هڪ سلائيءَ جي فيڪٽريءَ ۾ هو جنهن پئسي ڏوکڙ جي سيڙپڪاري ڪندو آهي، اهو سرمايو هڪڙيءَ رقم کان سواءِ ٻيون صورتون به اختيار ڪري سگهندو آهي. جيئن ڪوئلي جون کاڻيون، تيل جا کوهه، ڪارخانا، فيڪٽريون، زمين جا فارم، هوائي اڈا ۽ بئنڪون وغيره هوندیون آهن.

بورزوا دانشور سرمائي ۽ ناڻي جي جاءِ تي ان جي مختلف شڪلين ۽ صورتن کي آڏو رکندا آهن: ۽ سرمائي جي جاڻ سڃاڻ ڪرائيندي، پيداواري ذريعن جو مجموعو قرار ڏيندا آهن ۽ سرمائي جي اهڙي تعريف ۽ جاڻ سڃاڻ کين وٽندي به آهي، جيئن ته انسان جي پوري تاريخ جي عرصي ۾ پيداوار جا ذريعا رهيا آهن، ان ڪري اُهي ماڻهو چئي سگهن ٿا ته سرمايو ازل کان وٽي موجود رهيو آهي ۽ ابد تائين موجود رهڻو آهي، تنهن ڪري ان جي خلاف جدوجهد اجائي ۽ فضول آهي. ان هوندي به سرمائي کي ظاهري مادي صورتن سان گڏ وچڑ ڪرڻ صحيح ڪونه آهي، چاڪاڻ ته مختلف ظاهري شڪلين ۽ صورتن جي پويان سرمائيڪاري جي سطح تي معاشي ماهيت جو جوهر مخفي ۽ لڪل هوندو آهي.

فيڪٽري هجي، تيل جو کوهه هجي، هوائي اڈو يا زمين هجي يا ٻيون سرمائيدار ملڪيت جو مڙئي صورتون، قدر ئي هوندا آهن، ويڪو شين ۾ لاڳت واري قدر ۽ سرمائي جي قدر ۾ فرق ۽ تفاوت اهو هوندو آهي ته پيداواري عمل جي دوران سرمائي جي قدر جي جسامت ۽ مقدار وڌي ويجهي ۽ وڏو ٿي سگهندو آهي ۽ زائد قدر کي پيدا ڪندو آهي. ائين ان کري ٿيندو آهي، اجرتي پورهيت کي پيداواري ذريعن سان سلهاڙي، سندس استحصال ڪيو ويندو آهي.

اهڙي طرح سرمائي جي وضاحت ۽ سمجهاڻي هيئن ڏئي سگهجي ٿي ته اهو پاڻ مرادو ڦهلجندڙ اهڙو قدر آهي، جيڪو اجرتي پورهيي جي

استحصال جي ذريعي سرمائيدار جي لاءِ زائد قدر پيدا ڪندو آهي. سرمائيدار ۽ مزدورن ۾ پيداواري رشتن ۽ ناتن جي سلهاڙ ۽ ڳانڍاپو سرمايو ڪندو آهي. ڇاڪاڻ ته پيداواري ذريعن جو مالڪ سرمائيدار اجرتي مزدورن جو استحصال ڪندو آهي. جيڪي ان لاءِ زائد قدر پيدا ڪندا آهن.

زائد قدر جي واڌ ويجهه ۾ سرمائي ۽ ناڻي جا مختلف قسم مختلف ڪردار ادا ڪندا آهن. اڳ ۾ ڏسي آيا آهيون ته جامد ۽ مستقل سرمايو مادي پيداواري ذريعا خريد ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. ۽ پيداواري عمل جي دوران ان جي جسامت ۽ مقدار ۾ ڪابه واڌ نه ايندي آهي. بلڪ انهيءَ سرمائي جو ڦرندڙ گهرندڙ مقدار تيار ٿيندڙ شين ۾ منتقل ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ زائد قدر جي واڌ ويجهه مستقل سرمائي سان مشروط ضرور هوندي آهي. يعني زائد قدر کي پيدا ڪرڻ لاءِ مستقل سرمائي جي موجودگي ضروري آهي. اهڙيءَ طرح مستقل سرمايو زائد قدر جو لازمي شرط برابر آهي پر اهو پنهنجي ليکي زائد قدر جو بنياد ۽ سرچشمو ناهي.

باقي جيستائين وارڦير واري ڦرندڙ گهرندڙ سرمائي جو تعلق آهي ته پيداواري عمل جي دوران. ان ۾ ضرور تبديلي ايندي رهندي آهي. ڇاڪاڻ ته وارڦير وارو ڦرندڙ گهرندڙ سرمايو پورهيي جي طاقت ۽ سگهه کي خريد ڪندو آهي. ان ڪري پنهنجي پورهيي جي قوت ۽ سگهه وڪڻندڙ اجرتي مزدور نئين قدر جو ايترو مقدار پيدا ڪندا آهن. جنهن مان سرمائيدار جي پيداوار جي خرچن کي پوري ڪرڻ کانسواءِ زائد قدر به پيدا ٿيندو آهي. ان ڪري زائد قدر اصل ۾ وارڦير واري ڦرندڙ گهرندڙ سرمائي مان پيدا ٿيندڙ اضافي سرمائي جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح صرف وارڦير وارو ڦرندڙ گهرندڙ ناڻو ئي زائد قدر جي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي. ڇو ته انهيءَ جي ذريعي ئي اجرتي مزدور جو استحصال ڪيو ويندو آهي.

ڪجهہ بورزوا معاشيات جي ماهرن جي اها دعويٰ اجائي ۽ بي بنياد آهي تہ خود سرمائي ۽ سرمائيداري ڪاروبار ۾ ڪتب ايندڙ ٽيڪنالاجي ئي زائد قدر جي حاصلات جو ذريعو آهي. سندن چوڻ آهي تہ سرمايو پيداوار ۾ پورهيي جھڙو ئي هڪ عنصر آهي؛ ۽ جيئن پورهيو اجرتن جي حاصلات آهي؛ تيئن سرمايو زائد قدر کي حاصل ڪندو آهي. دراصل اهڙين دعوائن جي پٺيان، اهو تصور ڪارفرما هوندو آهي تہ سرمائيدار مزدورن جو ڪوبہ استحصال نہ ڪندو آهي، پر جيئن تہ اهو پيداوار جي هڪ عنصر يعني سرمائي جو مالڪ آهي؛ ان ڪري ان عنصر جي عيوض ۾ هو جيڪا آمدني وصول ڪندو آهي؛ اها ائين ان جو جائز حق آهي، جيئن اجرتون انهن مزدورن جو جائز حق آهي، جيڪي پيداواري عمل جي هڪ ٻئي عنصر يعني پنهنجي پورهيي جا مالڪ هوندا آهن. سرمائي جي "پيداوار" جو تصور نہ مستقل سرمائي ۽ وارڦير واري سرمائي جي وصف ۽ تفاوت قائم ڪندو آهي ۽ نہ استعمالي قدر ۽ قدر جي واڌويجهہ ۾ ڪو تفريق ۽ تفاوت جو فرق ڪيندو آهي، بلڪ اهو سرمائي کي پيداواري ذريعن سان پيٽ ڪندو آهي، جيڪا سراسر غلط ڳالهہ آهي.

زائد قدر ۽ پورهيت ماڻهن جي استحصال کانسواءِ سرمائي جو وجود قائم رهي نٿو سگهي. ٻين ماڻهن وانگر سرمائيدار پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي سارسنڀال تي پئسو ڏوکڙ خرچ ڪندو آهي؛ جيئن تہ هو پاڻ پورهيت نہ هوندو آهي، ان ڪري هو انهيءَ مقصد لاءِ جنهن واحد ذريعي تي پاڙيندو آهي، اهو سرمايو هوندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن زائد قدر نہ پيدا ڪرائيندو تہ آخرڪار سندس سڄو سرمايو خود ان جي پنهنجي ضرورتن تي ئي پورو ٿي ويندو. انهيءَ ڳالهہ کي هيٺئن ڏسي سگهجي ٿو تہ: هڪ سرمائيدار وٽ 100000 ڊالر آهن؛ جنهن تي هو سال ۾ 20000 ڊالر زائد قدر حاصل ڪري ٿو. جيڪڏهن اهو سرمائيدار 20000 هزار ڊالر پنهنجي ذاتي خرچ تي پورا ڪري چڏي، تہ هوند پنجن سالن ۾ اها پنهنجي اصل رقم يا 100000 لک ڊالر خرچ ڪري چڏيندو. يعني

زائد قدر جي حاصلات کانسواءِ هو پنهنجو پورو سرمايو خرچ ڪري سجو ٽي ويندو. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدار پنهنجا سڀ ذاتي خرچ زائد قدر مان ئي پورا ڪندو آهي. جڏهن ته مٿئين مثال مطابق پنجن سالن ۾ اهو زائد قدر 100000 لک ڊالرن جي برابر ٿئي ٿو يعني انهيءَ خرچ جي برابر ٿئي ٿو. جيڪو سرمائيدار جي ذاتي واهپي ۾ خرچ ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾ سرمائيدار پنهنجي ذاتي خرچ تي صرف ٿيندڙ 100000 لک ڊالر کي پورهيت ماڻهن جي پورهيي مان حاصل ٿيندڙ زائد قدر مان پورائو ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح سرمائي جا زائد قدر جي زور تي ڏيڻ جي مٿان ڏيڻ ٿيندا ويندا آهن.

زائد قدر ۽ چٽاپيٽيءَ واري ڏوڙ ڏڪ: سرمايو نہ رڳو بورزوازيءَ ۽ پرولتاري طبقن جي وچ وارن رشتن ۽ ناتن جي عڪاسي ڪندو آهي پر اهو سرمائيدارن جي وچ وارن معاشي لاڳاپن جو به تعين ڪندو آهي. سرمائيدار جي لوپ ۽ لالچ ڪٽڻ واري نہ هوندي آهي. هو ٿوري وقت ۾ گهٽي ميڙڻ ۽ ٻين سرمائيدارن تي لانگ ورائڻ جو خواهشمند هوندو آهي. زائد قدر هڪ اهڙو محرڪ هوندو آهي، جيڪو سرمائيدارن جي وچ ۾ چٽاپيٽيءَ ۽ ڪشمڪش کي تحرڪ ۾ رکندو آهي، جنهن جي ڪري اهي وڌيڪ فائدي بخش پيداواري حالتن، سرمائيڪارين، منڊين ۽ ڪچي مال جي ذريعن جي لاءِ هڪ ٻئي کي مات ڏيڻ ۽ پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ڪنهن هڪ ئي ساڳي قسم جي صنعت ۾ رڳو سرمائيدارن جي وچ ۾ اها چڪتاڻ ايڏا وڌيڪ شديد ٿي ويندي آهي. جڏهن ته مختلف صنعتن ۾ سموري سرمائيدارن جي وچ ۾ به اها چڪتاڻ ۽ ڪشمڪش هوندي آهي. اهي سڀ هڪ ئي منزل ۽ مقصد ڏي ڊوڙندا آهن ۽ اهو زائد قدر هوندو آهي. جنهن کي گهٽي ۾ گهٽو حاصل ڪرڻ لاءِ مخالفن کي پسپا ڪرڻ، کين تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۽ سندن معاشي مورچن تي قبضو ڪرڻ لازمي هوندو آهي.

انهيءَ اڳ ڪيڻ واريءَ ڏُڪ ڏوڙ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار مختلف ذريعا ۽ طريقا استعمال ڪندا آهن ۽ پنهنجي صنعتي شين ۽ وڪرن جي قدر ۽ قيمت ڪيرائي. انهن جي وڪري لاءِ سازگار ۽ بهتر حالتون پيدا ڪندا آهن تہ جيئن وڪري مان گهٽو ۽ خوب پئسو حاصل ڪري سگهجي. انهيءَ مقصد جي واسطي سرمائيدار پيداوار کي بهتر ڪرڻ ۽ سڌارڻ لاءِ نوان طور طريقا ۽ نئين ٽيڪنالاجي ميدان ۾ آڻيندا آهن ۽ پورهيي جي پيداوار کي وڌائيندا آهن. اهڙن قدمن کڻڻ ۽ ڪارگذارين جي ڪري پيداوار ۽ پيداواري قوتن ۾ معروضي سطح تي ترقي ٿيندي آهي. ظاهري طور تي اهي بهترين اثر ڇڏيندڙ ڳالهيون هونديون آهن. انهيءَ هوندي انهيءَ ڳالهہ جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي. اهو هيءَ تہ اهڙيءَ طرح هيءَ ڪاروباري ماڻهو پيداوار جي لاڳت کي گهٽائڻ لاءِ پورهيت ماڻهن جي استحصال ۾ تيزي ۽ شدت آڻيندا آهن. ۽ کين تيز ۽ تکڙي ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. جنهن لاءِ هڪ طرف ڪم هلندي وقفن ۽ ساهين کي گهٽائي ڇڏيندا آهن ۽ ٻئي طرف مزدورن جي تعداد کي گهٽائي ڇڏيندا آهن. ڪيترن ماڻهن جي ڇانٽي ڪئي ويندي آهي: ان ڪري انهن جو ڪم بہ اهي ڪندا آهن. جيڪي باقي وڃي رهندا آهن.

اهڙيءَ طرح پنهنجي مخالفن جي ڏيوالي ڪيڻ لاءِ سرمائيدار ۽ انهن جا گڏيل گروهہ ۽ ٽولا مخالف ڪاروبار جي خلاف ڪليءَ جنگ ۾ ڪاهي پوندا آهن. انهن جي اوڏر جا ذريعا بند ڪرائيندا آهن. انهن جي ويڪو شين جي قيمتن کي مات ڏيندا آهن. بائيڪاٽ ڪندا آهن ۽ منڊيءَ مان ڏوڙائي ڪيڻ لاءِ نيون صنعتون لڳائيندا آهن وغيرہ وغيرہ. جيئن تہ معاشري جي مجموعي مفادن جي لحاظ کان اهڙيون حرڪتون رڳو وسيلن جو زيان هونديون آهن ۽ مجموعي حيثيت ۾ پيداوار جي ترقيءَ جي عمل کي نقصان ڏينديون آهن. جنهن لاءِ سرمائيدار مخالفن کي نقصان ڏيڻ لاءِ ۽ کين افرادي قوت. ڪچي مال. توانائي ۽ ٻاڑ جي ذريعن کان محروم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ڳجهہ ڳوهہ وارا معاهدا ڪندا آهن.

مخالفن کي کنگال ڪرڻ ۽ پنهنجي منافعي کي وڌائڻ لاءِ ڪي به قدم کڻڻ وقت سرمائيدار خريدارن جو ڪوبه لحاظ نه ڪندا آهن. سرمائيدار جو مقصد اهو ئي هوندو آهي ته هو اهڙيون شيون ٺاهي مارڪيٽ ۾ آڻي، جيڪي سندس مخالف نه ٺاهي سگهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن طرح ان جي گراهڪن کي ٽوڙي ۽ منهن موڙي پنهنجي پاسي ڪري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو منڊيءَ ۾ بي شمار اهڙيون شيون ملنديون آهن، جيڪي ظاهر ۾ ته خوبصورت هونديون آهن، پر اهي يا ته بيڪار هونديون آهن يا نقصانڪار هونديون آهن. جهڙوڪ: سرخيون، جن جو رنگ ۽ صورت ته وٽندڙ هوندي آهي، پر انهن جي استعمال سان ڏڍ نڪري پوندو آهي. نيون وٽامن واريون شيون، طاقت ڏيڻ جي بدران پيٽ خراب ڪنديون آهن. سنڈن جي سُور جا علاج ۽ نيون دعوائون، جن جا ٽانوي ۽ ٻيا اثر ڏاڍا خراب ۽ خطرناڪ هوندا آهن. اهڙيءَ طرح مٽي جي سور جون ٽڪيون آهن، ۔۔ن کي جيڪڏهن پيٽ واريون مايون کائين ته ڄمندڙ ٻار جو دماغي توازن صحيح نه رهندو آهي. 1960ع جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ آمريڪا جي ڪمپني جنرل موٽرز شورليٽ ڪارون ٺاهيون هيون، جن جي انجڻ ۾ عيب هو. نتيجي ۾ سڄيءَ آمريڪا ۾ ڪيترائي حادثا ٿيا، چو ته تيز رفتار واريون ڪاڏيون ڊرائيورن جي قابوءَ ۾ نه رهنديون هيون. اهڙيون ڪارون مجموعي طور 67 لک وڪرو ڪيون ويون هيون.

گراهڪن کي ڦاسائڻ جي مقابلي بازيءَ ۾ ڪشمڪش ۾ سرمائيدار اشتهارن تي وڏا وڏا خرچ ڪندا آهن. اشتهار بازيءَ جو مطلب اهو هوندو آهي ته عوام کي انهن شين جو چاهه ڏياريو ويچي، ۽ اهي اهڙيون به شيون خريد ڪن، جن جي کين ڪا ضرورت ڪانه هوندي آهي. مطلب ته گراهڪ جو ڪيسو خالي ڪيئن ڪجي؟

رڳو هڪڙي آمريڪا ۾ اشتهار بازيءَ تي سال ۾ 50 ارب ڊالر خرچ ڪيا وڃن ٿا. آمريڪا ۾ هر مئگزين ۾ سالو به پاڻي تي ۾ تي پاڻي چار جي حساب سان اشتهارن سان پريو پيو هوندو آهي. آمريڪا جا شهري

ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تي سال ۾ چاليهه هزار تجارتي اشتهارن کي ڏسن ٿا. آمريڪا ۾ گراهڪن کي چپيل اطلاع نامن، خطن ۽ ڪوپنن جي صورت ۾ جيڪي اشتهار ٽپال جي ذريعي موڪليا وڃن ٿا، انهن جي لاڳت لڳ ڀڳ 400 ڊالر في ماڻهو آهي، ٻئي طرف وري حال اهو آهي ته 1980ع جي انگن اکرن موجب، ترقي پذير ملڪن جي 80 ماڻهن جي سال جي آمدني لڳ ڀڳ 150 ڊالرن کان وڌيڪ ڪانه آهي. هڪٻئي جون مخالف فرمون، نون منصوبن ۽ ڪوجنائن جا حق ۽ واسطا خريد ڪري لڪائي رکندڙيون آهن. اهڙيءَ طرح ايجادن ۽ ڪوجنائن کي راز ۾ رکيو ويندو آهي، ان کان سواءِ معاشي جاسوسي به جام ڪئي ويندي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ تربيت ورتل ڪارڪن ۽ ماڻهو پرتي ڪيا ويندا آهن، جن کي جاسوسي ڪرڻ، ٽيليفون جي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ، تصويرن وغيره ڪڍڻ لاءِ جديد ترين اليڪٽرانڪ جي اوزارن جي سهوليت حاصل هوندي آهي. آمريڪا ۾ چاليهن کان وڌيڪ اهڙيون فرمون اهڙي قسم جا اوزار ٺاهيندڙيون آهن. ان کان سواءِ هڪ ٻي چال اها هلي ويندي آهي، جو ڪمپيوٽر جي يادگيريءَ ۾ رکيل صنعتي معلومات کي چورايو ويندو آهي.

ضرورت پوڻ تي سرمائيدار جاسوسي ادارن جون خدمتون به حاصل ڪندا آهن. سي. آءِ. اي جي پشت پناهيءَ ۾ آمريڪي تيل جي واپارين وينزويلا ۾ جاسوسيءَ جو ڄار وڇائي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح آمريڪا جا پاڙيتو ماڻهو وينزوويلا جي تيل جي روانگي وارين قيمتن ۾ ايندڙ تبديلين جي خفيه معلومات حاصل ڪندا آهن. نتيجي ۾ وينزوويلا کي نقصان پوندو آهي، ۽ آمريڪا واپارين کي مجموعي طور هڪ ارب ڊالرن جو فائدو ٿيندو آهي. 1983ع ۾ پڇاڙيءَ ۾ سي. آءِ. جي هڪ ايجنٽ جي سرواٽي ۾ ڪم ڪندڙ اهڙا جاسوس ظاهر ٿي پيا هئا. جن تي ڪيس قائم ڪيا ويا هئا. هاڻي ته ترقي پذير ملڪن جا ماڻهو پڻ معاشي جاسوسيءَ ۾ داخل ٿي رهيا آهن. انهيءَ ساڳي وقت، جنهن وقت، وينزوويلا ۾ انهيءَ ڪيس جي ڪارروائي هلندڙ هئي، ايمسٽرڊيم جي هڪ ڪورٽ هڪ پاڪستاني شهريءَ کي، سندس غير موجودگيءَ ۾ سزا ٻڌائي

هئي. ان تي الزام هيو تہ هن يورينيم جي ٽيڪنالاجيءَ جي باري ۾ خفيہ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. جنهن ڪري مذڪوره عدالت ان کي ڏوهاري ڄاڻائيندي چئن سال جي قيد جي سزا ٻڌائي هئي.

جيتوڻيڪ معاشي جاسوسيءَ توڙي ٻين نقصانن کان بچاءَ لاءِ اڪثر فرمون بچاءَ جا طريقا ڳولي رهيون آهن، جنهن لاءِ اهي اليڪٽرنڪ اوزارن کان سواءِ ريڊار سميت الارم سسٽم هڻي رهيون آهن ۽ اهڙيءَ طرح جاسوسيءَ کي رد ڪرڻ جا شعبا قائم ڪري رهيون آهن، جن ۾ تجربيڪار جاسوسن کي پرتي ڪيو وڃي ٿو. اينگلز مقابلي بازيءَ جي هن جنگ جي ڄاڻ ڏيندي هروپرو اها ڳالهہ ڪانہ چئي هئي تہ هيءَ اها جنگ آهي تہ جنهن ۾ هرڪو ماڻهو ٻئي جي خلاف صفبندي ڪندو آهي، ۽ جنهن ۾ هرڪو ماڻهو ٻئي جي جان وٺڻ لاءِ آتو هوندو آهي.

جيئن حقيقي جنگ ۾ تشدد، ڏاڍ ۽ ڌمڪاءُ جي سطح ۽ بيهڪ جو دارومدار حالتن تي هوندو آهي، تيئن معاشي مقابلي بازيءَ ۾ ملوث سرمائيدار بہ هٿيارن، ڏماڪن ۽ تخريبڪارين سميت هر ڪا ڳالهہ استعمال ڪندا آهن. سخت ترين مخالفن کي سبق سيکارڻ لاءِ ڪرائي جي قاتلن ۽ پاڙيتو غنڊن جون خدمتون حاصل ڪيون ويندیون آهن جيڪي هاسيڪار باهيون ڏينداً ۽ اهڙي قسم جي حادثن جون منصوبابنديون ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح خفيہ دستاويز چورائي ايندا آهن، پيداوار کي تباهہ ۽ برباد ڪندا آهن، ۽ ڪم وارن ۽ ڪارائتن ڪارڪنن کي ماري ڇڏيندا آهن، جيڪي ڪمپنيون اهڙين حرڪتن جي خلاف پير کوڙي مقابلو ڪنديون آهن، ۽ طاقتور مخالف جي ڪنهن بہ ڏاءُ ۾ اچي پوئتي نہ هٽنديون آهن، انهن کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار رهڻو پوندو آهي تہ سندن ڪارخانن، ۽ گودامن ۾ ڪڏهن بہ باهيون ڀڙڪي سگهن ٿيون. ڏماڪا برپا ٿي سگهن ٿا، يا ٻيون کي بہ اهڙيون آفتون ڀڙڪي سگهن ٿيون.

گهٽي ۾ گهٽي منافعي جي حاصلات واريءَ هن مقابلي بازيءَ ۾ اچي سرمائيدار جعل سازيون، مڱيون، رشوت خوريون، ڪوڙ بدوڙ ۽ ٻيون ڪرمار

واريون حرڪتون ۽ ڪميٽمنٽ ڪندا آهن. ڪن آمريڪي سماجياتي ماهرن جا گڏ ڪيل انگ اکر ٻڌائين ٿا، تہ عام آمريڪي ڪاروباري لڳ ڀڳ ايترن قانونن جي خلاف ورزي ڪري ٿو جو هر هڪ اهڙي ڪاروبار بازيءَ تي روزانو 31500 هزار ڊالر ڏنڊ پئجي سگهي ٿو." سرمائيدار بگهڙن جي هڪ اهڙي ولر وانگر آهن، جيڪي شڪار جي گوشت لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهندا رهندا آهن ۽ ڪنهن بہ وقت هڪ ٻئي جو ڀڳو پيچي سگهن ٿا. سرمائيداري نظام ۾ سرمائيدار هڪ ٻئي کي ڪتن وانگر ڏاڙهيندا آهن، هن نظام تي فرانسيسي ليکڪ 'ايميلي زولا' لکي ٿو تہ: "سرمائي جي لاءِ هن لڪل ۽ لوپي جنگ ۾ ڪمزور جا آنڀا بہ ڪيي اُڇلايا ويندا آهن، ۽ نہ وري هن جنگ ۾ رشتن ۽ دوستين جو ڪو لحاظ باقي رهندو آهي. انهيءَ (جنگ) ۾ رڳو اهو ظالماڻو اصول ڪارفرما رهندو آهي تہ طاقتور ئي ٻين کي ڀڙڪائي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن اهو ائين نٿو ڪري تہ ڪو ٻيو ڪيس ڀڙڪائي ويندو."

ٻين تي مٿيرائي حاصل ڪرڻ واريءَ هن ڪشمڪش ۽ چٽڪتائي ۾ طاقتور وڌيڪ طاقتور ٿيندا ويندا آهن، جڏهن تہ هيٺا ۽ ڪمزور آهستي آهستي پوئتي هٽندي، آخر ۾ ڏيوالي جي ور چڙهي ويندا آهن. رجسٽرڊ انگن اکرن موجب، 1779ع ۾ ڇهن وڏن سرمائيدار ملڪن ۾ 58000 هزار سرمائيدارن جو ڏيوالو نڪري چڪو هو. جڏهن تہ 1982ع ۾ انهن جو تعداد 102000 هزارن تي وڃي پهتو هيو. جيتوڻيڪ ڏيوالي نڪتل فرمن جي تعداد جا سال وار انگ اکر هر ملڪ ۾ الڳ الڳ هئا، جيڪي آمريڪا ۾ 3.4 هوڻ تي، برطانيہ ۾ 2.7هوڻ تي، جرمنيءَ ۾ ٻيڻ کان ڪجهہ گهٽ يا وڌ هئا. اهڙي وڏي انداز ۾ ڏيوالن جي نتيجي ۾ آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ ڏهہ لک ۽ اولهہ جرمنيءَ ۾ لڳ ڀڳ 4 لک 50 هزار ماڻهو روزگار تان هٿ ڌوئي وينا هئا.

باب چوٽون

زائد قدر جو مقدار ۽ شرح

زائد قدر جي جسامت ۽ مقدار: طاقتور (۽ لامحدود) منافعي خوريءَ جي گهوڙي تي سوار سرمائيدار اجرتي مزدورن جي استحصال جي شدت ۾ مسلسل ۽ لاڳيتو اضافو ۽ واڌارو ڪندا رهندا آهن. سرمائيدار پيداوار جي حدف کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ مزدورن کان زوريءَ وڌ ۾ وڌ پورهيو ڪرائيندا آهن. نتيجي ۾ زائد قدر جو مقدار يعني زائد قدر جو اهو ڪل مقدار مسلسل ۽ لاڳيتو وڌندو رهندو آهي، جنهن جي تخليق ۾ مزدور ڪندا آهن، ليڪن ان کي سرمائيدار ڦهائي ويندا آهن. زائد قدر جي جسامت، زائد قدر جي ڪُل مقدار کي چئبو آهي. زائد قدر جي جسامت ۽ وڌائي مان سرمائيداري استحصال جي سطح جو انداز ڪري سگهبو آهي. ۽ اها خبر پوندي آهي ته سرمائيدار طبقي کي آخرڪار ڪيترو فائدو حاصل ٿيو آهي. ڪنهن هڪ سرمائيداري ڪاروبار مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي مقدار جو حساب ڪتاب، انهيءَ ڪاروبار جي ڪُل اجرتي مزدورن جي پيدا ڪيل زائد قدر جي مجموعي مان لڳايو ويندو آهي. ڪارخانو جيڏو وڏو هوندو ۽ انهيءَ ڪارخاني ۾ استحصال ٿيندڙ اجرتي مزدورن جو تعداد جيترو گهٽو هوندو، ڪارخاني جي سرمائيدار مالڪ کي قدر زائد بہ ايترو ئي گهٽو حاصل ٿيندو.

ڪنهن بہ معيشت جي ڪنهن خاص شعبي ۾ زائد قدر جي شمار يا ڳڻيتي ڪرڻ وقت، زائد قدر جي انهيءَ سڄي مجموعي جو جوڙ ڪرڻو پوندو، جيڪو انهيءَ شعبي جي سڄي ڪاروبار مان پيدا ٿيندو آهي. قومي سطح تي زائد قدر جي مقدار جو اندازو ڪرڻ لاءِ معيشيت جي

سيني شعبن مان پيدا ٿيندڙ سڄي زائد قدر کي جمع ڪرڻو پوندو آهي. جيئن ته زائد قدر هميشہ ڪنهن هڪ خاص وقت ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي، ان ڪري زائد قدر جي مقدار جو اندازو ڏهاڙي، ماهوار يا سال وار بنيادن تي لڳايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سرمائيدار حساب کان گهٽو ۽ مٽي زائد قدر لڳائي ويندا آهن، مثال طور، 1981ع ۾ ايڪسون جي ڪل آمدني، 134.2 ارب ڊالرن تائين پهچي چڪي هئي، آءِ. بي. ايم 17 ارب ڊالر تائين، فلپ مورس، جي 13.1 ارب ڊالر تائين ۽ ڪيٽر پلر ٽريڪٽرز جي 12.2 ارب ڊالرن تائين هئي. جڏهن ته انهيءَ وقت ۾ ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن مان 90 کان 68 ملڪن جي گڏيل قومي آمدني 10 ارب ڊالرن جيتري مس هئي ۽ 37 ترقي پذير ملڪ اهڙا هئا، جن انفرادي قومي آمدني هڪ ارب ڊالرن کان به گهٽ هئي.

ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ آمدنيءَ ۾ زائد قدر جو مقدار ايترو ته وڏي ۽ وڏو ٿي ويندو آهي، جو ان جو ٻڌي ماٺهوءَ جو مٿو ڦري ويندو آهي، جيئن 1979ع ۾ انهيءَ زائد قدر جو مقدار 10 کرب 80 ارب 1800000000000 ٿي ويو هيو.

زائد قدر جي مقدار جي واڌ: سرمائيدارن جي ڪيترن ئي سالن جي حاصل ٿيل زائد قدر جي پيٽا کان پوءِ خبر پئي آهي ته زائد قدر صرف هڪ ئي رخ ۾ لاڪيتو اڳتي ئي اڳتي وڌي رهيو آهي. آمريڪي معيشيت جي هڪ وڏي شعبي ۾، يعني آمريڪي صنعت جي واڌاري ۾، انهيءَ رجحان جو چڱيءَ طرح مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. 1849ع ۾، انهيءَ شعبي ۾، 22 ڪروڙن 70 لکن ڊالرن جو زائد قدر پيدا ٿيو هو ۽ پوءِ اهو مقدار جيئن پوءِ تيئن وڌندو رهيو. ويندي چاليهن سالن کان پوءِ 1889ع ۾، اهو ٻن اربن ۽ 20 ڪروڙن تائين پهچي ويو. يعني ان جي مقدار ۾ 870 سيڪڙو واڌ ٿي هئي، اهڙيءَ طرح اهو زائد قدر شاهي ڪاروباري ناخدائي لاءِ سون جي کاڻ ٿي پيو هو. ان کان پوءِ وارن 40 سالن ۾ پڻ زائد قدر جي پيداوار لڳ ڀڳ ساڳي شرح سان وڌندي رهي ۽ پوءِ وري 1929ع ۾،

صنعتي ڪارخانن مان اجرتي پورهيي 21.2 ارب ڊالرن جو واڌو قدر پيدا ڪيو. 1889ع جي مقدار جي لحاظ کان اهو واڌارو 860 سيڪڙو هيو.

اهڙيءَ طرح زائد قدر جي مقدار ۾ ٻي مهاپاري لڙائي ڪان فوراً پوءِ ايجا بہ وڌيڪ تيزيءَ سان واڌارو ٿيو. ڇو تہ 1969ع ۾ آمريڪي صنعت مان پيدا ٿيل زائد قدر جو ڪل مقدار 2 کرب ۽ 46 ارب ڊالرن کي پهچي چڪو هو. يعني زائد قدر جي مقدار ۾ 1929ع جي مقدار جي پيٽ ۾ 11.6هوڻ تي اضافو ٿيو هو. اهڙيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو تہ 1848ع کان 1969ع تائين واري 120 جي عرصي ۾ آمريڪي صنعت جي زائد قدر جي مقدار ۾ ايترو تہ واڌارو اچي چڪو هو جو 1848ع ۾ جيترو زائد قدر پيدا ٿيو هو. 1969ع ۾ ان جو 1084هوڻ تي زائد قدر وڌيڪ پيدا ٿيو. سرمائيدارن رڳو ان تي ئي بس ڪانہ ڪئي؛ پر ايجان ئي وڌيڪ اڻ ڳڻت منافعن جي امڪاني لوپ ۽ لالچ ۾ اچي، انهن 1970ع جي ڏهاڪي ۾ زائد قدر جي وڌندڙ شين ۾ ايجان بہ ڇڪو پلو واڌارو ڪري ڇڏيو آهي. مشهور آمريڪي معاشيات جي ماهر وڪٽر پولوءَ جي انگن اکرن موجب انهن وڌندڙ تيزيءَ جي نتيجي ۾ 1980ع ۾ آمريڪي صنعت مان 5 کربن ۽ 39 اربن ڊالرن جو زائد قدر پيدا ٿيو آهي.

زائد قدر جي مقدار ۾ جيڪو واڌارو ٿئي ٿو. انهيءَ مان سڀ کان گهڻو اضافو وڏن سرمائيدارن کي هٿ لڳندو آهي.

ڇاڪاڻ تہ معاشيات ۾ انهن جي مٿيرائي قائم ٿيل هوندي آهي؛ ۽ انهيءَ اڳ پرائي جي ڪري کين منافعو بہ سڀ کان وڌيڪ هٿ چڙهندو آهي. 1970ع کان 1980ع جي ڏهن سالن اندر زائد قدر جي مقدار ۾ اضافي وارن انگن اکرن مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ انهيءَ عرصي دوران آمريڪي صنعت جي ڪارپوريشنن مان 500 وڏين ڪارپوريشن جو مجموعي خالص نفعو 21.2 ارب ڊالرن مان وڌي 81.2 ڊالر ٿي ويو يعني 3.8 هوڻ تي وڌي ويو هو. وڏن ۽ طاقتور سرمائيدارن جي حق ۾ آيل اهو فرق، انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ زائد قدر جي مقدار ۾ اضافي جو وڏو حصو وڏا سرمائيدار ئي ڦٻائي وڃن ٿا. هڪ هٿي بورزوازيءَ جي انهيءَ

تيز ترين اضافي مان موجوده دؤر جي سرمائيداريءَ جي طفيلي ۽ ڪيجهوپٽي واري فطرت ڏينهون ڏينهن واضح ٿيندي پئي وڃي. اهڙي نموني هين سرمائيدار ملڪن مان پڻ زائد قدر جي مقدار ۾ بنا پورهيي جي ڪمايل آمدنين جي اڻ ڪٽ اضافن جا انگ اکر موجود آهن. برطانيہ ۾ 1738ع ۾ سرمائيدارن جو منافعو هڪ ارب پائونڊ هيو جيڪو 1950ع ۾ وڌي 2.9 ارب ۽ 1980ع ۾ 24 ارب پائونڊ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح 1950ع کان 1980ع تائين جاپان جي سرمائيدارن جو منافعو 25 هوڻ تي، فرانس ۾ 12هوڻ تي، ۽ اولھ جرمنيءَ ۾ 9هوڻ تي وڌي ويو هو.

اجرتي پورهيتن جي تعداد ۾ واڌ: سرمائيدارن کي ملندڙ زائد قدر جي مقدار ۾ واڌ جو وڏو سبب اجرتي مزدورن جي تعداد ۾ واڌارو ٻہ هوندو آهي. سرمائيدار جيترن وڌيڪ ۽ گھٽن مزدورن جو استحصال ڪندا آهن، ايترو ئي وڌيڪ زائد قدر ٻہ پيدا ٿيندو آهي.

سرمائي اجرتي پورهيي جي پهرين ڪيپ، ابتدائي ۽ اوائلي سرمائي جي ڍڳ مان پيدا ڪئي هئي. جنهن کان پوءِ انهن جي تعداد ۾ مسلسل ۽ لڳاتار واڌارو ٿي رهيو آهي. جيئن جيئن زائد قدر پيدا ڪرڻ لاءِ وڌيڪ هٿن جي ضرورت وڌندي رهي آهي، تيئن تيئن اجرتي پورهيت جي قطارن ۾ پورهيت سان گڏ ان جو خاندان ٻہ شامل ٿيندو رهيو آهي. عورتون، ٻارڙا ۽ پوڙها پڪا سڀ انهيءَ سنگهر ۾ سلهاڙيا ويا آهن. انهيءَ کان سواءِ قطار ۾ زمينن تان تڙيل هاري ۽ ڪنگال ٿيل ڪاريگر ۽ هنرمند ٻہ مستقل طور شامل ٿيندا رهيا آهن. ۽ گذر سفر جي ڳولائو پرڏيهي افرادي قوت ٻہ ايندي وئي. اوڻويهين صديءَ جي اڌ ۾ سرمائيدار ملڪن ۾ اجرتي پورهيتن جو ڪُل تعداد 90 لک هيو. 1900ع ۾ 8 ڪروڙ ۽ 20 لک هيو ۽ 1950ع ۾ 30 ڪروڙ ٿي ويو ۽ اهو تعداد اڃا وڌي رهيو آهي. جڏهن تہ 1980ع جي ڏهاڪي جي اوائل ۾ سرمائيدار ملڪن ۾ 51 ڪروڙ ۽ 15 لک ماڻهو پورهيو ڪندڙ هئا. يعني 1850ع جي پيٽ ۾ 57هوڻ تي ماڻهو اجرتي پورهيت آهن. مختلف انفرادي ملڪن جي انگن

اکرن مان بہ انهيءَ ڏس ۾ واڌ جي تيزيءَ جو رجحان ملي ٿو. 1859ع ۾ آمريڪا ۾ صنعت ۾ ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ 18 لک ماڻهو ملازم هئا. 1899ع ۾ انهن جو انگ وڌي 68 لک ٿي ويو ۽ 1981ع ۾ اهو انگ 10 ڪروڙ 3 لک ٿي ويو. جرمنيءَ ۾ 1848ع ۾ صنعت ۾ ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ 7 لک ماڻهو ملازم هئا. 1907ع ۾ اهو انگ هڪ ڪروڙ 16 لک ٿي ويو. اهڙيءَ طرح 1981ع تائين اجرتي پورهيت ماڻهن جو اهو انگ وڌي 2 ڪروڙ 34 لک ٿي ويو. ۽ ائين ترقي پذير ملڪن ۾ بہ اجرتي مزدورن جي انگ ۾ تيزيءَ سان واڌ ٿي رهي آهي. موجوده دؤر ۾ انهن ملڪن ۾ لڳ ڀڳ 21 ڪروڙ ۽ 70 لک ماڻهو اجرت جي عيوض ۾ پنهنجو پورهيو وڪرو ڪن ٿا.

زائد قدر جي شرح: جيئن، جيئن، استحصال ٿيندڙ مزدورن جي انگ ۾ واڌارو ايندو وڃي ٿو تيئن تيئن سرمائي جي هٿان سندن استحصال جي شدت ۾ بہ واڌ ايندي وڃي ٿي. انهيءَ تعداد جي واڌ جي نتيجي ۾ سرمائيداري استحصال جي وُسعت ۾ اضافو ايندو رهي ٿو. جڏهن تہ استحصال جي شدت ۾ اضافو انهيءَ استحصال کي ايڏا بہ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ بنائي ڇڏي ٿو. اهڙيءَ طرح سرمائيدار استحصال کي وڌيڪ شديد تر ڪري پورهيتن کي مجبور ڪندا آهن تہ اهي ايڏا وڌيڪ زائد قدر پيدا ڪري ڏين ۽ کين پنهنجي پورهيي جو ايڏا وڌيڪ حصو ڏين. ٻين لفظن ۾ زائد قدر جي مقدار ۾ اضافي ۽ واڌ جو سبب ان جي احاطي يا گهيري ۾ توسيع ۽ واڌ بہ آهي ۽ ان جي حاصلات ۾ شدت پڻ بہ آهي.

سرمائيداري استحصال جي شدت جي علامت ۽ ڪسوٽيءَ کي زائد قدر جي شرح چئبو آهي. ۽ زائد قدر جي شرح واڌو زائد قدر جو تعين ڪندي آهي. هن ڪتاب جي شروع ۾ ئي انهيءَ ڳالهہ جي ڄاڻ ڏني وئي آهي تہ پورهيي کي اجرت جي بدلي ۾ حاصل ڪرڻ لاءِ وارڦير واري سرمائي جي لاڳت واريون ڪارگذاريون ئي پورهيي جي سگهہ جي قدر

جي برابر قدر کي پيدا ڪندڙ آهن ۽ انهيءَ کان سواءِ زائد قدر جو ذريعو ٻ اهو ئي وارڦير وارو سرمايو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو زائد قدر کي ڪيڏ وقت، ڪل سرمائي جي شمار ڪرڻ جي بدران رڳو وارڦير واري سرمائي جي جز جي بنياد تي حساب ڪتاب ڪرڻ گهرجي.

زائد قدر جي شرح اصل ۾ وارڦير واري سرمائي سان، زائد قدر جي نسبت جو نالو آهي. زائد قدر جي شرح کي عام طور علامتي لحاظ کان هيٺ ڄاڻايل علامت سان پيٽيو ويندو آهي. m= جيئن: 100+m/2/=m زائد قدر جي هيءَ شرح، استحصال جي شدت ۽ زور کي ڏيکاري ٿي: جنهن مان خبر پوي ٿي ته پورهيي جي نتيجي ۾ واڌو پيدا ڪيل قدر جو ڪيڏو وڏو حصو پورهيي جي قوت ۽ سگهه جي قدر جي برابر آهي ۽ ان جو ڪهڙو حصو زائد قدر جي برابر آهي. هن حساب سان زائد قدر جي شرح جيتري وڌيڪ ۽ گهٽي هوندي، واڌو پيدا ڪيل قدر جو ايترو ئي وڏو حصو سرمائيدار ڦٻائي ويندا آهن: ۽ پورهيت ماڻهن جو ايترو ئي گهٽو استحصال ٿيندو آهي. هتي ڏسڻو اهو آهي ته زائد قدر جي شرح کيئن ڪڍي وڃي ٿي ۽ جيئن سلائي جي فيڪٽريءَ جو مثال ڏنو ويو آهي ته سرمائيدار پنهنجي وارڦير واري سرمائي جي ٻن ڀالرن جي عيوض ۾ هڪ مزدور کي پرتي ٿو ڪري (2=U) ۽ پوءِ انهيءَ پورهيت جي استحصال ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪيس قدر جي حيثيت ۾ 6 ڀالرن جو زائد قدر ملي ٿو. (6=m) اهڙيءَ طرح (300=100+6/2=100xm/u=m٪) انهيءَ جو مطلب ٿيو ته زائد قدر جي شرح 300 سيڪڙو آهي، ۽ نئين واڌو پيدا ڪيل قدر ۾ زائد قدر جو حصو پورهيي جي قوت ۽ سگهه جي قدر کان ٽيڀو آهي. يا ائين کڻي چئجي ته جيڪي چار ڀالر پورهيت تخليق ٿو ڪري، انهن مان ڪيس صرف هڪ ڀالر ملندو آهي. جڏهن ته باقي ٽي ڀالر سرمائيدار ڦٻائي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن هڪ پوري ڪارخاني جو حساب ڪتاب ڪبو تڏهن به نتيجو ساڳيو ئي نڪرندو. ڇاڪاڻ ته جيئن ته: ڏهاڙي 600 ڀالر وارڦير واري سرمائي جي لاڳت ٿئي ٿي: (600=u) ۽ زائد قدر 1800 ڀالر ٿئي ٿو. (1800=m) تنهن ڪري حساب هن ريت ٻيهندو:

(٪300=100+1800/600=m)

زائد قدر ۽ واجبي پورهيي جي پيٽ جي ذريعي ۾ زائد قدر جي شرح کي ظاهر ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته اڳ ۾ ڏسي ۽ سمجهي آيا آهيون ته پورهيي جي قوت ۽ سگهه جي قدر جي تخليق. واجبي پورهيي ڪندي ٿيندي آهي. جڏهن ته زائد قدر جي تخليق، واڌو پورهيي جي ذريعي ٿيندي آهي. تنهن ڪري زائد قدر جي شرح جو اظهار هيئن ۾ ٿي سگهي ٿو.

m=100xm/v واڌو پورهيو/ واجبي پورهيو 100x

جيئن ته واجبي پورهيي جي ماپ، لازمي پورهيي جي مدت جي ذريعي ۽ واڌو پورهيي جي ماپ، واڌو پورهيي جي مدت جي ذريعي ٿئي ٿي، ان ڪري زائد قدر جي شرح کي هيٺ ڄاڻايل برابريءَ سان ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو.

m=100xm/v= واڌو پورهيي جي مدت/ واجبي پورهيي جي مدت 100x

هن مثال موجب واجبي پورهيي جي مدت ۾ ڪلاڪ آهي، جڏهن ته واڌو پورهيي جي مدت ڇهه ڪلاڪ آهي، جيڪڏهن هيٺ ڄاڻايل فارمولي جي بنياد تي زائد قدر جي شرح ڪڍبي، تڏهن ۾ ساڳيو ئي انگ ملندو جيڪو وارڦير واري سرمائي جي قدر ۽ زائد قدر مان حاصل ٿيو آهي.

٪300=100x____=m ڪلاڪ/ 2 ڪلاڪ 6

جيڪڏهن اهو حساب ڪتاب ذهن ۾ رکيو وڃي ته خبر پوندي ته زائد قدر جي شرح، واجبي ۽ واڌو پورهيي جي مدت جي نسبت ۽ پيٽ کي وضاحت سان بيان ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ اها نسبت اهو ٿي ڏيکاري ته ڏينهن ۾ ڪم جي وقت جي ڪيتري حصي دوران پورهيت پنهنجي لاءِ ڪم ڪندو آهي ۽ ڪيتري وقت جي حصي دوران سرمائيدار لاءِ ڪم ڪندو آهي. هن مثال مان زائد قدر جي شرح وضاحت سان ڏيکائي ٿي ته پورهيت پنهنجي پاڻ لاءِ جيتري دير ڪم ڪندو آهي ته سرمائيدار لاءِ ان کان ٽيڻ ٽي وڌيڪ وقت ڪم ڪندو آهي.

استحصال جي شدت ۾ واڌ: سرمائيداريءَ جي ارتقا سان گڏوگڏ زائد قدر جي شرح بہ آهستي آهستي پر مستقل طور وڌندي رهندي آهي. ڇاڪاڻ تہ سرمائيدار مسلسل ۾ لاڳيتو زائد قدر جي اضافي ۾ واڌ لاءِ جاکوڙيندو رهندو آهي. اها ڳالھ آمريڪي صنعت جي ارتقا جي باري ۾ انگن اکرن مان ثابت ٿي چڪي آهي. پھرينءَ نشاندهيءَ مطابق 1849ع ۾ انهيءَ صنعت مان 22 ڪروڙ ۾ 70 لاک ڊالرن جو زائد قدر پيدا ٿيو هو. جڏهن تہ وارڦير وارو سرمايو ڪل 23 ڪروڙ ۾ 70 ڊالر هيو. تنهن ڪري زائد قدر جي شرح 96 سيڪڙو ٿئي ٿي.

(٪96=100+227/237=m)

اهڙيءَ طرح ڏنو وڃي تہ ايندڙ چاليهن سالن ۾ زائد قدر جي شرح ٽيڻ کان ٿوري گهٽ وڌي آهي ۽ جيڪا پوءِ 1889ع ۾ 122 سيڪڙو ٿي وئي آهي. 1879-1889ع زائد قدر جي شرح آهستي آهستي وڌي 1929ع تائين اها 1889ع جي شرح 1.5هوڻ تي وڌي ۾ 184 سيڪڙي تي پهتي آهي. ٻي عالمي جنگ کان اڳ وارن سالن ۾ ۾ خاص ڪري ان کان پوءِ، سرمائي، پورهيتن جي خلاف ايجا بہ وڌيڪ جارحانہ رويو اختيار ڪيو آهي. جنهن جي حقيقي نشاندهي، زائد قدر جي وڌندڙ شرح مان پئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ 1929ع کان 1969ع وارن چاليهن سالن ۾ زائد قدر جي شرح 1.7هوڻ تي وڌي هئي ۾ 314 سيڪڙو ٿي وئي هئي.

1970ع جي ڏهاڪي ۾ زائد قدر جي شرح ۾ واڌارو ٿيندو رهيو جيڪو 1974ع تائين 328 سيڪڙو ٿي ويو. تنهن ڪري 1849ع کان 1974ع وارن 125 سالن ۾ زائد قدر جي شرح 3.4 هوڻ تي وڌي وئي. زائد قدر جا اهي محرڪ قانون آهن، جيڪي دليون لوڏي ڇڏين ٿا. جن جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ گذريل صديءَ جي وچ ۾ آمريڪا جو صنعتي مزدور ڏهاڙي ڪم جي وقت مان 50 سيڪڙو حصو سرمائيدارن لاءِ ڪمائيندو هو. جڏهن تہ اڄوڪي دؤر جو آمريڪي مزدور ڏهاڙي ڪم جي وقت مان 77 سيڪڙي جي حصي دوران سرمائيدارن لاءِ انهيءَ زائد قدر کي پيدا ڪري ٿو جيڪو صرف سرمائيدارن جي پرماري مفادن ۾

خواهشن جو پورائو ڪري ٿو. ٻين ڪيترن سرمائيدار ملڪن ۾ استحصال جي سطح ايڏا وڌيڪ تيز شرح واري آهي. برطانيہ ۾ 1938ع ۾ زائد قدر جي شرح 170 سيڪڙو هئي، 1963ع ۾ اها 238 سيڪڙو ٿي وئي. فرانس ۾ 1938ع ۾ 162 سيڪڙو هئي، 1952ع ۾ اها 315 سيڪڙو ٿي وئي. اهڙيءَ طرح اولهہ جرمنيءَ ۾ 1950ع ۾ اها شرح 162 سيڪڙو هئي، جيڪا 1974ع ۾ 238 سيڪڙو ٿي وئي.

اِها استحصال جي شرح ترقي پذير ملڪن ۾ ترقي يافتہ ملڪن جي پيٽ ۾ 1.5 ڪان ٻيڻ تي آهي. ڪڏهن ان کان وڌي بہ ويندي آهي.

زائد قدر جي مقدار ۽ شرح جي وچ وارو ربط: زائد قدر جي مقدار ۽ شرح ۾ گهرو ۽ اونهو ربط ٿئي ٿو. جيئن تہ زائد قدر جي شرح ڪيڏ لاءِ زائد قدر ۽ وارڦير واري سرمائي جي نسبت ۽ پيٽ 100 سان نسبت رکندي آهي. پر وارڦير واري سرمائي سان ابتي نسبت رکندي آهي، جيڪڏهن ٻيا عوامل هڪ جهڙا ۽ برابر آهن تہ زائد قدر جو مقدار جيترو وڌيڪ هوندو. زائد قدر جي شرح بہ ايتري وڌيڪ هوندي.

مثال جي طور تي هڪ مزدور 6 جي بجاءِ 12 ڊالر روز زائدقدر پيدا ٿو ڪري، زائد قدر جي شرح 12/2x100=600٪ ٿي ويندي، يعني ان وقت کان ٻيٽي ٿي ويندي. جڏهن زائد قدر 6 ڊالر هيو. جيڪڏهن زائد قدر جو مقدار زائد قدر جي شرح ۽ وارڦير واري سرمائي جي مقدار سان سڌي نسبت ٿو رکي. اهڙيءَ طرح سرمائيدار جيتري وارڦير واري سرمائي جي لاڳت ڪندو ۽ زائد قدر جي شرح ۽ استحصال جي شدت جيتري وڌيڪ ٿيندي، زائد قدر جو مقدار ۽ سرمائيدار جو مال ۽ دولت ايترو ئي وڌيڪ ٿيندو ويندو. سرمائي جو مقدار سدائين محدود هوندو آهي. سرمائيدار پنهنجي سڄي سرمائي کي هڪ ئي ڏڪ ۾ خرچ نہ ڪندو آهي. انميءَ مقصد لاءِ ضروري هوندو آهي تہ يا تہ ڪو آمدنيءَ جو ذريعو ڳولي يا ڪو ڏگهيءَ مدت وارو قرض کڻي. جيڪي ڳالهيون کي سوليون ناهن، ۽ جيئن تہ سرمائيدار زائد قدر جي مقدار کي وڌائڻ لاءِ وارڦير واري سرمائي

ڀر اضافي ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. ان ڪري ڪوشش ڪندو آهي ته زائد قدر جي شرح وڌي. ان باري ڀر ان تي عملي طور تي ڪابه پابندي ڪانه هوندي آهي. ان ڪري هو اجرتي مزدورن جي استحصال جي شدت ڀر لاڳيتو اضافو ڪندو رهندو آهي ۽ مزدورن کي مجبور ڪندو آهي ته اهي سرمائي جي خودغرض مفادن جي پورائيءَ لاءِ وڌ کان وڌ ۽ تيز ڪم ڪن.

باب پنجون

زائد قدر کي وڌائڻ جا طور طريقا

استحصال کي شدت ڏيارڻ جو مفهوم اهو هوندو آهي، ته جيئن پورهيت خود پنهنجي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سرمائيدار لاءِ وڌيڪ ڪم ڪري سگهي. جنهن لاءِ سرمائيدار پورهيت جو رت ست نچوڙي، زائد قدر جي مقدار ۾ مسلسل اضافو ڪندو آهي ۽ واجبي پورهيي جي تناسب ۾ گهٽتائي آڻيندو آهي. زائد قدر جي واڌ ويجهه جو بنياد اهو ئي هوندو آهي.

سرمائيدار استحصال کي شديد ڪرڻ ۽ زائد قدر جي مقدار کي وڌائڻ لاءِ تسمين تسمين ذريعا ۽ طريقا استعمال ڪندا آهن. انهيءَ مقصد لاءِ اهي جيڪي به طريقا اختيار ڪندا آهن، اهي مڙئي ظالمانا ۽ غير انساني هوندا آهن. انهن سيني جو بنيادي مقصد سرمائي کي غلبو ڏيارڻو هوندو آهي ۽ ان جي مفادن جو پورائو ڪرڻو هوندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پورهيت طبقي جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويندیون آهن.

نجو پجو زائد قدر: سرمائيداري استحصال کي زور وڌائڻ لاءِ اولين سادو سودو طريقو اهو آهي ته روز ٽيندڙ ڪم ڪار جي وقت کي وڌايو وڃي. اهڙيءَ طرح پورهيي جي واڌو مدت ۾ اضافو ٿئي ٿو. ۽ نتيجي ۾ زائد قدر جو مقدار به وڌي وڃي ٿو. واڌو پورهيو جيترو وڌندو، اوترو ئي زائد قدر وڌيڪ پيدا ٿيندو. تنهن ڪري سرمائيدار روزانو ٽيندڙ ڪمن جي وقت کي وڌائي، زائد قدر جي مقدار ۽ شرح کي وڌائيندا آهن.

جيئن ته سرمائيداريءَ جي اوائل ۾ ڪم ڪار جي ڏاڙي 10 ڪلاڪن جي هوندي هئي، جنهن مان 5 ڪلاڪ واجبي پورهيي جي

مدت ليکبي هئي ۽ 5 ڪلاڪ واڌو پورهيي جي مدت ليکبي هئي. جيئن هيٺئين خاڪي ۾ ڏسيل آهي.

ڏاڙي ڪم ڪار 10 ڪلاڪ

5 ڪلاڪ واڌو پورهيي جي مدت. 5 ڪلاڪ واجبي پورهيي جي مدت.

هن طرح جيڪڏهن هڪ پورهيت هڪ ڪلاڪ ۾ ٻن ڊالرن جيترو قدر ٿو پيدا ڪري تہ ان جو مطلب هيءَ ٿيو تہ هو واجبي پورهيي جي مدت دوران پنهنجي پورهيي جي قوت ۽ سگهہ جي برابر ٿو قدر پيدا ڪري. يعني هو 10 ڊالر پيدا ٿو ڪري (V=2 ڊالر+ 5 ڪلاڪ= 10 ڊالر) ۽ واڌو مدت ۾ هو 10 ڊالرن جو زائد قدر ٿو پيدا ڪري (m=2+ 5 ڪلاڪ= 10 ڊالر) تنهن ڪري زائد قدر جي شرح 100 سيڪڙو ٿيندي.

(٪100=100+10/10=100+v/m=m)

جيڪڏهن اجا وڌيڪ زائد قدر حاصل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار ڏاڙي جي ڪم ڪار جي وقت ۾ ٻن ڪلاڪن جو واڌارو ٿو ڪري ۽ روزانو ڪم جا 12 ڪلاڪ ٿو ڪري ڇڏي تہ اهڙيءَ صورت ۾ واجبي پورهيي جي مدت تہ ساڳي 5 ڪلاڪ رهندي پر واڌو پورهيي جي مدت وڌي 7 ڪلاڪ ٿي ويندي. (5 ڪلاڪ+ 2 ڪلاڪ= 7 ڪلاڪ) هيٺئين خاڪي ۾ انهيءَ صورتحال جي چٽساليڏسي سگهجي ٿي.

هڪ ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جا 12 ڪلاڪ

واڌو پورهيي جي مدت 7 ڪلاڪ

واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪ

هن طرح پورهيت سرمائيدار لاءِ 5 جي بجاءِ 7 ڪلاڪ ڪم ڪندو آهي ۽ 10 جي بجاءِ 14 ڊالرن جو زائد قدر پيدا ڪندو آهي ۽ ائين زائد قدر جي مقدار ۾ 4 ڊالرن يعني 1.4هوڻ تي اضافو ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح زائد قدر جي شرح ۾ به 40 سيڪڙو اضافو ٿي ويندو آهي.

(٪140=100+14/10=100+v/m=m)

جيئن هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پورهيت جي ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت کي وڌائي. سرمائيدار زائد قدر جي پيداوار ۾ اضافو

ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اجرتي پورهيت جي پورهيي ۾ توانائي ڪاپي ۾ واضح اضافو آڻي. وڌيڪ زائد قدر به پيدا ڪيو ويندو آهي. ڊگهيءَ ڏاڙيءَ واري ڪم ڪار جي وقت ۾ پورهيت جي پورهيي جي قوت ۾ سگهه وڌيڪ ۽ گهٽي خرچ ٿيندي آهي ۽ ان جي پورهيي جي طاقت وڌيڪ صرف ۾ خرچ ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ ته جيتري مجرد محنت وڌيڪ خرچ ٿيندي آهي ۽ جيتري پورهيي جي قوت ۾ سگهه وڌيڪ استعمال ٿيندي آهي، ايترو ئي قدر وڌيڪ پيدا ٿيندو آهي.

اهڙيءَ طرح ڏاڙي جي ڪم ڪار جي وقت ۾ نجي پجي واڌاري ۽ ان جي نتيجي ۾ پورهيي جي طاقت جي ڪاپي جي واضح واڌاري جي نتيجي ۾ جيڪو زائد قدر پيدا ٿيندو آهي، ان کي نجو پجو زائد قدر چئبو آهي.

سرمائيداري استحصال جو بنيادي مقصد اهو هوندو آهي ته ڪيئن به ڪري، انميءَ ظاهر ۽ ڪلئي زائد قدر جي پيدائش ڪئي وڃي. هونءَ ته سڄي زائد قدر جو سرچشمو ۽ بنياد اهو آهي ته ڏاڙي ڪم ڪار جي وقتن کي واجبي پورهيي جي مدت کان وڌيڪ طويل ۽ ڊگهو ڪيو وڃي. پورهيي جي مدت ۾ اهڙيءَ توسيع ۽ واڌ جي نتيجي ۾ واڌو پورهيو پيدا ٿيندو آهي ته وڌندو به آهي ۽ زائد قدر جي تخليق به ڪندو آهي. زائد قدر جي وڌائڙ جو اهو طريقو سادو سودو به آهي ۽ سولو به آهي، هن طريقي جي لاءِ ڪنهن به قسم جي نئين پيداواري ٽيڪنڪ يا محنت کي منظم ڪرڻ لاءِ جديد طور طريقن جي گهٽي ضرورت نه پوندي آهي. هن طريقي کي لاڳو ڪرڻ لاءِ رڳو انميءَ ڀالهه جي ضرورت آهي، ته اجرتي پورهيي تي سرمائي جي معاشي حڪمراني قائم هجڻ ڪپي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيداري نظام جي ترقي ۽ واڌ جي شروعاتي مرحلي کان وٺي، انميءَ طريقي کي اختيار ڪيو ويو آهي. جڏهن زائد قدر کي وڌائڙ لاءِ سرمائيدارن وٽ ڪو ٻيو طريقو ڪونه هو ته انهن جو استحصال کي وڌائڙ جو اهم ترين حربو اهو ئي هو ته اهي نجي پجي زائد قدر کي پيدا ڪن.

ڏاڙي ڪم ڪار جا وقت ۽ انهن جي حدبندي: ڏاڙي ڪم ڪار جي وقتن جي مدت طئي ڪرڻ جي معاملي ۾ سرمائيدار ۽ اجرتي پورهيت جا مفاد هڪ ٻئي سان ٽڪرائجن ٿا. سرمائيدار جي سدائين ڪوشش رهندي آهي ته ڏاڙي ڪم ڪار جا وقت، واجبي پورهيي جي مدت کان گهڻو طويل ۽ ڊگها هجن. ته جيئن وڌيڪ ۽ گهڻو زائد قدر حاصل ٿئي. جڏهن ته پورهيت ڏاڙي ڪم ڪار جي وقتن کي گهٽائڻ گهرندو آهي. سرمائيدار جي ته ڪوشش هوندي آهي ته 24 ئي ڪلاڪ ڪم وٺي پر ان جي اهڙيءَ خواهش جو پورائو ممڪن ڪونهي. چاهي استحصال ڪيترو ئي ظالماڻو ۽ سفاڪاڻو ڇو نه هجي. ڇاڪاڻ ته ڏاڙي جي ڪم ڪار جي وقتن لاءِ ڪجهه اهڙيون حدبنديون آهن، جن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ۽ ڀالهيون اهڙيون آهن، جيڪي اهي حدبنديون ۽ پابنديون مڙهين ٿيون.

اول اهو ته ڪم ڪار جي لاءِ پنهنجي توانائيءَ کي قائم رکڻ ۽ ٻيهر ساهه پٽڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته ماڻهوءَ کي پنهنجي جسماني ضرورتن جي پورائيءَ جو مقصد ملي. کيس آرام ڪرڻ، سمهڻ، کائڻ ۽ پيئڻ جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه وقت ڪپي. کيس ڪپڙي لتي ۽ اجهي جي ضرورت رهي ٿي ۽ پنهنجي صفائي ستڻائي، سردي ۽ گرميءَ کان بچاءَ جي ۽ ضرورت هوندي آهي. انهن مڙني ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ پورهيت کي ڪم کان ڪجهه وقت واندڪائي گهرجي. پنهنجي گذر سفر ۽ توانائي جي حاصلات لاءِ ماڻهوءَ کي جيتري وقت جي ضرورت ٿئي ٿي، انهيءَ کي ڪم ڪار جي وقت جو حصو نٿو ڪري سگهجي ۽ انهيءَ وقت کي سرمائيدار پنهنجيءَ لاڀ ۾ آڻي ٿو سگهي. انهن سيني ڀالهين لاءِ گهربل وقت آهي، جيڪو ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت جي طوالت ۽ ڊيگهه تي ڪي فطري حدبنديون قائم ڪندو آهي.

ٻيو ته ڪجهه اهڙيون اخلاقي بندشون به ٿين ٿيون، جن کي سماجي طور لاڳو ڪبو آهي. پورهيت کي پنهنجي ذهني ۽ سماجي مشغولين ۽ ضرورتن جي پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪي قدر واندڪائي به گهرجي، ڪيس

پڙهڻ، ريڊيو ٻڌڻ، ٽي. وي ڏسڻ ۽ سئنيما گهر وڃڻ ۽ ماڻهن سان اُٺڻ ويهڻ ۽ ميل ميلاپ رکڻ لاءِ وقت گهرجي. اهڙين ضرورتن جي پورائي جا موقعا ۽ ذريعا هر ملڪ ۾ مختلف هوندا آهن، انهيءَ جو دارومدار انهيءَ ملڪ جي ترقيءَ ۽ ثقافتي سطح کان سواءِ انهيءَ ڳالهه تي به ٿئي ٿو ته پورهيت طبقي جي تشڪيل ۽ جوڙجڪ ڪهڙين حالتن ۾ ٿي آهي. هن وقت صورتحال اها آهي ته ترقي يافته پورهيتن جون ضرورتون ترقي پذير ملڪن جي پورهيتن کان گهٽيون وڌيڪ آهن.

اهڙيءَ طرح ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت کي هڪ خاص حد تائين طول ڏئي سگهجي ٿو ۽ ساڳيءَ طرح ان کي هڪ خاص حد کان هيٺ گهٽائي به نٿو سگهجي. ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت کي ايترو گهٽائي به نٿو سگهجي جو اهو واجبي پورهيي جي مدت جي برابر ٿي پئي ـ ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ صورت ۾ سرمائيدار کي زائد قدر جي حاصلات ٿي نه سگهندي. نتيجي ۾ هو پيداوار کي شروع ڪرڻ جي لاءِ سرمائي جي لاڳت نه ڪندو. ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت جي مدت جو دارومدار انهيءَ ڳالهه تي هوندو آهي ته سرمائيدار طبقي ۽ پورهيت طبقي جي وچ ۾ طاقت جو توازن ڪٿي بيٺل آهي؟ ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت جي مسئلي تي، پنهي ڌرين جي وچ واريءَ ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو نتيجو ئي انهيءَ مسئلي جو آخري فيصلو ڪندو آهي.

ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي طئي ڪندڙ مسئلي بابت ڪشمڪش ۽ ويڙهه: هر سرمائيدار وڌ ۾ وڌ زائد قدر ميڙڻ جي چڪر ۾ ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي طول ڏيڻ لاءِ هر ڪا ڳالهه ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. جيڪڏهن طاقت جو توازن سندس حق ۾ ٿي پئي ته هوند هو ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت بابت عائد ٿيل نه صرف سماجي پابندين کي ٽوڙي ڦٽي ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيهندو آهي پر خالص فطري ۽ جسماني قائدن ۽ قانونن کي به پار ڪري ويندو آهي. سرمائيداري پيداواري طريقي جي اوائلي ڏينهن ۾ ئي، سرمائيدارن ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقتن کي طول

ڏيارڻ لاءِ رياستي طاقت جي زور تي خصوصي قانون لاڳو ڪرائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙن قانونن جو بنيادي مقصد اهو هو تہ مزدورن کي سرمائيدارن لاءِ گهٽيءَ دير تائين ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي. 1349ع ۾ انگريز بادشاهہ 'ايڊورڊ ٽئين' جي پهرئين مزدور قانون موجب، حڪم جاري ڪيو ويو هو تہ ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت، صبح جو 5 وڳي کان شام جو 7 يا 8 وڳي تائين هوندو ۽ وچ وچ ۾ ڪلاڪ ڪلاڪ جون ٽي موڪلون يا ساهيون هونديون. اهڙيءَ طرح ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 11 يا 12 ڪلاڪ ٿيو ٿي. ان کان پوءِ 1496ع ۾ هڪ فرمان جي ذريعي 1349ع جي قانون جي ٻيهر توثيق ڪئي وئي. جنهن کان وري راڻي 'ايلزبيٿ' 1562ع جي هڪ قانون جي ذريعي ساهيءَ کي 3 ڪلاڪن مان گهٽائي ٻہ ڪان ايائي ڪلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ائين ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي ايڏا ٻہ ڏڪهو ڪيو ويو.

تنهن هوندي ٻہ هن نجي پجي زائد قدر جي اضافي تي بورزوازي ماڻ ڪري ڪوڙ ويڙ ۽ اهو سترهين ۽ ارڙهين صدين ۾ پنهنجو معاشي دباءُ حڪومت تي آڻي. ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي مسلسل ۽ لاڳيتو وڌائيندو ۽ ڏڪهو ڪندو رهيو. ايتري قدر جو ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين اڪثر انگلستاني فيڪٽرين ۾ ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جو وقت 16 کان 18 ڪلاڪ ورتو ويندو هو.

اڳتي هلي پورهيت طبقي جي واڌ، تنظيم ڪاريءَ ۽ سياسي شعور جي واڌاري جي نتيجي ۾ ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت ۾ گهٽتائيءَ لاءِ اڻ ٽڪ جدوجهد شروع ڪئي وئي. جنهن ڪري سرمائيدارن کي جهڪڻو پيو ۽ نتيجي ۾ ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت کي گهٽائڻ لاءِ ڪيترا قانون جاري ڪيا ويا. انهيءَ مقصد جي لاءِ انگلستان ۾ پهريون قانون 1833ع ۾ جاري ڪيو ويو. جنهن موجب، اهو طئي ڪيو ويو تہ 13 سالن تائين وارن ٻارن کان وڌ ۾ وڌ 8 ڪلاڪ ۽ 13 کان 18 سالن جي ٻارن کان وڌ ۾ وڌ 12 ڪلاڪ ڪم وٺي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح 1844ع جي فيڪٽري قانون موجب، طئي ٿيو تہ عورتن کان روزانو وڌ ۾ وڌ 12 ڪلاڪ

ڪر وڻي سگهجي ٿو. 1847ع ۾ انهيءَ قانون ۾ ٻيهر ترميم ڪئي وئي ۽ عورتن ۽ 13 کان 18 سالن جي ٻارن لاءِ ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت گهٽ ڪري 10 ڪلاڪ ڪيو ويو.

اهڙيءَ طرح پورهيت طبقي جي جدوجهد، جيئن جيئن وڌندي رهي، تيئن تيئن سرمائيدارن کي وڌيڪ رعايتون ڏيڻيون پيون. 1901ع ۾ ڏهاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت بابت مٿي ڏسيل حدبندين کي سيني برطانوي مزدورن سان لاڳو ڪيو ويو ۽ نوان ضابطا ۽ قاعدا منظور ڪيا ويا، جنهن موجب طئي ٿيو ته بالغ مزدور سومر کان جمع تائين هر ڏينهن تي 12 ڪلاڪ ڪم ڪندا ۽ چنڇر تي 5.5 ڪلاڪ ڪندا. (يعني هفتي ۾ ڪل 65.5 ڪلاڪ) ۽ عورتون ۽ ٻار هفتي ۾ 56.5 ڪلاڪ ڪم ڪندا. ان کان پوءِ انگلينڊ توڙي ٻين ملڪن ۾ پورهيي ۽ ڪم ڪار بابت ٻيا به ڪيترائي قائدا ۽ قانون جاري ڪيا ويا. پهرين عالمي جنگ کان اڳ ڪيترن ئي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ هڪ ڏينهن ۾ 10 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو اصول قائم ٿيل هو.

آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ روس ۾ ڏينهن ۾ 8 ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جو اصول مقرر ڪيو ويو. انقلاب جي اهڙي قدم جي نتيجي ۾ سرمائيدار ملڪن تي دٻاءُ پيو تنهن کان سواءِ خود انهن ملڪن ۾ پورهيتن جي پنهنجي حقن جي جدوجهد به تيز تر ٿيندي رهي، جنهن جي نتيجي ۾ سرمائيدارن کي پوئتي هٽڻو پيو ۽ 1919ع ۾ ڪيترن ئي سرمائيدار ملڪن جا نمائندا واشنگٽن ۾ اچي ڪنا ٿيا هئا، جتي هڪ بين الاقومي معاهدي طور طئي ٿيو ته ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 8 ڪلاڪن کان مٿي نه هوندو. اها ڳالهه صحيح آهي ته سيني حڪومتن انهيءَ معاهدي کي قبول ڪونه ڪيو آهي پر پوءِ به وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اڪثر سرمائيدار ملڪن ۾ 8 ڪلاڪن وارو اُصول قبول ڪيو ويو آهي.

اڄ ڪلهه ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت جي ڇڪتاڻ ۽ ويڙهه هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته 1936ع ۾ سٽزرلينڊ ۾ صنعتڪاريءَ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت حڪومت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ

هڪ قانون جي ذريعي هفتي ۾ چاليهن ڪلاڪن جو اصول طئي ڪيو ويو جنهن کان پوءِ آمريڪا ۾ ٻين ملڪن ۾ هفتي ۾ چاليهه ڪلاڪن جي ڪم جو اصول لاڳو ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح جنوري 1982ع ۾ فرانس ۾ هڪ نئون قانون منظور ڪيو ويو جنهن ۾ هفتيوار ڪم جي وقت کي گهٽائي 39 ڪلاڪ ڪيو ويو آهي.

ڏاڙي ڪم ڪار جي وقت ۾ گهٽتائيءَ وارا قانون دراصل سرمائيدارن جي خلاف پورهيت طبقي جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي عڪاسي آهن. پر پوءِ به نجي پجي زائد قدر جا ڳولائو سرمائيدار اڄ به اهڙن قانونن کي نظر انداز ڪندا رهندا آهن. اهي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهن قانونن جي حدن ۽ پابندين کي اورانگهيندي ۽ منهن موڙيندي، مزدورن کان وڌيڪ ڪم ڪرائيندا آهن. جيئن 43.8 ڪلاڪ هفتيوار ڪم ڪندڙ هئا، برطانيا ۾ 41.9 ڪلاڪ، اولهه جرمنيءَ ۾ 41.6 ڪلاڪ، اسپين ۾ جپان ۾ 41.2 ۽ آمريڪا ۾ 39.7 ڪلاڪ ڪم ڪندڙ هئا.

ترقي پذير ملڪن ۾ هفتيوار ڪم ڪار جا وقت اڃا به وڌا ۽ گهڻا ٿين ٿا. اهڙن ملڪن ۾ هفتي ۾ 45 کان 56 ڪلاڪ ڪم ورتو وڃي ٿو. آفريڪا ۾ هفتيوار ڪم ڪار جا وقت لڳ ڀڳ 47 ڪلاڪ آهي. ايشيا ۾ 48 ڪلاڪ آهي. اهڙيءَ طرح ڪجهه الڳ الڳ ملڪن، جهڙوڪ: ڏکڻ ڪوريا، برونڊي، سينگاپور ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ هفتيوار ڪم ڪار جا وقت ترتيبوار 53.1، 49، 48.6، 48.4 ڪلاڪ آهي.

ڏاڙي ڪم ڪار جي وقت کي وڏي ڪرڻ ۽ نجي ۽ خالص زائد قدر کي وڌائڻ لاءِ هڪ طريقو اوور ٽائيم يا واڌو وقت جو به آهي. اهو طريقيڪار ترقي پذير توڙي ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ وسيع پئماني تي استعمال ڪيو وڃي ٿو. جنگي سامان سڙو ۽ هٿيار تيار ڪندڙ صنعتن ۾ هن طريقي کي باقائدگيءَ سان ڪتب آندو وڃي ٿو. اهڙين صنعتن ۾ فوج گيريءَ جي مفادن واسطي پورهيت ماڻهن جي بنيادي حقن کي به پيٺيو وڃي ٿو. اوور ٽائيم يا واڌو وقت ۾ ڪم ڪرڻ جي ڪري وڌيڪ نفعو ٿيندو آهي، جيڪو مالڪ کي ته ملندو آهي پر انهيءَ جا منفي اثر

پورهيت طبقي تي پوندا آهن. سندن صحت خراب ٿي پوندي آهي ۽ ٽڪاوٽ جي باوجود ڪم ڪرڻ جي ڪري، کين چوٽون ۽ ضربون به رسنديون آهن. (ڏڪ لڳندا آهن ۽ سندن هٿ پير به وڌجندا آهن.)

پورهيي جي شدت ۾ واڌ: جيتوڻيڪ سرمائيدار ڏاڙي ڪم ڪار جي وقت بابت، عائد ٿيل قانونن کان بچڻ لاءِ وڌا وس ڪندا آهن پر پوءِ به اهي قانوني حدبنديون، سندن راهه ۾ رڪاوٽ ضرور ٿين ٿيون ۽ زائد قدر جي مقدار کي وڌائڻ لاءِ پورهيي جي قوت ۽ سگهه جي کپت جي اضافي جي سلسلي ۾ سندن ڪوششون گهربل نتيجا نٿيون ڏين، پر ٻئي پاسي سرمائيدار جو پيٽ تيستائين نٽو پرجي جيستائين پورهيت جو رت ست نپوڙي ۽ چوسي نٽو وٺي ۽ پورهيت جي پورهيي جي سگهه کي سستو ۽ نبل نٽو بنائي ڇڏي. هو ان کان ٻيو ڪجهه ڪري به نٽو سگهي: ۽ جي هو ائين نٽو ڪري ته پنهنجي لاءِ وڌ ۾ وڌ منافعو به حاصل ڪري نه سگهندو. اصل ۾ اها ئي صورتحال هوندي آهي: جنهن جي نتيجي ۾ سرمائيدار پورهيي جي شدت ۽ زورآوريءَ ۾ اضافي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو اهڙيون ترڪيبون ڪتب آڻيندو آهي: ته جيئن ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت ۾ ڪنهن اضافي ڪرڻ کان سواءِ ئي پورهيت جي جسماني ۽ دماغي توانائيءَ جو آخري ڦڙو به نچوڙي ڪڍي سگهي.

پورهيت جي زورآوريءَ ۾ اضافي جو مطلب اهو آهي ته ڪم ڪار جي رفتار کي وڌايو وڃي: ۽ پيداوار ۾ اضافي لاءِ پورهيي جي شدت ۾ واڌ آندي وڃي، يعني محنت جي مدت جي ڪنهن هڪ ايڪي ۾ پورهيت کان وڌ ۾ وڌ پورهيو ڪرايو وڃي ته جيئن هو وڌ ۾ وڌ پورهيي جي سگهه صرف ڪري سگهي يعني مقرر ٿيل ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت ۾ هن کان زوريءَ وڌيڪ پورهيو ڪرايو وڃي، ۽ ان کي ساهه ڪڍڻ جيتري وٺي به نه ڏجي. سرمائيدار انهيءَ ڳالهه کي يقيني بنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته پورهيت ڏاڙي جي ڪم ڪار جي وقت جي دوران هر لمحي ۽ هر گهڙيءَ ڪم ۾ جوتيل رهي. جهڙيءَ طرح ڏاڙي ڪم ڪار

جي وقت کي وڌائي، پورهيي جي قوت ۽ سگهہ جي کاپي جي مقدار ۾ واڌ ايندي آهي، اهڙيءَ طرح پورهيي جي شدت وارو اضافو ۽ پورهيي جي طاقت جي کاپي ۾ واڌ آڻيندو آهي. فرق رڳو اهو هوندو آهي ته پهرئين ڏسيل طريقي جي نتيجي ۾ اهو اضافو واڌو ڪم ڪار جي وقت ۾ ڪم ڪندي ٿيندو آهي، پوئين ڏسيل طريقي جي نتيجي ۾ سرمائيدار انهيءَ اضافي کي حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل ڪم ڪار جي وقت وارن ڪلاڪن ۾ ئي في ڪلاڪ جي حساب سان پورهيي جي طاقت جي کپت وڌائي ڇڏيندو آهي.

پورهيي جي شدت ۽ تيزيءَ ۾ واڌ جو مفهوم اهو آهي ته في ڪلاڪ جي حساب سان پورهيي جي مقدار جي کپت ۾ اضافو آندو وڃي. تنهن ڪري پيداوار ۾ پورهيي جي لاڳت وڌيڪ ٿيندي آهي ۽ ان ڪري ان جو قدر به وڌڻ لڳندو آهي، ان ڪري هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته اهڙن طريقن جي اختيار ڪرڻ سان زائد قدر جي پيداوار مان ڪمڙا نتيجا نڪرن ٿا، گذريل مثال کي اڳيان رکي ڏسنداسين ته ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 10 ڪلاڪ آهي، پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالر آهي، ۽ هڪ پورهيت، هڪ ڪلاڪ ۾ ٻن ڊالرن جو قدر پيدا ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن پورهيي جي تيزيءَ ۾ 1.5 هوڻ تي اضافو ٿئي ٿو ۽ پورهيت هڪ ڪلاڪ ۾ 1.5 هوڻ تي قدر يعني ڊالرن جو قدر پيدا ڪري ٿو ته پورهيي جي طاقت جو قدر پهرين جيان پنجن ڪلاڪن ۾ پيدا ٿيڻ جي بجاءِ 3_3/1 ڪلاڪن ۾ پيدا ٿيندو. (3:10=3_1/3) جيڪا پورهيي واجبي مدت هوندي، انهيءَ صورتحال ۾ واڌو پورهيي جي مدت 6_3/2 ڪلاڪ (3_3/1_10 ڪلاڪ = 6_3/2 ڪلاڪ) هوندي. انهيءَ واڌو مدت جي دوران، پورهيت 20 ڊالرن جو زائد قدر پيدا ڪري ٿو. (3 ڊالر + 6_3/2= 20 ڊالر) انهيءَ کي هيٺ ڏنل شڪل ۾ ڏسي ۽ سمجهي سگهجي ٿو.

هڪ ڏينهن جو ڪم 10 ڪلاڪ آهي

3_3/1 ڪلاڪ واجبي پورهيي جي مدت= واڌو پورهيي جي مدت 6_3/2 ڪلاڪ

اهڙيءَ طرح اهو به ڏسي سگهجي ٿو ته پورهيي جي تيز رفتاريءَ مان سرمائيدار کي ڪيئن ۽ ڪيترو فائدو ٿئي ٿو؟ چاڪاڻ ته هن طريقي کي آزمائڻ کان اڳ هر هو 10 ڀالرن جو زائد قدر روڙي ونندو هو. ۽ پورهيي هر تيزي آڻڻ جي ڪري انهيءَ انگ هر ٻيڻ تي واڌ آئي آهي. تنهن ڪري زائد قدر جي شرح 100 سيڪڙو وڌي وڃي ٿي. (100_=100 10/10=100+m/u=m) يعني 100 سيڪڙو مان وڌي هاڻي اها (200٪=100+20/10=m) 200 سيڪڙو ٿي وڃي ٿي.

زائد قدر جي مقدار ۽ شرح هر انهيءَ واڌ جو سبب اهي به وصفون آهن، جن کي پورهيي جي تيز رفتاريءَ، زائد قدر جي پيداوار هر گهلي آندو آهي. اول اهو ته، پورهيي هر تيز رفتاريءَ جي ڪري، پورهيت پنهنجي پورهيي جي طاقت جيترو قدر ٿوريءَ ئي مدت هر پيدا ڪري ٿو، جنهن ڪري واجبي پورهيي جي مدت گهٽجي وڃي ٿي. ۽ انهيءَ جي مطابقت سان واڌو پورهيي جي مدت وڌي وڃي ٿي. ٻيو اهو ته، پورهيت واڌو پورهيي جي مدت دوران هر هڪ ڪلاڪ هر اڳ کان وڌيڪ زائد قدر پيدا ڪري ٿو. ان ڪري واڌو پورهيي جي مدت به وڌي وڃي ٿي ۽ انهيءَ مدت جي دوران زائد قدر جي في ڪلاڪ پيداوار به وڌي وڃي ٿي. ٻين لفظن هر پورهيت ماڻهن جي پورهيي هر تيز رفتاريءَ جي ڪري سرمائيدار وڌيڪ منافعو ڪمائيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدار پورهيت ماڻهن جي هر قسم جي صحت توڙي جسماني ۽ دماغي صلاحيتن تي پوندڙ ڌپاءُ کان منهن موڙي به پورهيي جي تيز رفتاريءَ کي وڌائيندا رهندا آهن.

پورهيي جي تيز رفتاريءَ کي وڌائڻ لاءِ سرمائيدار ڪهڙا ڪهڙا حربا ۽ حيلا هلائيندا آهن؟! اهي پورهيتن کي وڌ هر وڌ تيز رفتاريءَ سان ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن. تنهن کان سواءِ اهي پيداوار هلندي ساهين کي گهٽ ۽ ننڍو ڪندا آهن يا بنهه ختم ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن مقصد لاءِ اهي اهڙا مشيني اوزار فٽ ڪندا آهن، جن مان هرهڪ اوزار تي هڪ ئي مزدور ڪم ڪندو آهي. ۽ اهي ڪم ڪار جي رفتار توڙي شين کي آڻيندڙ ۽ نيئندڙ تختن ۽ پٽن (ڪنويئر بيلٽ) جي رفتار وڌائي

ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح سرمائيدار ڏينهن جي ڪم ڪار جي ڪوٽا ۽ وڌائيندا ويندا آهن ۽ وقت جي پيمائش جي لاءِ خودڪار واچن ۽ گھڙيالن جي استعمال کي ۽ وسعت ڏيندا رهندا آهن.

اهڙيءَ طرح اهڙين مشينن کي پڻ پراڻو ڄاڻائي هٽايو ويندو آهي، جن تي ڇگو خاصو تڪڙو پورهيو ڪرڻو پوندو آهي ۽ انهن جي جاءِ تي اهڙيون مشينون هنيون ويندیون آهن، جيڪي پورهيت کي وڌ ۾ وڌ پورهيي ڪرڻ تي مجبور ڪنديون آهن. (مثال اتليءَ جي هڪ پائيپ ناهيندڙ فيڪٽريءَ ۾ هڪ نيم خودڪار مشين لڳائي وئي، جنهن تي ڪم ڪرڻ واري کي هر ٻن سيڪنڊن ۾ 14 حرڪتون ڪرڻيون پون ٿيون). هن طرح جي ڪم ڪار جي وڌندڙ رفتار کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ڪمپيوٽر ۽ ٽيليويزنن کي استعمال ڪيو وڃي ٿو جھڙوڪ: ڪرائسلر ۽ ويٽنگ هائوس جي اليڪٽرڪ جي ڪارخانن ۾ اليڪٽرانڪ جا اوزار مزدورن کي وڌ ۾ وڌ ۽ ٽڪائيندڙ ڪمن ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهن.

موجوده سرمائيدار ملڪن جي ڪيترن ڪارخانن ۾، جسماني تڪڙي پورهيي جي شدت، ڪم ڪار جي عملي سرگرمين واريون حدون اورانگهي رهي آهي، انهيءَ سان گڏوگڏ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي همعصر انقلاب جي نتيجي ۾، جسماني توانائي جي جاءِ ذهني توانائي جي لاڳت وڌيڪ اهميت اختيار ڪندي پئي وڃي، جنهن ڪري اڄوڪي دؤر جي پورهيت کي گھٽيون مشينون هلائڻيون پون ٿيون ۽ گھٽن اوزارن کان ڪم وٺڻو پوي ٿو ۽ انتهائي تڪڙي تبديل ٿيندڙ ٽيڪنالاجيءَ جون تقاضائون پوريون ڪرڻيون پون ٿيون ۽ کين ڪيترا فيصلا پاڻ مرادو ڪرڻا پون ٿا. اهڙيءَ صورتحال ۾ اڪثر فيصلا هنگامي نوعيت وارا ٿين ٿا، تنهن جي ڪري پورهيت جذباتي دٻاءُ جو شڪار رهي ٿو. جڏهن ته دماغي توڙي اعصابي دٻاءُ پورهيت ماڻهن جي صحت کي مسلسل تباهه ۽ برباد ئي ڪري سگھي ٿو تنهن ڪري اڪثر ڪري اهي ٽڪجي ساڻا ٿي پوندا آهن ۽ دماغي ۽ ذهني بيمارين ۾ وکوڙجي ويندا

آهن. اهو ئي سبب آهي جو پورهيت ماڻهو ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت جي واڌ ۾ تڪڙي پورهيي جي شدت ۾ واڌ، جي سختيءَ سان مخالفت ڪن ٿا ۽ انهيءَ سرمائيدار معقوليت جي خلاف جدوجهد ڪن ٿا، جيڪا جسماني ۽ ذهني ڏيءَ جون حدون اورانگهي ويڃي ٿي ۽ بهتر ڪم جي حالتن ۽ مرمت جي بهتر سهوليتن جي گهرجن کي پورو نٿي ڪري.

نسبتي يا واڌو زائد قدر: جيئن ته سرمائيدارن جي پاران، زائد قدر جي وڌائڻ وارين سيني ڪوششن ۽ چالبازين جو پورهيت مڙس ٿي مقابلو ڪندا آهن، جن چالبازين جي ذريعي سرمائيدار نج پڇ ۽ واضح نموني سان پورهيي جي طاقت کي وڌ ۾ وڌ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ان ڪري سرمائيدار مفت پورهيي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن لڪل ۽ اڻ چٽن حربن ۽ چالبازين کان ڪم ونندا آهن. جنهن لاءِ اهي ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت جي مقرر ٿيل دائري ۾ رهندي ئي زائد قدر ۽ واجبي پورهيي جي تناسب ۾ اهڙيون تبديليون آڻيندا آهن، جن جي نتيجي ۾ زائد قدر جي مقدار ۽ شرح ۾ واڌ ايندي آهي. جنهن لاءِ پوين بابن ۾ ڏنل مثالن سان شروعات ڪجي ٿي. جنهن موجب ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 10 ڪلاڪ، پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالر، اجرتي پورهيت پيدا ٿيل قدر في ڪلاڪ جي حساب سان 2 ڊالر، واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪ ۽ واڌو مدت 5 ڪلاڪ آهي.

ڏهاڙي ڪم جو وقت 10 ڪلاڪ

واڌو پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪ

واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪ

فرض ڪريو ته واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪن مان گهٽائي 4 ڪلاڪ ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ واڌو پورهيي جي مدت (جيڪڏهن ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 10 ڪلاڪ آهي) 6 ڪلاڪ ٿيندي. ان جو نقشو هينئين خاڪي مطابق ٻيهندو.

ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 10 ڪلاڪ

واڌو پورهيي جي مدت 6 ڪلاڪ

واجبي پورهيي جي مدت 4 ڪلاڪ

سرمائيدار هن طويل تر واڌو مدت مان فائدو ڪيئن حاصل ڪندو آهي؟ ڇو تہ 6 ڪلاڪن جي واڌو پورهيي دوران، پورهيت 12 ڊالرن جو زائد قدر پيدا ڪندو آهي. (2 ڊالر+6-12 ڊالر) اهڙيءَ طرح سرمائيدار کي زائد قدر جي حساب ۾ ٻہ وڌيڪ ڊالر حاصل ٿيندا آهن. جيڪا زائد قدر جي ڪل مقدار ۾ 1.2هوڻ تي واڌ هوندي آهي. (12 ڊالر: 10 ڊالر= 1.2) ۽ زائد قدر جي شرح ٻہ انميءَ حساب سان وڌندي آهي. (m= واڌو پورهيي جي مدت/ واجبي پورهيي جي مدت= 6 ڪلاڪ/ 4 ڪلاڪ+ 100= 150سيڪڙو)

يعني زائد قدر جي شرح ۾ 1.2هوڻ تي واڌ اڇي ويندي آهي. (150٪:100٪=1.5) اهڙيءَ طرح زائد قدر جو زائد تناسب استحصال جي قدر کي وڌائي ڇڏيندو آهي. ۽ انميءَ سان گڏ زائد قدر جي مقدار ۾ ٻہ اضافو ڪري ڇڏيندو آهي. اهو زائد قدر جيڪو واجبي پورهيي جي مدت جي ڪميءَ ۽ انميءَ مطابقت سان واڌو پورهيي جي مدت ۾ اضافي سان پيدا ٿيندو آهي، ان کي اضافي يا نسبتي زائد قدر چئبو آهي. سرمائيدار واجبي پورهيي جي مدت کي گهٽائڻ لاءِ ڪمڙيون انڪلون سٽڪلون ڪندو آهي. دراصل انميءَ جو هڪ ئي طريقو هوندو آهي. ۽ اُهو اهو آهي تہ پورهيي جي طاقت جي قدر ۾ گهٽتائي آندي وڃي. مٿين ڏنل مثال مطابق واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪن مان گهٽائي 4 ڪلاڪ صرف انميءَ صورت ۾ ئي سگهي ٿي تہ پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالرن مان گهٽجي 8 ڊالر ٿي وڃي. ڇو تہ پورهيي جي طاقت جي برابر قدر يعني 8 ڊالر پورهيي جي 4 ڪلاڪن جي مدت ۾ پيدا ٿين ٿا. (8 ڊالر: 2 ڊالر= 4 ڪلاڪ)

اسان ڏٺو آهي تہ پورهيي جي طاقت جو تعين، پورهيت ۽ ان جي خاندان جي گذر سفر لاءِ گهربل خرچن جي قدر مان ٿئي ٿو. ان ڪري موجود حالتون ڪمڙيون ٻہ هجن، پورهيي جي طاقت جي قدر کي انميءَ

حساب سان ئي گهٽائي سگهجي ٿو ته انهن سيني ويڪو شين جي مجموعي قدر ۾ ڪمي آندي وڃي. جيڪي پورهيت ۽ ان جو خاندان استعمال ڪندو آهي. ڇو ته ويڪو شين جو قدر پورهيي جي پيداوار سان ابتي نسبت رکندو آهي، ان ڪري پورهيت جي زندگيءَ جا خرچ صرف انهيءَ صورت ۾ ئي گهٽجي سگهن ٿا، جين لفظن ۾ پورهيت جي پورهيي جي طاقت جو قدر صرف انهيءَ صورت ۾ گهٽجي سگهي ٿو جڏهن انهن صنعتن ۾ پورهيي جي پيداوار وڌائي وڃي، جيڪي پورهيت جي زندگيءَ لاءِ ضروري شيون پيدا ڪن ٿيون.

اضافي يا نسبتي زائد قدر جي تخليق جو اصل بنياد اهو ئي آهي. انهيءَ جون پاڙون پورهيي جي اجتماعي پيداوار جي واڌويجهه ۾ ئي ڪُتل هونديون آهن، جيئن ته سرمائيدار انهيءَ واڌويجهه ۽ اضافي کي پنهنجي تنگ نظر طبقاتي مفادن لاءِ استعمال ڪندا آهن، ان ڪري اهي انهيءَ بنياد تي ئي پنهنجيءَ استحصال جي شرح کي وڌائيندا آهن ۽ قدر زائد کي ڦهائيندا آهن، مٿين ڳالهه جو تت پيش ڪندي، نسبتي يا اضافي زائد قدر جي واڌ ويجهه جي اقتصادي طور طريقن جي سلسليوار مرحلن کي هينئن بيان ڪري سگهجي ٿو.

اول: انهن صنعتن ۾ پورهيي جي پيداوار وڌندي آهي، جيڪي پورهيت ۽ ان جي خاندان لاءِ زندگيءَ جي سامان سڙي جو بندوبست ڪنديون آهن، انهن مان بنيادي اهميت واريون اهي صنعتون هونديون آهن، جيڪي اهڙيون شيون گهڙيون پيدا ڪنديون آهن، جن کي پورهيت واهپي ۾ آڻيندو آهي ۽ ان کان سواءِ اها اهميت انهن صنعتن کي پڻ حاصل هوندي آهي، جيڪي پورهيت جي واهپي ۾ ايندڙ شين جي تياريءَ جي دوران استعمال ۾ ايندڙ مشينن کي تيار ڪنديون آهن.

بيو: مٿي ڄاڻايل صنعتن ۾ پورهيي جي پيداوار جي نتيجي ۾ پورهيت ۽ ان جي خاندان جي گذر سفر جي ذريعن جو قدر گهٽجي ويندو آهي.

ٽيون: پورهيت جي گذر سفر جي ضروري ذريعن جو قدر جيترو گهٽجي ويندو آهي، اوترو ئي ان جي پورهيي جي طاقت جو قدر به گهٽجي ويندو آهي.

چوٿون: پيداوار جي دوران برابر يا هڪ جيترو قدر پيدا ڪرڻ ۾ گهٽ مدت لڳندي آهي. ٻين لفظن ۾، وچئين پورهيي جي مدت گهٽجي ويندي آهي.

پنجون: ڪنهن به ڏنل ڏاڙي جي ڪم ڪار واري وقت جي مقرر مدت مان واجبي پورهيي جي مدت ۾ گهٽتائي جو لازمي مفهوم اُهو ٿو ٿئي ته واڌو پورهيي جي مدت ۾ اضافو ئي ٿيو آهي.

ڇهون: واڌو پورهيي جي مدت ۾ اضافي جو مطلب اهو آهي ته پورهيت اڳ جي پيٽ ۾، سرمائيدار لاءِ وڌيڪ ڪم ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح هو اڳ وڌيڪ واڌو پورهيي جي مدت ڏئي رهيو آهي.

ستون: وڌيڪ پورهيي جي لاڳت جو مطلب اهو آهي ته وڌيڪ زائد قدر پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو سڄو سارو سرمائيدار وٽ وڃي رهيو آهي.

زائد قدر ۽ پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ: جيئن ته پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ، زائد قدر کي وڌائيندي آهي، ان کري سرمائيدار ان وقت تائين پورهيي جي پيداوار کي وڌائيندو رهندو آهي، جيستائين اُها منافعو ڏيندي رهندي آهي. سرمائيداريءَ هيٺ، پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي جو عمل، ٽن اهم تاريخي مرحلن مان گذريو آهي. هڪ سادي سرمائيداريءَ جو دؤر، ٻيو پورهيي جي ورڇ ۽ ڪاريگريءَ وارو دؤر ۽ ٽيون مشيني پيداوار يا وڏي پئماني وارين صنعتن جو دؤر آهي. (جنهن تي ٻئي باب ۾ تفصيلوار بحث ٿي چڪو آهي) مشيني پيداوار جي مرحلي ۾، سامان سڙي، پيداواري ٽيڪنڪ ۽ پورهيي جي تنظيم ڪاريءَ کي سڌاري ۽ افرادي قوت جي مهارتن جي سطح کي مٿيرو ڪري پورهيي جي پيداوار ۾ اضافو ڪيو ويندو آهي، انهيءَ دوران سرمائيدار پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکندي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ايجادن ۽ کوجنائن کي استعمال ڪندا آهن، ۽ پورهيت طبقي جي مفادن جي خلاف هڪ ٻيو وڌيڪ مورچو کولي ڇڏيندا آهن.

وڌ ۾ وڌ زائد قدر جي حاصلات لاءِ، سرمائيدارن جي ڊوڙ ڊڪ ۽ جاکوڙ، سرمائيدار ترقيءَ جي مرحلي ۾، پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي جو

سبب ٿيندي آهي. انهن مڙني مرحلن ۾ پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي جي شرح گهٽجندي ناهي، بلڪ رهندو وڌندي ويندي آهي. جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته اضافي زائد قدر ايجا به وڌيڪ تيزيءَ سان وڌندو آهي. جنهن جي وضاحت هينئين وضاحت مان ٿئي ٿي.

آمريڪا ۾ 1859ع کان 1899ع تائين صنعتي مزدور جي في ڪس پيداوار ۾ 1.7هوڻ تي واڌ آئي هئي. اهڙيءَ طرح 1899ع کان 1939ع جي وچ ۾ 2.2هوڻ تي اضافو ٿيو ۽ 1939ع کان 1979ع تائين اهو 3.8هوڻ تي ٿي ويو. ٻين سرمائيدار ملڪن ۾ پڻ پورهيي جي پيداوار جي شرح ۾ اضافي جو اهو ئي رجحان رهيو آهي. جيئن جاپان ۾ 1950ع کان 1980ع جي وچ ۾ 11هوڻ تي اضافو ٿيو آهي. اٽليءَ ۾ 5هوڻ تي، اولهه جرمنيءَ ۾ 4هوڻ تي، فرانس ۾ 3.6هوڻ تي ۽ برطانيه ۾ 2.5هوڻ تي ٿيو آهي.

اهڙي نموني ترقي پذير ملڪن ۾ به پورهيي جي پيداوار ۾ ڇڳو ٻلو اضافو ٿيو آهي. پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ، ماڻهن جي چڱ ٻلائي، تعليم ۽ ثقافتي زندگيءَ جي سڌاري، بهتري ۽ انسانيت کي بک ۽ بيمارين کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ ۾، بي انداز موقعا فراهم ڪندي آهي ۽ لڳاتار ۽ پائدار سماجي ترقيءَ لاءِ نون آسرن ۽ اميدن کي پيدا ڪندي آهي. ۽ ساڳي وقت ترقي يافته ملڪن لاءِ اهو ممڪن ٿي پوندو آهي ته اهي گهٽ ترقي ڪيل ملڪن جي مدد ۽ سهائتا ڪن. پر سرمائيداري اهڙن مڙني موقعن جا دروازا بند ڪري ڇڏيندي آهي. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه ان جي ذاتي مفادن جي خلاف هوندي آهي ۽ پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي کي رڳو زائد قدر جي وڌائڻ جو ذريعو بنائي ڇڏيندي آهي، ته جيئن سرمائيدارن کي ايجا وڌيڪ مال ميڙڻ جو موقعو مهيا ٿي سگهي.

وافر يا آڻ ـ ميو زائد قدر: پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ آڻي، سرمائيدار نه صرف اضافي ۽ نسبتي زائد قدر حاصل ڪندا آهن، پر وافر (اڀ ميو) زائد قدر به ٺهائيندا آهن. وافر زائد قدر، اهو قدر هوندو آهي، جيڪو انفرادي ۽ اڪيلو سرمائيدار ويڪو شين جي سماجي قدر ۽ پنهنجي ڪاروبار جي

قدر ۾ فرق جي بنياد تي حاصل ڪندو آهي. اهو فرق ان ڪري پيدا ٿيندو آهي جو سرمائيدار جي ڪارخاني ۾ پورهيي جي پيداوار عام سراسري پيداوار کان وڌي ويندي آهي.

هن ئي باب ۾ اڳ ۾ ڄاڻايل مثال موجب: پورهيت پهرين 10 ڪلاڪ ڪم ڪندو هو ۽ ان جي پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالر هو. ۽ هو 10 ڊالر زائد قدر پيدا ڪندو هو. جيڪڏهن فرض ڪجي ته پورهيت هڪ ڏينهن ۾ پيداوار 10 ايڪا يا عدد پيدا ڪري ٿو. ۽ هر ايڪي ۾ پراڻي قدر جي هڪ ايڪي جو هڪ ڊالر ملائجي ٿو جيڪو پورهيت جي حقيقي ۽ نئوس پورهيي جي ذريعي پيداواري ذريعن جي قدر مان انهيءَ ۾ منتقل ٿئي ٿو ته ان جي هڪ ڏينهن جي ڪل پيداوار جو ڪل قدر 30 ڊالر ٿئي ٿو. (30=m10xv10x c10) ۽ پيداوار جي هر ايڪي جو سماجي قدر 30 ڊالر ٿئي ٿو. (30 ڊالر: 10 = 3 ڊالر) جيڪڏهن سرمائيدار پورهيت جي پيداوار کي ويٽو ڪري ڇڏي ته پورهيت هڪ ڏينهن ۾ پيداوار جا 20 ايڪا پيدا ڪندو ۽ اڳ وانگر انهن مان هر ايڪي ۾ پراڻي قدر جي هڪ ڊالر جي گڏپ يا ملاوٽ ٿيندي يعني اهڙيءَ طرح ان جو قدر وڌي 20 ڊالر ٿي ويندو.

اسان (پهرئين باب ۾) اڳ ۾ ئي ڏسي آيا آهيون ته پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي يا واڌ سان نئين قدر ۾ ڪا قيرقار رونما نٿي ٿئي، بلڪ اسان جي مثال يا حساب مطابق اها پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ يا اضافي کان پهريان وانگر هاڻ به 20 ڊالر ئي آهي، پر جيڪڏهن انهن کي انهن پيداواري ذريعن جي قدر سان ملايو ويجي، جيڪي پيداوار ڪندي وقت خرچ ٿين ٿا ته انهن جو ڪل قدر ڦري 40 ڊالر ٿئي ٿو. (40=m10xv1xc20) پيداوار جي انهن سيني ايڪن جي ڪل قيمت اها ئي ٿئي ٿي، اهڙيءَ طرح هڪ ايڪي جي انفرادي قيمت 20 ڊالر ٿئي ٿي. (40 ڊالر: 20= 2 ڊالر) پر پوءِ به هڪ سرمائيدار انهن ويڪو شين کي منڊيءَ ۾ ٻين سرمائيدارن جي ويڪو شين وانگر سندن سماجي قدر جي حساب سان وڪرو ڪندو آهي. يعني هو هر ايڪي جا 3 ڊالر حاصل

ڪندو آهي. انهيءَ حساب سان هو 20 ايڪن جا 60 ڊالر وصول ڪندو آهي. جن مان پيداواري ذريعن تي خرچ ڪندو آهي ۽ 10 ڊالرن جي ذريعي پورهيي جي طاقت خريد ڪندو آهي، باقي 30 ڊالر زائد قدر جي نالي ۾ سرمائيدار جي هٿ چڙهندا آهن. هيءَ ته پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي کان اڳ جيترو زائد قدر حاصل ٿيندو آهي، ان کان به 20 ڊالر وڌيڪ آهن. (30 ڊالر – 40 ڊالر = 20 ڊالر).

اهڙيءَ طرح وافر زائد قدر کي قبضي ۾ کان پوءِ سرمائيدار نه رڳو زائد قدر جي مقدار ۾ واڌ آڻيندو آهي پر ان جي شرح ۾ به واڌ آڻيندو آهي. اهڙيءَ طرح مٿئين مثال مان زائد قدر جي شرح ۾ ٽيڪ تي واڌ آئي آهي. پهرئين صورت ۾ ان ۾ 100 سيڪڙو واڌ آئي آهي. (100%=100x10/1=100xm/v=m) ٻيءَ صورت ۾ ان ۾ 200 سيڪڙو واڌ ٿي آهي (300%=100+30/10=100+m/u=m) زائد قدر جي اضافي ۽ وافر شڪلين ۾ هڪ جهڙايون به آهن ۽ فرق به= پر انهن ٻنهي ۾ بنيادي گڏيل وصف اها آهي ته انهن ٻنهي جو سرچشمو پورهيي جي پيداوار ۾ اضافو ۽ واڌ آهي، پر پوءِ انهن ٻنهي ۾ هڪڙو فرق آهي. اهو هيءَ ته وافر زائد قدر انفرادي پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي، يعني اُتان منافعو رڳو اهڙن ڪارخانن کي حاصل ٿيندو آهي، جتي انهيءَ جي پيداوار ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو وافر زائد قدر ڪنهن سلائي فيڪٽريءَ جي مالڪ کي انهيءَ جي ڪري حاصل ٿيندو آهي، جو سندس سلائي فيڪٽريءَ ۾ پورهيي جي پيداوار وڌي ويندي آهي، جڏهن ته نسبتي يا اضافي زائد قدر اجتماعي پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ جي ڪري حاصل ٿيندي آهي. يعني اهو ڪنهن هڪ ڪارخاني کي حاصل نه ٿيندو آهي پر قومي يا سماجي معيشيت جي انهن سيني حلقن جي سرگرمين جو نتيجو هوندو آهي، جن جي پيداوار جي نتيجي ۾ پورهيي جي طاقت جي قدر جي تشڪيل ۽ جوڙجڪ ٿيندي آهي.

وافر ۽ نسبتي زائد قدر ۾ هڪ هڪجهڙائي يا ساڳيائپ اها به آهي ته اهي ٻئي (قدر) ڏاڍي ڪم ڪار جي وقت ۾ ڪليءَ ۽ خالص واڌ جي

ذريعي پيدا نہ ڪيا ويندا آهن، پر انهن جي حاصلات لاءِ واجبي پورهيي جي مدت ڪي گهٽائي، واڌو پورهيي جي مدت ڪي طويل ۽ ڏکيو ويندو آهي. هن باري ۾ اڳ ۾ ئي ڏسي آيا آهيون تہ نسبتي زائد قدر ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. هتي ڏسڻو اهو آهي تہ وافر زائد قدر تي ڪيئن ٿا اثرانداز ٿين. مثال طور: ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 10 ڪلاڪ آهي ۽ واجبي پورهيي جي مدت 5 ڪلاڪ آهي، ۽ واڌو پورهيي جي مدت بہ 5 ڪلاڪ آهي. پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالر آهي ۽ زائد قدر بہ 10 ڊالر آهي.

اسان ڏسون ٿا تہ وافر زائد قدر جي تخليق، انهن جي مناسبت ۽ برابريءَ ۾ فرق آڻي ڇڏي ٿي. زائد قدر 30 ڊالر ٿي وڃي ٿو جڏهن تہ پورهيي جي طاقت جو قدر 10 ڊالر ٿئي ٿو. ان جو مفهوم اهو آهي تہ هر 10 ڪلاڪن کان پوءِ 40 ڊالرن جو نئون واڌو قدر پيدا ٿئي ٿو. ٻين لفظن ۾، اڳ وارن 2 ڊالر في ڪلاڪ جي بجاءِ 4 ڊالر في ڪلاڪ جي حساب سان نئون قدر ٿئي ٿو. (4 ڊالر: 10 ڪلاڪ = 40 ڊالر). اهڙيءَ طرح پورهيي جي طاقت جي قدر جي برابر قدر ادائي ڪلاڪن جي ڪم ۾ پورو ٿي وڃي ٿو. (10: 4= ادائي ڪلاڪ) اهي ادائي ڪلاڪ واجبي پورهيي جي مدت چورائين ٿا. انهيءَ حساب سان واڌو پورهيي جي مدت ساڍا ست ڪلاڪ ٿي وڃي ٿي. (0 ڪلاڪ – ادائي = ساڍا ست ڪلاڪ) انهن ساڍن ستن ڪلاڪن ۾ 30 ڊالرن جو زائد قدر پيدا ٿئي ٿو. (4 ڊالر+ ساڍا ست ڪلاڪ = 30 ڊالر) انهيءَ حقيقت جي هيٺ ڄاڻايل شڪل مان عڪاسي ٿي سگهي ٿي.

ڏهاڙي ڪم جو وقت 10 ڪلاڪ

واڌو ڪم جو وقت ساڍا ست ڪلاڪ ـ واجبي ڪم جو وقت اڌ ڪلاڪ

هن خاڪي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ نسبتي زائد قدر وانگر هيءَ بہ واجبي پورهيي جي مدت ۾ ڪميءَ جي نتيجي ۾، واڌو پورهيي جي مدت ۾ اضافو ٿئي ٿو. پوءِ بہ هتي وافر زائد قدر ۽ نسبتي يا اضافي زائد قدر ۾ هڪ وڏو فرق آهي. جو تہ واڌو زائد قدر جي واڌ ۾، واجبي پورهيي جي

مدت ۾ گهٽتائي، پورهيي جي طاقت جي قدر ۾ گهٽتائي جو نتيجو آهي. جڏهن ته وافر زائد قدر جي پيداوار ۾ پورهيي جي طاقت جو قدر نڦو بدلجي. انهيءَ صورت ۾ انفرادي پورهيت جي پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ جو سبب اهو آهي ته اهو پنهنجي ڪم جي هر ڪلاڪ دوران وڌيڪ اجتماعي قدر کي پيدا ڪندو آهي، ۽ اهڙي طرح واجبي پورهيي جي مدت گهٽجي ويڄي ٿي. تنهن ڪري پورهيت کي پنهنجي پورهيي جي طاقت جي قدر جي برابر قدر پيدا ڪرڻ ۾ گهٽ وقت لڳندو آهي.

هڪ ٻيو فرق اهو آهي ته نسبتي يا وافر زائد قدر ڦهائيندڙ سرمائيدارن ۾ به فرق هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن ته پورهيي جي اجتماعي پيداوار ۾ اضافو سيني پورهيتن جي پورهيي جي طاقت جي قدر ۾ گهٽتائي آڻي ڇڏيندو آهي، ان ڪري نسبتي زائد قدر مان سمورا سرمائيدار بلڪ پورو سرمائيدار طبقو فائدو حاصل ڪندو آهي. جڏهن ته وافر زائد قدر مان اهي اڪيلا سرمائيدار فائدو حاصل ڪندا آهن، جن پنهنجن ڪارخانن ۾ اهڙيون نيون ٽيڪنڪي جدتون آنديون آهن، جيڪي ايڏا قومي سطح تائين ميسر ٿي نه سگهيون آهن. وڏيءَ حد تائين اها نواڻ ۽ جدت ئي اجرتي مزدورن جي پورهيي جي پيداوار ۾ اضافي جو ڪارڻ ٿيندي آهي ۽ جيئن ته اسان کي خبر آهي ته اجرتي مزدورن جي پورهيي جي پيداوار ۾ اضافو ۽ انهن جي محنت ئي وافر زائد قدر جو اصل بنياد آهي.

جڏهن ته انفرادي ڪارخانن ۾ آندل اهڙي جدت ۽ نواڻ وقت گذارڻ سان گڏ لازمي طور تي قومي سطح تائين به ڦهلجي ويندي آهي، نتيجي ۾ جيتوڻيڪ ڪجهه عرصي لاءِ اهو پورهيو وڌيڪ پيداوار ڏيندو آهي، پر پوءِ اها عام سماجي پورهيي جي سطح تي اچي ويندي آهي. نتيجي ۾ ويڪو شين جون قيمتون ڪري پونديون آهن ۽ پوءِ انڪاري ۽ سماجي قدرن ۾ ڪو فرق نه پوندو آهي ۽ تنهن ڪري اهو واڌو منافعو ملڻ بہ ختم ٿي ويندو آهي. جنهن مان ڪي سرمائيدار وافر زائد قدر ڪمائيندا هئا. انهن مڙني ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو ته وافر زائد قدر ۽ نسبتي زائد قدر ۾

اهو فرق يا تميز بہ قائم آهي تہ ڪنهن بہ ڪارخاني جو مالڪ مستقل طور تي وافر زائد قدر حاصل ڪري نٿو سگهي. اهو وافر زائد قدر رڳو ڪجهہ وقت لاءِ ئي ڪمائي سگهجي ٿو. تڏهن بہ جيتوڻيڪ ڪنهن هڪ ڪارخاني ۾ ختم ٿي وڃي ٿو ۽ ٻئي ۾ وري ان جي پيداوار شروع ٿي وڃي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اهو چڪر سرمائيداري ڪاروبار ۾ ٽيڪنڪي نواڻ آڻيندو ۽ ترڪيب ڏيندو رهندو آهي.

وافر زائد قدر ۽ ٽيڪنڪي ترقي: وافر زائد قدر جي حاصلات جا آرزومند سرمائيدار پنهنجي انفرادي ڪارخانن ۾ پيداوار کي سراسري پيداوار جي سطح تائين بلند ڪرڻ لاءِ جنبيل رهندا آهن. انهيءَ خواهش جي پيش نظر اهي نئين ٽيڪنالاجيءَ ۾ سڌريل پيداواري طور طريقا استعمال ڪندا آهن. انهيءَ ڪوشش ۾ اهي پنهنجي مخالفن کان اڳ ڪيڏي ويندا آهن. پر سندن مخالف بہ پوئتي رهڻ وارا نہ هوندا آهن؛ اهي بہ وافر زائد قدر جي لالچ ۽ لوڀ ۾ اچتي وڌندا آهن ۽ پنهنجن ڪارخانن ۾ ٽيڪنيڪي جدت ۽ نواڻ کي آڻيندا آهن؛ نتيجي ۾ نئين ٽيڪنالاجي، صنعت جي ڪنهن هڪ خاص شعبي جي سيني ڪارخانن ۾ هڪ ٻئي جي پويان گهڙي ايندي آهي ۽ آهستي آهستي سيني جڳهين تي پراڻين مشينن ۽ ٽيڪنڪي سامان سڙي جي جاءِ والاري ويندي آهي. مجموعي حيثيت ۾ انهيءَ عمل جي نتيجي طور ٽيڪنڪي ترقي وڌندي آهي ۽ سڄي سماج جي پيداواري قوتن جي ترقي ٿيڻ لڳندي آهي.

سرمائيدار نئين ٽيڪنالاجي ان لاءِ نٿو آڻي تہ کو ان کي معاشري جا مفاد مٿا هوندا آهن؛ نہ وري کيس ئي ڪا ٽيڪنيڪي ترقيءَ سان دلچسپي هوندي آهي، نہ کيس ان ڳالهہ جي خواهش هوندي آهي تہ ائين ڪرڻ سان پورهيت جو پورهيو آسان ٿيندو ۽ نہ هو ائين ڪرڻ وقت اهو سوچيندو آهي تہ اهڙيءَ طرح ويڪو شيون سستيون ٿيندون؛ ۽ خريدارن کي فائدو ٿيندو. پر سرمائيدار جي اهڙي عمل جي پويان اهو ئي محرڪ ڪارفرما هوندو آهي تہ هو وافر زائد قدر ڪمائي پنهنجي مخالفن کي

ملهه مارڻ چاهيندو آهي. منافعي خوريءَ جي هن ڏوڙ ۾ ئي ترقي يافته ملڪن جي سرمائيدارن جديد مشيني صنعت کي وجود ۾ آندو آهي ۽ انهيءَ مان فائدو ميڙيندي پورهيت طبقي جي استحصال کرڻ لاءِ وڌيڪ وڌيون برانگهون پريون آهن. اڄڪلهه ته روز بروز نيون مشينون واهپي ۾ آنديون پيون وڃن ۽ آهستي آهستي پراڻي ٽيڪنالاجيءَ جي جاءِ نئين ٽيڪنالاجي وٺي رهي آهي. تنهن کان سواءِ جوهري توانائي ۽ وڏي پئماني تي استعمال ٿي رهي آهي. اهڙيءَ طرح سرمائي جو مشيني دماغ (کمپيوٽر)، فرد پيا عمل (مائيڪرو پروسيسر)، مشيني دستکاري (Manipuler) ۽ مشيني انسان (روبوٽ) کي استعمال ۾ آڻي جام نفعو کمايو پيو وڃي ۽ جديد صنعت ۾ انهن شين کي تمام تيزيءَ سان آندو پيو وڃي. 1946ع ۾ آمريڪا ۾ پهريون سمجهدار اوزار (کمپيوٽر) ڪتب آندو ويو هو پر 1974ع تائين انهن جو تعداد 1650000 ٿي ويو هو. 1962ع ۾ آمريڪي خدمت ۾ پهريون مشيني انسان، صنعت ۾ يعني روبوٽ کي استعمال ڪيو ويو. 1981ع تائين سرمائيدار ملڪن ۾ 23000 هزار روبوٽ ۽ 150000 خودڪار مشينون ميدان ۾ آڻي ويون هيون. اهڙيءَ طرح سرمائيدار جديد ٽيڪنالاجيءَ تي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ پئسو خرچ ڪري رهيا آهن. مثال طور 1982ع ۾ آمريڪي ڪارپوريشنون جديد پيداواري ذريعن تي 1.55 ارب ڊالر خرچ ڪيا هئا يعني مشينريءَ ۽ ان جي سامان سڙي تي هئا. انهن جي ڪل لاڳت جو اڌو اڌ جديد پيداواري ذريعن جي حاصلات تي خرچ ڪيو ويو. تازن سائنسي تصورن توڙي مشينن ۽ سامان سڙي جي شڪل ۾، انهن جي تصورن جي جوڙجڪ ۾ ڪي قدر وقت گهربل هوندو آهي، پر سرمائيدار ٽيڪنڪي جدتن ۽ نواڻ مان جلد از جلد منافعي حاصل کرڻ لاءِ انهيءَ وچوٽيءَ کي هر ممڪن طور تي گهٽائي رهيا آهن. ماضيءَ ۾ ڪنهن نئين ايجاد کي منافعي واري طريقيڪار تي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ ڪيترائي سال لڳي ويندا هئا، پر اڄ ڪلهه صورتحال اها آهي جو هيڏانهن ڪا نئين ٽيڪنيڪي ڪاميابي ٿي ناهي ۽ هوڏانهن سرمائيداري ڪاروبار ڪندڙ ان مان فائدو حاصل

ڪيو ناهي. گذريل صديءَ ۾ ٽيليفون جي ايجاد کان 56 سالن کان پوءِ ٽيليفون ماڻهن جي آڏو آيو هو جڏهن ته ويهين صديءَ ۾ ٽيليويزن کي ظاهر ٿيڻ ۾ 14 سال مس لڳا. پر ليزر کي رڳو 9 سال لڳا آهن ۽ اهڙيءَ طرح ٽرانسسٽر ريڊيو 5 سالن جي تحقيق ۽ تعمير کان پوءِ ميدان ۾ اچي ويو آهي.

نئين ٽيڪنالاجي سرمائيدار ڪاروبار ۾ پورهيي جي پيداوار کي وڌائي ٿي ڇڏي. مثال: ڪيترين ئي سرمائيداري فرمن ۾ پورهيي تي ٽيندڙ لاڳت اڌ جيتري وڃي بچي آهي. هڪ خودڪار ٽيليفون ايڪسچينج جي تياري ۾ صرف 18000 افرادي ڪلاڪ لڳن ٿا. پر ماضيءَ ۾ انهيءَ ساڳي ڪم جي پوري ڪرڻ ۾ 19000 افرادي ڪلاڪ (يعني 5.5هوڻ تي وڌيڪ وقت) لڳندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻين ڪيترن مثالن مان ثابت ٿئي ٿو ته ٽيڪنڪي بهتري ۽ واڌ جي ڪري پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ اچي ٿي. جنهن جو مطلب اهو آهي ته پيداوار مان وڌيڪ نفعو حاصل ٿيندو آهي ۽ وافر زائد قدر ملندو آهي. سرمايو انهيءَ ٽيڪنڪي اڳرائي مان نه رڳو اندروني ملڪ مان فائدو حاصل ڪندو آهي پر بين الاقوامي طور تي به هٿ رڳيندو آهي. پهرين آمريڪا جي ڪوبه همسري ڪري ڪونه سگهندو هو. پر هاڻ ٻين سرمائيدار ملڪن ان کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. جيئن جپان ۾ هڪ رنگين ٽي. وي سيٽ جي پرزن کي جوڙڻ ۾ صرف 1.9 افرادي ڪلاڪ ونبي ٿو. فورڊ جي موٽرن جي ڪارخاني جي روزاني پيداوار 2 موٽر گاڏيون فڪس آهي. جڏهن ته جپان جي ٽويوٽا جي ڪارخاني ۾ روزانو 9 گاڏيون فڪس تيار ٿيندڙيون آهن.

ترقي يافته ملڪن جا سرمائيدار ترقي پذير ملڪن سان ڏيتي ليتي ۾ پنهنجي ٽيڪنڪي اڳرائيءَ جي زور تي وڏا فائدا حاصل ڪن ٿا. چاڪاڻ ته ڪيترائي ترقي پذير ملڪ اڄ به ترقي يافته ملڪن جي پيٽ ۾ ٽيڪنڪي لحاظ کان گهٽو پوئتي پيل آهن. 100 سؤ کان وڌيڪ ترقي پذير ملڪ اهڙا آهن، جتي قومي صنعتي آگرين تي ڳڻڻ جيتري اهڙي

هٿ جي هنر جي صنعت تي بڏل آهي. جتي پراڻي قسم جي فرسوده ٽيڪنڪ استعمال ٿيندي آهي ۽ قومي قدرتي وسيلن مان فائدو توڙي صنعتي وکر جي تياريءَ ۾ انتهائي بيڪار ۽ اڻ سڌريل طريقا استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪ ڪچي مال مان ويڪو مال تيار ڪرڻ جي بجاءِ صرف ان جي نيڪال تي ئي پاڙيو ويندو آهي. ڪٽي ڪٽي ته ترقي پذير ملڪن جي ڪاٽين مان نڪرندڙ ڪچي ڏاتوءَ جي صرف 30 سيڪڙي حصي کي پڪي ڏاتوءَ جي شڪل ڏني ويندي آهي. اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪن جي دنيا ۾ ڏاتوئن جي مجموعي پيداوار جي صرف 4.1 حصي کي ئي پڪو ڪيو ويندو آهي، جو ته اهي ملڪ تحقيق ۽ تشڪيل جي معاملي ۾ به ترقي يافته ملڪن کان گهٽو پوئتي پيل آهن. انهن ملڪن ۾ انهيءَ مقصد لاءِ جيتري في سيڪڙو رقم خرچ ٿئي ٿي، اها ترقي يافته ملڪن ۾ خرچ ٿيندڙ رقم کان 140 ڀيرا گهٽ هوندي آهي.

ٽيڪنڪي ايجادن ۽ سائنسي ڪاميابين کي جنگي ۽ فوجي نوعيت جي پيداوار سان جوڙي به سرمائيدار هيڪاندو منافعو ڪمائيندا آهن. معيشيت جو سپ کان وڌيڪ دولت پيدا ڪندڙ اهو ئي شعبو هوندو آهي. جيئن جيئن قومي معيشيت تي فوج گيريءَ جو اثر وڌندو آهي، تيئن تيئن عسڪري ۽ صنعتي ڪاروبارن جو دائرو وسيع ٿيندو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هيءُ شعبو تحقيق ۽ تشڪيل جي لحاظ کان ساڍي رکيل پئسن جي هڪ وڏي حصي کي ڇڪائي ويندو آهي ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنڪي سماجي ترقيءَ جي جائز مقصدن ۽ مفادن جي مخالف سرگرمين ۾ ملوث جنگي صنعتن جا مالڪ خاندان زائد قدر ۾ هڪ تمام وڏي حصي تي قابض ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح هي نئين عالمي جنگ کي سڌيندڙ ڪنهن حد تائين سائنسي ۽ ٽيڪنڪي معاملن لاءِ رکيل وسيلن کي به گهٽي ۾ گهٽي منافعي خوريءَ جي خواهشن جي پورائي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڳالهه جو اندازو انهيءَ مان ٿئي ٿو ته سڄيءَ دنيا جي سائنسي محققن ۽ انجنيئرن جو اٽڪل پنجون

حصو يا ان کان وڌيڪ يعني اٽڪل 500000 کان ٻہ وڌيڪ ماڻهو فوجي ۽ عسڪري نوعيت جي تحقيق ۾ انهيءَ جي سامان سڙي جي تياريءَ ۾ لڳل آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونہ آهي تہ وافر زائد قدر ٽيڪنڪي ترقيءَ کي اڳتي وڌائيندڙ محرڪ قوت آهي پر پوءِ ٻہ ٽيڪنڪي ترقيءَ تي پوندڙ هاڃيڪار اثرن جو هڪ ٻيو پهلو آهي، جو تہ وافر زائد قدر رڳو ان صورت ۾ سرمائيدار کي ملندو آهي، جڏهن اهو پنهنجي مخالفن کان اڳ ڪيڙ واري پوزيشن ۾ هوندو آهي. پر جيڪڏهن مخالف ان جي همسري ڪرڻ لڳندا آهن تہ وافر زائد قدر اڏامي ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سرمائيدار جو هڪ بنيادي مفاد اهو هوندو آهي تہ انهيءَ جي آندل نواڻ کي ٻين کان لڪايو ۽ خفيہ رکيو وڃي. جيئن انهيءَ نڪين ايجاد مان رڳو هو پاڻ فائدو حاصل ڪري سگهي ۽ ٻين کي انهي مان فائدي حاصل ڪرڻ جو ڪو ٻہ موقعو نہ ڇڏي ۽ اهو ان لاءِ ضروري ٿي پوندو آهي تہ هو انهيءَ تي پنهنجا حق محفوظ رکي ۽ ان کي ٻين تائين پهچڻ نہ ڏي. انهيءَ کان سواءِ سرمائيدار اهڙا قدم ٻہ کڻندا آهن تہ جيئن انهن جي ذريعي مخالفن جي ٽيڪنڪي تحقيق کي نقصان پهچائي سگهجي. جنهن لاءِ اهي نڪين جدتن ۽ ٽيڪنڪي معلومات کي ڦهلائڻ کان روڪيندا آهن. جنهن ڪري گهٽو ڪري ٽيڪنڪي ترقيءَ جي راهہ ۾ وڏيون رڪاوٽون اڇي پونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي قسم جي سرگرمين جا اثر انتهائي هاڃيڪار ٿيندا آهن. مثال طور غير قومي ڪارپوريشنون اها ڪوشش ڪنديون آهن تہ جيئن ترقي پذير ملڪن تائين گرم علائقن جي بيماري وارين دوائن جي ٽيڪنالاجي ۽ جاڻ پهچي نہ سگهي. اهڙيءَ طرح اهي ڪارپوريشنون دوائن جي منڊيءَ تي پهچي هڪ هٿي رکنديون آهن ۽ حد کان گهٽو نفعو ڪمائينديون آهن. اهڙي قسم جون چال بازيون نہ رڳو دوا سازيءَ جي صنعت جي ترقي ۽ تقسيم جي راهہ ۾ رڪاوٽ ٿينديون آهن پر لکها ماڻهن جي صحت ۽ حياتي لاءِ موتمار خطرو ثابت ٿينديون آهن.

اجرتون سرمائيداري استحصال جو ذريعو هونديون آهن: سرمائيدار استحصال کي وڌائڻ لاءِ بي قرار رهندو آهي ۽ انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ هر حد لاحد لنگهي پار پوڻ لاءِ سندرو ٻڌل رکندو آهي. هُو مزدورن تي معاشي دٻاءُ وجهڻ لاءِ هر چال چلندو آهي. انهن سين چالن مان وڌيڪ مؤثر چال اجرت هوندي آهي.

اجرت پورهيي جي طاقت جي قدر ۽ قيمت جي ٻي صورت آهي. اجرت اها رقم آهي، جيڪا پورهيت کي سندس پورهيي جي طاقت جي بدلي ۾ ملندي آهي ۽ انهيءَ مان هو پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان لاءِ ضرورت واريون شيون خريد ڪندو آهي. اجرت جو مقدار ئي ان ڳالهه جو تعين ڪندو آهي ته پورهيت جي زندگيءَ جون حالتون ڪهڙيون آهن. اهي ان جي بنيادي ضرورتن جو ڪيتري حد تائين پورائو ڪري سگهن ٿيون. پورهيت ۽ ان جي ٻارن ٻچن جو دارومدار انهن اجرتن تي هوندو آهي. سرمائيدار کي معلوم هوندو آهي ته اجرتون پورهيت جي زندگيءَ ۾ ڪيترو اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو اجرتن جي ادائگيءَ کي اهڙي طريقي سان ترتيب ڏنو ويندو آهي، ته جيئن اجرتي مزدور سرمائيدار لاءِ ڪم ۾ ڪندو رهي ۽ وڌ ۾ وڌ زائد قدر ۾ پيدا ڪندو رهي. سرمائيدار سماج ۾ اجرتن جي ادائگيءَ جا سڀ طور طريقا ۽ ضرورتون انهيءَ هڪڙي ئي مقصد جي پورائي لاءِ جوڙيا ويندا آهن.

اجرتن جي ادائگيءَ جي گهٽو ڪري ابتدائي ۽ سادي سودي شڪل، ڪم جي وقت جي لحاظ کان مقرر ڪئي ويندي آهي ۽ مزدورن کي انهيءَ حساب سان ادائگي ڪئي ويندي آهي ته اتي هُن ڪيترو ڪم ڪيو آهي، ڪين اوتري اجرت ڏني وڃي. (مثال: انهن کي ٻن ڏينهن جي ڪم جي جيڪا اجرت ڏني ويندي آهي، اها هڪ ڏينهن جي ڪم کان ٻيڻي هوندي آهي، وغيره وغيره)

سرمائيدار پورهيت کي پورهيي جي طاقت جي مڪمل قدر ۽ قيمت جي ادائگي انهيءَ صورت ۾ ڪندو آهي ته هو ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت مطابق پورو ڏينهن ڪم ڪري. مثال پورهيي جي طاقت جو قدر 2 ڊالر

آهي ۽ ڏهاڙي ڪم ڪار جو وقت 8 ڪلاڪ آهي. اهڙيءَ طرح پورهيت کي 25 سينٽ هڪ ڪلاڪ جي حساب سان ملندا آهن. ڪيس 20 ڊالر انهيءَ لاءِ ملندا آهن ته هن کي ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت جا پورا 8 ڪلاڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻو آهي. انهيءَ حساب سان ڪيس 7 ڪلاڪن جا 1.75 ڊالر ملندا آهن. جيئن ته اهي 1.75 ڊالر ان جي پورهيي جي طاقت جي مڪمل قدر کان گهٽ هوندا آهن، تنهنڪري پورهيت پنهنجي روزمره جي ضرورتن کي پورو ڪري نه سگهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اجرت مدت جي لحاظ کان جو طريقو اجرتي پورهيت کي مجبور ڪندو آهي ته هو سڄو ڏينهن ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو رهي.

اجرت مدت جي لحاظ واري نظام مان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار وٽ ٻيون به انڪلون سٽڪلون هونديون آهن، جنهن لاءِ هو في ڪلاڪ جي حساب سان اجرت جي شرح گهٽ ڪري سگهندو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿئي ٿو ته پنهنجي پورهيي جي طاقت جي پوري قدر جي حاصلات لاءِ هڪ مزدور کي وڌيڪ دير تائين ڪم ڪرڻو پوندو آهي. مثال مٿي ڄاڻايل في ڪلاڪ جي حساب سان اجرت جي شرح ۾ 5 سينٽن جي ڪميءَ (25 کان 20 سينٽ) جي نتيجي ۾ پورهيت انهيءَ ڪالهه تي مجبور ٿيندو آهي ته هو 8 ڪلاڪن جي بجاءِ 10 ڪلاڪ ڪم ڪري. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح پورهيت جو ڏينهن وڏو ٿي وڃي ٿو ۽ سرمائيدار جو زائد قدر وڌي وڃي ٿو.

سرمائيداري ۾ ابتدائي مرحلن ۾ اجرت مدت جي لحاظ کان ڏني ويندي هئي. اڄ به گهٽين صنعتن ۾ اجرتن ڏيڻ جو اهو ئي طريقو اختيار ڪيو وڃي ٿو. جرمنيءَ ۽ فرانس ۾ صنعتي مزدورن جي وڏيءَ اڪثريت (80 سيڪڙي) کي اجرت مدت جي اصول مطابق ادائگيون ڪيون وڃن ٿيون. ساڳيءَ طرح آمريڪا جي ڪارخانن ۾ 70 سيڪڙي مزدورن کي ۽ برطانيا ۾ صنعتي ڪارخانن ۾ 60 سيڪڙي مزدورن کي اجرتن ڏيڻ جو اهو ئي طريقو استعمال ڪيو وڃي ٿو.

اجرتن جي هڪ ٻئي طريقي مطابق، اجرت پيداوار جي لحاظ کان ڏني ويڃي ٿي. اهو هيئن ته جيڪڏهن مزدور جي پورهيي جي طاقت جو قدر هڪ ڏينهن ۾ 2 ڊالر آهي ۽ هو روزانو پيداوار جا 15 ايڪا پيدا ڪري ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ پيداوار جي هر ايڪي جي قيمت 40 سينٽ ٿئي ٿي (2 ڊالر: 5=40 سينٽ) ۽ پورهيت جي ڏهاڙيءَ جي اجرت 2 ڊالر ٿئي ٿي. (40 سينٽ+ 5= ڊالر) ٻين لفظن ۾ پورهيت جي اجرت پيداوار ۾ اضافي جي تناسب سان وڌي ٿي. سرمائيدار جي نقطہ نظر کان اجرت پيداوار جي لحاظ وارو طريقو وڌيڪ فائدي وارو آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن ته پورهيت کي پيداوار جي حساب سان اجرت ملندو آهي، ان ڪري هو مجبور ٿيندو آهي ته في ڪلاڪ جي حساب سان وڌيڪ پيداوار ڪري يعني پنهنجي پورهيي جي پيداوار ۾ اضافو ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ سرمائيدار وڌيڪ زائد قدر حاصل ڪندو آهي. عملي صورتحال اها آهي ته سرمائيدار اجرت مدت جي لحاظ کان ۽ اجرت پيداوار جي لحاظ کان ٻنهي ڳالهين تي مبني اجرت جي نظام کي اختيار ڪندو آهي. ڏنو ويو آهي ته پورهيت کي اجرت مدت جي لحاظ سان گڏوگڏ انهيءَ مدت جي دوران پيداوار جي حساب سان ترغيبي اجرتون به ڏنيون وڃن ٿيون. انهيءَ نظام ۾ في ڪلاڪ اجرت جو دارومدارانهي ڳالهہ تي به هوندو آهي ته پورهيت في ڪلاڪ پيداوار جي مختلف شرطن مان ڪهڙيءَ سطح جو پورائو ڪيو آهي. پورهيت کان وڌ ۾ وڌ پورهيو ونڻ لاءِ سرمائيدار اجرت مدت جي لحاظ توڙي اجرت پيداوار جي لحاظ واري نظام هيٺ بونس يا انعامي اجرتن ڏيڻ جو طريقيڪار به اختيار ڪندا آهن. اجرتن جا ڪي طريقا ته ڏاڍا پيچدار ۽ نفيس ترين هوندا آهن. پر پوءِ مختلف قسمن جي شڪلين کان هٽي ڪري اجرتن جي سڄي نظام جي پٺ ۾ صرف هڪ ئي مقصد سمايل هوندو آهي ۽ اهو هيءَ ته مزدور کان وڌ ۾ وڌ زائد قدر پيدا ڪرايو وڃي.

سرمائيدار نظام ۾ اجرتون استحصال جي شدت کي تيز تر ڪرڻ جو هٿيار هونديون آهن. ۽ استحصال کي لڪائڻ جو ذريعو هونديون

آهن. اجرتون انهيءَ حقيقت کي لڪائيندڙيون آهن ته پورهيت ڏهاڙي جي ڪم ڪار جي وقت مان هڪ حصي جي دوران يعني واڌو پورهيي جي مدت جي دوران سرمائيدار لاءِ بنا معاوضي جي ڪم ڪندو آهي ۽ زائد قدر پيدا ڪندو آهي. اجرتن جي ادائگين جي نتيجي ۾ ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت ۾ واجبي پورهيي جي موٽ ۽ واڌو پورهيي جي موٽ يا ادا ٿيل پورهيي ۽ مفت پورهيي ۾ چيد ۽ فرق ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

انهيءَ جا ٻه سبب سامهون آيا آهن. اول اهو ته اجرتون صرف ان وقت ادا ڪبيون آهن، جڏهن پورهيت مقرر ٿيل ڪم پورو ڪندو آهي. ٻيو ته اجرتون يا ته مدت جي لحاظ کان ڏنيون وڃن ٿيون يا پيداوار جي لحاظ کان ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ٻنهي صورتن ۾ اهو ئي تاثر ڏنو ويندو آهي ته پورهيت جي سڄي پورهيي جي پوري ادائگي ڪئي وڃي ٿي ۽ سرمائيدار ان جي سڄي پورهيي جي ادائگي ڪري ڇڏي آهي.

پورهيي جي طاقت جي قدر سان جڙيل (Mechanise) **اجرتون**: دراصل سرمائيدار پورهيت کي ايترو پئسو نه ڏيندو آهي، جيترو مزدور ڪم ڪندو آهي. هو رڳو پورهيت جي پورهيي جي طاقت جي قدر جي ادائگي ڪندو آهي. جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن پورهيت کي ان جي پوري اجرت ڏني ٻه وڃي، تڏهن ٻه پورهيت هڪ ڏينهن جي ڪم جي هڪ حصي دوران مفت ڪم ڪندو آهي ۽ سرمائيدار لاءِ زائد قدر جي تخليق ڪندو آهي. پر سرمائيدار انهيءَ تي ٻه مطمئن نه ٿيندو آهي ۽ چاهيندو آهي ته نه رڳو واڌو پورهيي جي مدت ۾ نفعو ڪمائي پر واجبي پورهيي جي مدت مان ٻه فائدو وٺڻ جو خواهشمند هوندو آهي.

حقيقت اها آهي ته سرمائيدار پورهيت جي پورهيي جي طاقت جو پورو قدر ٻه نه ڏيندو آهي. بلڪه ان مان ٻه هڪ حصو ڪٽي وٺندو آهي. ان ڪم لاءِ هو پورهيت جي اجرت پورهيي جي طاقت جي قدر کان گهٽ مقرر ڪندو آهي. نتيجي ۾ انهيءَ گهٽ اجرت جي برابر قدر کي پيدا ڪرڻ ۾ پورهيت اڃا ٻه گهٽ وقت وٺندو آهي. اهڙيءَ طرح واجبي

پورهيي جي مدت کي ايڏا ۾ گهٽائي، انهيءَ حساب سان واڌو پورهيي جي مدت کي وڌايو ويندو آهي ۽ ائين پورهيت وڌيڪ زائد قدر پيدا ڪندو آهي.

هتي اِهو سوال ٿو اٿي ته پورهيت، پنهنجي پورهيي جي طاقت کي، پورهيي جي طاقت جي قدر کان گهٽ قيمت تي وڪڻڻ لاءِ ڇو ٿو مجبور ٿئي؟ ان جو سبب اهو آهي ته هو ان معاملي ۾ بلڪل بيوس هوندو آهي. چاڪاڻ ته پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي گذر سفر لاءِ پورهيت وٽ پنهنجي پورهيي وڪڻڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هوندو آهي. هن وٽ ايترا وسيلا نہ هوندا آهن، جو هو منڊيءَ ۾ پنهنجي پورهيي جي بهتر اگهن لاءِ انتظار ڪري سگهي ۽ پورهئي جي وکري کي پوئتي رکي سگهي. جيڪڏهن کيس پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو گذر سفر ڪرڻو آهي ته پوءِ هن کي سرمائيدار جي آڇ قبول ڪرڻي پوندي آهي ۽ جي هو ائين نٿو ڪري ته کيس پنهنجي آمدنيءَ جي واحد ذريعي کان بہ محروم رهڻو پوندو آهي. محنت جي منڊيءَ ۾ سرمائيدار ۽ پورهيت جي اگهہ پار جي قوت ۽ حيثيت وارو فرق بہ فيصلي ڪندڙ اهميت رکندو آهي. سرمائيدار کي پورهيي جي ڪمي نہ هوندي آهي، چاڪاڻ ته لکين پورهيت بي روزگاري جي ڪري پنهنجو پورهيو وڪڻڻ لاءِ تيار هوندا آهن. بي روزگار ماڻهو ڪنهن وٽ ڪمڙي بہ شرط تي ڪم ڪرڻ لاءِ آتا هوندا آهن ۽ سرمائيدار اهڙيءَ صورتحال جو فائدو ونندي، اجرتن جي شرح گهٽ ڪري چڏيندو آهي، جيڪي پورهيت اجرتن جي ان شرح کي قبول ڪرڻ نٿا چاهين، اهي روزگار تان هٽ ڏوئي وهن ٿا ۽ بي روزگاري پورهيتن ۽ سندن خاندانن تي آفت بڻجي ڪڙڪي پوندي آهي. نتيجي ۾ پورهيتن کي نت نين محرومين ۽ انتهائي حقير ترين اجرتن کي قبول ڪرڻو پوندو آهي، جيڪي پورهيي جي طاقت جي قدر کان گهڻو گهٽ هوندیون آهن.

اجرتي امتيازن ۽ فرقن جي ذريعي بہ سرمائيدار پنهنجي مقصد کي پورو ڪندا آهن، خاص ڪري نسلي ٿورائي ۽ محڪوم قومن جا ماڻهو

اهڙن امتيازي فرقن جو نشانو بڻجندا آهن. جيئن آمريڪا ۾ انهيءَ ساڳئي ڪم جي اوتري ئي مقدار جي عيوض ۾ ڪارن ماڻهن کي گورن جي پيٽ ۾ اڌ جيتري اجرت ڏني ويندي آهي. اهڙيءَ طرح ڪارن، پيورٽورڪين ۽ ٻين نسلي اقليتن سان مت پيد رکي آمريڪي صنعتڪار لڳ ڀڳ 46 ارب ڊالر سال ۾ ڪڙڪائي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ڏکڻ آفريڪا ۾ ڏيهي ماڻهن جون اجرتون، گورن مزدورن جي اجرتن کان ڏهوڻ تي گهٽ هوندیون آهن.

سرمائيداري ڪارخانن ۾ عورتن ۽ ٻارن جو پورهيو: سرمائيدار عورتن ۽ ٻارن جي پورهيي جي استحصال مان پڻ وڏي پئماني تي زائد قدر ميڙيندا آهن. سرمائيداريءَ جي ابتدائي ڏهاڪن ۾ ڪارخانن ۾ رڳو مرد مزدور ئي ڪم ڪندا هئا. عورتون اهڙن ڪارخانن ۾ ڪم جي جسماني مشقت واريون تقاضائون پوريون ڪري نه سگهنديون هيون. اهڙن ڪمن ۾ سخت جسماني طاقت جي ضرورت هوندي هئي. چاڪاڻ ته مزدور جي پورهيي جي طاقت جي قدر ۾ ان جي خاندان جو گذر سفر به شامل هوندو هو.

مشيني پيداوار اهڙن نون ڪمن کي پڻ پيدا ڪيو آهي، جن جي لاءِ وڌيڪ جسماني پورهيي جي ضرورت نه پوندي آهي. ان جي نتيجي ۾ عورتون ۽ ٻارب افرادي قوت ۾ شمار ڪيا ويا ۽ اهي به سرمائيداري ڪارخانن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. انهن کي اهڙن ڪمن تي لڳايو ويو جتي اجرت به پوري ساري هوندي آهي ۽ وڌيڪ هنر يا مهارت جي ضرورت به نه هوندي آهي، ان ڪري اهي انتهائي خراب حالتن ۾ به ڪم ڪرڻ لڳا. سرمائيدار عورتن ۽ ٻارن جي پورهيي جي ذريعي پنهنجي استحصال جو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري هو مزدورن جي پورهيي کانسواءِ ان جي خاندان جي ياتين يعني ان جي زال ۽ ٻارن جي پورهيي مان به زائد قدر ميڙڻ لڳو. اوڻويهين صديءَ ۾ پورهيي جا اهي فائدي وارا ذريعا سرمائيدارن لاءِ ڏينهون ڏينهن زائد قدر جو ذريعو بنجي رهيا هئا. نتيجي

ڀر اوٽويهين صديءَ جي اوائل ۾ برطانوي ٽيڪسٽائل جي صنعت ۾ مرد مزدور ڪل افرادي قوت جو چوٿون حصو هئا، باقي سڄو پورهيو عورتون ۽ ٻار ڪندا هئا.

ويهين صديءَ ۾ عورتن جي انهيءَ افرادي قوت کي اڃا وڌيڪ شامل ڪري ڇڏيو. جيڪو اجرتي پورهيو ڳولينديون هيون. حقيقت اها آهي ته ڪي صنعتون اهڙيون هيون. خاص ڪري ريڊيو ۽ اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ ۽ ٻيون اهڙيون صنعتون ۾ جن ۾ هٿ جي ڪُڙتي جي ضرورت هوندي آهي، انهن ۾ عورتن کي مردن تي ترجيح ڏني ويندي آهي. آمريڪا ۽ برطانيا ۾ اجرت ۽ پگهارن جي عيوض ۾ ڪم ڪرڻ وارن ۾ 40 سيڪڙو حصو عورتن تي مشتمل آهي.

اڄ به ٻارن جو وڏو تعداد سرمائيداري پيداوار ۾ رُڌل آهي. 1970ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾، آمريڪا، برطانيه ۽ اٽليءَ ۾ 20 لکن کان وڌيڪ ٻارن کان پورهيو ورتو ويندو هو. جڏهن ته اهي انگ اکر نئين دنيا جي سوين پتيءَ ۾ به ناهن؛ جتي 10 کان 14 سالن جي عمر جي ٻارن جي ڪل تعداد مان 14 سيڪڙي کي اجرت تي پورهيو ڪرڻو پوندو آهي، ته جيئن اهي خود پنهنجو ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجي خاندان جو گذر سفر ڪري سگهن. يعني پنج ڪروڙ ڏهه لک ٻار پيداواري عمل ۾ لڳل آهن، جيڪي نهايت خراب ترين حالتن ۾، نهايت ئي حقير ترين اجرتن تي ڪم ڪندا آهن.

هن سلسلي ۾ اهو سمجهڻ به غلط آهي ته عورتن ۽ ٻارن جي استحصال سان سرمائيداري استحصال جي اڳهه جو رڳو حلقو وسيع ٿئي ٿو. پر ان جو مطلب اهو به آهي ته سرمائيداري استحصال جي شدت ۽ زائد قدر جي شرح ۾ به اضافو ٿيو آهي. ڇاڪاڻ جيئن ته زال ۽ ٻار به اجرتي ڪم ڪندا آهن، ان ڪري انهن جي گذر سفر تي خرچ ٿيندڙ رقم به پورهيت جي پورهيي جي طاقت جي قدر مان ڪاٽي ڏني ويندي آهي. پهرين مرد خاندان جو اڪيلو ڪمائيندڙ هو، پر هاڻ انهيءَ جي لاءِ پوري خاندان کي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. تنهن ڪري ان جي پورهيي

جي طاقت جو قدر گهٽجي ويندو آهي، جڏهن ته انهيءَ حساب سان زائد قدر وڌي ويندو آهي.

هن حقيقت جو هڪ پاسو ٻيو به آهي، اهو هيءُ ته، پورهيت جي زال ۽ ٻار پورهيي جي منڊيءَ ۾ پورهيت جي هڪ مخالف جي طور سامهون ايندا آهن ۽ اهي به پنهنجي پورهيي کي وڪڻڻ لاءِ گراهڪن جي ڳولا ۾ هوندا آهن. افرادي قوت جي فراهميءَ ۾ اهڙيءَ واڌ جي ڪري، سرمائيدار اهو موقف اختيار ڪندو آهي ته ڪيس پورهيي جي طاقت گهٽ ۾ گهٽ قيمت تي ملي ۽ اهڙيءَ طرح ان جي آڏو زائد قدر جي ميڙڻ جا نوان امڪان پيدا ٿي پوندا آهن.

عورتن ۽ ٻارن جو استحصال، سرمائيدار لاءِ وڏن مادي فائدن وارو هوندو آهي ڇو ته هو انهن کي گهٽ ۾ گهٽ اجرتون ڏيندو آهي. انهيءَ ميدان ۾ اجرتن ۾ فرق تمام گهڻو هوندو آهي. مثال آمريڪا ۾ هڪ ئي قسم جي ڪم لاءِ عورتن جون اجرتون مردن جي پيٽ ۾ لڳ ڀڳ 59 سيڪڙو گهٽ هونديون آهن. ڪيترين عورتن کي ته ان کان به گهٽ مردن جي اڌ جيتري اجرت ملندي آهي. اهڙيءَ طرح عورتن جي 76 سيڪڙي افرادي قوت جي حصي کي گهٽ اجرتي ڪمن ۾ لڳايو ويندو آهي. ٻين سرمائيدار ملڪن ۾ به عورتن جي صورتحال ڪا ڇڱي ڪانه آهي. آسٽريا جي صنعتن ۾ مزدور عورتن جي ٽي ڀاڱي چار حصي کي اهڙن مردن کان به گهٽ اجرتون ڏنيون ويندیون آهن، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ اجرت تي ڪم ڪندا آهن. اهڙي نموني جاپان ۾ مردن کي جيڪا اجرت ملندي آهي، انهيءَ ساڳي قسم جي ڪم لاءِ عورتن کي ان جو 56 سيڪڙو اجرت ملندي آهي. عالمي انگن اکرن مان ته ان کان به خراب صورتحال ملي ٿي، عورتون عالمي افرادي قوت جو 35 سيڪڙو آهن. جڏهن ته سندن ڪل اجرت رڳو 10 سيڪڙو آهي. عورتن جي اهڙي شديد ترين استحصال جي نتيجي ۾، سرمائيدارن کي گهٽي ۾ گهٽو ۽ وڌيڪ منافعو حاصل ٿيندو آهي. صرف انهيءَ هڪ ذريعي مان آمريڪي سرمائيدار 63 ارب ڊالر سال ۾ ڪمائيندا آهن، جڏهن ته جرمنيءَ جا

سرمائيدار 10 ارب مارڪ سال ۾ برطانيہ جا سرمائيدار 1.2 پونڊ سال ۾ ۽ فرانس جا سرمائيدار 35 ارب فرانڪ سال ۾ ميڙيندا آهن.

پرڏيهي پورهيي جي پرماريت: سرمائيداري ڪارخانيدار افرادي قوت جي قيمت گهٽائڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقو بہ اختيار ڪندا آهن، جنهن لاءِ اهڙن ملڪن جي مزدورن کي پرتي ڪيو ويندو آهي؛ جتي پورهيو سستو هوندو آهي. جيئن تہ انهيءَ پورهيي جي طاقت جي قيمت تمام گهٽي گهٽ هوندي آهي، ان ڪري ڪل پورهيي جي مدت ۾ واجبي پورهيي جي مدت جو حصو گهٽجي ويندو آهي. اهڙن ملڪن جا پورهيت هر ڪو شرط قبولڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اهي طويل ترين وقت، انتهائي شديد پورهيي ۽ انتهائي گهٽ اجرتن کي بہ قبول ڪندا آهن. انهيءَ لحاظ کان پرڏيهي پورهيتن جي واڌو پورهيي جي مدت کي طول ڏنو ويندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سرمائيدارن کي تمام وڏو ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ منافعو حاصل ٿيندو آهي ۽ زائد قدر جي مقدار ۽ شرح ۾ بہ اضافو ٿيندو آهي.

سرمائيدار منافعي کي وڌائڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ ڇڏيندو آهي؛ سستي پرڏيهي افرادي قوت کي پرتي ڪرڻ واريون چالون سڄي سرمائيدار دنيا ۾ عام ٿي ويون آهن. اهڙن مزدورن کي پرتي ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ 500 کان وڌيڪ ۽ فلپائين ۾ 600 جي لڳ ڀڳ پرتي ڪندڙ ايجنسيون ڪم ڪن ٿيون؛ جڏهن تہ پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ڪم ڪرڻ لاءِ هندستان مان مزدورن جون پرتي ڪندڙ 50 کن ايجنسين وٽ سرڪاري اجازت نامہ آهن. اهڙيءَ طرح مزدورن کي پرتي ڪندڙ ڪيترين ئي ايجنسيون بين الاقوامي سطح تي سرگرم عمل آهن. ائين گهڻ قومي ريڪروٽنگ گروپ جي مرڪزي آفيس ڍاڪا (بنگلاديش) ۾ موجود آهي ۽ انهيءَ جي هڪ شاخ جده (سعودي عرب) ۾ موجود آهي. انهيءَ جا هٿ ۽ ٻانهون چوڏهن ملڪن تائين لامارا ڏيندا آهن ۽ انهن سيني ملڪن ۾ انهن جي ايجنٽن کي سرڪاري اجازتنامہ حاصل آهن.

اها فرم رڳو ايشيائي ملڪن مان 2000 هزار ماڻهو سال ۾ ٻاهر موڪليندي آهي ۽ سستي پرڏيهي افرادي قوت جي واپار مان جام نفعو ميڙيندي آهي. پاڪستان يا سري لنڪا مان هڪ بي هنر پورهيت جي روانگيءَ تي 100 ڊالر انعام ملندو آهي. جڏهن ته اها ساڳي فرم فلپائين مان هڪ هنرمند پورهيت جي روانگيءَ تي چئوٽ تي يعني 400 ڊالر ونندي آهي. اهڙيءَ طرح سرمائيداري حڪومتون توڙي واپارين جون انجمنون پڙ سستي پرڏيهي پورهيي جي روانگيءَ ۾ سرگرم آهن. مثال اڄ کان گهٽو اڳ 1916ع ۾ فرانس حڪومت خود بہ پرڏيهي پورهيي جي پرتيءَ جو حڪم ڪندي هئي. 1924ع ۾ واپارين جي هڪ گڏيل انجمن جوڙي وئي هئي: جنهن پرڏيهي پورهيي جي پرتيءَ تي هڪ هٿي قائم ڪري ورتي هئي.

پرڏيهي افرادي قوت جي پرتيءَ مان سرمائيدار ملڪن جي اندر استحصال ۾ ڪافي واڌارو ٿيو آهي. اڄ ڪلهہ 2 ڪروڙ 50 لک پرڏيهي پورهيت سرمائيدار ملڪن ۾ رهن ٿا. هنن انگن اکرن ۾ سندن خاندان جا ڀاتي بہ شامل آهن: جن جي اڪثريت رومي ساموندي ملڪن، ميڪسڪو ۽ پاڪستان سان تعلق رکي، ٿي ان کان سواءِ انهن ۾ ڏکڻ ۽ وچ آفريڪا جي غريب ملڪن جا اهي پورهيت بہ شامل آهن: جن جي استحصال جو ڪو سنڊو سيڙهو ڪونہ آهي.

پرڏيهي افرادي قوت مان واپارين کي ڏاڍو وڏو منافعو ملندو آهي: تہ انهن ماڻهن کي انتهائي ٿوريون اجرتون ڏنيون وڃن ٿيون. سندن اجرتون ڏيهي پورهيتن کان لڳ ڀڳ 20 کان 30 سيڪڙو گهٽ هونديون آهن: اهو انميءَ ڪري جو اهڙن غير ملڪي پورهيتن کي ميزبان ملڪ جي ٻوليءَ تي عبور نہ ئي هوندو آهي ۽ اهي اتان جي مزدوريءَ جي قانونن کان بہ اڻواقف هوندا آهن: ۽ نہ انهن جا اتان جي مزدور يونين سان ڪي رابطا يا لڳ لاڳاپا هوندا آهن. ان ڪري شروعاتي ڏينهن ۾ انهن جو استحصال وڌيڪ ٿيندو آهي. جو تہ انميءَ مرحلي تي اهي هر قسم جي بيجا شرطن تي بہ ڪم ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح اها ڳالهہ انهن ماڻهن تي پڻ لاڳو ٿئي

ٿي. جيڪي ملڪ ۾ غير قانوني طور آندل هوندا آهن. يعني جن کي سمگلنگ ڪري آندو ويندو آهي، چو ته اهو ماڻهو انهيءَ خوف ۾ هوندو آهي ته ڪٿي کين واپس روانو نه ڪيو وڃي. ان ڪري اهي ماڻهو مڪمل طور تي پنهنجي سرپرستي رکندڙ جي رحم ڪرم تي هوندا آهن ۽ سڀ کان وڌيڪ مفت پورهيو ٻه ڪندا آهن.

ٽيلرازم: سرمائيداري پروان چڙهندي رهندي آهي، ۽ ان جي ارتقا سان گڏوگڏ استحصال جي شڪلين ۾ مختلف پٽو ايندو آهي ۽ اهو استعمال ايجا وڌيڪ گهرو ۽ لڪندو ڇپندو ويندو آهي. سرمائيدار استحصال جي ڪنهن ٻه موجود ڏاڪي تي صبر ۽ شڪر نه ڪندو آهي ۽ اهو سرمائيداري پيداوار جي مقصد کي وڌ ۾ وڌ پرپور طور تي حاصل ڪرڻ لاءِ سدائين نت نوان حربا ۽ طريقا تيار ڪندو رهندو آهي.

استحصال جي نت نون حربن جي جستجوءَ ۾ ٽيلرازم کي هڪ سنگ ميل جي حيثيت حاصل هوندي آهي. ٽيلرازم هڪ آمريڪي انجنيئر فريڊرڪ ونسلر ٽيلر جي نالي تي ٺهيل آهي. جنهن ويهين صديءَ جي ابتدا ۾ پورهيي کي منظم ڪرڻ لاءِ هڪ نئين نظام کي مرتب ڪيو هو. ٽيلرازم جو بنياد اهو آهي ته، ان ۾ پورهيي جي ورڇ جي اصول کي اعليٰ ترين عروج تي پهچايو وڃي ٿو ۽ پيداواري عمل کي ڪيترن ننڍڙن جدا جدا ٽڪرن ۽ حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو ۽ پوءِ انهن جدا جدا ڪمن کي پورهيتن جا الڳ الڳ جٿا سرانجام ڏيندا آهن. جن کي صرف انهيءَ هڪڙي ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي سڀ کان وڌيڪ سولن طريقن جي باقائدي تربيت ڏني ويندي آهي ۽ جيڪي صرف ان خاص ڪم کي سرانجام ڏيڻ جي مهارت رکندا آهن ۽ ان کي انتهائي ڦرتيءَ سان ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪم جي هر حصي کي پوري ڪرڻ ۾ گهربل وقت کي منٽن، سيڪنڊن ويندي گهڙين ۾ ماپيو ويندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ مدت کي پيداواري عمل ۾ لڳل سڀني مزدورن لاءِ معيار بنايو ويندو آهي. انهيءَ نئين معيار کي مجتا ڏيارڻ لاءِ اهي لالچون ٻه ڏنيون ويندين آهن ۽ جيڪو

مزدور انهيءَ معيار جي حساب سان ڪم سرانجام ڏيندو آهي، ان جي اجرت وڌائي ويندي آهي.

بورزوا اشتهاري نظام جلد ئي اهو ڏيکارڻ شروع ڪيو ته ٽيلرازم ڪم کي علمي ۽ سائنسي بنيادن تي منظم ٿو ڪري. آمريڪا کان سواءِ ٻين سرمائيدار ملڪن جي ڪارخانن ۾ ٽيلرازم جي نظام کي وسيع پئماني تي اختيار ڪيو ويو. مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ٽيلرازم جي پروپيگنڊا ڪئي وئي؛ ۽ اهو چوڻ شروع ڪيو ويو ته اهو نظام پورهيتن جي مفادن کي به نظر ۾ رکي ٿو ۽ پيداواري عمل کي حقيقي معنيٰ ۾ سائنسي بنيادن تي منظم ٿو ڪري. درحقيقت ٽيلرازم استحصال ۽ پرماريت کي وڌائڻ ۽ مزدورن جي خون کي چوسڻ جو هڪ جديد "سائنسي" نظام آهي.

ٽيلرازم پورهيي جي شدت کي انتهائي چوٽيءَ تي پهچائي ڇڏي ٿو. اهو پورهيت کي مجبور ڪندو آهي ته اهي ايترو گهڻو پورهيو ڪن، جو سندن جسم ۽ دماغ شل ٿي پون. ٽيلرازم جي نتيجي ۾ پورهيي جي طاقت جي کاپي ۾ جيڪا واڌ ٿيندي آهي؛ اجرتن جو اضافو انهيءَ جو پورائو نٿو ڪري سگهي. ٽيلرازم مطابق هڪ (چلهو هلائڻ ۽ چاڙهڻ ۾) پورهيي جي 3.7هوڻ تي واڌ جي نتيجي ۾ فيڪٽريءَ جي مالڪ جو في ٽن 2.3 خرچ گهٽبو آهي. جڏهن ته پورهيت جي اجرت رڳو 1.6هوڻ تي وڌندي آهي. انهيءَ مثال مان ثابت ٿئي ٿو ته سيڪ کان وڌو نفعو سرمائيدار کي ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو استحصال کي وڌائي وڌيڪ زائد قدر ڪمائيندو آهي.

فورڊازم: استحصال کي وڌيڪ شديد ڪرڻ ۽ ٽيلرازم جي نظام کي اڳتي وڌائڻ ۽ عملي جامي پهرائڻ لاءِ سرمائيدارن جيڪي ڪوششون ڪيون آهن، آمريڪي صنعتڪار 'هينري واورڊ' جي موٽر گاڏين جا ڪارخانا انهيءَ جو بهترين نمونو پيش ڪن ٿا. جتي موٽرڪار ناهڻ جي پيداواري عمل کي ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ جدا جدا ڪيو ويو آهي ۽

هرڪو ڪم جدا جدا پورهيت کي ڏنو ويو آهي ۽ ائين سڄي پيداواري ٽڪرن کي هڪ واحد پيداواري ليکي ۾ ڳنڍيو ويو آهي.

ان کان پوءِ فورڊ ايجا بہ وڌيڪ پيش قدمي ڪئي آهي. انهيءَ شين کي ٺاهڻ ۽ انهن کي جوڙڻ وارن سيني ڪمن کي هڪ متحرڪ تختي يا چرندڙ پرندڙ پٽي سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري مزدور مشينن يا جدا جدا تختن تي ڪم ڪرڻ جي بجاءِ هڪ ئي تحرڪ ڏيندڙ تختي تي پنهنجو پنهنجو ڪم ڪندا هئا. انهيءَ تحريڪ ڏيندڙ تختي تي ڪم ڪرڻ جي ڪري، پورهيت مجبور هئا تہ اُهي انهيءَ تحرڪ ۾ رهندڙ تختي جي رفتار سان هم قدم رهندي، پنهنجو ڪم هڪ خاص رفتار سان ڪندا رهن. ڪوبہ ماڻهو نہ تہ انهيءَ رفتار ۾ ڊرائي يا سستي پيدا ڪري سگهيو ٿي ۽ نہ ئي هو انهيءَ تختي تي هلندي، پرزن مان پنهنجي ڪم جي حصي کي ڇڏي ٿي سگهيو. جڏهن تہ مل جو مالڪ انهيءَ متحرڪ تختي جي رفتار وڌائي سگهيو ٿي. بهرحال انهيءَ تختي جي رفتار کي انهن ماڻهن جي ڪم جي رفتار جي حساب سان رکيو ويندو هو. جيڪي ماڻهو سيني کان وڌيڪ تيزيءَ سان ڪم ڪندڙ هوندا هئا، انهيءَ متحرڪ تختي تي ڪم ڪرڻ وارن مان پنجون يا ڏهون مزدور اهڙو هوندو هو. جيڪو يا تہ وڌيڪ پگهار تي ڪم ڪندو هو يا جنهن سان اهو واعدو ٿيل هوندو هو تہ ان کي ترقي ڏني ويندي هئي، تنهن جي ڪري اهو مزدور ڪم کي تيزي ڏيندو رهندو هو جنهن جي نتيجي ۾، ٻين کي بہ ان سان گڏجي هلڻ لاءِ تيز رفتاريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو هو.

تيز رفتاريءَ سان هلندڙ متحرڪ تختي تي پورهيتن کي انتهائي جسماني ۽ اعصابي دباءُ ۾ آڻي ڇڏيو. جن اڳتي هلي ان جي خلاف مزاحمت ڪئي تہ کين لٽين، شيهي جي ڏنبن، شيخن ۽ ڪوڙن سان هٿياربند محافظن جي هٿان مارون ڪڍايون ويندیون هيون ۽ کين لولو لنگڙو ڪري اڌ مئو ڪيو ويندو هو. مزدورن کي مجبور ڪيو ويندو هو تہ اهي پنهنجي هار مڃين ۽ فورڊ جي منافعي خوريءَ کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ تيزيءَ ۽ برجستگيءَ سان ڪم ڪن.

پورهيتن جي استحصال ۾ اهڙيءَ بي انتها واڌ جي نتيجي ۾ فورڊ تمام تيزيءَ سان امير کان امير ٿيندو ويو ۽ آمريڪا جي طاقتور ارب پتين مان هڪ ٿي ويو. 1903ع ۾ قائم ٿيندڙ فورڊ موٽر ڪمپني پهرين ڏهن سالن جي اندر ئي 2.6500 ڪارون هڪ سال ۾ تيار ڪرڻ لڳي هئي. پين ڏهن سالن ۾ سندس پيداوار ۾ ٻيڻو اضافو ٿي ويو. 1923ع ۾ فورڊ موٽر ڪمپنيءَ 2200000 لک گاڏيون ٺاهيون ۽ اهڙيءَ طرح پين صنعتڪارن لاءِ هڪ وڏو مثال پيش ڪيو. آمريڪا کان سواءِ پين سرمائيدار ملڪن ۾ به هن متحرڪ تختي جي نظام کي وڏي پئماني تي واپرايو ويو آهي. جيتوڻيڪ پين سرمائيدارن به متحرڪ تختي وارو نظام واپرايو آهي. پر پوءِ به فورڊ خاندان ايجا تائين پورهيتن جي استحصال ۾ متحرڪ تختي جي استعمال ۾ پين سيني کان اڳرو آهي. فورڊ جي ڪارخاني ۾ استعمال ٿيندڙ متحرڪ پٽو اڄ به دنيا جي سيني متحرڪ پٽن مان ڊگهي ۾ ڊگهو آهي. اهو 3300 ميٽر ڊگهو آهي ۽ چوويهن ڪلاڪن ۾ انهيءَ پٽي تي 8000 هزار مزدور ڪم ڪندا آهن يعني هر اٽن ڪلاڪن جي شفٽ ۾ 2500 کان وڌيڪ مزدور ڪم ڪندا آهن. جنهن جو مطلب اهو آهي ته انهيءَ متحرڪ پٽي تي، هر منٽ ۾ 8000 هزارن کان وڌيڪ ڪم ڪيا وڃن ٿا. انهن مان اڪثر ڪم تمام معمولي قسم جو هوندو آهي. جنهن جي دوران صرف کي چند ميڪانيڪي ترتيبوار حرڪتون ڪرڻيون پونديون آهن. اهڙيءَ طرح نه صرف ڪم جي رفتار تمام تيز ٿيندي آهي پر مالڪن کي پورهيتن جي آسائشن جي به پرواهه نه هوندي آهي. جن مان کي هيٺ فرش تي ليٽي پيڇن ڪسڻ جو ڪم ڪندا آهن. کي متحرڪ پٽي جي هيٺان گسجندڙ دروازا ٽيڪ ڪندا آهن ۽ کي ڪارن جي اندر اوڪڙو ويهي پرزن کي ملائيندا آهن. هن متحرڪ پٽي جي پوريءَ ڊيگهه ۾ به ساهين ٽيڙ جون جڳهيون آهن. انهن ٻنهي جاين تي 8 لوهه جا استول، به پلاسٽڪ جون ميزون ۽ مشيني دوڪان هوندا آهن، جن مان هڪ مان شربت ۽ ٻئي مان ڪافي ۽ چانهه وڻي پي سگهجن ٿا.

متحرڪ پٽن واري پيداوار منافعي جي تعداد جي اضافي کي يقيني بنائيندي آهي. 1970ع جي ڏهاڪي ۾ فورڊ موٽر ڪمپنيءَ 200000 لکن مزدورن مان 1.5 ڊالر هڪ ڪلاڪ جي حساب سان خالص منافعو ميڙيو هو. اڄ ڪلهه فورڊ جي موٽر گاڏين جي ڪارخانن ۾ 400000 ملازم آهن، جيڪي بي انداز منافعي ڪمائڻ جو ذريعو آهن.

ماهر مزدورن جي استحصال ۾ واڌ: استحصال جو ڪٽي ڪهڙو به طريقو رائج ڇو نه هجي، سرمائيدار ماهر ۽ غير ماهر مزدورن جو استحصال ڪري وڌ ۾ وڌ منافعو ڪمائيندا آهن. اڳ وانگر هاڻ به اهو عمل جاري آهي، ۽ سياڻي به جاري رهڻو آهي. پر حقيقت اها آهي ته جديد سرمائيداري اڳ کان اڳري آهي.

هاڻوڪي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب، هنر ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ارتقاءَ کي تمام گهڻو تيز ڪري ڇڏيو آهي ۽ پيداواري عمل ۾، سائنسي ميدان ۾ ڪاميابين کي وڌائي ڇڏيو آهي. انهيءَ صورتحال سرمائيدارن لاءِ اهو ممڪن ڪري ڇڏيو آهي ته، اهي پورهيي جي پيداوار کي وڌائي، وڌ ۾ وڌ زائد قدر ڪمائين، جنهن لاءِ سائنسدانن، انجنيئرن ۽ سَنڊَ يافته پورهيت عملي جي ضرورت پوندي آهي.

سرمائيداري نظام، نئين صورتحال سان سلهاڙجي، سمورن پورهيتن جي استحصال کي وڌائي رهيو آهي. مثال طور 1940ع ۾ آمريڪا ۾ ماهر مزدورن جو تعداد ڪل پورهيتن جو 27 سيڪڙو هيو. پر 1974ع ۾ اهو تعداد وڌي 8.5 سيڪڙو ٿي ويو. يعني 1.4 تي وڌي ويو ۽ اهڙيءَ طرح تربيت ۽ سکيا جي مدت ۾ به واڌ آئي ۽ جيڪا 8.6 مان وڌي 12.5 سال ٿي وئي ۽ انجنيئرن جو تعداد 297000 مان وڌي 1200000 ٿي ويو يعني چئوڻ ته واڌ آئي. ٻين سرمائيدار ملڪن ۾ به انهيءَ نوعيت واريون تبديليون آيون هيون. جهڙوڪ: اولهه جرمنيءَ ۾ 1960ع تائين ڪل پورهيتن جي تعداد مان ماهر مزدورن جو 40.6 سيڪڙو هيو پر 1975ع ۾ انهن جو حصو وڌي 45 سيڪڙو ٿي ويو.

ماهر مزدورن جو استحصال تمام گهٽو فائدي وارو هوندو آهي. مهارت وارو پورهيو پيچيده ۽ ڳنڍيل هوندو آهي ۽ غير مهارت واري پورهيي جي پيٽ ۾ وقت جي ڪنهن هڪ ايڪي ۾ وڌيڪ زائد قدر ڪي جنم ڏيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اهو زائد قدر به وڌيڪ پيدا ڪندو آهي، جيئن، جيئن مهارت واري پورهيي جي استحصال جو حلقو وسيع ٿيندو آهي، تيئن تيئن قدر زائد جي ڪل مقدار ۾ واڌ ايندي ويندي آهي. موجوده دؤر جي سڌريل سرمائيدار ملڪن جون هڪ هٿيون، جيترو زائد قدر پيدا ڪن ٿيون، انهيءَ مان 80 کان 8 سيڪڙو مهارت واري پورهيي مان پيدا ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته انجنيئر، ٽيڪنيشن، رٿابندیون ڪندڙ ڊزائنون ٺاهيندڙ توڙي پروگرام ۽ سائنس جا محقق سيئي سرمائيدارن لاءِ زائد قدر پيدا ڪري رهيا آهن.

مهارت واري پورهيي ۽ پورهيتن جي عام تعليم ۽ تربيت جي معاملي ۾ ترقي پذير ملڪ، ترقي يافته ملڪن کان گهٽو پوئتي پيل آهن، هنن ملڪن جا 25 ڪروڙ هار ته مراڳو اسڪولن ۾ ئي نه ويندا آهن، بالغ آبادیءَ جو 48 سيڪڙو اڻ پڙهيل آهي. سڀ کان پوئتي پيل 23 ملڪن ۾ ته 70 سيڪڙو آبادي اڻ پڙهيل آهي. انهن ملڪن ۾ انجنيئرن ۽ سائنسي محققن جي شرح، ترقي يافته ملڪن جي پيٽ ۾ 10000 هزارن مان هڪ جي جاءِ تي 18 پيرا گهٽ آهي.

سڌريل سرمائيدار ملڪ، انهيءَ ويچي کي گهٽائڻ لاءِ ڪجهه به ڪونه ٿا ڪن، ان جي برعڪس ترقي يافته ملڪ پٺتي پيل ملڪن مان انهن جا وڏا وڏا ذهن کسي وٺندا آهن. ٽئين دنيا مان هر سال 11000 خاص خاص علمن جا ماهر آمريڪا لڏي ويندا آهن، (پوئين پندرهن سالن ۾ انهيءَ انگ ۾ ٽيڻ تي اضافو ٿيو آهي) 1960ع کان 1975ع تائين 300000 لکن انجنيئرن، ڊاڪٽرن ۽ وڪيلن ترقي پذير ملڪن مان لڏپلاڻ ڪئي آهي. هڪ اندازي موجب ترقي پذير ملڪن مان لڏي ويندڙن (آمريڪا، ڪئنيڊا ۽ برطانيا وغيره) جي معيشيت ۾ ايڏو وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي، جو جيڪڏهن اهي ملڪ ٽيڪنڪي ترقيءَ جي ڏس ۾ 51 ارب ڊالر خرچ ڪن ها، تڏهن وچي کين ايڏي پيداوار حاصل ٿئي ها.

استحصال ۽ پرماريت جا نوان طريقا: سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ نئين صورتحال ۾ سرمائيدار پورهيي جي استحصال جا نوان حربا ۽ نظام اختيار ڪندا پيا وڃن. هڪ طرف ته سرمائيدار پورهيتن کان مفت ۾ پورهيي حاصل ڪرڻ جي مڙني موقعن مان پرپور فائدو کٽڻ ٿا ۽ ٻئي طرف اهي استحصال جي شدت کي لڪائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪن ٿا. ته جيئن اهو تاثر ڏئي سگهن ته پورهيتن ۽ مالڪن جا مفاد هڪجهڙا ۽ هم آهنگ آهن. ڪن ڪمپنين نفعي ۾ حصيداريءَ جي نظام کي لاڳو ڪري، پورهيتن کي پنيلائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن انهيءَ طريقي سان پورهيتن ۾ اهو تحرڪ پيدا ڪيو وڃي ته اهي پورهيي جي شدت ۽ سختيءَ کي وڌائين. اهڙيءَ طرح هي فرمون مزدورن کي ڪارخاني ۾ حصو پتي خريد ڪرڻ ڏيندیون آهن؛ ۽ ائين مالڪ ۽ مزدور ۾ نالي ماتر ۽ هٽ نوڪيءَ شراڪت کي جنم ڏئي، ڪارخاني جي مال ۾ مزدورن جو مفاد به شامل ڪري ڇڏيندیون آهن. مزدورن کي اها رٽ جي رڄ به ڏيکاري ويندي آهي ته ڪارخاني جي انتظامي معاملن ۾ به انهن جو عمل دخل آهي. کين تحفن، سوکڙين ۽ انعامي ادائگين جي صورت ۾ اجرتن کان سواءِ ڪجهه ٻيون ادائگيون به ڪيون ويندیون آهن ۽ اهو تاثر قائم ڪيو ويندو آهي ته مالڪن کي مزدورن جي مادي مفادن جو به اونو آهي. پورهيي جي شدت ۽ سختيءَ کي وڌائڻ لاءِ هر قسم جا نفسياتي توڙي نظرياتي حربا ۽ چالون اختيار ڪيون ويندیون آهن. جن جو مقصد اهو هوندو آهي ته سرمائيدارن جون آمدنيون وڌن ۽ پورهيتن جو استحصال به وڌي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ ڪم جي واري وٽيءَ جي نظام کي لاڳو ڪرايو ويندو آهي؛ جنهن مطابق وقت بوقت ماڻهن جي ڪم کي بدلايو ويندو آهي، ۽ ائين پورهيي جي شدت ۽ سختيءَ ۾ واڌ آندي ويندي آهي. رکي رکي پورهيتن جي ڪم جون جايون مٽايون ويندیون آهن. ۽ سندن ڪم ساڳيو ئي رهندو آهي ۽ جيئن ته پوءِ ڪم ۽ ماحول جي هڪ جهڙائي ٿي ويندي آهي؛ ان ڪري پورهيي جي شدت ۽ سختي به وڌي ويندي آهي.

انهيءَ ڏس ۾ هڪ ٻئي نموني واري پيداواري عملن جي نظام کي اختيار ڪيو ويندو آهي، جنهن موجب، ڪوبہ پورهيت، ڪنهن بہ هڪ ئي قسم جي ننڍي ڪم جي بجاءِ ڪنهن پيداواري عمل ۾ شامل مختلف ڪم سرانجام ڏيندو آهي، جنهن دوران مختلف عملن کي مسلسل طويل تر ۽ ڊگهو ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙن بنيادي پيداواري ڪمن کي پورو ڪندڙ پورهيتن کي ڪجهہ اهڙا واڌو ڪم بہ سونپيا ويندا آهن، جيڪي اڳ ڪجهہ مزدور هڪ ٻئي جي سهڪار سان سرانجام ڏيندا آهن. مثال طور شين کي ڏبن ۾ بند ڪرڻ، مشينن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ٻيا اهڙا واسطيدار ڪم ڪرڻ، جن ڪارخانن ۾ انهيءَ نظام کي لاڳو ڪرايو ويندو آهي. اُنهن جي پيداوار ۾ 25 سيڪڙو واڌ آئي ۽ ملازمن جي تعداد ۾ گهٽتائي آئي ۽ انهيءَ جي مطابقت سان مالڪن جي آمدني وڌندي آهي.

پورهيي جي فراواني جو نظام پڻ سرمائيدارن لاءِ منافعن جو ذريعو ٿئي ٿو. اهو دراصل مٿي ڄاڻايل نظام جي هڪ اعليٰ تر صورت آهي. انهيءَ نظام تحت پورهيتن کي نہ صرف واسطيدار ڪم سونپيا ويڻ ٿا، پر ڪنهن حد تائين انهن کي کي انتظامي ڪم بہ ڏنا بہ ويندا آهن. انهيءَ نظام تحت پورهيتن کي ڪارخاني جي باري ۾ وڏي معلومات بہ حاصل ٿيندي آهي ۽ اهي پيداواري عمل کي منظم ۽ مرتب ڪرڻ ۾ شرڪت بہ ڪندا آهن. جهڙوڪ آمريڪا ۾ پورهيي جي فراوانيءَ واري انهيءَ نظام کي سڀ کان پهرين اختيار ڪندڙ هڪ فرم مونسانتو اهو ثابت ڪيو تہ اهڙي قسم جا قدم سرمائيدارن لاءِ ڏاڍا نفعي وارا ٿين ٿا. انهيءَ نظام کي اختيار ڪرڻ جي نتيجي ۾ نائلون جي ريشي جي پيداوار ۾ شامل هر ڪارڪن جي اختيار جو دائرو 1.5 هوڻ تي وڏي ويو ۽ انهيءَ مطابقت سان پورهيي جي شدت ۽ سختي بہ وڌي وئي.

انسان ترسيءَ جي پورهيي جو نظام بہ بنيادي طور تي پورهيي جي فراوانيءَ جي نظام جي هڪ شڪل آهي؛ جنهن کي ٿوري گهڻي وسعت ڏئي، انهيءَ ۾ ڪم ڪار جي حالتن کي سڌارڻ لاءِ ڪي بهترين شامل ڪيون ويون آهن. جن جو مقصد اهو آهي تہ مزدورن ۾ ڪم جي باري ۾

وڌيڪ خوشگوار روپا پيدا ڪيا وڃن ۽ نظم ۽ ضبط کي سڌاريو وڃي. انهيءَ ڪري انسان ترسيءَ جي پورهيي جو نظام انهيءَ ڳالهه جو دعويدار آهي تہ اهو انسان دوستيءَ جي ڪردار جو مالڪ آهي. انتظامي حڪمت عملين ۾ تبديليون ۽ پورهيتن ۾ حصي رسيءَ جي ورڇ انهيءَ جي دوش جا بنيادي عنصر آهن.

پورهيت جي زندگيءَ جي ڪيفيتي تبديليءَ واري نظام انسان ترسيءَ جي پورهيي جي بنيادي اصولن کي وڌيڪ ترقي ڏياري آهي. پورهيتن کي وڌيڪ زائد قدر پيدا ڪرڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ انهيءَ نظام جي خالقن، سرمائيداري ڪارخانن ۾ انعامن اڪرامن وارين ادائگين سان گڏ بيا فائدا ڏئي سندن پيداواري جاکوڙ ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ سگهارن رشتن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ نظام پورهيتن جي مهارتن وڏائڻ ۽ پيداواري عملي کي سڌارڻ جي مقصد سان پنهنجي راءِ ڏيڻ ۽ رضامندي ڏيڪارڻ لاءِ ڪي جوڳا قدم بہ کنيا آهن. جنهن مان اهو تاثر پيدا ٿئي ٿو تہ پورهيتن کي انتظامي معاملن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل دخل ملي ويو آهي ۽ انهيءَ نظام تحت پورهيتن جي ڪم ڪار جي وقت ۽ سندن گهريلو ذميدارين ۽ واندڪائي جي مصروفيتن ۾ مطابقت ۽ هڪجهڙائي پيدا ڪئي وڃي ٿي.

اڪثر واپارين، پورهيتن جي خودمختيار گروهن تي مبني نظام کي اختيار ڪيو آهي، جنهن تحت پورهيتن جي گروهن جي اهڙي نموني نئين سر تنظيم ڪاري ڪئي ويندي آهي، جو هر هڪ گروهہ ڪنهن هڪ پيداواري شعبي جي رٿابنديءَ جو ذميوار هوندو آهي ۽ پورهيت پاڻ ئي پنهنجي شئي جي ساخت، بناوٽ ۽ ترڪيبي عنصرن جي مقرري ڪندا آهن. ڪنهن بہ هڪ پورهيت کي ڪوبہ هڪ پيداواري عمل حوالي ڪري نٿو سگهجي، بلڪ ان کي ڪيترائي ڪم ڏنا ويندا آهن ۽ موقعي ۽ محل جي لحاظ کان انهن ڪمن کي تبديل ڪري، نئين سر ورڇ ڪئي ويندي آهي. اهو گروهہ پاڻ ئي پيداواري عمل جي تنظيم بہ ڪندو آهي ۽ نگراني بہ ڪندو آهي ۽ ڪم ڪار جي دوران نظم ۽ ضبط رکندو

آهي. خودمختيار مزدورن جو نظام تاجرن لاءِ ڏاڍي نفعي وارو هوندو آهي. جنهن جو هڪ مثال ته جنرل فورڊز نالي آمريڪي ڪمپني آهي. ٽوپيڪار (ڪئنساس) ۾ هن ڪارخاني جي نظام جي اڇ سان انهيءَ شعبي وارين صنعتن جي سراسري پورهيي جي پيداوار جي پيٽ ۾ 35 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ آمدني 10000 هزار ڊالر هڪ پورهيت جي حساب سان وڌي آهي.

پورهيي جي پيداوار وڌائڻ لاءِ فورڊز خودمختياري طور متحرڪ ٽيڻ وارو نظام اختيار ڪيو آهي ۽ ان کي آخري نقطي تائين پهچايو آهي. پر پوءِ به اڄ ڪلهه ڪيترائي سرمائيدار پورهيي جي تنظيم ڪاريءَ جي فورڊ کان اڳ وارن طور طريقين ڏانهن واپس موٽي رهيا آهن ۽ اهي اهڙا ننڍا ننڍا متحرڪ پٽا استعمال ۾ آڻي رهيا آهن، جن ۾ هر پورهيت کي هڪ ڪم ڪرڻ جي بجاءِ ڪيترائي عمل ڪندو آهي. جنهن مطابق پورهيتن جو هڪ پورو گروهه ڪم ڪندو آهي، ۽ ان جي پورائي لاءِ اجتماعي ۽ گڏيل ذميداري قبول ڪندو آهي. ضرورت وقت پورهيت پنهنجي ڪم جون جايون مٽائيندا آهن. ريڊيو جي ڪارخانن ۾ اهو طريقيڪار گهڻو رائج آهي. ڪامار ۽ بورامن (سئيڊن) ۾ والوو موٽر ورڪس متحرڪ پٽن جي بجاءِ هڪ جاءِ تي بيهڻ تياريءَ جو طريقو واپرايو آهي. جتي هر جاءِ تي هڪ خودمختيار پورهيت گروهه ڪم ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪن ٻين موٽر ڪارخانن به بيهڻ جاءِ واري تياريءَ جي طريقي کي اختيار ڪيو آهي. ننڍن چرندڙ پرندڙ پٽن ۽ بيهڻ تياريءَ جي طريقن اختيار ڪرڻ جي ڪري پيداواري عملن ۾ گهڻ رنگي رهندي ۽ پورهيي جي هڪ رنگي ختم ٿي ويندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پورهيي جي پيداوار ۾ 20 کان 40 سيڪڙو واڌ ايندي آهي ۽ پورهيي ۾ سختي ۽ پورهيي جي پيداوار ۾ واڌ سرمائيدارن جي آمدني کي وڌائي ڇڏيندا آهن. ساڳيءَ طرح ڪم ڪار جي وقت جي لچڪيدار نظام جو هدف به اهو هوندو آهي ته ڪم ڪار جي وقت دوران وقت جي ڏيان کي گهٽ ڪيو وڃي، ۽ پورهيي جي شدت ۽ سختيءَ کي وڌايو وڃي. انهيءَ

نظام تحت پورهيتن ۾ ملازمن کي ڪنهن حد تائين اها سهوليت حاصل ٿيندي آهي ته اهي پنهنجي هفتيوار ڪم ڪار جي وقت کي ڪيئن ٿا پورو ڪن. انهن تي رڳو اها پابندي ته آهي سڄي هفتي ۾ گهٽا ڪلاڪ ڪم ڪندا، جڏهن ته کين ان ڳالهه جي آزادي هوندي آهي ته اهي انهن ڪلاڪن جي پورائيءَ لاءِ ڪارخاني پاران ڏنل مختلف وقتن جي نظام مان ڪنهن هڪ وقت جي چونڊ ڪن. اهڙيءَ طرح سرمائيدار انهيءَ نظام کي پيش ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهو نظام پورهيو ڪندڙن جي ضرورتن جي پاس خاطري ۾ لحاظ رکندو آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ اهو نظام سرمائيدارن جي فائدي لاءِ پورهيو ڪندڙن جي پيداوار وڌائڻ جو هڪ نئون طريقو آهي.

سرمائيدار انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي ڪيتري به ڪوشش ڇو نه ڪن، ته پورهيي جي تنظيم ڪاريءَ جو اهو نئون نظام، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ انقلاب جو نتيجو آهي. پر اهي انهيءَ حقيقت کي لڪائي نٿا سگهن ته انهيءَ سڄي نظام جي تياريءَ جي پٺيان هڪ ئي واحد مقصد ڪارفرما آهي، يعني استحصال کي شديد کان شديد تر ڪيو وڃي. انهيءَ سڄي ساري ڪرڪسي جي تياريءَ جو مقصد اهو ئي آهي ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدانن ۾ نت نئين ڪاميابين کي استعمال ڪري، وڌ ۾ وڌ منافعو ميڙيو وڃي ۽ پورهيو ڪندڙن جي اعليٰ ترين مهارتن کي بهتر طريقي سان استعمال ڪري، گهٽو زائد قدر ميڙيو ۽ روڙيو وڃي.

زائد قدر ۽ صنعتي ڏڪ: پيداوار جي تنظيم ڪاري ڪرڻ وقت، سرمائيدار جي دل ۽ دماغ تي زائد قدر جو خيال حاوي رهندو آهي ۽ ڪيس انهن ماڻهن جي ڪا پرواهه نه هوندي آهي، جيڪي زائد قدر کي تخليق ڪندا آهن. هو سدائين مزدورن جي ڪم ڪار جي حالتن ۽ حفاظتي معاملن جي سلسلي ۾ ڪفايت کان ڪم وٺندو آهي، تڪڙي پورهيي، مشينن ۽ مزدورن سان ڏٽيل فيڪٽريون، گوڙ گرمي ۽ گرد گهٽو ڪري

سرمائيداري ڪارخانن جون امتيازي خاصيتون آهن. اهي هڙئي ڳالهيون پورهيو ڪندڙن جي صحت ۽ توانائيءَ کي تباهه ڪندڙ ٽين ٽيون ۽ سندن زندگيءَ کي گهٽائيندڙون آهن. دنيا جي امير ترين ملڪ، آمريڪا ۾ 25 کان 59 سالن جي عمر جي مزدورن جي موت جي لڳ ڀڳ شرح، صنعتڪارن، مئنيجرن ۽ وڏن عهديدارن جي موت جي شرح کان 5هوڻ تي وڌيڪ آهي. اهڙيءَ طرح برطانوي ماهر مزدورن جي موت جي شرح، واپارين ۽ آفيسرن جي موت جي شرح کان 1.4هوڻ تي وڌيڪ آهي.

وڏندڙ استحصال جو ظاهر ظهور هڪڙو نتيجو اهو نڪري ٿو ته صنعتي چوٽون ايندڙون آهن ۽ ٻيون پيشاورانه لاڳاپيل بيمارين ۽ گهٽيون ٽين ٽيون. آمريڪا ۾ هر ٽن منٽن ۾ هڪ مزدور يا ته ماريو وڃي ٿو يا مزدور جڏو ٿي پئي ٿو ۽ هر يارهن سيڪنڊن کان پوءِ هڪ مزدور زخمي ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح اولهه جرمنيءَ ۾ روز 8000 هزار صنعتي حادثا ٽين ٿا.

قدر زائد لاءِ ڊڪ ڊوڙ جي نتيجي ۾، ترقي پذير ملڪن جي سرمائيدار ڪارخانن ۾ به، ڏينهون ڏينهن صنعتي حادثا ۽ ڏڪ وڌي رهيا آهن. جهڙوڪ: ترڪيءَ ۾ صنعتي حادثا هر سال 1500 جانيون ڇڙڪائي وڃن ٿا ۽ سوين هزارين پورهيت معذور ۽ جڏا ٿي پون ٿا.

باب ڇهون

زائد قدر کير وصول ڪندو آهي؟

صنعت، زراعت، اڏاوت ۾ مادي پيداوار جي بين شعبن ۾ ڪم ڪار ڪندڙ پورهيت ئي زائد قدر جي تخليق ڪندا آهن؛ پر اهو زائد قدر رڳو انهن سرمائيدارن کي ئي هٿ نه لڳندو آهي، جيڪي صنعتن ۾ سرمائيڪاري ڪندا آهن، بلڪ واپاري، بينڪار ۽ بين استحصالي گروهن کي به ان مان حصيداريون ملنديون آهن. ڇاڪاڻ ته زائد قدر ئي مال ۽ دولت جي حاصلات جو ذريعو آهي؛ ان ڪري اهي سيئي ماڻهو زائد قدر کي ڦٻائڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ ڪڻ ۾ رڌل هوندا آهن. زائد قدر جي وڏ ۾ وڏ ۽ وڏي ۾ وڏي حصي تي قبضي ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن ۾ ڏاڍي ڇڪتاڻ رهندي آهي. فرانسيسي ليکڪ 'ايملي' شعلا لکيو آهي ته: "بورزوا معاشري ۾ ڌن ۽ سرمايو ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي. ڌن ئي خدا هوندو آهي؛ ڌن ئي بادشاهه به هوندو آهي ۽ بادشاهي به هوندي آهي. ڌن تي ئي ماڻهن جون منڊيون لهي ويندڙيون آهن. ڌن جي بي پناهه قوت جي آڏو سيئي گوڏا کوڙيندا آهن ۽ ڌن جي آڏو ضمير جي لعنت ملامت به بيڪار ۽ اجائي ٿي پوندي آهي ۽ اهو هڪ سچ آهي.

منافعو: مادي پيداوار جي شعبي ۾ سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار زائد قدر جا ڦريان وصول ڪندڙ يا منافعو ڪمائيندڙ هوندا آهن؛ اُن کان پوءِ انهن ۾ اهي صنعتڪار ۽ مهم جو ماڻهو شامل هوندا آهن، جيڪي زراعت، اڏاوت ۽ معيشيت جي بين پيداواري شعبن ۾ اجرتي پورهيي جو استحصال ڪندا آهن.

هرڪو سرمائيدار، پنهنجيءَ پيداوار کي منڊيءَ ۾ موڪليندو آهي؛ ۽ پيداوار جي وڪري جي نتيجي ۾ ڪيس جيڪا رقم ملندي آهي، انهيءَ مان هو سڀ کان اڳ پنهنجا خرچ پورا ڪندو آهي؛ ۽ پيداوار جي لاڳت ڪڍندو آهي. انهن خرچن ۾ اها رقم به شامل هوندي آهي، جيڪا انهيءَ پيداواري ذريعن کي خرچ ڪرڻ کان سواءِ پورهيت کي اجرت جي طور هُن ڏني هوندي آهي. اهي خرچ اهي آهن، جن مان خبر پوندي آهي ته ڪنهن ويڪو شئي جي تياريءَ تي سرمائيدار جي ڪيتري لاڳت آئي آهي.

پيداوار جي وڪري مان حاصل ٿيندڙ ڪل آمدني، انهيءَ پيداوار تي ٿيندڙ ڪل لاڳت کان وڌيڪ هوندي آهي. انهن ٻنهي مان حاصل ٿيندڙ تفاوت ئي سرمائيدار جو نفعو هوندو آهي. منافعو اها رقم هوندي آهي، جيڪا ڪل آمدنيءَ مان واڌو پيداوار تي حاصل ٿيندي آهي؛ جيڪا سرمائيدار کي هٿ لڳندي آهي. يعني ڪل آمدنيءَ ۽ پيداوار جي دوران خرچ ٿيندڙ ڪل رقم جي وچ واري فرق کي منافعو چئبو آهي. منافعي جي ظاهري شڪل ۽ صورت اها ئي آهي.

منافعي جو اصل جوهر ۽ ماهيت ڇا آهي؟

اڳ ۾ ڏسي آيا آهيون، ته ڪنهن به ويڪو شئي جا ٽي جزا ٿين ٿا؛ (1) مستقل يا جامد سرمائي جو قدر (c)، (2) وارڦير واري سرمائي جو قدر (v)، ۽ (3) زائد قدر (m) ان ڪري ڪنهن به ويڪو شئي جو قدر ۽ قيمت هينئين ريت لڳائي ويندي آهي.

$$-m+v+c=t$$

پهرين ٻن جزن جو مجموعو (v+c) پيداوار تي ٿيندڙ لاڳت ڏيندو آهي. قدر ۽ پيداوار تي ٿيندڙ لاڳت واري فرق جو حساب اهو آهي (v+c) جيئن ته $m+v+c=t$ آهي؛ ان ڪري $t-(v+c)=m$ $(m=v+c)$ اها بقايا m زائد قدر ٿئي ٿي. اصل ۾ اها ئي بقايا رقم آهي؛ جنهن کي سرمائيدار منافعو سمجهي ڦٻائيندو آهي. انهيءَ عنوان هيٺ، اهو زائد قدر آهي،

جيڪو سرمائيدارن جي ڪاتن، نفعي ۽ نقصان جي حسابن، آمدنيءَ ۽ خرچ جي حساب ۾ داخل هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو نفعو اصل ۾ زائد قدر جي هڪ شڪل آهي. مادي پيداوار ۾ سرمائيڪاري ڪندڙ صنعتڪار ۽ ٻيا سرمائيدار منافعي جي صورت ۾ زائد قدر حاصل ڪندا آهن.

منافعو زائد قدر واري استحصال کي لڪائيندو آهي. پنهنجي ڪاروبار جي منافعي خوريءَ جي پيمائش ڪرڻ وقت سرمائيدار منافعي جو پنهنجي ڪل سرمائي جي لاڳت سان پيٽ ڪندو آهي. پيداوار ۾ هر ڊالر جي لاڳت تي جيترو وڌيڪ منافعو ٿيندو آهي، اهو ڪاروبار ايترو ئي وڌيڪ منافعي وارو ٿيندو آهي. پيداوار جي ڪل سرمائي جي لاڳت جي بنياد تي منافعي خوريءَ جي پيمائش جو طريقيڪار اهو تاثر پيدا ڪندو آهي ته ڪل لاڳت وارو سرمايو ئي آهي، جيڪو منافعو پيدا ڪري ٿو. منافعي خوريءَ جو اهو حساب ڪتاب، مستقل ۽ وارڦير واري سرمائي جي وچ واري فرق کي آڏو نه رکندو آهي. ٻين لفظن ۾ اهو زائد قدر جي اصل سرچشمي کي لڪائيندو آهي، جيڪڏهن زائد قدر کي منافعو سمجهيو وڃي ته پوءِ اهو منافعو وارڦير واري سرمائي جي بجاءِ صرف ڪل سرمائي جي لاڳت جي پيداوار محسوس ٿيندو آهي.

منافعي خوريءَ جي شرح: سرمائيدار وڌيڪ زائد قدر وصول ڪرڻ جي چڪر ۾، پنهنجي پيداواري ڪاروبار جي منافعي خوريءَ کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. هو پيداوار ۾ پنهنجي سرمائي جي لاڳت جي سازگار حالتن پيدا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن طريقو اختيار ڪندو آهي. پيداوار جي مختلف شعبن ۾ سرمائي جي سيڙپ جي منافعي خورين جي پيٽ ڪرڻ لاءِ منافعي جي شرح ڪيڙي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح منافعي جي شرح ڪيڙ لاءِ ڪل سرمائي جي سيڙپ ۽ واڌو قدر جو تناسب ڪيڙي، ان کان پوءِ ان جو في سيڪڙو ظاهر ڪيو ويندو آهي.

100+m/k=100+m/k=p هتي p منافعي جي شرح جي علامت آهي ۽ k سرمائي جي سيڙپ جي علامت آهي.

مثال جيڪڏهن، ڪل سرمائي جي لاڳت 1000000 ڊالر آهي، جنهن ۾ 85000 ڊالر جامد سرمايو آهي ۽ 15000 ڊالر وارڦير وارو سرمايو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن انهيءَ سرمائي کان سواءِ 20000 ڊالر زائد قدر پيدا ڪيو ويجي ٿو، اهڙيءَ صورت ۾ منافعي جي شرح هن ريت ٿيندي: 15+20/85+100=20٪.

اصل ۾ سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾، منافعي جي شرح 20 سيڪڙو ئي آهي. منافعي جي شرح جي تعين ۾ ڪيترائي عوامل ڪارفرما هوندا آهن، جنهن مان سڀ کان اهم زائدقدر جي شرح آهي. زائد قدر جي شرح جيڏي وڏي هوندي آهي، منافعي جي شرح به ايڏي وڏي هوندي آهي. انهن ٻنهي ۾، انهيءَ سڌي تعلق جو سبب اهو آهي، جو زائد قدر جي شرح جي واڌ، زائد قدر جي مقدار ۾ واڌ ڪندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ منافعي جي شرح به وڌندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو زائد قدر جي وڌائڻ جا طريقا ۽ حربا ئي منافعي جي وڌائڻ جا حربا به هوندا آهن.

منافعي کي وڌائڻ ۾ انهيءَ عنصر جو به وڏو عمل دخل هوندو آهي ته سرمائيدار جي پنهنجي ساخت ۽ بناوٽ ڪهڙي آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن ته زائد قدر رڳو وارڦير واري سرمائي مان پيدا ٿيندو آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪل سرمائي ۾، وارڦير وارو سرمائي جو حصو وڏي ٿو ۽ ان جي نتيجي ۾ زائد قدر جو مقدار به وڏي ٿو ته انهيءَ ۾ وسيلي منافعي جي شرح به وڏي ويندي. اهڙيءَ طرح ئي وارڦير واري سرمائي ۾ گهٽتائي ايندي ته منافعي جي شرح به گهٽجي ويندي. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي ته سرمائيدار جامد سرمائي ۾ به ڪفايت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ به منافعي جي شرح تي اثر پوندو آهي، انهيءَ جو هڪ مثال اهو آهي ته، هو ڪم ڪار جي حالتن ۽ حفاظت جي باري ۾ گهٽ خرچ ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح سرمائي جي لاڳت مان

ڪجھ رقم بچي پوندي آهي. تنھن ڪري جڏھن پيداوار جي لاڳت گھٽجندي آهي تہ انھيءَ حساب سان منافعي جي شرح بہ گھٽجندي آهي.

منافعي جي شرح ۾ اضافي جي پويان ڪارفرما عوامل مان ھڪ عنصر سرمائي جي وارڦير جي رفتار سان بہ واسطو رکي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سرمائي جي سيڙپ ۽ پيداوار جي ڪپت، ۽ ان جي ورائي ۾ھر سيڙپ واري وڇوٽي جيتري مختصر ھوندي، منافعو ايترو وڌيڪ ٿيندو.

منافعي جي سراسري شرح: ھرڪو سرمائيدار انھيءَ ڳالھ جو خواھشمند ھوندو آهي، تہ ان جو سرمايو ٻين جي ٻيٽ ۾ وڌيڪ منافعي جي شرح کي جنم ڏيئي. اصل ۾ صورتحال اھا آهي تہ مختلف سرمائيدارن ڇا سرمايا کٽي ھڪ جيترا ھجن بہ ۾ر انھن جي ساخت ۽ جوڙجڪ جي جزن جي ترڪيب جدا جدا ھوندي آهي. ڪن پيداواري ڪاروبارن ۾ وارڦير وارو سرمايو وڌيڪ ھوندو آهي، ۽ ڪن ۾ وري جامد يا مستقل سرمائي جو حصو وڌيڪ ٿي سگھي ٿو. ۾ر ٻوءِ بہ ھڪ جيتري سرمائي جي لاڳت ڪندڙ سرمائيدارن جو منافعو مختلف ٿي سگھندو آهي ۽ انھيءَ لحاظ سان انھن جي منافعي جي شرح بہ مختلف ھوندي آهي. فرض ڪجي ٿو تہ ھڪ جوتن جي ڪارخاني ۾ 100000 لک ڊالرن جي سيڙپ آهي ۽ اھڙيءَ طرح مشيني پرزن ٺاھيندڙ ھڪ ڪارخاني ۾ 100000 لک ڊالرن جي سيڙپ آهي. جوتن جي فيڪٽريءَ ۾ سرمائي جي لاڳت جي ترڪيب ھن ريت آهي: 50000 ڊالر جامد سرمائي جي لاڳت آهي ۽ 50000 ڊالر وارڦير واري سرمائي جي لاڳت آهي. جيئن تہ مشيني پرزن واري ڪارخاني جي ٽيڪنالاجيءَ جي سطح گھٽي متاھين آهي، ان ڪري ان جي ڪل سرمائي جي لاڳت ۾ جامد سرمائي جو حصو وارڦير واري حصي کان وڌو آهي يا مثال طور اھو سرمايو تہ ترتيبوار 90000 ھزار ڊالر ۽ 10000 ھزار ڊالر آهي سولائي جي خاطر اھو فرض ڪجي ٿو تہ جامد سرمائي جو ڪل قدر ھڪ سال جي اندر ئي پيداوار ۾ منتقل ٿي وڃي ٿو. اھڙيءَ صورت ۾ ٻنھي پيداواري ڪاروبارن جي پيداوار تي

100000 ڊالر لاڳت ايندي ۽ جيڪڏهن ٻنهي پيداواري ڪاروبارن جي پيداوار تي 100000 ڊالر لاڳت ايندي ۽ جيڪڏهن ٻنهي صنعتن ۾ زائد قدر جي شرح 100 سيڪڙو آهي تہ انهيءَ صورت ۾ بوٽن جي فيڪٽري 50000 هزار ڊالر زائد قدر پيدا ڪندي ۽ پيداوار جي ڪل قيمت 150000 ڊالر ٿيندي. (50000=50000+50000-m+v+c=t) جڏهن تہ مشيني پرزن جو ڪارخانو 10000 ڊالر زائد قدر پيدا ڪندو ۽ ان جي پيداوار جو ڪل قدر 110000 ڊالر ٿيندو. (110000=10000+10000+90000=m+v+c=t2) نتيجو اهو ٿو نڪري تہ بوٽن جي فيڪٽريءَ جي مالڪ جي منافعي جي شرح 50 سيڪڙو ٿئي ٿي. (50٪=100+50/50+50=100+m/c+v=p) جڏهن تہ مشيني پرزن جي ڪارخاني جي مالڪ جي منافعي جي شرح صرف 10 سيڪڙو آهي. (10٪=100+10/90+0=100+m/c+v=p) جڏهن تہ ٻنهي ڇٽن سرمائي جي لاڳت هڪ جيتري ڪئي هئي. اها ڳالهہ ٻڌائي ٿي مشيني پرزن جي ڪارخاني جو مالڪ اها ڳالهہ سمجهي ڪونہ سگهندو ۽ هو مشيني پرزن جي پيداوار گهٽائي ڇڏيندو. نتيجي ۾ ان وٽ جيڪو سرمايو بچندو ان کي هو بہ بوٽن ٺاهڻ ۾ سيڙائيندو. جنهن جي ڪري مشيني پرزن جي فراهمي گهٽجي ويندي. ۽ انهن جي منڊيءَ ۾ قيمت انهن جي قدر کان وڌي ويندي. ٻئي طرف وري بوٽن جي فراهمي وڌي ويندي ۽ انهن جي قيمت سندن قدر کان ڪري پوندي. اهڙيءَ طرح سرمائيدار مشيني پرزن جي صنعت مان پئسو ڪيڏانهن ويندا ۽ ان کي ان وقت تائين جوتن جي صنعت ۾ هٽندا ويندا. جيستائين ٻنهي صنعتن مان هڪ جيترو منافعو اچڻ لڳندو يعني ٻنهي صنعتن ۾ منافعي جي شرح برابر ٿي ويندي آهي. هن مثال موجب: اها شرح 25 سيڪڙو هجڻ گهرجي. تنهن کان پوءِ ئي جوتن جي صنعت جي 100000 ڊالرن جي لاڳت ۽ مشيني پرزن جي صنعت جي 100000 ڊالرن جي لاڳت، برابريءَ وارو منافعو يعني 25000 سيڪڙو ڊالر ڏيندي آهي. اها رقم ٻنهي قسمن جي ڪارخانن مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي برابر نہ هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ طرح انهن ٻنهي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت جيترو زائد

قدر پيدا ڪندا آهن. مشيني پرزن جي ڪارخاني جي مالڪ کي ان مان 15000 ڊالر وڌيڪ ملن ٿا. جڏهن ته جوتن جي صنعت جي مالڪن کي 5000 ڊالر گهٽ ملن ٿا.

هن وقت تائين صرف هڪ قسمن جي صنعتن يعني مشيني پرزن جي صنعت ۽ جوتن جي صنعتن جي مثال مان منافعي جي شرح کي برابر ڪندڙ عمل جو مطالعو ڪيو ويو آهي. پوري قومي معيشيت ۾ اهو ئي عمل جاري رهندو آهي. صنعتن جي وچ ۾ مقابلي بازيءَ جي نتيجي ۾ سڀني صنعتن ۾ برابريءَ وارو سرمايو لڳ ڀڳ برابر منافعو ڏيندو آهي. اها ئي صورتحال، سرمائيداري پيداوار جي بقا ۽ ترقيءَ لاءِ لازمي شرط هوندي آهي.

سڀني صنعتن ۾ منافعي جي شرح برابر ڪرڻ جي نتيجي ۾ سڀني سرمائيدارن لاءِ، سراسري منافعي جي شرح جي هڪ خاص سطح قائم ٿي ويندي آهي. انهيءَ سطح کي ڪيڙ لاءِ پوري معيشيت ۾ مجموعي سماجي سرمائي جي لاڳت سان گڏ پوري پورهيت طبقي جي پيدا ڪيل مجموعي زائد قدر جو تناسب ڪيڏو پوندو آهي ۽ ڪنهن انفرادي ڪاروبار جي منافعي جي شرح وانگر. انهيءَ جو اظهار به سيڪڙي ۾ ڪيو ويندو آهي. منافعي جي شرح کي اهڙيءَ طرح برابريءَ وارو درجو ڏيڻ جو مطلب اهو آهي ته سرمائيدارن جي وچ ۾ زائد قدر جي نئين سر ورهاست ڪئي ويندي آهي.

۽ پوءِ سڀني سرمائيدارن کي منافعو انهيءَ سراسري شرح مطابق ملڻ لڳندو آهي. پلي ڪٽي اهي جوتا ٺاهيندڙ هجن يا مشيني پرزا ٺاهيندڙ هجن يا سلائي فيڪٽري وارا هجن يا لوهه ۽ فولاد سازي ڪندڙ هجن. جهاز سازيءَ ۾ هجن يا ڪنهن بيءَ صنعت ۾ هجن. منافعي جي اها سراسري شرح ئي هوندي آهي، جيڪا زائد قدر جي اصل ۽ ٽوس شڪل هوندي آهي. جيڪا مادي پيداوار ۾، سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدارن جي هٿ لڳندي آهي. اها شرح ان ڳالهه جو يقين ڏياريندي آهي ته ڪل زائد قدر سڀني سرمائيدارن ۾ اهڙيءَ طرح ورهايو وڃي، جيئن هرهڪ

سرمائيدار کي ان جي سرمائي جي مقدار جي حساب سان حصو ملي ويندو. زائد قدر جي اها ورهاست ئي هوندي آهي، جيڪا پورهيت طبقي جي استحصال جي معاملي ۾ سرمائيدارن جي گڏيل مفادن جي نشاندهي ڪندي آهي. پورهيت طبقي جي استحصال جي سطح جيتري اونچي ٿيندي ويندي آهي، پوري معاشري ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر جو مقدار به ايترو وڌيڪ ٿيندو ويندو آهي. نتيجي ۾ هڪ سرمائيدار کي ايترو ئي گهٽو زائد قدر هٿ چڙهندو آهي. انهيءَ ڳالهه مان اها خبر پوندي آهي ته پورهيت طبقي جو استحصال صرف انهيءَ هڪڙي ڪارخاني جو مالڪ نه ڪندو آهي، جنهن ۾ اهو پورهيت ڪم ڪار ڪندو آهي پر سرمائيدارن جو سڄو طبقو گڏيل نموني سان سندن استحصال ڪندو آهي.

منافعي جي سراسري شرح جي تعين جو اهو طريقيڪار ئي هوندو آهي، جيڪو انهيءَ ڳالهه تي روشني وجهندو آهي ته آخرڪار سرمائيدار ويڪوشين کي سندن قدر جي برابر اگهن تي چونہ وڪٽندا آهن. ويڪو شين جون قيمتون، انهن جي پيداوار جي لاڳت جي حساب سان مقرر نٿيون ڪيون وڃن، پر اهي سرمائي جي لاڳت جي مطابق سراسري منافعي جي شرح جي حساب سان مقرر ڪيون وڃن ٿيون. سرمائيداري نظام ۾ پيداواري لاڳت ۽ سراسري منافعو ملي ڪري ويڪو شئي يا پيداوار جي قيمت کي مقرر ڪن ٿا. سرمائيداري ڪارخانن ۾ ويڪو شئي کي انهيءَ پيداواري قيمت تي وڪرو ڪيو ويندو آهي ۽ اها پيداواري قيمت ئي اهو وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي سرمائيدار پورهيت ماڻهن جي مفت پورهيي مان پيداوار ٿيندڙ مجموعي زائد قدر مان پنهنجو حصو وصول ڪندو رهندو آهي.

ڇا اها پيداواري قيمت، زائد قدر جي حاڪميت جي نفي ٿي ڪري؟ يقين سان نہ. سرمائيداري نظام ۾ پيداواري قيمت، دراصل قدر جي ئي هڪ بي شڪل آهي. آخرڪار پيداواري قيمت جي مڙني جزن جو دارومدار قدرتي ئي هوندو آهي. معاشرتي سطح تي سيني پيداواري

قيمتن جو مجموعو سيني ويڪو شين جي قدرن جي مجموعي برابر هوندي آهي. انهيءَ مطابقت سان سيني منافعن جو مجموعو پيدا ٿيل شئي ۾ زائد قدرن جي ڪل مقدار جي مجموعي قدر جي برابر هوندو آهي.

تجارتي منافعو: فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جا مالڪ، پنهنجي ڪارخانن جي پيداوار کي دوڪانن تي نه وڪڻندا آهن؛ پر اهي واپارين کي ٻڌي اڳهه تي وڪرو ڪندا آهن ۽ اهي واپاري وري اها ساڳي پيداوار خريدار کي ٻيهر وڪرو ڪندا آهن.

ٻڌي توڙي ريزڪي ڏيتي ليتي لاءِ واپاري سرمائيدار سرمايو سيڙائيندا آهن (جنهن کي ٻئي قسم جي سرمائي طور سڃاڻپ ڏيارڻ لاءِ تجارتي سرمايو سڏبو آهي) جيڪو دڪانن جي اڏاوت ۾ انهن کي سينگارڻ ڪانسواءِ شين کي ٻڌي اڳهه تي خريد ڪرڻ لاءِ خرچ ڪيو ويندو آهي، جن کي ٻيهر وڪرو ڪرڻ ضروري هوندو آهي. واپاري خاص قسم جي ويڪو شين جي طلب جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ انهن جي مشهوري ڪندا آهن. اهي ٻڌي ۾ ريزڪي وڪري جي دڪانن لاءِ نوڪر چاڪر ۾ منشي مڙا رکندا آهن. 1980ع جي ڏهاڪي جي پهرين سالن ۾ اهم ترين سرمائيدار ملڪن ۾ ڪل اجرتي پورهيت طبقي جو 16.4 سيڪڙو واپارين جي دڪانن تي ڪم ڪندو هو. ٻين انگن اکرن مطابق آمريڪا ۾ 20 سيڪڙو، جاپان ۾ 22 سيڪڙو ۽ فرانس ۾ 15 سيڪڙو اجرتي ملازم واپاري شعبي ۾ ڪم ڪن ٿا.

واپار ۾ سرمايو سيڙائڻ کان پوءِ، واپاريءَ لاءِ ضروري هوندو آهي ته اهو پنهنجن خرچن پکن جو حساب ڪتاب رکي ۽ وچ ٿرو منافعو ڪمائي. جيستائين هو ائين نه ڪندو آهي، هو پنهنجو سرمايو واپار ۾ نه سيڙائيندو آهي ۽ انهيءَ لاءِ اهو ڪاروبار بي فائدي هوندو آهي. واپاريءَ جو سرمايو ڪٽان ايندو آهي؟ ڇاڪاڻ ته واپار بذات خود هڪ غير پيداواري سرگرمي آهي، اها نه قدر پيدا ڪندي آهي ۽ نه زائد قدر پيدا ڪندي آهي.

واپاري بہ انهيءَ قدر مان پنهنجي منافعي جو حصو ڪيندا آهن، جيڪو مادي پيداوار ۾ مصروف اجرتي پورهيت پيدا ڪندو آهي. ڪارخاني وارو سرمائيدار کين بہ انهيءَ زائد قدر مان هڪ حصو ڪٽڻ ڏيندا آهن، جيتوڻيڪ اهو حصو ڪو رضاڪارانہ طور خوشيءَ سان نہ ڏنو ويندو آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن وچ وارو واپاري نہ هجي تہ سرمائيدارن کي پنهنجي ڪارخاني جو تيار ٿيل ويڪو مال سڌو سنئون خريدارن ۾ وڪڻڻون پوين ها، جنهن مقصد لاءِ کين سامان سڙي سان سينگاريل دڪانن کي هلائڻ لاءِ توڙي وڪري کي وڌائڻ ۽ نيون منڊيون ڳولڻ وغيره لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ها. ٿورن لفظن ۾ تہ کين پاڻ پنهنجي پيداوار کي ريزڪي وڪرو ڪرڻو پوي ها ۽ اهڙي قسم جو ريزڪي وڪرو وڏا خرچ گهرندو آهي. ان جي نتيجي ۾ کين وڏو خاسارو ڪٽڻو پوي ها. جڏهن تہ واپاري انهيءَ سلسلي ۾ وڏي پئماني وارو ڪاروبار جمائيندا آهن. اهي ڪيترن ئي ڪارخانن ۾ ٺهندڙ شين جي خريداري ڪندا آهن ۽ پوءِ انهن کي وڪڻندا آهن. انهن وٽ واپار وڙي جو وڏو تجربو هوندو آهي، جنهن لاءِ اهي خاص تربيت يافتہ ماڻهن کي نوڪر رکندا آهن. نتيجي ۾ اهي ڪارخانن جي مالڪن جي پيٽ ۾ گهٽ خرچن تي واپار هلائي سگهندا آهن. انهن ئي ڳالهين جي ڪري پنهنجي باري ۾ وڏيڪ سنو اهو سمجهندا آهن تہ پنهنجي پيداوار کي خريدارن تائين پهچائڻ وارو ڪم، واپارين تي چڏي ڏين، پر جيئن تہ واپاري اهو ڪم، رڳو روح جي راحت لاءِ ڪرڻ تي راضي نہ ٿيندا آهن، ان ڪري انهن کي بہ پنهنجو معاوضو گهرجي. اهوئي سبب آهي جو ڪارخانيدارن کي پنهنجي پيداوار جي زائد قدر جو هڪ حصو واپارين کي ڏيڻو پوندو آهي.

هن ڳالهہ جي وضاحت، هڪ سادي ۽ سولي مثال سان ڏئي سگهجي ٿي. فرض ڪريو تہ، هڪ ڪارخانيدار روزانو 800 ڊالرن جي سرمائي جي لاڳت ڪري ٿو ۽ ان تان هو روزانو 200 ڊالرن جو منافعو ڪمائي ٿو. اهڙيءَ طرح روزانہ پيداوار جي ڪل قيمت 1000 ڊالر ٿئي ٿي. جيڪڏهن

ڏهاڙي 100 ايڪا پيداوار ٿئي ٿي: ته هر ايڪي جي قيمت به هڪ ڊالر ٿئي ٿي ۽ ڪارخانيدار پنهنجي سڄي پيداوار ڪنهن هڪ ئي واپاريءَ کي وڪڻي ٿو انهيءَ سودي جي ڏيتي ليتيءَ ۾ انهيءَ واپاريءَ جا وڌيڪ 200 ڊالر خرچ ٿين ٿا: ۽ جيئن ته واپاري پنهنجي پاران ڪجهه سرمايو خرچ ڪيو آهي ۽ مال به وڪڻي چڪو آهي. ان ڪري هو به پنهنجي سرمائي جي سيڙپ جي عيوض ڪجهه نه ڪجهه منافعي جي واڌ رکندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اهو واپاري صرف انهيءَ صورت ۾ انهن شين کي وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي، جڏهن کيس به ڪارخانيدار جي برابر منافعو ملندو آهي. اهڙين حالتن ۾ منافعي جي سراسري شرح جو ڪاٿو لڳائڻ لاءِ ضروري هوندو آهي ته انهيءَ جو حساب ڪتاب ڪرڻ وقت به صنعتي سرمائي تي منافعي سان گڏ تجارتي سرمائي تي منافعي جو خيال رکيو وڃي. p=m/k=100+200/800+800/100=20% هن حساب سان ڪارخانيدار جو منافعو 160 ڊالر ٿئي ٿو. (800 ڊالر +20%=60 ڊالر) ۽ واپاريءَ جو منافعو 40 ڊالر ٿئي ٿو. (200 ڊالر+ 20% = 40 ڊالر). واپاريءَ کي منافعو تڏهن ملي سگهي ٿو جڏهن ڪارخانيدار پنهنجي پيداوار کي پيداواري قيمت کان گهٽ وکرو ڪندو آهي ۽ واپاري به ويڪو شيون ونڊ تي تڏهن راضي ٿيندو آهي: جڏهن ڪارخانيدار کيس اهي شيون هڪ عدد، هڪ ڊالر جي بجاءِ 96 سينٽ هڪ عدد يعني شين جي پيداواري قيمت کان 4 سينٽ گهٽ حساب سان ڏيندو آهي. نتيجي ۾ ڪارخانيدار کي 160 ڊالر ملندا آهن: اهڙيءَ طرح جيڪڏهن واپاري شين کي پيداوار جي اڳهه تي وڪڻي ٿو يعني هڪ ڊالر، هڪ عدد جي حساب سان ته پوءِ ان کي سڄي پيداوار جي وڪري کان پوءِ 1000 ڊالر ملندا آهن، جڏهن ته ان جي ڪل خرچن ۽ آمدنيءَ جي وچ ۾ 40 ڊالرن جو فرق هوندو آهي. اهو ئي فرق آهي، جيڪو واپاريءَ جو منافعو چوائيندو آهي ۽ انهيءَ منافعي جو سرچشمو به زائد قدر جو اهو حصو ئي هوندو آهي: جيڪو ڪارخانيدار واپاريءَ کي ڏيندو آهي ۽ اهو واپاريءَ جي خريدي قيمت ۽ وڪري جي قيمت ۾ فرق جي برابر هوندو آهي.

اهڙيءَ طرح ڪارخانيدار جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي واپاري به زائد قدر جي حصي مان هڪ لپ جو حصيدار هوندو آهي. جيڪو ان کي واپار جي منافعي جي شڪل ۾ ملندو آهي. اهو منافعو زائد قدر جو اهو حصو هوندو آهي، جيڪو ڪارخانيدار واپاريءَ کي ان ڪري ڏيندو آهي ته جيئن اهو ان جي ناهيل ويڪو شين جي قدر کي حقيقت پذير ڪري سگهي. اهڙي نموني ڪارخانيدارن سان گڏجي واپاري به اجرتي ملازمن جو استحصال ڪندا آهن. انهن جي مفت جي محنت تي سرنديءَ وارا ٿي پوندا آهن. اجرتي پورهيي جو گڏيل استحصال ئي اهو بنياد آهي، جنهن تي بورزوازيءَ جي ٻنهي گروهن جي طبقاتي هم نوائي ۽ هڪ هٿي قائم رهندي آهي. واپاري زائد قدر مان ٻن قسمن جي واپار جي کپتن جي ادائگي ڪندو آهي؛ هڪ خالص خرچ هوندو آهي، جيڪو هو شين جي وڪري ۽ انهن جي ڪاتن جي سارسنڀال تي خرچ ڪندو آهي. مجموعي حيثيت ۾ اهي خرچ، شين جي ورچ تي ٿيندڙ خرچن جو ٻه پاڳي ٿي هوندا آهن. اهڙيون واپاري سرگرميون رڳو قدر جي شڪل بدلائيندڙيون آهن ۽ جيئن ته اهي ڪنهن نئين قدر کي پيدا نه ڪنديون آهن؛ ان ڪري اهي پيداواري نه هونديون آهن. تنهن ڪري خالص خرچ خريد ۽ وڪري جي قدر ۾ واڌ آڻي نه سگهندا آهن ۽ انهن جي ادائگي انهيءَ زائد قدر مان ئي ڪئي ويندي آهي، جيڪو پيداواري عمل جي دوران پيدا ڪيو ويندو آهي. زائد قدر جي انهيءَ حصي جي اوڳاڙيءَ لاءِ واپاري پنهنجي خريدي قيمت، يعني اها قيمت، جنهن مطابق هو ڪارخانيدار کان شيون خريد ڪندو آهي؛ اها قيمت هو ايڏا به گهٽ ڪري ڏيندو آهي، تنهن ڪري شين جي خريدي قيمت ۽ ان قيمت جي وچ وارو فرق وڌي ويندو آهي، جنهن قيمت تي اهي شيون خريدارن کي ريزڪي دڪاندارن وٽان ملنديون آهن.

شين جي ورهاست تي لاڳت جي باري ۾ ٻيا خرچ انهن پاسن سان تعلق ٿا رکن، جيڪي شين جي ورهاست ۽ ڦهلاءَ جي باري ۾ پيداوار کي جاري رکڻ بابت خرچ ٿين ٿا. مثال طور، آڻڻ، نيڻ، گودامن ۽ دڪن ۾ سانڍي

۽ بند ڪري رکڻ وغيره. انهن خرچن جي نوعيت پيداواري لاڳت کان مختلف نہ هوندي آهي. بلڪ انهن خرچن سان شين جي قدر ۾ واڌ ايندي آهي.

واپاري دراصل خريد ۽ وڪري جي قيمت واري فرق جي ذريعي ئي زائد قدر مان پنهنجو حصو وصول ڪندا آهن. اهو فرق شين جي ريزڪي قيمتن جي ڇڪي خاصي حصي تي مشتمل هوندو آهي. مثال: آمريڪا ۾ اهو 40 سيڪڙي تائين هوندو آهي.

هاري، پورهيت ۽ هنرمند ڪاريگر ساڳي وقت خريدار به هوندا آهن: ۽ واپاري انهيءَ حيثيت ۾ سندن استحصال ڪري به گهٽو ئي منافعو ڪمائيندا آهن. پورهيتن کي سندن واجبي پيداوار کان محروم ڪرڻ جو هڪڙو طريقو اهو به آهي ته، ويڪو شين کي انهن جي قدر کان وڌيڪ قيمت تي وڪرو ڪيو ويندو آهي. هڪڙو ٻيو طريقو اهو آهي ته تور، ماپ، وزن ۽ پئسن ڏوکڙن جي ڏي وٺ ۽ ڳٽ ۾ بي ايماني ڪري يا وري شيون وڏي اڳهه ۾ وڪڻي، ڪانئن واجبي پيداوار جو هڪ حصو چني ونبو آهي. اهو ساڳيو ڪم ائين به ڪيو ويندو آهي ته هارين ۽ ڪاريگرن کان شيون سستي اڳهه تي خريد ڪري، پوءِ انهن کي مهانگي اڳهن تي وڪرو ڪيو ويندو آهي.

هٿيارن جو واپار، سڀ کان وڏو "وچ ڪٽيو واپار" آهي. انهيءَ واپار مان به سرمائيدار لاڳيتو وڏندڙ منافعو ڪمائيندا رهندا آهن. جنگي سرمائيدار معيشيت، نئين عالمي جنگ لاءِ دراصل سامراجي ملڪن ۽ قومن جي وڏندڙ تيارين جي آئينيدار آهي. اها معيشيت، انهيءَ بيهودي واپار کي لاڳيتو هٿي ڏئي رهي آهي. 1952ع ۾ سامراجي ملڪن هٿيارن جي وڪري مان 30 ڪروڙ ڊالر ڪمايا هئا. 1970ع جي ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ هٿيارن جي وڪري مان ايندڙ آمدني 25 ارب ڊالر ٿي چڪي هئي. آمريڪا سيني کان گهٽو هٿيار ٺاهيندڙ ملڪن ۾ شامل آهي.

پرڏيهي واپار وڏي فائدي وارو هوندو آهي. سڌريل ملڪن جا سرمائيدار نون آزاد ٿيل رياستن جي واپار مان وڏو ناڻو حاصل ڪندا آهن. اهي ڪين صنعتي شيون وڌيڪ قيمتن تي وڪرو ڪندا آهن ۽ انهن جي ڪچي مال ۽ ٻين روايتي شين کي گهٽ قيمت تي خريد ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن ملڪن سان ڏيتي ليتي ڏانداريءَ جي مثال وانگر هوندي آهي ۽ سرمائيدار انهيءَ ڏانداريءَ جي ذريعي نون آزاد ٿيل ملڪن جي قومي دولت ميڙي وٺندا آهن.

آهستي آهستي انهيءَ ٻه ڏاري ڏانداريءَ جي عمل جو دائرو ويڪرو ٿيندو ۽ وڌندو ويندو آهي. 1960ع ۾ ترقي پذير ملڪ ڪيلن جي هڪ ٽن کي وڪڻي، 13 ٽن تيل خريد ڪري سگهندا هئا. 1982ع ۾ ڪيلن جي هڪ ٽن جي آمدني مان صرف 1.6 ٽن تيل خريد ڪري سگهجي پيو اهڙيءَ طرح 1959ع ۾ 160 هارس پاور جي ٽريڪٽر جي قيمت 24 ٽن ڪڻڪ جي قيمت جي برابر هئي. جڏهن ته 1982ع جي پچاڙيءَ ۾ اها وڌي 115 ٽن ڪڻڪ جي قيمت جي برابر ٿي وئي هئي. انهيءَ ساڳي عرصي جي دوران 7 ڪان 8 ماڻهو ڪٽنڊڙ لاري جي قيمت 6 ٽن سٽيءَ جي تاندرون مان وڏي 26 ٽنن جي برابر ٿي وئي هئي. ان جي قيمت ۾ 4.3هوڻ تي واڌ آئي. 1960ع ۾ ڪنهن ٻه سڌريل سرمائيدار ملڪ کي هڪ ٽن ڪافي جو وڪڻي، 37.3 معدنياتي پاڻ وٺي سگهبو هو. جڏهن ته 1982ع ۾ هڪ ٽن ڪافي جي عيوض ۾ رڳو 15.8 ٽن پاڻ وٺي سگهبو هو يعني هاڻ پاڻ 2.4هوڻ تي گهٽ مقدار ۾ حاصل ٿيو ٿي.

سڌريل سرمائيدار ملڪن جون حڪومتون، اڄ ٻه ترقي پذير ملڪن سان واپار ۾ پنهنجي ملڪ جي سرمائيدارن لاءِ وڌيڪ منافعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪلم ڪلا پاس خاطريءَ واري پاليسي اختيار ڪنديون آهن. اهي حڪومتيءَ سرمائيدارن کي مالي امداد ڪنديون آهن. واپارکي محصول ۾ سهولتون ڏينديون آهن. ۽ ڪوٽا مقرر ڪري ڏينديون آهن ۽ مختلف قسمن جون تڪيتون ۽ صفائي ستراڻيءَ وارا شرط پورا ڪنديون آهن. عالمي منڊيءَ ۾ ترقي پذير ملڪن مان ايندڙ مال جي راهه ۾

رکاوٽون وجهندیون آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻيا امتيازي حربا ۽ چالون به استعمال ڪيون ويندیون آهن. انهيءَ پاس خاطريءَ واري پاسي جي سينيي صورتن جا ٻه بنيادي مقصد هوندا آهن. اول اهو ته ترقي يافته ملڪن مان ترقي پذير ملڪن ۾ ايندڙ مال لاءِ تحفظ ۽ مراعتون ڏنيون ويندیون آهن. ٻيو ته ترقي پذير ملڪن مان ترقي يافته ملڪن ڏي ويندڙ مال تي ناسازگار حالتون ۽ ڏکيا شرط لاڳو ڪيا ويندا آهن ته جيئن انهيءَ مال جي آمد محدود رهي. انهيءَ پاسخاطريءَ واري پاليسي جي نتيجي ۾ ترقي يافته ملڪن جي سرمائي کي وڌيڪ منافعو ملندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ترقي پذير ۽ ترقي يافته ملڪن جي تجارت ۾ اهو وڌيڪ مستحڪم ۽ سگهارو ٿي ويندو آهي.

قرضن جو وياج: وقت بوقت هر سرمائيدار کي پئسي جي سوڙهه محسوس ٿيندي آهي، جنهن لاءِ ڪيس اوڏر به ڪٽڻي پوندي آهي. هو ڪچي مال جي وڏي مقدار يا نئين ڪلن ۽ سامان سڙي جي خريد ڪرڻ وقت، يا موجوده ڪارخانن کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ وقت يا وري نون ڪارخانن جي لڳائڻ وقت، ٻين سرمائيدارن کان اوڏر ڪٽندو آهي. جنهن لاءِ رڳو ايترو ٻڌائڻ ڪافي آهي ته آمريڪا ۾ ڪچي مال ۽ ٻئي سامان سڙي جي ڏيتي ليتيءَ جو 95 سيڪڙو حصو ۽ ريزڪي واپار جو 60 سيڪڙو حصو اوڏر تي هلندو آهي. اهي سرمائيدار جن جو ڪاروبار ئي ٻين سرمائيدارن کي قرض ڏيڻ هوندو آهي، قرض ڏيندڙ سرمائيدار چوائيندا آهن. انهن وٽ وڏو مالي فنڊ يا قرضي سرمايو هوندو آهي. جنهن جو مقدار لڳاتار وڌندو رهندو آهي. مثال طور آمريڪا ۾ 1960ع ۾ اقراري رسيدن (Promissory notes) يا هنڊين جي شڪلين ۾ 20 کربن ڊالرن جو ناٽو موجود هو. 1978ع ۾ اهو وڌي 83 کرب ڊالر ٿي ويو هو. قرضي سرمائي جو سرچشمو اهي مالي وسيلا هجن ٿا، جيڪي عارضي طور تي پوري سرمائيدار طبقي جي ڪاپي لاءِ نه هوندا آهن. مثال: هيءَ اهي مالي وسيلا هجن ٿا، جن کي پراڻين ڪلن جي تبديل ڪرڻ، ڪچي مال جي ذخيرن جي ڪميءَ کي

پوري ڪرڻ ۾ ٻين اهڙين ڏيتين ليتين لاءِ رکيو ويندو آهي، جن جي ستت ۾ تڪڙيءَ نقد ادائگيءَ جي ضرورت نه هوندي آهي. روڪڙ جي صورت ۾ آمدني، هارين، ڪاريگرن، پينشن يافته ماڻهن ۽ آبادييءَ جي ٻين گروهن جي بچتن کي به انهيءَ قرضي سرمائي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. قرض ڏيندڙ سرمائيدار، صنعتڪارن ۽ واپارين کي قرض ڏيندا آهن ۽ مستقبل ۾ ڪنهن خاص مقرر وقت تائين، ان جي ادائگي طئي ٿيندي آهي. سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار يعني واپاري توڙي ڪارخانيدار انهيءَ قرض کي پنهنجي سرمائي ۾ شامل ڪندو آهي ۽ پوءِ ان کي ابدي پورهيتن جي استحصال لاءِ سيڙائي ڇڏيندو آهي. نتيجي ۾ نيون ويڪو شيون پيدا ڪيون ويندیون آهن، جن جي وڪري جي ذريعي سرمائيدار پنهنجن خرچن جي پورائي کان پوءِ سراسري شرح وارو منافعو به حاصل ڪندو آهي، جنهن کان پوءِ وٽس قرضن جي ادائگيءَ لاءِ رقم بچندي آهي پر هو قرض ڏيندڙ سرمائيدار کي جيڪا رقم ادا ڪندو آهي اها قرض واريءَ رقم کان وڌيڪ هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ اُهو معاوضو به شامل هوندو آهي، جيڪو سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار، قرض جي عيوض ۾ قرض ڏيندڙ سرمائيدار کي ڏيندو آهي، انهيءَ معاوضي کان سواءِ قرض ڏيندڙ سرمائيدار پنهنجو پئسو اڌارو نه ڏيندو آهي. ڇاڪاڻ ته سرمائيداري دنيا ۾ ڪوبه ماڻهو تيستائين پنهنجو ناڻو اوڌر تي ڏيڻ لاءِ راضي نه ٿيندو آهي، جيستائين کيس انهيءَ تي وياج نه ملندو آهي. ائين ڪرڻ خود سرمائي جي فطرت جي خلاف آهي ۽ زائد قدر جي حاصلات واريءَ چڙواڳ حڪمت عمليءَ سان ٽڪرائيندڙ آهي.

قرض چڪائڻ لاءِ سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار کي پنهنجي منافعي جي شرح مان ڪجهه رقم ڪيڏي پوندي آهي، جيڪو منافعو بچندو آهي، اهو ڪارخاني جو منافعو هوندو آهي ۽ اوڌر ڏيندڙ سرمائيدار کي جيڪو معاوضو ملندو آهي، انهيءَ کي اوڌر جو وياج سڏبو آهي، ان کري وياج جي وصف هينئن بيان ڪري سگهجي ٿي ته وياج سراسري منافعي جو اهو حصو هوندو آهي، جيڪو سرمائيڪاري ڪندڙ

سرمائيدار قرض جي عيوض ۾ قرض ڏيندڙ سرمائيدار کي ادا ڪندو آهي. جيئن ته منافعو زائد قدر جي هڪ شڪل آهي، ان ڪري وياج ۾ زائد قدر جي هڪ خاص صورت آهي، يعني اهو زائد قدر جو اهو حصو آهي، جنهن کي قرض ڏيندڙ سرمائيدار قبائيندو آهي ۽ جيئن ته قرض ڏيندڙ سرمائيدار قرض تي وياج وصول ڪندو آهي، ان ڪري بورزوازيءَ جي بين گروهن سان گڏجي اهو به اجرتي پورهيت جي استحصال ۾ شريڪ ٿيندو آهي. قرض جي ڪل رقم ۽ وياج جي تناسب کي وياج جي شرح سڏبو آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن 100000 ڊالر اوڌر ڏني ويندي آهي ۽ ان تي 5000 هزار ڊالر وياج ادا ڪيو آهي ته وياج جي شرح 15 سيڪڙو ٿيندو آهي. (15000/100000+100=15٪)

وياج جو مقدار سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار جي سراسري منافعي کان وڌيڪ نٿو وڌي سگهي، جيڪڏهن سڄو وياج منافعي کي کائي وڃي ۽ سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدار کي ڪارخاني مان بلڪل منافعو نه ملي ته هو قرض ئي ڪونه ونڊندو. ٻئي طرف وياج به گهٽجي هڙي ٿي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته پوءِ قرض ڏيندڙ سرمائيدار جي لاءِ روڪڙن جي شڪل ۾ قرض ڏيڻ وارو عمل بي معنيٰ ۽ بي مقصد ٿي پوندو آهي. اهڙين هيئين ۽ متين حدن جي اندر اندر وياج جي مقدار جو تعين انهيءَ ڳالهه مان ٿيندو آهي ته قرضي سرمائي جي پهچ ۽ گهرج ۾ ڪهڙي نسبت آهي؟ ڇاڪاڻ ته جيتري وڌيڪ گهرج هوندي آهي، قرض تي ايتري ئي وڌيڪ وياج جي شرح ڏيڻي پوندي آهي، ٻئي طرف جيتري گهرج گهٽ هوندي آهي وياج جي شرح ايتري گهٽجي ويندي آهي. مثال: آمريڪا ۾ 1951ع کان 1955ع تائين وياج جي شرح 3 سيڪڙو هئي، جيڪا 1971ع ـ 1975ع ۾ 7 سيڪڙو ۽ 1976ع ـ 1980ع ۾ 9.4 سيڪڙو ٿي وئي.

اهڙيءَ طرح 1980ع ـ 1982ع جي سالن ۾ اها وياج جي شرح 30 سيڪڙو سالانه تاريخي سطح تائين متي چڙهي وئي. 1983ع ۾ جڏهن گهوٽالو ڪجهه گهٽيو ۽ قرضن جي گهرجن ۾ گهٽتائي آئي ته آمريڪا ۾

وياج جي شرح 10 کان 12 سيڪڙو ٿي وئي ۽ جرمنيءَ ۾ اها 7.5 سيڪڙو تي وڃي پهتي.

جيئن ته ترقي پذير ملڪن ۾ سرمائي جي گهرج گهٽي آهي، ان ڪري اتي وياج جي شرح بہ وڌيڪ آهي. اهو ئي سبب آهي جو 1970ع جي ڏهاڪي ۾ گهٽن تڻن ترقي پذير ملڪن ۾ هڪڙي سال جي مدت لاءِ قرض تي 20 کان 30 سيڪڙو وياج جي شرح هئي. زائدقدر جي مقدار ۾ وياجن جي شرح جو وڏو حصو لاڳيتو وڌي رهيو آهي. آمريڪي معاشيات جي ماهر وڪٽر پرلو جي حساب ڪتاب مطابق 1981ع ۾ آمريڪا ۾ ڪل زائد قدر ۾ وياجي ادائگين جو حصو 36.7 سيڪڙو هيو. (1929ع جي انگن اکرن سان پيٽ ڪري ڏسو. جڏهن اهو حصو 13.8 سيڪڙو هو.)

اهڙيءَ طرح وياج جي ذريعي مالياتي خاندان سوين ارب ڊالر زائد قدر جا ڦهائيندا آهن.

بين الاقوامي طور اوڌر واري ڏيتي ليتي بہ منافعي خوريءَ جو هڪ وڏو ذريعو هوندي آهي. خاص ڪري ترقي يافته ملڪن جي سرمائيدارن لاءِ اها ڏيتي ليتي ڏاڍي فائدي واري آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو انهن قرضن کي ڦهلائي ترقي پذير ملڪن جي ڦرمار ڪندا آهن.

بئنڪارن جو منافعو: بئنڪون اوڌر جي سرمائي جا اهم مرڪز هونديون آهن، ۽ اهي سڀني ملڪن ۾ موجود هونديون آهن. جهڙوڪ: آمريڪا ۾ 13000 هزارن جي لڳ ڀڳ بئنڪون آهن. وڏيون بئنڪون مال ۽ دولت جي تمام وڏن ذخيرن کي هيڏانهن کان هوڏانهن ٽيلهيندڙيون رهنديون آهن ۽ انهن جي شاخن جو تعداد بہ تمام وڏو هوندو آهي. دنيا جون سڀ کان وڏيون پنج سؤ بئنڪون آهن، جيڪي 7 کرب ڊالرن جي ناٽي کي سوگهو ڪيو وينديون آهن. آمريڪا جي سٽي ڪورٽ جو شمار سڀ کان وڏين بئنڪن ۾ ٿئي ٿو. 1982ع ۾ انهيءَ بئنڪ جا اثاثا هڪ کرب 20 اربن ڊالرن کان بہ وڌيڪ هئا. اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪن جي

سپ کان وڌي بئنڪ بانڪودو ۾ برازيل جي مجموعي دولت 23 ارب ڊالر کان وڌيڪ هئي.

واپاري ۽ صنعتي سرمائيدار رقمون (جيڪي سرمائيداري ۾ قائل نه هوندیون آهن) ۽ ملڪي آبادیءَ جون بچيٽون بئنڪن ۾ رکيل هوندیون آهن. بئنڪون پنهنجي کاتيدارن کي مقرر وياج ڏئي، اهو اختيار حاصل ڪندیون آهن: ته اهي انهن پئسن کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪندیون. بئنڪون رڳو تجوڙين ۾ ئي پئسا نه رکندیون آهن: اهي جمع ٿيل رقم مان وڏي پئماني تي قرض ڏيندیون آهن ۽ پوءِ مختلف مالياتي سرگرمين جي ذريعي انهن پئسن مان فائدا حاصل ڪندیون آهن. اهي ادائگين لاءِ وچ واري ضمانت ڪٽندیون آهن. هنڌیون ۽ چيڪ جاري ڪندیون ۽ وڪٽندیون آهن. اُهي فوجي معاهدن ۽ هٿيارن جي ڊوڙ لاءِ پئسو فراهم ڪندیون آهن. طاقتور ملڪ اڻ ڪٽ ناٽي جي زور تي منافعي خوريءَ جي لاءِ چڪتاٽون ۽ چٽ ڪتائي اختيار ڪندي پنهنجي مخالفن جا پيڙا ٻوڙي چڏيندا آهن.

بئنڪون پنهنجي ڏنل قرض ۽ ٻيءَ سڃيءَ ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ وياج جي انهيءَ شرح کان وڌيڪ شرح وصول ڪندیون آهن. جيڪا اهي پنهنجي کاتيدارن کي ڏيندیون آهن. ڏنل ۽ ورتل وياج وارو فرق بئنڪارن جو منافعو سڏبو آهي. 1987ع ۾ آمريڪا جي سٽي ڪورٽ جي بئنڪار جو منافعو 1.3 ارب ڊالرن تائين پهچي چڪو هو. بئنڪاري منافعو به حقيقت ۾ زائد قدر جي ئي هڪ شڪل آهي. بئنڪن جا مالڪ بئنڪاري منافعي جي صورت ۾ زائد قدر جي ئي هڪ حصي کي ڦائيندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي پورهيت طبقي جي استحصال ۾ حصيدار ٿيندا آهن.

استعماري ۽ سامراجي ملڪن ۽ قومن جون بئنڪون پوئتي پيل ملڪن ۽ قومن ۾ مالياتي ڏيتي ليتيءَ مان خاص طور تي وڌيڪ ۽ وڏو منافعو ڪمائيندیون آهن. مثال: 1970ع جي ڏهاڪي جي آخر ۾ نائيجيريا، آئيوري ڪوسٽ ۽ گيبون ۾ پرڏيهي بئنڪن جيڪي منافعا

ڪمايا هئا. سي صنعتي طور ترقي يافته ملڪن جي منافعي کان گهٽو گهٽا هئا.

ورهاستي منافعو: انفرادي ملڪيت تي قائم ڪنهن ڪاروباري ڪارخاني جو منافعو ڪنهن به واحد سرمائيدار کي نه ملندو آهي. جڏهن ته گڏيل سرمائي واري ڪمپني (ڪارپوريشنن) جو معاملو ئي ٻيو هوندو آهي. اهڙي سرمائي تي سرمائيدارن جي هڪ پوري گروهه جي ملڪيت قائم هوندي، انهيءَ سرمائي کي حصيداريون (Shares) چيو ويندو آهي. (هڪ حصيدار ڪمپنيءَ جا کوڙ سارا گڏيل مالڪ هوندا آهن) ۽ بانڊ (Bond) (بانڊ رکندڙ ڪمپني کي قرض ڏيندڙ هوندا آهن) خريد ڪري ناڻو گڏ ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ ڪمپني جي ڪل سرمائي ۾ ڪيترن ئي انفرادي سرمائيدارن ۽ ننڍن ننڍن سرمائيدارن جي بچت شامل هوندي آهي ۽ قانوني طور تي اها سرمائي جي اشتراڪ واري ڪميٽي هڪ جسماني وحدت وانگر انهيءَ سڄي سرمائي جي مالڪ هوندي آهي. حصيداريون (Shares) انهيءَ ڳالهه جي ضمانت ڏيندیون آهن، انهيءَ جي مالڪ، سرمائي جي اشتراڪ واريءَ ڪميٽي جي سرمائي ۾ ڪيترو سرمايو وڌو آهي. فرض ڪريو ته جيڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ جو ڪل سرمايو ڏهه لک ڊالر آهي ۽ اهو ڏهن هزارن حصيدارين ۾ ورهايو ويو آهي ته هرهڪ حصيداري گڏيل سرمائي جي ذخيري ۾ 100 ڊالرن جي حصي جو ٽيون حصو هوندي آهي. تنهن ڪري جيڪو هڪ لک ڊالرن جي سيڙپ ڪندو آهي، انهيءَ وٽ اهڙيون 1000 هزار حصيداريون هونديون آهن ۽ جيڪو 50000 هزارن ڊالرن جي سيڙپ ڪندو آهي، انهيءَ وٽ 500 ۽ جيڪو 5000 هزارن جي سيڙپ ڪندو آهي، انهيءَ وٽ 50 حصيداريون هونديون آهن.

اهڙي ڪمپنيءَ جي حساب ڪتاب ۽ حصيداريءَ جي سارسنڀال جي باري ۾ سيئي فيصلا سيني حصيدارن جي عام جلسن ۾ ڪيا ويندا آهن، جيئن ته هر حصيدار کي پنهنجي هرهڪ حصي جي عيوض ۾

هڪ حصو ڏنو ويندو آهي. ان ڪري وڏا وڏا حصيدار سيني مسئلن تي پنهنجي مفادن جي حساب سان ئي فيصلا مڙهيندا آهن. جڏهن ته اهميت وارن مسئلن جو واسطو منافعن جي ورڇ سان هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪمپنيءَ جي ڪارخاني وارو منافعو ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائجي ويندو آهي. انهن حصن مان هڪ اهڙو حصو هوندو آهي، جيڪو حصيدارن ۾ تقسيم ٿيندو آهي. هڪ اهو حصو هوندو آهي، جيڪو اجرتن، پگهارن ۽ انعامن اڪرامن ۾ ويندو آهي ۽ هڪ حصو بانڊن جي ادائگين لاءِ استعمال ٿيندو آهي. انهيءَ کان سواءِ پيداوار ۾ واڌاري ۽ نئين سرمائيڪاريءَ لاءِ مضبوط سرمائي جي اضافي لاءِ ۽ اشتهارن ۽ ٽيڪسن وغيره جي ادائگين لاءِ به رقمون رکيون ويندیون آهن.

حصيدارن لاءِ منظور ٿيندڙ منافعو حصن جي تعداد جي لحاظ کان حصيدارن ۾ ورهايو ويندو آهي، جيڪڏهن حصيدارن ۾ ورهاست لاءِ 100000 ڊالرَ رکيا ويا آهن ته 100 ڊالرن جي هرهڪ حصي جو مالڪ نفعي مان 10 ڊالرن جو حقدار هوندو آهي. هرهڪ حصي تي 10 ڊالر حصيدار جو نفعو هوندو آهي. انهيءَ منافعي کي ورهايل منافعو سڏبو آهي. اهڙيءَ طرح ڪل سرمائي مان 1000 هزار حصن جي مالڪ کي 10000 هزار ڊالر ورهاست وارو منافعو ملندو آهي. جڏهن ته 50 حصن جي مالڪ کي 500 ڊالر ملندا آهن. تنهن ڪري انهيءَ ورهايل منافعي بابت چئي سگهجي ٿو ته اها حصدارين مان ٿيندڙ آمدني آهي. دراصل ورهايل منافعو به زائد قدر جي اهڙي صورت آهي جنهن کي بيشمار سرمائيدار کٽندا آهن.

حصيدارين کان سواءِ گڏيل سرمائي واريون ڪمپنيون، بانڊ به جاري ڪنديون آهن. جيڪي ڪمپنيءَ جي قرضن جون سَندون هونديون آهن، بانڊن تي وياج جي شرح مقرر ٿيل هوندي آهي، ۽ اهڙيءَ طرح بانڊن کي خريد ڪندڙن کي ڪمپنيءَ ۾ پيدا ٿيڻ واري زائد قدر حصيداريءَ جو حق حاصل ٿي ويندو آهي. تنهن کان سواءِ خاص مدت

جي پوري ٽيڻ کان پوءِ ڪمپني انهن باندن تي ورتل قرض طور رقم جي واپسيءَ جي پابند هوندي آهي.

اهڙي ڪمپنيءَ جي انتظاميہ کي وڏا وڏا پگهار ۽ انعام ڏنا ويندا آهن، اهو پڻ زائد قدر جي ڦهائڻ جو هڪ طريقو هوندو آهي. وڏا شريڪ ڪار ۽ سندن مفادن جي نگراني ڪندڙ اعليٰ عهديدار سيئي ڪمپنيءَ ۾ وڏن وڏن پگهارن تي ڪم ڪندڙ هوندا آهن ۽ اهي پنهنجن عهدن مان پرپور فائدا حاصل ڪندا آهن. جهڙوڪ: آمريڪا ۾ چڪاسن جيڏين وڏين ڪارپوريشنن (خاص ڪري هٿيارن جي صنعت ۾) جي صدرن ۽ ڊائريڪٽرن جا پگهار هڪ لک ڊالر سال ۾ يا ان کان به وڌيڪ هوندا آهن. اهي ادائگيون، ڪنهن به انتظامي سرگرميءَ جي ادائگيءَ لاءِ عقل کي اورانگهي وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح ڪاروباري اڳواڻ، گڏيل سرمائي وارين ڪمپنين تي پنهنجيءَ والارمان به گهٽوئي منافعو ڪمائيندا آهن، جيڪو منافعو وڏين پگهارن، انعامن ۽ پينشنن جي صورت ۾ اوڳاڙيو ويندو آهي.

زمين جي مقاطعداري: وڏا زميندار به زائد قدر جي هڪ حصي جا دعويدار هوندا آهن، اهي به بورزوا معاشري جو هڪ استحصالي طبقو هوندا آهن ۽ اجرتي پورهيتن کان مفت ۾ پورهيو ڪرائي سندن پورهيي جو ڦل کائيندا آهن. انهن جي دعويداري ۽ حصيداريءَ جو بنياد ڪهڙو هوندو آهي؟ ٽيندو ڇا آهي ته وڏن زميندارن جي زمين جي هڪ وڏي حصي تي هڪ هٿي قائم هوندي آهي. مثال: برطانيہ ۾ ڪجهہ ماڻهو زمين جي 7 سيڪڙي تي قابض آهن؛ انهيءَ طرح لاطيني آمريڪا ۾ "لاپنندیا" جي علاقي ۾ 80 سيڪڙي کان وڌيڪ زمين جي حصي تي چند ماڻهو قبضو ڄمايو ويٺا آهن، جتي جاگيرن جي لڳ ڀڳ حد 67.58 ايڪڙ (514 هيڪٽر) آهي ۽ اهڙيءَ طرح السلواڊور ۾ صرف 20 سيڪڙو ماڻهو 60 سيڪڙو زمين جا مالڪ آهن. زراعت جي پيداوار ۾ اهم ترين مادي بنياد زمين هوندي آهي. پورهيي ڪرڻ لاءِ هر لحاظ کان زمين ئي

گهربل هوندي آهي، اهو چوپائي مال پالڻ ۽ چاري، توڙي پيٽ پالڻ لاءِ زمين هاريءَ لاءِ ناگذير ۽ اٽٽر آهي. تنهن ڪري سرمائيدار لاءِ ڪاروبار کي جمائڻ لاءِ زمين جو ٽڪر هٿ ڪرڻ ضروري هوندو آهي، جيڪا اهو گهٽو ڪري زميندارن کان مقاطعي تي ونڊندو آهي. ٻئي طرف زميندار زمين کي ٺيڪي تي صرف انهيءَ شرط تي ڏيندو آهي ته جيئن ڪيس انهيءَ مان زائد قدر جو هڪ حصو ملي سگهي. جيڪو انهيءَ زرعي ڪاروبار ۾ پورهيت پيدا ڪندو آهي. سرمائيدار ٻه اهڙي شرط کي قبول ڪندو آهي، چاڪاڻ ته انهن وٽ ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ٻه ڪونہ هوندو آهي، جيڪڏهن هو زائد قدر جي هڪ حصي تان هٿ نٽو ڪڍي ته زميندار ٻه ڪيس زمين ڪونہ ڏيندو ۽ زمين کانسواءِ سرمائيدار جيئن ته زرعي پورهيتن جو استحصال نٽو ڪري سگهي؛ ان ڪري ڪيس زائد قدر ٻه حاصل ٿي ڪونہ سگهندو.

زمين کي مقاطعي تي ونڊڻ کان پوءِ، سرمائيدار پورهيت کي اجرت تي رکندو آهي ۽ پيداوار جي تنظيم ڪاري ڪندو آهي. هو پنهنجيءَ پيداوار کي، پيداوار جي برابر قدر جي عيوض ۾ خريدارن کي وڪڻندو آهي. گهٽو ڪري قيمتون انهيءَ سطح کان هيٺ نہ ڪرنديون آهن. چاڪاڻ ته زراعت ۾ سرمائيڪاري ڪندڙ سرمائيدارن جي تعداد تي ڪي ٻه حدون لاڳو ٿيل نہ هونديون آهن: زمين تي ذاتي ملڪيت جي قائم هجڻ ۽ زمين جي حاصلات تي فطري قائدن جي ڪري، زمين تي سرمائيڪار ڪندڙ سرمائيدارن جو تعداد، انهن سرمائيدارن تائين محدود رهندو آهي؛ جيڪي زميندارن کان مقاطعي تي زمين حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. جيئن ته ٻي وڏيڪ زمين موجود نہ هوندي آهي، ان ڪري ٻين اهڙن سرمائيدارن لاءِ گهربل جاءِ نہ هوندي آهي؛ جو اهي منڊيءَ ۾ زرعي جنسن جي پهچ وڌائي سگهن، هڪ ٻئي سان مقابلي بازي ڪري سگهن؛ ان ڪري زرعي سرمائيدار پنهنجي پيداوار کي ان جي برابري واري قدر تي وڪرو ڪري سگهندا آهن.

پيداوار کي ان جي قدر موجب وڪري جو مطلب اهو آهي ته انهيءَ پيداوار ۾ موجود سڄي جي سڄي زائد قدر کي حقيقت جو روپ ملي ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته زرعي پيداوار ۾ ڪل سرمائي جي لاڳت ۾ وارڦير وارو سرمايو تمام گھٽو هوندو آهي. ان ڪري زائد قدر جو مقدار سراسري منافعي کان وڌيڪ هوندو آهي. انهيءَ لحاظ کان پنهنجي پيداوار کي وڪڻڻ وقت زرعي سرمائيدار نه صرف سراسري منافعو حاصل ڪندو آهي پر اضافي زائد قدر به حاصل ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح حاصل ٿيل زائد قدر جي هڪ حصي کي زميندار حاصل ڪري وٺندو آهي.

انهيءَ صورتحال ۾ سرمائيدار ۽ زميندار انتهائي چتيءَ چڪتاڻ ۽ مقابلي بازيءَ ۾ اچي ويندا آهن. جو ته ٻئي زائد قدر جي وڏي حصي تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندا آهن. سرمائيدار سراسري منافعي کان وڌيڪ زائد قدر کان سواءِ زائد قدر جي ڪنهن ٻئي حصي کي به ڇڏڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي. ۽ نه وري هو سراسري منافعي کان گھٽ تي راضي ٿيندو آهي ۽ نه راضي ٿي سگھي ٿو. اهڙيءَ صورت ۾ هو زراعت ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ جي بجاءِ معيشيت جي ڪنهن ٻئي فائدي واري شعبي ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ گھرندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو زائد قدر جي واڌو ۽ متاهين حصي کي ڏئي سگھندو آهي. ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان بين سرمائيدارن سان ڊوڙ واري عمل ۾ ڪيس ڪو لوڏو نه ايندو آهي ۽ هو انهن سان جوڙجڪ ۽ حصيداري ۾ رهندو آهي. ان ڪري اها ئي فاضل پيداوار هوندي آهي. جيڪا زميندار کي مقاطعي جي عيوض ۾ ملندي آهي. زائد قدر جو هڪ حصو زميندار کي مقاطعي جي رقم جي صورت ۾ ملندو آهي. انهيءَ حصي کي "مقاطعي جي زمين جو ملهه" چئبو آهي ۽ زميندار انهيءَ حصي کي جيئن چاهي تيئن استعمال ڪري سگھي ٿو. اهو زائد قدر جو اهو حصو هوندو آهي. جنهن کي زرعي پيداوار ڪندڙ اجرتي پورهيت پيدا ڪندو آهي ۽ جنهن کي سرمائيداري ڪاروبار لاءِ زمين مقاطعي تي ڏيندڙ زميندار هڙپ ڪري ويندو آهي. آهريڪا ۾ مقاطعي واري زمين، مجموعي زائد قدر جو 12 سيڪڙو پيدا

ڪندي آهي. 1929ع ۾ اهو حصو ايڪا ۽ وڏيڪ 16.6 سيڪڙو هو. سرمائيداري مقاطعي واري زمين ۾ تسمن جي هوندي آهي: انفرادي مقاطعي واري زمين ۽ مطلق مقاطعي واري زمين.

زراعت ۾ انفرادي ۽ سراسري منافعي جي شرح جي فرق جي ڪري نقد مقاطعي واري زمين پيدا ٿيندي آهي. اهو فرق، انهيءَ ڪري پيدا ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته زرعي جنسن جون قيمتون معيشيت جي ٻين شعبن وانگر سراسري پيداواري حالتن مطابق مقرر نه ٿيندڙون آهن. پر اهي خراب زمين جي پيداواري حالتن مطابق مقرر ٿيندڙون آهن، ڇو ته رڳو زمين جي ڪيڙڻ سان زرعي پيداوار جي گهرجن کي پورو نٿو ڪري سگهجي.

مطلب ته جڏهن سرمائيدار عام يا هڪ سڻي زمين تي زرعي پيداوار کي منظم ڪندو آهي (يعني وڏيڪ زرخيز ۽ سڻين جهڳين واري زمين) ته اجرتي مزدورن جي پورهيي جي پيداوار وڏيڪ ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو انفرادي ۽ سراسري منافعن ۾ فرق پيدا ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ مطابقت واري سراسري پيداواري لاڳت جي مقابلي ۾ ڪن ماڻهن جي پيدوار تي لاڳت بہ گهٽ ايندي آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اهڙي زمين ۾ پورهيي جي پيداوار گهٽي ٿيندي آهي. انهيءَ فرق جي ڪري ڪن ماڻهن جو سراسري نفعو وڏي ويندو آهي ۽ اهو ئي اهو حصو آهي. جيڪو زميندار کي نقد مقاطعي واري زمين جي صورت ۾ ملندو آهي.

جڏهن ته مطلق نقد مقاطعي واري زمين، زرعي پيداوار تي ايندڙ لاڳت ۽ ان جي قيمت ۾ فرق جو نتيجو هوندي آهي. زمين جا مقاطعا چاهي چڱا هجن، چاهي خراب هجن، يا عام هجن، پوءِ بہ زرعي پيداوار جي قيمت، انهيءَ جي لاڳت کان وڏيڪ هوندي آهي. مطلف نقد مقاطعي واري زمين سيني زميندارن کي ملندي. جڏهن ته انفرادي نقد مقاطعي واري زمين صرف سڻي ۽ سراسري ايراضي جي مالڪن کي ملندي آهي. اها مقاطعي جي نقدي خراب زمين تي نه هوندي آهي.

کارو کاروبار: زائدقدر جي حاصلات لاءِ سرگردان سرمائيدار گهٽو ڪري قانون جون پيچڪڙيون بہ ڪندا آهن ۽ اخلاقي اصولن کي بہ لتاڙي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح بدعنوانيون، فريب ڪارين ۽ سٽي بازيون انهن لاءِ معمولي ڳالهيون هونديون آهن. سرمائيدار، غبن، بدمعاشن ۽ بليڪ ميلرن، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ڪري لٽ مار ڪندڙن سان گڏجي ويهڻ ۾ ۽ ساٽن معاملا نهميِ ڪرڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ڪندا آهن. اهي تہ چڪلن ۽ جوا جي اڈن مان بہ وڏا وڏا منافعا ڪمائيندا آهن.

هاڻ تہ منشيات جو ڪاروبار وڏي زور شور سان جاري آهي. لکين ۽ ڪروڑين ماڻهن جي جانين سان کيڏندڙ ۽ انساني چگ ۾ پلائيءَ کان بي پرواهہ اهو ڪارو ڪاروبار وڏي ۽ ويجهي رهيو آهي. رڳو آمريڪا ۾ انهيءَ ڪاروبار ۾ 45 اربن ڊالرن جي سال ۾ ڏيتي ليتي ٿيندي آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ 13 کان 19 سالن جي نوجوانن جي تعداد ۾ 16هوٺ تي نشي جا عادي ٿي ويا آهن. منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ جي سراسري منافعي جي شرح 700 سيڪڙو آهي. اهڙيءَ طرح غير قانوني ڪاروبارن ۾ لڳل سرمائي جو منافعو چوٽ چڙهيل آهي. آمريڪي انگن اکرن مطابق سرمائيدار غير قانوني سرگرمين مان پيدا ٿيندڙ 125 ارب ڊالر سالياني نفعو هٿ ڪندا آهن. انهيءَ کان سواءِ نيم قانوني سرگرمين مان 75 ارب ڊالر سال ۾ هٿ ڪندا آهن.

ترقي پذير ملڪن جا ڪي ڪاروباري بہ انهيءَ ڏنڈي ۾ شامل ٿي ويا آهن. 1983ع ۾ انقرا ۾ ٽن وڏن ڪاروبارين تي ڪيس هلايو ويو جيڪي ترڪيءَ جي خانگي بئنڪن جا صدر هئا. مٿن اهو الزام هو تہ اهي غير قانوني طور تي سون ۽ وڏين ۽ سگهارين ڪرنسين جي ڏيتي ليتيءَ جو ڪاروبار ڪندا هئا. 1980ع کان 1983ع تائين انهن ماڻهن 90 ٽنن جو غير قانوني سون جو واپار ڪيو هو.

استحصالين جا گڏيل مفاد: ڏنو ويو آهي تہ بورزوا معاشري ۾ زائد قدر مختلف شڪلين اختيار ڪندو آهي. ڪارخانيدارن جو منافعو

واپارين جو منافعو قرضن جو وياج، ورهاستي منافعو ۽ مقاطعيداري وغيره مطلب ته سرمائيدارن جو هر کو گروهه ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ زائد قدر حاصل ڪندو آهي. روپ پلي ڪهڙو به هجي پر زائد قدر انهن جي ٽجوڙين ۾ هليو ويندو آهي، جن کي کائڻ پيئڻ لاءِ به ڪم نٿو ڪرڻو پوي. جيڪي پورهيت ماڻهن جي پورهيي تي زنده رهن ٿا. تنهن ڪري اهي پورهيت دشمن قوت آهن.

جيئن ته زائد قدر جو سرچشمو هڪڙو ئي آهي يعني اهو استحصال ٿيندڙ پورهيت طبقي جو پورهيو آهي، ان ڪري اها ڳالهه واضح ۽ چٽي آهي ته سرمائيدارن جا اهي سيئي گروهه، جيڪي زائد قدر جي حاصلات ڪن ٿا، پورهيت طبقي جي استحصال ۾ شريڪ آهن. اهي استحصال کي ايڏو وڌيڪ شديد ڪرڻ لاءِ هڪ ڪڌيل محاذ جي صورت ۾ ڪم ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح استحصال کي چوٽي تي پهچائيندا آهن. پورهيت طبقي جي حقن جي خلاف ڏاڍايون ڪندا آهن، ترقي پذير ملڪن جي لٽ مار ڪندا آهن ۽ اهڙي نموني بورزوا نظام کي سگهاري ڪرڻ ۾ انهن سيني جو ڪڌيل مفاد هوندو آهي. جيئن سرمائيدار سڄي پورهيت طبقي جي آڏو متحد ٿي ايندا آهن ۽ استحصالين جي هڪ طبقي جي صورت ۾ ايندا آهن، ان ڪري پورهيت طبقي کي به پنهنجي صفن ۾ هڪڙي ۽ اتحاد قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. صرف انهيءَ صورت ۾ اهي سرمائيدارن جي خلاف پنهنجي جنگ کٽي سگهن ٿا. صرف انهيءَ صورت ۾ پورهيت طبقو پيش قدميون ڪندي آخرڪار بورزوازيءَ جي والار کي پاڙان پٽي سگهي ٿو.

مارڪس جي زائد قدر جو علمي نظريو: ڪارل مارڪس زائد قدر جي نظريي کي علمي بنيادن تي قائم ڪيو. زائد قدر جي باري ۾ بنيادي تصور، ان جي مشهور لکٽين "سرمايو"، "زائد قدر جو نظريو"، "اجرتي پورهيو ۽ سرمايو"، "اجرتي قيمت ۽ نفعو" ڪان سواءِ ٻين ڪيترين لکٽين ۾ ڏنل آهن.

جڏهن ته مارڪس کان اڳ وارن ڪلاسيڪي معاشيات جي ماهرن منافعن جي خاص خاص صورتن تي بحث ڪري ڇڏيو هو. مارڪس ان باري ۾ وک اڳتي وڌائي. هن سرمائيدارن ۽ زميندارن جي آمدنين جي مختلف ظاهري شڪلين جي پويان لڪل سڀني جي گڏيل ماهيت، زائد قدر کي ڳولي لڌو. سياسي معاشيات جي تاريخ ۾ مارڪس اهو پهريون ماڻهو هو، جنهن زائد قدر جي ماهيت کي کولي ٻڌايو آهي ۽ بورزوا معاشيات ۾ ان جي ڪردار کي وائکو ڪيو آهي.

مارڪس جو سڀ کان بنيادي ڪارنامو اهو آهي ته، هن پورهيي ۽ پورهيي جي طاقت جي وچ وارو ڇيد ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مارڪس ان جي قابل ٿيو جو هن زائد قدر جي واڌ ويجهه واري عمل جو تجزيو ڪري سرمائيداري استحصال کي اگهاڙو ڪري وڌو آهي. ڇو ته هن زائد قدر جي سرچشمي کي ظاهر ڪري ڏيکاريو ۽ اصليت جي وضاحت ڪئي آهي.

مارڪس جي مڙني لکڻين ۾ ۽ خاص ڪري ان جي تصنيف "سرمائي" ۾ زائد قدر جي متحرڪ عمل جي تحقيق ۽ چنڊچاڻ ڪئي وئي آهي. مارڪس اهو ثابت ڪري ٿو ته سرمايو مسلسل زائد قدر ۾ واڌاري لاءِ سرگردان رهندو آهي. هن انهن سڀني طور طريقن ۽ ذريعن جو نقشو چٽيو آهي، جنهن جي ذريعي سرمائيداري استحصال کي شديد کان شديد ترين ڪيو ويندو آهي، هن زائد قدر جي ورهاست جي صورتن جي تشريح ڪئي آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي ته سرمائيدارن جي دولت ۽ معاشي قوت اضافي ۽ واڌ ۾ انميءَ جو ڪمڙو ڪردار آهي.

پيداوار ۽ زائد قدر جي استعماليت ۽ ان جي ورهاست جي جائزي جي باري ۾، مارڪس اڄا به اڳتي وڌي آيو آهي ۽ تاريخ ۾ پهريون پيرو هن زائد قدر جو قانون ڏسيو آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته اهو قانون، سرمائيداري پيداواري طريقي جو بنيادي قانون آهي. هن لکيو آهي ته "سرمائيداري پيداواري طريقي جو رهنما اصول ۽ ان جو مقصد اهو آهي ته وڌ ۾ وڌ زائد قدر ميڙيو وڃي ۽ نتيجي ۾ پورهيي جي طاقت جو ممڪن حد تائين وڌ ۾ وڌ استحصال ڪيو وڃي." (ڪارل مارڪس، ڪيپيٽل (سرمايو)، جلد اول، پروگريس پبلشرز ماسڪو 1974ع، ص 311)

مارڪس جو زائد قدر جو علمي ۽ سائنسي نظريو انساني ٻلائي لاءِ هڪ املهه خزاني جي حيثيت رکي ٿو. سماجي تاريخ جي باري ۾ مارڪس جي نظريات ۾ زائد قدر کي نمايان حيثيت حاصل آهي. لينن مطابق: "زائد قدر جو نظريو مارڪس جي معاشي نظريي جي پيڙهه جو پٿر آهي." (وي آءِ لينن The Three Sources and Three Component Parts of Marxism (مارڪسي نظريي جا ٽي بنيادي ٽي جزا) Collected Works, (چونڊ لکڻيون) جلد 19، پروگريس پبلشرز ماسڪو 1980ع، ص 26)

مارڪس جو زائد قدر جو نظريو سرمائيداري پيداواري طريقي جي بنيادي اصولن کي واضح ۽ چٽو ڪري بيهاري ٿو ۽ بورزوا ۽ پرولتاري طبقن جي وچ ۾ دشمنائي تضاد جي بنيادي سبب کي ظاهر ڪري ڏيکاري ٿو ۽ ثابت ڪري ٿو ته سرمائيداريءَ جو خاتمو ۽ سوشلزم جي آمد اڻ ٽر ۽ ضروري آهي.

بورزوا طبقو ۽ انهيءَ جو نظريو ڏينڊڙاهو ڇاڻن ٿا ته مارڪس جي زائد قدر جي نظريي ۾ بورزوا اقتدار لاءِ خطرا موجود آهن. ان ڪري جيئن ئي مارڪسي نظريو عوام جي آڏو آيو آهي، تيئن بورزوازيءَ جي نظرياتي مڪٹهارن فوري طور تي مارڪس جي سائنسي نظريي جي پيٺ ۾ پنهنجي غير سائنسي خيالن ۽ موقفن جي صف بندي ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. ڏسجي پيو ته انهن مڙني تصورن جي پويان اهو مقصد ڪارفرما آهي ته انهن غير سائنسي خيالن جو ڇار وڇائي منافعن جي فطرت ۽ ذريعن کي لڪائي رکيو وڃي، ته جيئن انهيءَ جي استحصالي ۽ پرماري ماهيت تي پردو وڌو وڃي ۽ سرمائيداري نظام جو جواز گهڙي اهو ثابت ڪيو وڃي ته سرمائيداري معاشري ۾ طبقاتي هڪجهڙائي آهي، جڏهن ته انساني عمل روزانو نيون ۽ تازيون شاهديون ڏيندو رهي ٿو ته منافعي وارا بورزوازي تصور سائنسي بنياد تي اڻ ٺهڪندڙ آهن ۽ مارڪس جو زائد قدر جو نظريو واحد سائنسي ۽ علمي نظريو آهي ۽ اهو نظريو پورهيت طبقي جو اثرائتو هٿيار آهي.

اجاريداري (سامراجي) واري، پيداوار ۽ زائد قدر تي قبضو

اوڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سرمائيداري جي طاقت آخري سامراجي مرحلي ۾ داخل ٿي وئي. جنهن لاءِ مارڪس ۽ اينگلس جي عظيم پوئلڳ لينن سامراجيت جي باري ۾ پنهنجي علمي ۽ سائنسي نظريي جي وضاحت ڪئي آهي ته سامراجيت ۾ سرمائيداري پيداواري طريقي جون سموريون بنيادي وصفون جاري رهنديون آهن ۽ انهن سان گڏ ڪجهه نيون وصفون به جنم وٺنديون آهن. جنهن جون ڪجهه بنيادي خاصيتون هيٺيون آهن: (1) پيداوار ۾ حد کان وڌيڪ مرڪزيت ۽ هڪ هٿين جي تشڪيل، (2) هڪ هٿي بئنڪاري ۽ صنعتي سرمائي جو ميلاپ ۽ مالياتي سرمائي ۽ مالياتي نانيءَ ويڙهي جو وجود، (3) سرمائي جي مرڪزيت کان پوءِ، ان جو ملڪي سرحدون اورانگهي ٻاهر نڪري وڃڻ، (4) سرمائيدارن جي اجاريداريءَ تحت دنيا جي معاشي تنظيم ڪاري، (5) دنيا جي علاقائي ورهاست جي عمل جي تڪميل.

سدائين جيان سامراجي دؤر ۾ به سرمائيداري پيداوار جو مقصد اهو ئي رهندو آهي ته وڌ کان وڌ زائد قدر ميڙيو وڃي. پر پوءِ به سامراجي مرحلي تي سرمائيداري معيشيت ۾ پيدا ٿيڻ واريون وصفون زائد قدر جي پيداوار ۽ ورهاست واري عمل ۾ ڪيترن ئي امتيازي ۽ نرالين وصفن کي جنم ڏينديون آهن. جنهن جي ڪري زائد قدر جي پيداوار جي سطح بي انداز وڌي ويندي آهي ۽ پورهيت طبقي جي سماجي استحصال ۾ شدت ۽ تيزي اچي ويندي آهي.

اجاريداري والار: سامراجيت ۾ زائد قدر جي پيداوار ۽ ان جي حاصلات ۾ تبديلين جو بنيادي سبب اجاريداري والار هوندي آهي. حقيقت ۾ اجاريداريون ئي سرمائيدار ملڪن ۾ معاشي زندگيءَ جي صورتگري ۽ بيهڪ ٺاهيندڙيون آهن. جيڪي بي انداز معاشي طاقت واريون هونديون آهن. اجاريداري صحيح معنيٰ ۾ هڪ سرمائيداري راڪاس هوندو آهي. جيڪا تمام گهڻو سرمايو لڳائيندي آهي ۽ انهيءَ جي ڪري پورهيتن جي تمام وڏي تعداد جو استحصال ڪندي آهي. ايڪسون (ڪمپني) دنيا جي تمام وڏين تيل جي اجاريدار ڪمپنين مان هڪ آهي. ان جي سال جي ڏيتي ليتي 100 ارب ڊالرن کان مٿي آهي. ٻين گڏنگ هڪ هٿي اجاريدارين ۾ آمريڪا جي موبل آئل (Mobil Oil) ۽ جنرل موٽرس (General Motors) (جنهن جي هڪ سال جي ڏيتي ليتي 50 ارب ڊالرن کان مٿي آهي) برطانيا جي برٽش پٽروليم (British Petroleum) جپان جي ٽويوٽا جدوشاڪوگيو (Toyota Jidosha Kogyo) مغربي جرمنيءَ جي واڪسواگن ورڪ (Volkswa Genwerke) ۽ اٽليءَ جي اي. اين. آءِ (E.N.I) بہ انهن ڪمپنين ۾ شامل آهن. ترقي پذير ملڪن ۾ اجاريدارين جو ڪردار اڃ کان گهڻو وڌي رهيو آهي. 1981ع ۾ دنيا جي 500 وڏين صنعتي اجاريدارين مان 18 اجاريداريون 6 لاطيني آمريڪا جي ملڪن جون هيون. اجاريدارين ۽ هڪ هٿين جي معاشي طاقت جو سبب انهيءَ حقيقت تي ٻڌل آهي ته اهي اجاريداريون ڪنهن هڪ يا وڌيڪ صنعتن ۾ پيداوار جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجي قبضي ۾ رکنديون آهن. اهي انهن معاملن تي فيصلي ڪرڻ واري قوت رکنديون آهن ته ڪهڙين ايجادن ۽ جدتن کي عملي جامو پهرايو وڃي ۽ غير مهارت واري پورهيي کي ڪيئن استعمال ڪيو وڃي. جيئن ته منڊيءَ تي سندن راڄ هوندو آهي. ان ڪري تيار ٿيل شين جي واپار کي پنهنجي شرطن جي تابع ڪري ڇڏيندا آهن. آمريڪا ۾ 1665000 ڪاروبارن مان رڳو 200 اجاريداريون ڪارخانن جي پيداوار جي 43 سيڪڙي حصي جون مالڪ آهن. اهڙيءَ طرح ميڪسيڪو ۾ 50 سيڪڙو مالياتي صنعتي

ڪارپوريشنون 300 سڀ کان وڏن ڪارخانن کي والاريو ويئيون آهن، جيڪي ڪارخانا ڪل قومي پيداوار جي 45 سيڪڙي حصي جا مالڪ آهن. شروعات ۾ ڪنهن هڪ صنعتي شعبي ۾ مختلف الڳ الڳ سرمائيدار گڏجي ڪا اجاريداري قائم ڪندا آهن، پر اڄ ڪلهه تمام طاقتور ۽ وڏيون وڏيون اجاريدار انجمنون جوڙيون وڃن ٿيون، جيڪي ڪيترن ئي صنعتي شعبن تي مشتمل هونديون آهن، ويهين صديءَ جي اوائل ۾ صرف هڪڙي اجاريدار ڪمپنيءَ جو وجود هوندو هو جيڪا هڪ ارب ڊالرن جي سرمائي تي قائم ڪئي وئي هئي. انهيءَ صديءَ جي اڌ ڌاري ٻيون اهڙيون چار اجاريدار ڪمپنيون قائم ٿي ويون هيون ۽ 1982ع ۾ "ارب پتي ڪلب" 730 ڪارپوريشنن تي مشتمل هئي.

اجاريداري اڳهه: اجاريدار ڪمپنيون معيشيت تي پنهنجي والار جي ڪري ب اگهوتريءَ سان کيڏندي وڏ کان وڏ زائد قدر هٿ ڪري سگهنديون آهن. اجاريدار قيمتون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن، پهريون قسم قيمت جو اهو هوندو آهي، جنهن قيمت تي اجاريدار ڪمپني پنهنجي پيداوار کي وڪڻندي آهي. اها قيمت پيداوار جي لاڳت ۽ پيداوار جي قدر کان وڌيڪ هوندي آهي، ٻي اها قيمت هوندي آهي، جنهن قيمت تي اجاريدار ڪمپني ڪچو مال ۽ ٻيون ضروري جنسون خريد ڪندي آهي ۽ اها قيمت ويڪو شين جي سماجي قدر کان سدائين گهٽ هوندي آهي.

جيئن ئي ڪا فرم ڪنهن صنعت ۾ اجاريدار ۽ هڪ هٿيءَ واري حيثيت حاصل ڪندي آهي، تيئن اها انهيءَ صنعت ۾ پنهنجا شرط ب مجائڻ لڳندي آهي. اها سڀ کان پهرين چال اها هلندي آهي، جو منڊيءَ ۾ پنهنجي پيداوار جون قيمتون وڌائي چڏيندي آهي، انهيءَ سان گڏ اها انهن ويڪو شين جي قيمتن کي دٻائڻ جي ڪوشش ب ڪندي آهي، جيڪي هوءَ پاڻ خريد ڪندي آهي. اجاريدار ڪمپنيون معاشي طور تي ڪمزور ۽ هيٺين قومن ۽ ٽوري پيداوار ڪندڙ ماڻهن جي شين جي قيمت

جي سطح زوريءَ ڪيرائي ڇڏيندڙيون آهن. جن کي اهي ٻاهر موڪليندڙيون آهن. اهي اجاريدار ڪمپنيون قيمتن تي اهڙيءَ والار جي ذريعي ٻٽو فائدو ڪٽندڙيون آهن. اهڙيءَ طرح اجاريداريون خريدار جي حيثيت ۾ گهٽ ۾ گهٽ قيمت تي خريد ڪندڙيون آهن ۽ وڪڻندڙ جي حيثيت ۾ وڌ ۾ وڌ قيمت تي وڪڻندڙيون آهن. جنهن لاءِ اجاريدار ڪمپنيون سڀ کان وڌيڪ نفعي واريون منڊيءَ جون قيمتون مقرر ڪنديون آهن ۽ انهن کي پاڻ جهڙن تي زوري ٺاڦيندڙيون آهن. ۽ سوال اِهو آهي ته ڪين انهيءَ ڪوشش ۾ ڪاميابي ڇو ۽ ڪيئن ٿيندي آهي؟

اجاريدار ڪمپنيون سرمائيداريءَ کان اڳ ۾، خريدار جي آڏو ڪيئي وڪرو ڪندڙ هوندا هئا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن خاص شئي کي خريد ڪرڻ گهرندو هو ته هو اها شئي ڪنهن کان به خريد ڪري سگهندو هو ۽ جيڪڏهن قيمت گهٽي هوندي هئي ته هو هڪ کي ڇڏي ٻئي کان اها ساڳي شئي خريد ڪري سگهندو هو. آزاد مقابلو ۽ چٽاپيٽي قيمتن ۾ گهٽ وڌائي پيدا ڪندي هئي. ان ڪري سرمائيدار کي ان ڳالهه ۾ ئي پلو نظر ايندو هو ته اهي قيمتن کي منڊيءَ جي حالتن سان همڪائي ۽ مطابقت ۾ رکن.

سامراجيت ۾ حالتون بنهه مختلف آهن. ڇاڪاڻ ته اجاريدار ڏرين کي شين جي اڪثريتي پيداوار تي مڪمل اختيار حاصل آهي. جڏهن به ڪو ماڻهو خريداريءَ لاءِ مارڪيٽ ۾ قدم رکندو آهي، ته ان کي ڪنهن نه ڪنهن اجاريدار ڪمپنيءَ جي پيداوار ئي منهن ۾ پوندي آهي. ڪابه اجاريدار ڪمپني پنهنجي پيداوار جي قيمت گهٽ نه ڪندي آهي. ڇو ته ائين ڪرڻ، ان جي پنهنجي انهن اصولن جي ۽ مقصدن جي خلاف هوندو آهي، جن مطابق وڌ ۾ وڌ منافعو ڪمائبو آهي. تنهن ڪري خريدار يا ته انهي اجاريداريءَ جي پيداوار خريد ڪندو آهي يا ان کان سواءِ گذاري ڪرڻ تي ڪفايت ڪندو آهي يعني هو مجبور ٿيندو آهي ته اجاريدار ڪمپنيءَ واري مقرر ڪيل قيمت تي شئي کي خريد ڪري.

اجاريداريءَ کي مال وڪڻندڙ ماڻهو بہ اهڙيءَ ساڳي صورتحال ۾ ڦاٿل هوندو آهي. اهو يا تہ پنهنجي مال کي اجاريداريءَ واريءَ گهٽ قيمت تي وڪڻندو آهي يا مراڳو سودو ئي ڪونہ ٿيندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ ان جي پيداوار فائديمند قدر جو روپ ماڻي نہ سگهندي آهي ۽ اها رکي رکي سڪي سڙي تباهہ ٿي ويندي آهي. اهو تباهيءَ وارو ڊپ ۽ خطرو ئي هوندو آهي، جيڪو ان کي اجاريدار ڪمپنيءَ جي دٻاءُ ۾ آڻي مجبور ڪندو آهي ۽ لاچار کي آچار جاڻي گهٽ ڪر تي بہ وڪڻندو آهي.

قيمتن کي اجاريداريءَ ڏُر جي من مانيءَ واريءَ سطح تي رکڻ لاءِ اجاريداري حرفت بازيون ڪر آنديون ويندیون آهن، جنهن لاءِ هڪ طرف منڊيءَ ۾ شين جي داخلا کي محدود ڪيو ويندو آهي ۽ ٻئي طرف گهرج کي وڌايو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح حڪومت جي مدد ۽ تعاون سان ٻاهرين ايندڙ مال ۾ رڪاوٽون وجهرايون ويندیون آهن ۽ ان جي جاءِ تي اوڏر واري خريداريءَ جي همت افزائي ڪئي ويندي آهي. هن سلسلي ۾ حڪومتي ٽيڪا (خاص ڪري هٿيارن جي صنعت جي شعبي ۾) وڏيءَ اهميت وارا ٿي ويندا آهن. انهن سيني ڳالهين جي ڪري اجاريدار ڏُريون قيمتن کي اهڙيءَ سطح تي رکڻ جي قابل ٿي ويندیون آهن، جنهن مان اهي گهڻو واڌو منافعو ڪمائي سگهندیون آهن.

اجاريداري منافعو: وڏيڪ اجاريداريءَ اڳهن تي وڪري جي نتيجي ۾ اجاريدار ڏُرين وٽ بي انداز وسيلا گڏ ٿي ويندا آهن، جنهن مان هڪ حصو پيداواري لاڳت جي بلي ٿي ويندو آهي باقي انميءَ اجاريداريءَ جو منافعو هوندو آهي، جنهن کي اجاريداري منافعو سڏبو آهي. اجاريداري منافعو ٽن جزن تي ٻڌل هوندو آهي: پهريون جز سراسري منافعي جو هوندو آهي: هيءَ اهو منافعو آهي، جيڪو مڙني اجاريدارين کي ان ڪري حاصل هوندو آهي، جو اجاريدارين جو اهو خاص قسم سرمائيداري هوندو آهي. سيني سرمائيدارن کي سرمائي جي لاڳت جي مقدار جي حساب سان نفعو ملندو آهي. ٻيو جز متجاوز يا اجائي واڌو نفعي جو هوندو آهي:

اجاريداريءَ کي ان ڪري حاصل ٿيندو آهي. جو شين جي تياريءَ جي سماجي ۽ انفرادي لاڳت ۾ فرق هوندو آهي. اهو فرق ان لاءِ هوندو آهي. جو ڪن انفرادي ڪارخانن ۾ پورهيي جي پيداوار جي شرح سراسري پيداوار کان گهٽي ٿي ويندي آهي. ٽيون جن مافوق يا ماورا منافعن جو هوندو آهي. اهو منافعو اجاريداري قيمتن ۽ پيداواري قيمتن ۾ فرق جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. ان جي گهٽ ۾ گهٽ پيداواري قيمت هوندي آهي ۽ ان جي مٿاهين چوٽي پيداواري قدر کان گهٽو مٿي هوندي آهي.

اجاريداري مافوق يا ماورا منافعن ۾ اهي متجاوز يا اجايا واڌو منافعا به شامل هوندا آهن. جن کي سامراجيت خصوصي طور جنم ڏئي ڪٽندي آهي. اهي منافعا اصل ۾ اجاريداري والاري ۽ اجاريداري ناٽي جي غير محدود قوت جي معاشي جوڙجڪ ۽ تعمير ڪندا آهن. ليٽن جي لفظن ۾ "اجاريداري" مافوق منافعن کي پيدا ڪندي آهي يعني انهن سرمائيداري منافعن کي لتاڙي ۽ وڏي چڙهي منافعا ڏيندي آهي. جيڪي سڄيءَ دنيا جو معمول يا دستور هوندو آهي." (وي آءِ ليٽن سامراجيت ۽ اشتراڪيت جي پج باهر Imperialism and the Splition Socialism ڪميٽيڊ ورڪس (چوند لکڻيون). جلد 23، پروگريس پبلشرز ماسڪو 1974ع ص 114)

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن غير اجاريداري فرمن جي منافعن جو فڪر نه ڪجي. تڏهن اجاريداري جا منافعا سراسري منافعن کان گهٽو مٿي هوندا آهن ۽ ائين سرمائيداري اجاريداري ناٽيءَ ويڙهاءَ يا ڳٽ جوڙ سرمائيداري پيداوار جي ڪل منافعن جو وڏو حصو ڦٻائي ويندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هڪ ارب کان وڌيڪ سرمائي جي مالڪن 1978ع ۾ 627 اجاريدار ڪارپوريشنن جي ڪل منافعي جو 59 سيڪڙو حصو ڦٻائي ورتو هو. اهڙيءَ طرح هڪ ڪروڙ کان گهٽ سرمائي وارين ڪارپوريشنن جي پيٽ ۾ انهن جي منافعي جي شرح 2 کان 3 پيرا وڌيڪ هئي. هن سلسلي ۾ خاص ڪري هٿيارن جي صنعت سان لاڳاپيل اجاريدار ڏرين جي منافعي جي شرح اڃا به گهٽي آهي.

اجاريداريون پورهيت طبقي جي استحصال ۾ تيزي آڻيندڙ آهن:
اجاريداري مافوق يا ماورا منافعن جو هڪ اهم ذريعو اهو آهي تہ اهي پورهيت طبقي جو بي انداز استحصال ڪندڙ آهن. ڇاڪاڻ تہ پنهنجيءَ معاشي قوت جي زور ۽ ڏي تي هڪ اجاريدار ڏُر پنهنجي ڪارخانن ۾ استحصال جي شدت کي مٿاهين ليول تائين کڻي وڃڻ جي قابل هوندي آهي. اجاريداري سرمايو ظاهر ظهور يا مطلق ۽ نسبتي يا اضافي زائد قدر کي پيدا ڪرڻ لاءِ جديد ترين طريقا اختيار ڪندو آهي جنهن ڪري پورهيت طبقي تي دٻاءُ وڌندو رهندو آهي ۽ اجاريداريون پنهنجي مقابلي ۾ بيئل غير اجاريداري ڪارخانن جي پيٽ ۾ ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جي وقت کانسواءِ اوور ٽائيم تي وڌيڪ ڏيان ڏيندڙ آهن ۽ انهن جي ڪارخانن ۾ پورهيي جي شدت سڀ کان وڌيڪ هوندي آهي ۽ اهي سڀ کان وڌيڪ ايڊائينڊڙ طور طريقا ڪتب آڻي پورهيت طبقي جو سڀ کان وڌيڪ خون چوسيندڙ آهن. استحصال جي شدت ۽ تيزيءَ کي وڌائڻ لاءِ اجاريداريون جديد ترين ڪلن ۽ انتظامي ٽيڪنڪ کي اختيار ڪندڙ آهن.

پورهيت طبقي جي هن شديد ترين استحصال جي نتيجي ۾ اجاريداريون مخالف فرمن ۽ ادارن کان وڌيڪ زائد قدر ميڙيندڙ آهن. ڇاڪاڻ تہ اجاريدار کي ٻين سرمائيدارن کي زائد قدر ۾ شريڪ ڪرڻو ڪونہ پوندو آهي. اجاريداري والار انهيءَ زائد قدر کي، انهيءَ حساب ڪتاب ۾ شامل ٽيڻ نہ ڏيندي آهي، جنهن جي ذريعي سيني صنعتن جي منافعن کي هڪ جيترو رکيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اجاريداري قيمتن جي نتيجي ۾ پنهنجي ڪارخانن ۾ پيدا ٽيندڙ سڄي جي سڄي زائدقدر کي حقيقت پذير ڪرڻ کان پوءِ ان کي پاڻ ئي ڦٻائي ويندڙ آهن. ائين پنهنجي معاشي قوت ذريعي ٻين فرمن تي پنهنجي برتري مڙهي ڇڏيندڙ آهن.

اجاريداريون تجاوز يا فاضل زائد قدر ۾ واڌ آٿيندڙون آهن: اجاريداريون، فاضل زائد قدر ۾ وافر ۽ هيڪاندو اضافو ڪنديون آهن. اهي بي انداز مالياتي وسيلن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي ننڍن وڏن ڪاروبار ڪندڙ کي گهٽو پوئتي ڏکي ڇڏيندڙون آهن. ڇاڪاڻ ته اهي جديد ٽيڪنڪ تي وڌيڪ پئسو خرچ ڪري سگهندڙون آهن ۽ اهڙيءَ طرح تحقيق ۽ ترقيءَ جي منصوبن جوڙڻ ۾ سڀني کان اڳ ڪيڊي ويندڙون آهن.

اڄوڪي دؤر ۾ رڳو اجاريدار ڪمپنين وٽ ئي ايتري مالي سگهه آهي، جو اهي وسيع تحقيقي منصوبن تي عمل ڪرائي سگهن ٿيون. رنگين ٽي. وي جي ابتدائي حقيقت ۽ ترقي توڙي پهرين سلسليوار پروگرامن تي 12 ڪروڙ ۽ چاليهه لک ڊالرن جي لاڳت آئي هئي. اڄوڪي ڪمپيوٽر جي نئين نسل جي ترقيءَ ۽ تياريءَ تي 75 ڊالر خرچ اچي ٿو. جن لاءِ عام ماڻهو رڳو سوچي ۽ نٿو سگهي. جيئن ته اهڙيءَ صورتحال ۾ اجاريداريون ئي نئين ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ تي وڌيڪ پئسو خرچ ڪن ٿيون. ان ڪري اهي جديد ترين ۽ اثرائتيون مشينون ۽ ٻيو اعليٰ قسم جو سامان ڪتب آڻي سگهن ٿيون ۽ ننڍن ۽ وچولن سرمائيدارن جي پيٽ ۾ وڌيڪ جديد طور طريقا ۽ تنظيمي ٽيڪنڪ استعمال ڪري سگهن ٿيون.

ٽيڪنالاجيءَ جي برتريءَ جي نتيجي ۾ پورهيي جي پيداوار ۾ ۽ فوقيت ۽ مٿيرائي حاصل ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪي ڪارخانن جي صنعت ۾، ننڍن ڪارخانن جي پيٽ ۾، وڏن ڪارخانن ۾ صنعت جي پيداوار 1.5 هوڻ تي وڌيڪ آهي. ان ڪري اجاريدار ڏُريون ٻين جي مقابلي ۾ گهٽو فاضل زائد قدر پيدا ڪنديون آهن ۽ انهيءَ فاضل زائد قدر کي ڦهائڻ سان ئي مسلسل پنهنجي دولت کي وڌائيندڙون رهنديون آهن. سامراجيت کان اڳ ۾، سرمائيدار صرف عارضي طور تي ئي فاضل زائد قدر ڪمائي سگهندا هئا. جڏهن ته اجاريدار ڪمپنيون مستقل طور تي فاضل قدر کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رهنديون آهن. تنهن ڪري ئي اهي ٽيڪنڪي ترقيءَ جي ڏل کي ڦهائڻ واري ڪوشش

ڪندیون رهندیون آهن. پنهنجيءَ اجاريداريءَ جي زور تي علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اهم ايجادن ۽ کوجنائن تي بہ اجاريداري قائم رکندیون آهن ۽ پنهنجي علمن ۽ گرن کي ظاهر ٽيڻ نہ ڏيندیون آهن. انهن کي لڪائڻ سان هڪ ڏگهي عرصي تائين ٽيڪنڪي برتريءَ کي برقرار رکندیون آهن ۽ نتيجي ۾ فاضل زائد قدر کي حاصل ڪندیون آهن.

اجاريداري مافوق يا ماورا منافعو ۽ ان جا وسيلا: هر اجاريداريءَ جو مقصد اهو ئي هوندو آهي تہ اها مافوق يا ماورا منافعو حاصل ڪري انهيءَ مقصد کي آڏو رکندي، اجاريدارين معيشيت ۾ پنهنجي برتري قائم ڪندیون آهن. ۽ ان کي وڌيڪ مستحڪم ۽ سگهارو ڪندیون آهن. مافوق ۽ ماورا منافعو ئي انهن جي دولت بہ هوندو آهي ۽ ٻين ڪمپنين تي سندن برتريءَ جو سبب بہ هوندو آهي. هڪ هٿين جو مافوق منافعو ئي هوندو آهي، جيڪو اندروني ۽ بيروني ملڪن ۾، انهن جي حد تائين وڌيڪ وڌندڙ استحصال کي اپاري ۽ نمايان ڪري آڻيندو آهي، هڪ هٿين جو مافوق منافعو دراصل لٽ مار ۽ جبر ۽ ڏاڍ جي هڪ ڏگهي سلسلي جو ثمر يا پراپت آهي. اجاريداري منافعو هڪ هٿي ڳٽ جوڙ جي مجموعي نفعي جو هڪ جز آهي. انهيءَ منافعي جي ترڪيبي جزن ۽ ذريعن جي چنڊچاڻ ۽ تحقيق مان انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ٿي ٿئي، آخر مجموعي اجاريداري منافعو ايترو گهڻو ڇو ٿو ٿئي؟ جو اهي انهن اجاريدار ڪارخانن جي سراسري منافعي ۽ زائد قدر کان بہ چڙهي وڃن ٿا. اهو شايد انهيءَ لاءِ جو اجاريداري منافعا ڪيترن ئي جزن تي مشتمل ٿين ٿا.

انهن جو پهريون جزو تہ اهو آهي تہ اجاريداريءَ جي ڪارخانن ۾ اجرتي پورهيت وڌيڪ زائد قدر پيدا ڪندو آهي، اهو زائد قدر پورهيت طبقي جي بيحد ۽ گهڻي شديد تر استحصال جو ثمر هوندو آهي ٻين ڪارخانن جي پيٽ ۾، اجاريداري ڪارخانن ۾ جيئن تہ نهايت سخت استحصال ٿئي ٿو، نتيجي ۾ هتي وڌيڪ زائد قدر سيڙايو ويندو آهي.

جيڪو سڄي جو سڄو اجاريداريءَ وٽ ويندو آهي ۽ ان کي انهيءَ سلسلي ۾ ٻين سرمائيدارن سان حصي پتيون نه ڪرڻو پوندو آهي.

اجاريدار ڪمپنيون محض زائد قدر تي ماڻ نه ڪنديون آهن، اهي ايجا ٻي طمع ۾ رکنديون آهن. جنهن لاءِ اهي اجرتي پورهيت جي پورهيي جي طاقت جي قدر جي حصي کي ۾ ڇڪائينديون آهن. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پورهيت جي طاقت جي مالڪن يعني مزدورن تي طاقت جي ٽرو کين ملندڙ اجرت وچ واري خليج کي وسيع ۽ ڊگهو ڪنديون آهن. اهڙيءَ طرح اجاريداريون کليو ڪلايو مزدورن جي بنيادي حقن ۽ مفادن تي ڏاڙا هٽنديون آهن. جنهن لاءِ اجاريداريون پورهيت ۽ ان جي خاندان جي زندگيءَ جي وڌندڙ ضرورتن لاءِ تي شديد پورهيي جي نتيجي ۾ سندن جسماني ۽ ذهني ڀڃ ڊاهه کان بي پرواهه رهندي ۽ ويڳاٽيون بنجي اجرت کي مقرر ڪنديون آهن. جيتوڻيڪ معانگائيءَ جو سڀ کان وڌيڪ ۽ وڏو اثر پورهيت طبقي تي پوندو آهي، پر اجرتن ۾ معانگائي کي آڏو نه رکيو ويندو آهي. حقيقت اها آهي ته اجاريداريون معاشي گهوٽالن جو سڄو بار مزدورن تي وجهنديون آهن.

خريدارن جي حيثيت ۾ مزدورن تي وڏو ڌڀاءُ پوندو آهي. وڌين اجاريداري قيمتن جي ڪري اهي مزدورن جي اجرتن جي هڪ وڏي حصي کي ڇڪائي ويندیون آهن. کاڌي پيتي جي جنسن، ڪپڙن، جوتن، چپلن ۽ ٻين اهم شين جي اڳهن ۾ مسلسل واڌ ايندي ويندي آهي. اجاريدارين ۽ ٻين ڪارخانن جي ملازمن جي رهائش، تعليم ۽ صحت جي سلسلي ۾ هر سال واڌارو ٿيندو رهندو آهي. جڏهن ته هڪ هٿي، ڦورن جي منافعن کي وڌائڻ لاءِ پورهيتن کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته اهي پنهنجي اجرتن جو هڪ حصو کين پيٽ چاڙهيندا رهن. ته جيئن سندن منافعا وڌندا رهن. قيمتن جي اجاريداري نفعن جي ڪري ٻين ڪارخانن ۾ پيدا ٿيل زائد قدر ۾ هڪ هٿين جي هٿ چڙهي ويندو آهي. اجاريدارين انهن ڪارخانن جي پيداوار کي اجاريداري طور تي گهٽ قيمت تي خريد ڪنديون آهن، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته ننڍا ۽

وچولا سرمائيدار پنهنجي پنهنجي منافعي تان هٿ ڏوئي وهندا آهن. جڏهن ته اجاريداري ڪارخانا ان جي نتيجي ۾ وڏيڪ پئسو ميڙي وٺندا آهن. انهيءَ سان گڏ اجاريدارين سان چٽاپيٽي ڪندڙ صنعتون اجاريدارين جي پيداوار ئي (جيئن مشيني ڪلون ۽ پرزا يا پيٽرول ۽ اليڪٽرانڪ جا اوزار وغيره) خريد ڪنديون آهن. جنهن ڪري کين وڏيڪ قيمتون پرٽيون پونديون آهن ۽ کين انهن شين کي وڏين ۽ ڳاڻي پڳين قيمتن تي ئي خريد ڪرڻو پوندو آهي. نتيجي ۾ انهن کي بنا ڪنهن روڪ ۽ ٽوڪ جي پنهنجي آمدنيءَ جي هڪ حصي کي چڏڻو پوندو آهي. جڏهن ته هڪ هٿين جي مافوق ۽ ماورا منافعن ۾ وڏيڪ واڌارو ٿيندو آهي. ظاهر آهي ته زائد قدر جي اها نئين ورهاست هڪ وڏيءَ چڪتاڻ ۽ چٽاپيٽيءَ کي جنم ڏيندي آهي، پر انهيءَ ٽڪراءَ ۾ سوپ سدائين هڪ هٿين وارن جي ٿيندي آهي.

قيمتن جي اجاريداريءَ جي تعين جي ذريعي اجاريداريون زائد قدر جي انهيءَ حصي تي به قابض ٿي ويندیون آهن، جيڪو زميندارن، قرضي سرمائيدارن ۽ واپارين جي حصي ۾ ايندو آهي يعني وڏو ڏاڙيل ننڍي ڏاڙيل کي ڦريندو آهي. اهڙيءَ طرح ننڍو ڦورو جو ڪجهه عوام جي پورهيي مان چورائيندو آهي. اجاريداريون انهيءَ تي به پنهنجا هٿ صاف ڪنديون آهن. جيڪو چورن جي مٿان مور وارو ڪم هوندو آهي. اجاريداري مافوق منافعي جو هڪڙو حصو ننڍي پئماني تي پيداوار ڪندڙ ڳوناٽن ۽ شهري هنرمندن جي پيداوار مان ڦٻايو ويندو آهي. اجاريداريون انهن جي بنيادي حقن ۽ مفادن جي خلاف ليڪا لتاڙي ويندیون آهن. قيمتن جي اجاريداري تعين جي ذريعي اجاريداريون پيداوار وڪڻندي وقت توڙي ٻين کان پيداوار خريد ڪندي وقت، ٻنهي موقعن تي هارين ۽ هنرمندن کي نڇينديون آهن. آهستي آهستي قيمتن جو دائرو وڌندو ويندو آهي. نتيجي ۾ اجاريداريون نه رڳو ننڍي پئماني تي پيداوار ڪندڙ جي واڌو پيداوار حاصل ڪنديون آهن پر انهن جي واجبي پيداوار جي وڏندڙ حصي تي به قابض ٿي ويندیون آهن.

معاشي طور ڪمزور جديد بيئڪن ۽ ماتحت ملڪن ۽ قومن جو استحصال ۽ اجاريداري مافوق منافعن جو هڪ اهم ذريعو آهي. جتي سندن طور طريقا خاص طور تي غير منصفاڻ ۽ صفاڪاڻ هوندا آهن. اهڙن ملڪن جي پورهيت طبقي جي استحصال ۽ پرماريت جي ذريعي اجاريداريون بي انداز زائد قدر کي نيڪال ڪري ويندیون آهن. اهي اتان جي سستي افرادي قوت ۽ اجرتن جي هيٺاهين سطح مان منافعي خوري ڪنديون آهن. اڙ برابريءَ واري مبادلي ۽ متاستا. ناڻي جي نيڪال. غير مصنفاڻن معاشي معاهدن ۽ بين ڪيترن ئي طريقن سان (جن تي ايندڙ بابن ۾ تفصيلوار بحث ڪبو) اجاريداريون اڙ ميا منافعا ڪمائيندیون آهن. مطلب تہ اجاريداري منافعن ۾ اهي سڀ صورتون شامل آهن. جيڪي اجاريداريون ماڻيندڙن کي حاصل هوندیون آهن. انهيءَ جا بنياد معيشيتي اجاريدارين جي اڙ ڪٽ ۽ غير محدود والار ۽ جديد بيئڪن ۽ معاشي طور تي پيڙهيل ملڪن ۽ قومن کانسواءِ خود سامراجي ملڪن ۾ آبادي جي هڪ حصي جي شديد استحصال ۽ پرماريت تي قائم آهن. اجاريداري منافعا موجوده بورزوا معاشري ۾ معاشي رشتن جي پيچيدي نظام جا آئيندار ۽ عڪاس آهن. رشتن جي انهيءَ تاجي پيٽي ۾، جتي هڪ طرف اجاريدار بورزوازي ۽ پورهيت طبقي جا رشتا ۽ ناتا آهن. ۽ اتي ٻئي طرف اجاريداري بورزوازي ۽ ننديي پئماني تي پيداوار ڪندڙن. ترقي پذير ۽ محڪوم ملڪن ۽ قومن جي پورهيت عوام ۽ غير اجاريدار سرمائيدارن جي وچ وارن رشتن ۽ ناتن جو نظام آهي. جن ۾ خود اهي رشتا ۽ ناتا بہ شامل آهن. جيڪي خود منافعي خوريءَ لاءِ سرگردان پر پاڙ ۾ چاپوتيل اجاريدارين جي وچ ۾ موجود هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اجاريدارين جي منافعن جي ڪردار ۽ وسيلن جو تجزيو انهن جي استحصال ۽ انسان دشمن ڪردار واڪو ڪري چڏي ٿو. جيڪي اڄوڪي وقت ۾ پورهيت طبقي ۽ عوام جي دشمنيءَ ۾ اڳيان آهن.

اجاريداريون ۽ سراسري منافعا: سامراجي دؤر ۾ قائم ٿيندڙ اجاريداري والار جو اهو مطلب ڪونہ آهي تہ معيشيت جي ڪنهن ذڪر ڪيل شعبي جون سموريون صنعتون ۽ ڪارخانا اجاريدارين ۾ شامل آهن. اجاريدارين کانسواءِ هزارين اهڙا غير اجاريداري ڪاروبار بہ هوندا آهن جيڪي اجاريداري والار هيٺ نہ هوندا آهن. خاص ڪري ترقي پذير ملڪن ۾ انهن جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. جن جا مالڪ ننڍا ننڍا ۽ وچولا سرمائيدار هوندا آهن. سامراجيت جي اوج ڪان اڳ واري زماني وانگر انهن ۾ زائد قدر جي ورڇ يا ورهاست سراسري منافعي جي قانون تحت ٿيندي هئي. يعني سرمائي جي لاڳت جي مناسبت سان ٿيندي هئي. جيتوڻي وڌيڪ سرمائي جي لاڳت ٿيندي هئي. ايترو ئي وڌيڪ منافعو ملندو هو.

پر اجاريداري والار زائد قدر جي ورهاست جي انهيءَ طريقيڪار ۾ تبديليون آنديون آهن. جيئن تہ اجاريداريون ڪل سرمائيداري منافعي جو وڏو حصو قبضي ۾ ڪري ٿيون ۽ ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار انهن سان مقابلي جي سگهہ نٿا سارين. ان ڪري اهي اجاريدارين کي پنهنجي پيداوار وڪڻندي وقت يا انهن جي پيداوار خريد ڪندي وقت پنهنجي آمدنيءَ جو هڪ قابل قدر حصو اجاريدين کي ڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح اجاريداريون نفعي وارين صنعتن ۽ سرمائيڪارين لاءِ بين نفعي وارن ميدانن ۾ بين جون راهون روڪيندیون آهن ۽ کين گهٽ نفعي واريون صنعتن تائين سوڙهو ڪري ڇڏيندیون آهن. نتيجي ۾ اجاريداري والار ساٿس مقابلو ڪندڙ فرمن لاءِ ٻٽي نقصان جو ڪارڻ ٻڌبي آهي. پهرين اهو تہ اهڙين صنعتن ۾ اڳ ۾ ئي گهٽ زائد قدر پيدا ٿيندو آهي. جڏهن تہ خرچ ساڳيا ئي هوندا آهن. ٻيو تہ اهڙن ڪاروبارن ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي قابل قدر حصي کي هڪ هٽي ۽ نانيءَ ويڑها هڙپ ڪري ويندا آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ انهن ڪاروبارن جي مجموعي منافعي جو حصو بين سيني ڪاروبارن ۾ سيڙايل ڪل سرمائي جي حصي جي پيٺ ۾ گهٽ هوندو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ اجاريداري سرمائي

جي پيٽ ۾ ننڍي يا وچولي سرمائي تي منافعو گهٽ ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو قومي معيشيت جي اجاريداري والار ۾ آيل حلقن ۾ ان جي والار کان ٻاهر وارن حلقن ۾ سراسري منافعي جو مقدار ۾ مختلف ٿئي ٿو. ڇوتہ ننڍي ۽ وچولي سرمائيدار جي منافعي جي سراسري شرح اجارياريءَ جي منافعي جي سراسري شرح کان گهٽي هوندي آهي. ڇا انهيءَ جو مطلب اهو آهي تہ سامراجي صورتحال ۾ قدر جو قانون معطل يا هٿي پري ٿي وڃي ٿو پرائيس بنهہ نہ آهي.

حقيقت ۾ اجاريدارين جا منافعا، قدر جي قانون جي نفي ڪرڻ جي بدران انهيءَ ئي بنياد تي قائم هوندا آهن. سرمائيدارن کي ملندڙ مڙئي منافعا، ڪنهن ۾ ذڪر ڪيل پوري معيشيت ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي ڪل جي برابر هوندا آهن. سرمائيداري معيشيت ۾ مجموعي لحاظ کان قدر جو قانون ئي ويڪو شين جي ڪل قيمتن کي مقرر ڪندو آهي. قيمتن جي اجاريداري تعين جي نتيجي ۾ هڪ هٿيون جيترو منافعو ڪمائيندڙيون آهن، اُتي وري مزدور، هاري ۽ ننڍا وڏا هاري ۽ ٻيو پورهيت عوام ايترو ئي سرمايو وڃائيندو آهي.

مالياتي سرمايو زائد قدر جي وڏندڙ حصي کي ڳڙڪائيندو ويندو آهي

پرماري ناٿي جي پاڻ زوري سگهه: منافعن لاءِ سرگردان رهندڙ صنعتي اجاريدارين يا هڪ هٿين پاڻ کي رڳو پيداواري سرگرمين تائين محدود ۽ سوڙهو نه رکندين آهن پر اهي وڏي پئماني تي بئنڪاري سرمائيڪاري به ڪندين آهن ۽ ائين وڏا ۽ سگهارا بينڪار هڪ هٿين جي قائم ڪرڻ ۾ سمڪار ڪندا آهن. جڏهن ته موٽ ۾ وري ان کان پوءِ اجاريدارين صنعتي پيداواري شعبي ۾ قابل قدر سرمائيڪاري ڪندين آهن. اهڙيءَ طرح اجاريدار ۽ هڪ هٿي صنعتي ناٿو پاڻ ۾ گڏجي ملي ۽ ضم ٿي مالياتي يا پرماري ناٿي کي جنم ڏيندو آهي ۽ پوءِ اهو ناٿو سرمائيداري معيشيت جي سڀني شعبن ۾ گهڙي ويندو آهي. اهو انهن شعبن کي پنهنجي طاقت آڏو جهڪائي. انهن کي پنهنجي پاڻ زوري منافعي جي لالچ جي تابع ڪندو آهي. اهو مالياتي ۽ پرماري ناٿو ئي هوندو آهي. جيڪو هٿيارن جي ڊوڙ ۽ نين عالمي جنگ جي تيارين جي پٽيرائي ڪندو آهي.

مالياتي ۽ پرماري ناٿو مالياتي اجاريدار گروهن جي شڪل ۾ عمل پيرا رهندو آهي. انهن مان هرهڪ گروهه جي هڪ شاهي مالياتي سلطنت هوندي آهي. آمريڪا ۾ 20 کان 25 نانيءَ ويڙهه اعليٰ ترين درجن تي فائز آهن. جن مان مورگن گروهه سڀني کان وڏو گروهه آهي. 1970ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري اهو گروهه ساڍن چوونجاهن اربن ڊالرن جي سرمائي سان ڪيڏي رهيو هو. اهڙيءَ طرح راڪ فيلر گروهه وٽ هڪ ڪرب

6 ارب ڊالرن جي ملڪيت هئي. جڏهن ته ميلن گروهه وٽ 54 ارب ڊالرن جو سرمايو هو وغيره وغيره. برطانيا ۾ 15 کان 20، فرانس ۾ 10 کان 15 ۽ جاپان ۾ 5 کان 10 اهڙا مالياتي يا پرماري گروهه آهن. پوئتي پيل ملڪن ۾ قومن ۾ به ڪي طاقتور پرماري صنعتي گروهه پيدا ٿيا آهن. هندستان ۾ برلا ۽ ٽاٽا آهن. ايلسلواڊور جي معيشيت تي 14 خاندان قابض آهن. ترڪيءَ ۾ ڏهن گروپن جي هڪ هٿي يا سرداري آهي. جن مان 1970ع جي ڏهاڪي جي وچ ڌاري به خاندان ارب پتي هئا ۽ 10 خاندان ڏهن لکن ڊالرن جي سرمائي تي قابض هئا. اهڙيءَ طرح پاڪستان جي معيشيت تي 22 پرماري ۽ صنعتي گروهن جي والار قائم آهي. پرماري، نانيءَ ويڙهاڪي انداز معاشي طاقت جي زور تي مٿو ڦيرائيندڙ اڄ ميو منافعو ميڙيندا آهن. سامراجي سياست ۾ جيترو زائد قدر پيدا ٿيندو آهي، انهيءَ مان اڌواڌ سندن ور چڙهي ويندو آهي. جيڪو بنا ڪنهن شڪ جي زائد قدر جو هڪ وڏو حصو هوندو آهي، پر پوءِ انهيءَ مان پرماري نانيءَ ويڙهن جو پيٽ نه پربو آهي ۽ اهي مسلسل وڌيڪ ڊوڙڊڪ ڪندا رهندا آهن ۽ نت نون طريقن جي ذريعي سندن هٿان پورهيت عوام جي ٿيندڙ استحصال جو اتو پتو نه هوندو آهي.

منافعن ۾ پائيواري نظام: هيءَ نظام پرماري نانيءَ ويڙهن جي طاقت کي بحال رکڻ ۽ انهن لاءِ بي انداز منافعن جي اوگاڙيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو آهي.

اهو نظام سرمائي جي اشتراڪ وارن ڪاروبارن تي ٻڌل هوندو آهي. جنهن ڪارخاني کي پنهنجيءَ والار ۾ رکڻ لاءِ ان جي پوري سرمائي جو مالڪ هجڻ ضروري نه هوندو آهي. حصيدارين مان 10 کان 20 سيڪڙي حصي وارا مالڪ پوريءَ ڪمپنيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ رکندا آهن. تنهن ڪري هڪ ڪروڙ ڊالر جي سرمائي واريءَ ڪارپوريشن کي پنهنجي اختيار ۾ رکڻ لاءِ 20 لک ڊالرن جون حصيداريون ڪافي هونديون آهن. مالياتي سرمايو گهٽي تعداد ۾ ڪمپنين تي والار رکڻ جي

ڪوشش ڪندو آهي. هرڪا ڪمپني پنهنجي سرمائي مان ٻين ذيلي ڪمپنين جون حصيداريون خريد ڪندي آهي. تہ جيئن ان تي ان جي پنهنجي والار قائم رهي سگهي. انهن ذيلي ڪمپنين مان هرڪا وڏيڪ ٻين ڪاروبارن جون حصيداريون بہ خريد ڪندي آهي. وغيرہ وغيرہ. اهڙيءَ طرح گڏيل سرمائي وارين ڪمپنين جو هڪ وڏو مينار اڏجي ويندو آهي. جنهن جي آخري چوٽيءَ تي هڪ اهڙي ڪمپني موجود هوندي آهي. جيڪا ٻين مڙني جي سرداري ڪندي آهي. اهڙو ڍانچو بي انداز زائد قدر کي مالياتي سالارن کي مٺ ۾ ڏئي چڏيندو آهي.

اهو پائيواري نظام. ذاتي ٻنڊڻ جي نظام تي ٻڌل هوندو آهي. جنهن تحت وڏا وڏا اجاريدار هڪ ئي وقت ڪيترن ئي هڪ هٿي نانيءَ ويڙهن جي اهم ۽ وڏن عهدن تي فائز هوندا آهن. وڏين وڏين ٻنڪن جا ڊائريڪٽر صنعتي اجاريدار نانيءَ ويڙهن جا صلاحڪار ۽ بورڊن جا ميمبر هوندا آهن ۽ صنعتن جا مالڪ ٻنڪن جي ڊائريڪٽوريٽ کي سنياليندا آهن. خانداني رشتن ناتن ۽ تعلقاتن توڙي حڪومتي ادارن ۾ گڏيل شرڪت جي ذريعي. اهڙن ڪاروباري رشتن کي وڏيڪ مضبوط ۽ سگهارو ڪيو ويندو آهي.

ٻنڪن. صنعتن. نقل و حمل ۽ واپاري ڪاروبار کان سواءِ ٻيون ڪمپنيون بہ انهيءَ مالياتي سرمائي جي معاشي طاقت جي تابع ٿي ويندين آهن ۽ ڪوبہ ڪو مالياتي گروهہ انهن جي آمدنين جي وڏي حصي جو مالڪ ٿي ويندو آهي. اهي مالياتي گروهہ صنعتي ڪارپوريشنن. ٻنڪاري اجاريدارين ۽ ٻين هڪ هٿين جي منافعن کانسواءِ مافوق يا ماورا منافعا بہ ڦٻائي ويندا آهن. جيتوڻيڪ ٿوري ۽ وچولي تعداد جي حصيدار مالڪن کي آمدني ملندي آهي. پر پرمار ۽ مالياتي سالارن جا بچيل سچيل ٽڪر پور ئي سندن نصيب ۾ ايندا آهن. جڏهن تہ پرماري ۽ مالياتي نانيءَ ويڙهن کي پنهنجي حصيدارين ۽ ٻين قسمن جي هنڌين تي وڏو منافعا ملندا آهن. کين بورڊ جي ڊائريڪٽر ۽ ميمبر جي حيثيت ۾ يا شورا جي شير جي حيثيت ۾ وڏا وڏا پگهار ملندا

آهن. انهيءَ کانسواءِ ڪمپنيءَ جي اهلڪارن کي ڪمپنيءَ جي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان انعام اڪرام ۽ ملندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ادائگيون سندن پگهارن کان ۽ وڌي ويندیون آهن. اها ڳالهه هڪڙي مثال مان واضح ٿي ويندي. هڪ سرگرم سال ۾ جنرل موٽر جي صدر جي پگهار ۾ ٻين انعامن اڪرامن وارين ادائگين کي ملائي اٽڪل طور ڏهه لک ڊالر ٿي ويون هيون. ڪارپوريشنون پرماري ۾ مالياتي خانڊانن جي فردن جي ذاتي خرچن جي هڪ حصي کي ۽ پورو ڪندیون آهن. اندروني ۽ بيروني ملڪن جي سفرن سڙن جا خرچ پکا ۽ پريندیون آهن. کين وڏيون پينشنون ادا ڪنديون آهن ۽ کين گهٽ قيمت تي حصيداريون ڏينديون آهن. بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ته مفت ۾ ۽ ڏئي ڇڏيندیون آهن.

اعزازي منافعو: پرماري نانيءَ ويڙهاڻا بانيڪاري منافعن ۽ اعزازي منافعن جي شڪل ۾ پڻ وڏا وڏا منافعا حاصل ڪندا آهن. منافعن ۾ پائيواريءَ جي نظام وانگر منافعن جي اهڙي صورت پڻ گڏيل سرمائي وارن ڪاروبارن سان واسطو رکندي آهي.

گڏيل سرمائي واري ڪمپني قائم ڪندڙ پرماري گروهه سرمائي جي هڪ خاص مقدار جي سيڙپ ڪندا آهن. فرض ڪجي ٿو ته گڏيل سرمائي واريءَ ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ هڪ ڪروڙ ڊالرن جي لاڳت ڪئي وئي آهي. جنهن تي سال ۾ 16 لک ڊالر منافعو ٿئي ٿو ته اعزازي منافعن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمپنيءَ جا بانيڪار 10 لکن جون حصيداريون جاري ڪندا آهن. جن مان ڪن کي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ وڪرو ڪيو ويندو آهي.

مٿئين مثال مطابق جاري ٿيندڙ هر حصي يا پتيءَ جي قيمت 10 ڊالر آهي. حصيداريءَ جي اها قيمت، حقيقت ۾ سرمائي جي لاڳت جي نمائندگي ڪندي آهي، پر منڊيءَ ۾ انهيءَ جي قيمت 10 ڊالر في

حصيداريءَ جي نہ هوندي آهي. ان جي منڊيءَ جي قيمت جو دارومدار في حصيداريءَ جي منافعي جي ورهاست مطابق هيٺين ريت ٿيندو آهي:

ورهايل منافعو + 100

قرضن تي وياج جي شرح

جيئن تہ سراسري سالياني منافعو 16 لک ڊالر آهي، ان ڪري 10 لکن حصيدارين جو ورهايل منافعو 1.6 ڊالر في حصو ٿئي ٿو. جيڪڏهن قرضن جو وياج 8 سيڪڙو آهي، تہ حصيداريءَ جي تبادلي ۾ متاستا جي شرح 20 ڊالر ٿئي ٿي. 6.+8/100=20

يعني حصيداريءَ جي بازار ۾ يا اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هر حصي جي قيمت 20 ڊالر ٿئي ٿي.

ڪمپنيءَ جي سرگرمين تي گرفت جاري رکڻ لاءِ ان جا بانيڪار مڙئي حصيداريون نہ وڪڻندا آهن، اهي ڪمپنيءَ جون ايتريون حصيداريون پاڻ وٽ رکندا آهن، جيئن ڪمپني سندن هٿ ۾ رهي سگهي. مثال طور: اهي مڙني حصيدارين جي 15 سيڪڙو حصيدارين کي بازار ۾ نہ آڻيندا آهن يعني اهي صرف 850000 حصيداريون جاري ڪري وڪڻندا آهن.

انهن حصيدارين کي بازار جي اڳهہ تي وڪڻي، ڪمپني جا بانيڪار هڪ ڪروڙ ۾ 70 لک ڊالر ڪمائيندا آهن. (20 ڊالر = 850000= 17000000 ڊالر) ابتدائي سرمايو 850000 لکن ڊالرن جو هيو. (10+850000=8500000) انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ انهن حصيدارين کي وڪڻي بانيڪارن 85 لک ڊالر ڪمائي ورتا. (جيئن تہ انهن 85 لکن ڊالرن جي سرمائي جون حصيداريون وڪڻي هڪ ڪروڙ 70 لک ڊالر وصول ڪيا آهن) اهڙيءَ طرح اهي 85 لک ڊالر بانيڪار جي منافعي يا اعزازي منافعي ۾ شمار ٿين ٿا. تنهن ڪري اعزازي منافعي جي وصف هينئن ڪري سگهجي ٿي تہ اهو انهيءَ فرق تي ٻڌل هوندو آهي، جيڪو گڏيل سرمائي وارين ڪارپوريشنن ۾ وقت بوقت سرمائي جي لاڳت ۾ ان جي مجموعي قيمت وارو هوندو آهي، جنهن مطابق سمورين حصيدارين کي بازار ۾ وڪرو

ڪيو ويندو آهي. اهو به هڪ قسم جو سرمائيداري منافعو آهي يعني اها زائد قدر جي هڪ شڪل آهي.

مالياتي يا پرماري نانيءَ ويڙهاپاڻ کي وڏ ۾ وڏ شاهوڪار ڪرڻ لاءِ منافعي جي هن قسم جو گهٽو استعمال ڪندا آهن. تنهن ڪري مورگن ۽ آمريڪي اسٽيل ڪارپوريشن جي بين بانيڪارن ابتدا ۾ انهيءَ اعزازي منافعي جي شڪل ۾ 6 ڪروڙ 20 لک ڊالر ڪمائي ورتا هئا. اعزازي منافعي خوريءَ لاءِ اهو به ڪيو ويندو آهي ته حقيقي سرمائي جي سيڙپ ڪانسواءِ ئي وڏ ۾ وڏ حصيداريون جاري ڪيون ويندیون آهن. ائين انهيءَ صورت ۾ ڪري سگهبو آهي. جڏهن ڪا ڪمپني وڏيڪ منافعو ڏيڻ شروع ڪندي آهي. جيتوڻيڪ هجڻ ته هيئن گهرجي ته حصيداريون رکندڙن کي ورهايل منافعو وڏيڪ ڏنو وڃي. پر ڪمپنيءَ جي انتظاميه پنهنجو فائدو انهيءَ ۾ ڏسندي آهي ته ورهايل منافعي جي شرح ته ساڳي رکي وڃي ۽ وڏيڪ منافعن جي زور تي نيون حصيداريون جاري ڪيون وڃن. اهڙيءَ صورت ۾ نين حصيدارين مان حاصل ٿيندڙ سڄو اعزازي منافعو ڪين ملي ويندو آهي.

چمڪندڙ يا وهندڙ منافعو: حصيداريون جاري ڪرڻ کانسواءِ پرماري نانيءَ ويڙهاسندن يا اقرارنامن جي ڏيتي ليتيءَ مان به گهٽي ئي دولت ميڙي ونڊندا آهن. اهي ننڍين ۽ وچولين ڪمپنين جي حصيدارين جي خريد ۽ فروخت مان به وڏا فائدا حاصل ڪندا آهن. اهي مختلف قسمن جون هنڌيون جاري ڪندا آهن. ۽ انهن کي ورهائيندا ۽ ٻيهر وڪڻندا آهن. اهڙيءَ طرح اهي حڪومتي وارڪير ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪندا آهن. اهي پرماري نانيءَ ويڙهااقرارنامن جي ڏيتي ليتي ڪرڻ وقت، انهن اقرارنامن کي تمام ٿوري اگهه تي خريد ڪندا آهن ۽ پوءِ تمام وڏي اگهه تي وڪڻندا آهن. حصيدارين جي قيمت وارو اهو فرق، پرماري نانيءَ ويڙهن جو چمڪندڙ منافعو سڏبو آهي. اهو منافعو انهيءَ ڏيتي ليتيءَ کان گهٽو هوندو آهي، جنهن لاءِ حڪومتي قرض ورتا ويندا آهن. جڏهن ڪو

هڪ ملڪ، ٻئي ملڪ کي قرض ڏيندو آهي تہ انهيءَ قرض جي ڪل رقم جو 10 کان 20 سيڪڙو حصو بئنڪن ۽ وچ وارن ٻين مالياتي ادارن کي ملندو آهي.

سڌي بازيءَ جو منافعو: اقرارنامن وارو سڌو يا سڌي بازيءَ پرماري نانيءَ ويڑهن جي بي انداز منافعن جو هڪ ذريعو آهي. جيتوڻيڪ ننڍا توڙي ٻنهن قسمن جا سرمائيدار راتو رات منافعا ٺاهي سگهندا آهن، پوءِ وڏن منافعن ڪمائڻ جو موقعو رڳو وڏن مالياتي سالارن کي ملندو آهي، ڪو اڌ صدي کن اڳ، مشهور هندستاني سياستدان جواهر لال نهرو لکي ٿو تہ: "وڏي سرمائي وارڦير ڏاڍي شڪي هوندي آهي. جنهن ۾ ڏاڍا ۽ دوکا عام هوندا آهن. فرق جي رڳو اهو هوندو آهي تہ انهيءَ ڪارگذاري جي عمل جو دائرو گهڻو وسيع هوندو آهي." (جواهر لال نهرو ڪليڪٽس فرام ورلڊ هسٽري، "عالمي تاريخ جون جهلڪيون" لنڊن ڪان برمنڊ لميٽيڊ لنڊن، 1949ع ص 905)

وڏي سرمائي جا مالڪ سڌي ۾ ان ڪري ڪامياب ويندا آهن، جو کين قومي معيشيت ۾ مٿاهين حيثيت حاصل هوندي آهي ۽ اهي ڦيرين گهيرين کان چگهيءَ ريت واقف هوندا آهن، تنهن ڪري اهي اهڙين ڪمپنين جي اقرارنامن کي ٻين کان اڳ ۾ وڪڻي چڏيندا آهن، جن جي مالي حالت خراب ٽيڙ واري هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو انهن اقرارنامن يا ضمانتي سندن جي متاسڻا جي شرح جي ڪرڙ وارن نقصانن کان بچي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح ٻئي طرح وڏن سڌي بازن کي ٻين کان اڳ ۾ خبر پئجي ويندي آهي تہ ڪهڙين ڪمپنين جي مالي حالت سڌري رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهي، انهيءَ ڪمپنيءَ جي ضمانتي گهٽ کي سندي اگهہ تي خريد ڪري ۽ پوءِ وڏن اگهن تي وڪڻي چڏيندا آهن.

رڳو اهو نہ پر اهي وڏا سڌي باز مالياتي گروهہ، پنهنجي مقابلي ۾ بيئل سڌي بازن کي کليو کلايو ڏوڪا بہ ڏيندا آهن. اهي پاڻ ڪنهن ڪارخاني تي سڌي کيڏڻ جو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ، انهيءَ جي خراب

مالي حالت جي باري ۾ ڪوڙا افواهه ۽ ڦهلائيندا آهن. جنهن جي ڪري ڊپ ۾ ورتل حصيدار پنهنجا اقرارناما وڪڙڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن. نتيجي ۾ انهن اقرارنامن جي مٽاسٽا جي شرح تمام تيزيءَ سان ڪرڻ لڳندي آهي. جڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ جون حصيداريون تمام هيٺين سطح تائين ڪري پونديون آهن، تہ سٽي باز انهن حصيدارين کي وڏي تعداد ۾ خريد ڪندا آهن. ان کان هڪدم پوءِ اهو مشهور ڪرايو ويندو آهي تہ ڪمپنيءَ جي خراب مالي حالت بابت افواهه ڪوڙا ءِ بي بنياد هئا. اهڙيءَ صورت ۾ ان جي مٽاسٽا جي شرح هڪدم وڌڻ لڳندي آهي. جڏهن اها پنهنجي مٽاهين ليول تي پهچندي آهي، تہ سٽي باز ان کي وڪڻي ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح وارين ڏوکي بازين کي سٽي بازن جي زبان ۾ "ردِ جو مٽو ڪوڙڻ" يا "هٽ جي صفائي" سڏبو آهي، سو اهي طور طريقا آهن، جن جي ذريعي پرماري ناٽو وڏي ۾ وڏو منافعو ڪمائيندو آهي.

آمريڪي ارب پتي 'رچرڊ چنيدلر ميلن' جي ڄاتل سڃاتل ڪاروباري صنعت بازي اهڙي قسم جي سٽي باز منافعي خوريءَ جو سڀ مثال آهي. جولاءِ 1961ع ۾ ميلن پنهنجي ڪمپنيءَ گلف آئل جا 400000 لک حصيداريون وڪيون. جنهن ڪري سٽي بازن ۾ خوف پکڙجي ويو ۽ حصيدارن ۾ افواهه ڦهلجي ويو تہ گلف آئل مالي طور تي تباهه ٿي رهي آهي. جنهن ڪري اهي ڪمپنيءَ جون حصيداريون وڪڻڻ جي پٽيان پئجي ويا آهن. ميلن اهي سڀ حصيداريون خريد ڪري ورتيون. صرف انهيءَ هڪڙي ڪم مان چند ڪلاڪن جي اندر هن هڪ ڪروڙ 60 لک ڊالر روڙي ورتا.

زمين جي سٽي بازي: اهي مالياتي گروهه زمين جي سٽي بازيءَ مان بہ وڏا وڏا نفعا ڪمائيندا آهن. اهي تيزيءَ سان وڌندڙ شهرن جي آس پاس واري اهڙي زمين نهايت سستن اگهن تي خريد ڪندا ويندا آهن، جتان تيل يا ٻين معدني وسيلن جي نڪرڻ جو امڪان هوندو آهي. وقت ڦرڻ سان گڏوگڏ انهيءَ زمين جي قيمت ڏهوڻ تي بلڪ ڪڏهن تہ سؤڻ تي وڏي

ويندي آهي. اهڙيءَ طرح اهي مالياتي خاندان انهيءَ زمين کي نون اگهن تي وڪڻي وڏو منافعو ڪمائيندا آهن.

1948ع ۾ آمريڪي ڪروڙ پتي 'رابرٽ اسمٿ' ڏورن جي واڻن ۽ چراگاهن لاءِ 200 ڊالر ايڪڙ جي حساب سان زمين خريد ڪئي هئي. ان کان پوءِ انهيءَ زمين جي قيمت وڌي 4000 ڊالر في ايڪڙ ٿي وئي ۽ هاڻ ان جي جاگير جي قيمت 90 ڪروڙن جي آهي. هڪ ٻيءَ آمريڪي ڪروڙ پتيءَ لاس اينجلس وٽ زمين خريد ڪئي. جيڪا انهيءَ صديءَ جي اوائل ۾ هڪ ننڍي ڳوٺاڑي جي ايراضيءَ تي ٻڌل هئي. وقت جي گذرڻ سان اهو آمريڪا جو هڪ وڏو شهر بنجي ويو. نتيجي ۾ زمين جي خريد ۾ سيڙايل سرمائي جي هڪ ڊالر جي عيوض ۾ هن 1000 ڊالر ڪمايا ۽ ڪيس 10 ارب ڊالرن کان وڌيڪ منافعو ٿيو.

ايتري تائين جو هاڻ تہ چند ۽ ٻين آسماني گرهن تي زمين جي خريديءَ تي ستي بازي ڪئي پئي وڃي. جيڪي آمريڪي واپارين جي منافعن جو هڪ وڏو ذريعو ٿي پيا آهن. 1983ع ۾ انهن پڇڙ تارن، ستارن ۽ گرهن کي وڪري لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. هڪ خاص رقم ڏيڻ کان پوءِ اهو شخص ڪنهن بہ آسماني گرهہ کي پنهنجي ڪنهن مائٽ، ڄاڻو سڃاڻو يا محبوب جي نالي ڪرائي سگهي ٿو. اهو عجيب ۽ غريب واپار ايترو تہ وڏي ويو آهي جو آمريڪي فلڪيات جي ماهرن جي تنظيم کي انهيءَ سلسلي ۾ مداخلت ڪرڻي پئجي وئي آهي. جڏهن تہ فلڪيات جي ماهرن جي بين الاقوامي تنظيم کي ئي اهو حق آهي تہ اهي خلائي گرهن کي ڪوبہ نالو ڏئي سگهن. جيڪو حق ناقابل خريد آهي. پوءِ بہ معاملو جڏهن منافعي خوري تي پهچي ٿو تہ سرمائيدارن لاءِ اهڙي قسم جون تشريحون ۽ تاويلون ڪوبہ وزن نٿيون رکن. تنهن ڪري خلائي گرهن جو واپار اڄا بہ ڏام ڏومر سان هلي رهيو آهي.

منافعي خوريءَ جي واڌاري لاءِ سرمائي جي روانگي

زائد قدر جي واڌاري لاءِ سرمائي جي روانگي: اجاريداري منافعن لاءِ بئنڪن ۾ صنعتي اجاريدارين جي لالچ ۽ لوڀ پوري ٽيڙ جي ڪو نہ آهي. پوءِ بہ ڪنهن بہ معيشيت ۾ مالياتي سرمائي جي واڌويجهہ جي گنجائش ٿوري هوندي آهي. وڌندڙ مهانگائي ۽ ناڻي جو ڦهلاءُ قومي منڊيءَ ۾ ڪپت کي گهٽائي محدود ڪري ڇڏيندي آهي. ٻئي پاسي وري، پورهيتن جي بنيادي حقن جي خلاف ورزين جي هڪ حد ٽئي ٽي، تنهن کان سواءِ خود اجاريدارين جي وچ واري ڇڪتاڻ ۽ مقابلي بازي بہ تيز ۽ تکي ٿيندي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح اجاريدارين ۽ نالي ۾ نهال ڏرين جي وچ واري ڇڪتاڻ بہ انهن حدن کي مقرر ڪندي آهي. انهن مڙني ڳالهين جي نتيجي ۾ سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ اهڙي سرمائي جي جوڙجڪ ۽ واڌويجهہ ٿيندي آهي. جيڪو اجاريدارين جي پنهنجي خيال کان نفعي بخش طريقي تي پنهنجي ملڪ جي اندر سيڙائي نٿو سگهجي، جڏهن تہ سرمائي جا مالڪ اجاريداري منافعن جا ڳولائو هوندا آهن، پر کين پنهنجي ملڪ جي اندر منافعن جي ڪمائي جا وڌيڪ موقعا نہ هوندا آهن.

تہ پوءِ اهڙيءَ صورتحال کان بچڻ جو ڪهڙو رستو آهي ۽ صنعتي اجاريدارن ۽ بئنڪارن کي اهو رستو ملڪ کان ٻاهر منافعي واريءَ سرمائيداريءَ ۾ نظر ايندو آهي، جنهن لاءِ اهي بين الاقوامي ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ بين ملڪن جي دولت حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳندا آهن. اهي سرمائيدار دنيا ۾ بين الاقوامي مالياتي سرمائي جي ڳانڍاپي

جو هڪ اهڙو ڇار وڇائيندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ مڙئي ملڪ انهيءَ ڇار ۾ سلهاڙجي ويندا آهن. اجاريداريون پنهنجي واڌو سرمائي کي بين اهڙن ملڪن ڏي موڪلي ڏيندیون آهن. جتان وڌ ۾ وڌ زائد قدر ميڙي سگهجي ٿو. اها سرمائي جي روانگي هزارين پيرا ورجائي ويندي آهي. تنهن ڪري سرمائي جي روانگي اڇوڪي زندگيءَ جي روزمره جو معمول ٿي ويو آهي. ڇاڪاڻ ته سامراجيت ۾ سرمائي جي روانگيءَ جو دائرو شين جي مال روانگي کان وڌيڪ وسيع ۽ ويڪرو ٿي ويو آهي.

اجاريداريون پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي پورهيت جي پيدا ڪيل زائد قدر کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ ٺهيل مال جي روانگي ڪندیون آهن. جڏهن ته سرمائي جي روانگي هڪ ٻئي مقصد جو پورائو به ڪري ٿي يعني اهڙيءَ طرح اها قدر جي روانگي هوندي آهي، جيڪا ملڪ کان ٻاهر زائد قدر جي پيدائش جو بندوبست ڪندي آهي. جنهن ملڪ ۾ سرمايو نيو ويندو آهي. انهيءَ ملڪ جي پورهيت جو استحصال ئي انهيءَ زائد قدر جو سرچشمو هوندو آهي.

تنهن ڪري سرمائي جي روانگي اصل ۾ زائد قدر جي وسعت کي انهيءَ ملڪ جي سرحدن کان ٻاهر تائين ڦهلائي ڇڏيندي آهي. جنهن ملڪ مان انهيءَ سرمائي جي روانگي ٿيندي آهي. اها روانگي، اصل ۾ انهيءَ ڳالهه جو ثبوت هوندي آهي ته مالياتي، سرمايو هڪ ملڪ ۽ قوم کان وڌيڪ بلڪ ڪيئي ملڪن ۽ قومن مان زائد قدر هٿ ڪري ايندو آهي. اهڙي طرح انهيءَ سرمائي جي روانگيءَ سان ڪيترن ئي سامراجي ملڪن ۽ قومن جو اجاريداريون ڏرتي جي گولي تي رهندڙ مختلف ملڪن ۽ قومن جي ڪروڙين پورهيت عوام جو استحصال ڪندیون آهن. انهيءَ عالمگير لٽ مار ۽ غارتگريءَ ۾ رڌل اجاريداريون پنهنجي ملڪ جي رياستي سرحدن کان هٿي ڪري ٻين ملڪن ۽ قومن جي رياستي خودمختياريءَ توڙي قومي ۽ عوامي حقن جي ڪابه پرواهه نه ڪندیون آهن. اهي هر انهيءَ هنڌ سرمائيڪاري ڪندیون آهن، جنهن جتي هڪ هٿي منافعن ملڻ جي اميد هوندي آهي ۽ جتان اهي بي رحميءَ

سان پورهيت عوام جو استحصال ڪري، وڌ ۾ وڌ شاهوڪار ٿي سگهنديون آهن.

سرمائي جي روانگي، اجاريدارين جي بين الاقوامي حيثيت کي مضبوط ۽ سگهارو بہ ڪندي آهي. نون آزاد ٿيل ملڪن ۽ قومن کي سامراجي قومن جي قبضي ۾ رکڻ لاءِ بہ سرمائي جي روانگي ڪئي ويندي آهي. تہ جيئن اهي ملڪ ۽ قومون پنهنجي آزاد ترقيءَ جي واٽ ونڻ نہ سگهن. ڇاڪاڻ تہ سرمائي جي روانگي انهن ملڪن جي زائدقدر جي لُٽ مار ۽ سامراجي استحصال کي وڌائڻ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪندي آهي.

سرمائيڪاريءَ لاءِ علائقائي ڇڪتاڻ: جيئن تہ سرمائي جي روانگيءَ سان خيالن ۽ خوابن جي منافعن واري دنيا وابستہ هوندي آهي، ان ڪري سرمائيدار دنيا ۾ سرمائي جي روانگيءَ لاءِ خوفناڪ ڇڪتاڻ فطري هوندي آهي. اهڙي قسم جي سيڙ کان وڌيڪ منافعي خور علائقن جي حاصلات لاءِ سامراجي طاقتون ۽ ٻيون اهم ترين اجاريداريون پاڻ ۾ ٻکيل رهنديون آهن. اهي پرڏيهي ملڪن ۾ سرمائيڪاريءَ جي مقدار ۽ مخالفن کي پوئتي ڌڪڻ ۽ منافعي بخش ڪاروبار ۾ اڳواڻي ڪرڻ لاءِ سرگردان رهنديون آهن. ضرورت پوڻ تي اهي جنگي ڪارروائين ڪرڻ جون ڌمڪيون بہ ڏينديون آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن باقائدي جنگي صورتحال کي پيدا ڪري بہ ايندیون آهن. اهڙين مڙني حرڪت بازين جي نتيجي ۾ عالمي جنگ جو خوف ۽ خطرو وڌي وڃي ٿو.

ابتدا ۾ برطانيا سرمائي جي روانگيءَ ۾ سيني کان اڳيرو هو. 1914ع تائين ان جي پرڏيهي سرمائيڪاري 18 ارب ڊالرن تائين وڃي رسي هئي ۽ اها سامراجي قومن جي سمنڊ پار واريءَ سرمائيڪاريءَ جي ڪل مقدار جو 40 سيڪڙو هئي. نتيجي ۾ سرمائي جي روانگيءَ مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي سيڙ کان وڌي حصي کي برطانوي سرمائيدار ئي ڇڙڪائي ويندو هو.

ٻيءَ مهاڀاري جنگ کان پوءِ آمريڪا سرمائي جي روانگيءَ ۾ ٻين سڀني کان گوءِ کٽي ويو. 1950ع ۽ 1960ع جي ڏهاڪن جي دوران سامراجي ملڪن ۽ قومن جي ڪل سرمائيڪاري مقدار جو اڌ کان وڌيڪ حصو آمريڪي روانگيءَ وارو سرمايو هو. اهڙيءَ طرح 1970ع ۽ 1980ع جي ڏهاڪن ۾ سرمائي جي روانگيءَ جي ذريعي زائد قدر جي حاصلات واري ڇڪتاڻ اڃان بہ خوفناڪ ٿي وئي. 1967ع کان 1981ع تائين آمريڪا جي اڪثريتي سرمائيڪاري 65.6 ارب ڊالرن مان وڌي ڇڪ تي. 227.3 ارب ڊالر ٿي وئي. پر پوءِ 1981ع تائين پرڏيهي سرمائيڪاريءَ جي مقدار ۾ آمريڪي سرمائيڪاريءَ جو تناسب گهٽجي 45 سيڪڙي تي وڃي بيٺو. جڏهن 1967ع کان 1978ع تائين مشرقي جرمنيءَ جو حصو 2.6 سيڪڙي مان وڌي 8.15 سيڪڙو سئيزرلينڊ جو 37. مان وڌي 7.5 سيڪڙو ۽ جپان جو 1.4 مان وڌي 2.6 سيڪڙو ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح 1960ع جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ 1970ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ ڪن ترقي پذير ملڪن بہ سرمائي جي روانگي شروع ڪري ڇڏي هئي. هندستاني هڪ هٽيون، اهڙين پهرين هڪ هٽين ۾ شامل هيون. 1981ع جي پڇاڙيءَ تائين هندستاني هڪ هٽيون 125 پرڏيهي ملڪن جي ڪارخانن ۾ سرمائيڪاري ڪري چڪيون هيون، جڏهن تہ 97 ڪارخانا اڏاوت هيٺ هئا. انهيءَ وقت ۾ برازيل ۽ فلپائين جون اجاريداريون بہ سرمايو ٻاهر موڪلي رهيون هيون. 1970ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ تيل پيدا ڪندڙ ملڪ، خاص ڪري سعودي عرب ۽ ڪوويت بہ سرمايو ٻاهر موڪلڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. نتيجي ۾ انهيءَ وقت تائين ترقي پذير ملڪن جي اهڙين فرمن جو تعداد هڪ هزار کي پهچي ويو هو. جن پرڏيهي ملڪن ۾ اڪثر ڪري سرمائيڪاري ڪئي هئي. اهي ملڪ هڪ سال ۾ 50 ڪروڙ ڊالرن جي، پرڏيهي ملڪن ۾ سرمائيڪاري ڪن ٿا.

جيتوڻيڪ هن وقت ترقي پذير ملڪ بہ سرمائي جي روانگيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، پر ان ميدان ۾ سندن ڪردار ڪو ايڏو وڏو ڪونہ آهي.

سامراجي قومون ايجا بہ پاڻ وٽ سرمائي جي سرواٽي رکن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ پرڏيهي ملڪن ۾ زائد قدر جي لٽ مار ۾ انهن جو سرمايو ايترو گهٽو آهي، جو ان جو رڳو خيال بہ مٿو ڦيرائي ٿو ڇڏي. جڏهن تہ 1914ع ۾ انهيءَ جو ڪل مقدار 46 ارب ڊالر هيو ۽ 1971ع ۾ رڳو پرڏيهي سرمائيڪارين 500 ارب ڊالرن کي وڃي پهتيون هيون.

سرمائي جي روانگيءَ جي مقدار جي هن واڌاري جي نتيجي ۾ اجاريداري سرمائيڪارين جي بنيادي پاسن ۾ بہ ڦيرو اچي ويو آهي. هن صديءَ جي اوائل ۾ اجارين جي هاهر موڪليل سرمائي جو وڏو حصو نيڪن ۽ والار هيٺ آيل ملڪن ۾ لڳايو ويندو هو. پر جڏهن اڳوڻين بينڪن ۽ جديد بينڪن جي عوام آزاد معاشي ترقيءَ جي واٽ ورتي آهي، تڏهن کان سامراجي قومن کي گهبراهٽ لاحق ٿي پئي آهي. کين انهيءَ ڊپ ورائي ورتو آهي تہ وڌندڙ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي نتيجي ۾ ڪٿي اهي پنهنجو سرمايو وڃائي نہ ويهي رهن! جنهن جي ڪري انهن هاڻ وري صنعتي طور تي سڌريل ملڪن ۾ سرمائي جي روانگي کي همٿايو آهي ۽ نتيجي ۾ اهي ئي هنڌ باهرينءَ سرمائيڪاريءَ جا اهم ترين ميدان ٿي پيا آهن.

جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ پرڏيهي سرمائيڪاريءَ جي وڏي حصي جو رخ، صنعتي طور سڌريل ملڪن ڏي موڙي ويو آهي، پر ان جو مطلب بہ اهو بہ ڪونهي تہ سامراجي ملڪن ۽ قومن ترقي پذير ملڪن ڏانهن سرمائي جي روانگيءَ کي روڪي ڇڏيو آهي. مالياتي سرمايو نون ڄاول ترقي پذير ملڪن مان زائد قدر جي روڙ ڪرڻ واري انهيءَ طريقي کي اڄ بہ وڏي پئماني تي منافعي خوري لاءِ جاري رکيو اچي ٿو. 1970ع جي سڄي ڏهاڪي جي دوران ترقي پذير ملڪن ۾ پرڏيهي گهٽائي واريون سرمائيڪاريون 15 سيڪڙو وڌيون هيون، انهن سرمائيڪارين ۾ آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي اجاريدارين جو حصو 50 سيڪڙو، اولهہ يورپ جو 38 سيڪڙو ۽ جاپان جو 10 سيڪڙو هو.

سرمائي جي روانگي ۽ ڪاروباري منافعو: سرمائي جي روانگيءَ مان گھٽئي ڪم وٺي سگھجن ٿا. ان ڪري ان جي ذريعي حاصل ٿيندڙ زائد قدر جون شڪليون به گھٽئي ٿين ٿيون. هڪ هٽين جي گھٽائي پرڏيھي ملڪن ۾ پنھنجي سرمائي کي بطور پيداواري سرمائي جي لڳائيندڙيون آھن. روانگيءَ واري سرمائي مان نون ڪارخانن جي اڏاوت ڪئي ويندي آھي. ٻيءَ صورت ۾ پائيواريءَ واريون ذيلي شاخون ۽ بئنڪون قائم ڪيون ويندڙيون آھن. جن کي سرمائيڪاري ڪندڙ فرمون ھلائيندڙيون آھن. مالي وسيلن جي هڪ حصي مان ھلندڙ ڪارخانا خريد ڪيا ويندا آھن ۽ ٻئي حصي کي انھن جي واڌاري ۽ سڌاري تي خرچ ڪيو ويندو آھي. آخر ۾ پرڏيھي ناڻي جي سيڙپ سان گڏيل ڪاروبار شروع ڪيا ويندا آھن. جيڪي پرڏيھي سرمائي ۽ ڏيھي سرمائيدارن جي گڏيل ملڪيت هوندا آھن. اجاريداريون پرڏيھي ملڪن ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ وقت، گھڻو ڪري پرڏيھي ملڪن جي ڪاروبار تي مڪمل قبضو ڪري وٺنديون آھن. جن کي گھٽائي واريون سرمائيڪاريون سڏبو آھي، جنھن موجب سرمايو ڪارخاني جي حصيدارين جو ايترو حصو پنھنجي قبضي ۾ ڪندو آھي، جنھن جي ذريعي ان تي ڪنٽرول رکي سگھجي. جنھن جي نتيجي ۾ سرمائيڪار کي گھربل ڪارخاني جو انتظام ھلائڻ جو حق حاصل ھوندو آھي. پرڏيھي سرمائيڪارين جو هڪ ٻيو قسم ٺورائي واريون سرمائيڪاريون ھوندو آھي. انھيءَ قسم واري سرمائيڪاري پرڏيھي ملڪن جي ڪاروبار تي مڪمل ڪنٽرول رکي نه سگھندي آھي. بلڪ اھا صرف جزوي ملڪيت جي حقدار ھوندي آھي. اجاريداريون پرڏيھن ملڪن جي سرمائيڪارين مان تمام گھڻو منافعو حاصل ڪنديون آھن. خاص ڪري کين ترقي پذير ملڪن جي سرمائيڪارين مان وڌيڪ منافعو ملندو آھي، ڇاڪاڻ ته انھن ملڪن ۾ سستي ڪچي مال توڙي سستي پورهيي جي ڪري کين سرمائيڪاري لاءِ سڀ کان وڌيڪ سازگار حالتون ملنديون آھن.

ڪچو مال ان ڪري سستو هوندو آهي، جو ان مان گھٽو تڻو مال ترقي پذير ملڪن مان ئي نڪرندو آهي، ان ڪري ان جي نيڪال تي وڌيڪ لاڳت نہ ايندي آهي، ڏيهي حالتن جي ڪري پورهيو بہ سستو هوندو آهي. انهيءَ سستائي جو بنيادي سبب اهو هوندو آهي تہ بينڪي ملڪن ۾ سندن ضرورتن جي ليول کي تمام هيٺاهون رکيو ويو هو. ان کان سواءِ اتي روايتي طور صنعت ۽ زراعت جو تمام گھاٽو رابطو رهيو آهي، عام طور تي اتان جو پورهيت خاندان پاڻ پريءَ معيشيت جو رهندڙ هوندو آهي ۽ پنهنجي گذر سفر لاءِ پيداوار جي هڪ حصي کي پاڻ پيدا ڪندو آهي.

ترقي پذير ملڪن ۾ پورهيي جي قيمت اڳ ۾ ئي گھٽ هوندي آهي، پر ڪارخانيدار پورهيت کي ان کان بہ گھٽ اجرت ڏيندا آهن، جنهن جو بنيادي سبب اهو هوندو آهي جو اتي وڏي پئماني تي بيروزگاريءَ جو ڏپاءُ هوندو آهي، انهن ملڪن ۾ اڃوڪي دؤر ۾ ڪل تندرست ۽ تواني روزگار جوڳيءَ آبادي ۽ جو ٽيون حصو يا تہ بيروزگار آهي يا جھڙي تھڙي روزگار وارو آهي. جيئن تہ ڪيترن ئي ترقي پذير ملڪن ۾ ٽريڊ يونينون اڃا تائين هيڻيءَ حالت ۾ آهن، ان ڪري اهي پورهيت طبقي جي حقن جو صحيح بچاءُ ڪري نٿيون سگھن. پرڏيهي سرمائيدار ترقي پذير ملڪن جي پورهيت کي اڻ پوريون اجرتون ڏيندا آهن، ۽ تمام ڏاڍائي سان انهن جي ڦرمار ڪندا آهن، جڏهن تہ پرڏيهي ڪارخانن ۾ ڏاڙي ڪم ڪار جو وقت، سڌريل سرمائيدار ملڪن جي پيٽ ۾ گھٽو وڌيڪ آهي. اتي ڏاڙي ڪم ڪار جي وقت کان سواءِ واڌو وقت ۾ بہ چگو پيلو ڪم ورتو ويندو آهي، انهن ڪارخانن ۾ ڏيهي ڪارخانن جي پيٽ ۾ پورهيي جي شدت بہ گھٽي سخت هوندي آهي. سڌريل سرمائيدار ملڪن مان آندل ٽيڪنڪي سامان جي ذريعي پرڏيهي سرمائيدار پورهيي کي ايترو تہ تيز رفتار ڪري ڇڏيندو آهي، جنهن کان ڏيهي ماڻهو اڻ واقف هوندا آهن. انهن سيني ڳالهين جي نتيجي ۾ ترقي پذير ملڪن جي پورهيت طبقي جي استحصال جي شدت ۽ ڏاڍائي ۾ انتهائي واڌ اچي ويندي آهي.

اهڙيءَ طرح پرڏيهي سرمايو ڏيهي ملڪن مان تمام بي انداز وافر منافعي جو فصل لٽندو آهي. ڏيهي سرمائيدارن جي ڪارخانن جي پيٽ ۾ پرڏيهي سرمائيدارن جي ڪارخانن ۾ پورهيي جي پيداوار ۽ تمام گهٽي ٽيندي آهي. نتيجي ۾ پرڏيهي سرمائيدار ڏيهي منڊيءَ ۾ پنهنجي پيداوار جي وڪري جي ذريعي تمام گهٽو وافر منافعو حاصل ڪندا آهن.

قيمتن جي اجاريداري ۽ مقرري ۽ پرڏيهي سرمائي جي واڌ جو هڪ اهم ذريعو هوندي آهي. پرڏيهي پرماري هڪ هٿيون. ڏيهي شين کي اجاريداري قيمتن تي خريد ڪنديون آهن ۽ پنهنجي پيداوار کي وڌيڪ اجاريداري قيمتن تي وڪرو ڪنديون آهن. اهڙيءَ طرح اهي معيشيت جي بين حلقن ۾ پيدا ٽيندڙ زائد قدر کي هٿ ڪنديون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ يا ڏس ۾ هارين پاران پيدا ٽيل قدر توڙي هنرمندن ۽ ڏيهي سرمائيدارن جي ڪارخانن ۾ پيدا ٽيندڙ زائد قدر ۽ شامل هوندو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو ترقي پذير ملڪن ۾ پرڏيهي سرمائي جي لاڳت ۽ واڌ قدر جي ڦرمار جي هڪ وسيع ۽ ويڪري نظام مان وڏو فائدو ماڻيندي آهي. اها پرماري هڪ هٿين کي انهيءَ جي قابل ڪندي آهي ته جيئن اهي بي انداز ڪارخانن جي منافعي جو فصل لٽي سگهن.

اهڙيءَ طرح انهن ڪارخانن جو سڄو سرمايو پرڏيهي سرمائيدار ته پاڻ سان گڏ کڻي ويندو آهي. جنهن جو اهو اڪيلو مختيار ۽ مالڪ هوندو آهي. پر جيڪڏهن پرڏيهي سرمائيدار ڏيهي سرمائيدار سان پائيوار هوندو آهي. تڏهن ۽ اهو ڪارخانن جي منافعي جو هڪ وڏو حصو هڙپ ڪري ويندو آهي. اهو انهيءَ ڪري جو وٽس هر قسم جي قوت هوندي آهي. معاشي قوت. همه گير قوت ۽ اهم ترين سامراجي قومن جي پرماري گروهن سان بين الاقوامي ڳانڍاپا هن جي پٽيرائي ڪندڙ هوندا آهن.

سرمائي جي روانگي ۽ قرضن جو وياج: سرمائي کي قرض جي صورتن ۾ ٻاهر موڪليو ويندو آهي. خاص ڪري حڪومتي ۽ خانگي قرض جي صورت ۾ ـ قرضن جي هڪ ٻي صورت اوڏر واريون خريداريون هونديون

آهن. يعني سامان سڙي جي خريداريءَ لاءِ اوڏر ڏني ويندي آهي. پرڏيهي بئنڪن ۾ عام رواجي ڪاتو ڪولي بہ اوڏر واري سرمائي کي ٻاهر موڪليو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح انهن بئنڪن جو سرمايو وڌي ويندو آهي ۽ پوءِ اهي پرڏيهي ملڪن ۾ وڏيڪ وسيع انداز ۾ ۽ وڏيڪ فائديمند طريقي سان ڏيتي ليتي ڪري سگهندا آهن.

سامراجي قومون، پوئتي پيل قومن ۾ اوڏر واري سرمائي جي روانگيءَ کي لاڳيتو وڌائيندڙ ويندڙ آهن. 1979ع ۾ انهن ملڪن ۽ قومن کي ڪل ڏنل قرضن جو مقدار صنعتن ۾ سرمائيڪاري واري سرمايي کان گهٽو وڌيڪ هو. ڇاڪاڻ تہ اهي قرض، پيداواري شعبي ۾ سرمائيڪاريءَ کان وڌيڪ فائدي وارا هوندا آهن. اهڙيءَ طرح اڄ ڪلهہ قرض ونندڙ ملڪن ۽ قومن مان پورهيت طبقي جي لٽ مار ۽ استحصال جي نتيجي ۾ قرض تي وڌيڪ وياج ملي ٿو. 1981ع ۾ تيل کي ڏيساور موڪلينڊڙ ملڪن کان سواءِ باقي سيني ترقي پذير ملڪن مان پرڏيهي سرمائي جيڪو ڪل منافعو ڪمايو هو. انهيءَ جو 90 سيڪڙو حصو وياج جي ادائگين جي صورت ۾ مليو هو.

سرمائي جي روانگيءَ جي وڏندڙ نفعي خوري: سامراجي قومن جا پرماري (مالياتي) نانيءَ ويڙهيا مختلف صورتن ۾ سرمائي جي روانگي ڪندا آهن. انهيءَ روانگيءَ جون سموريون صورتون بي انداز منافعي ڏيڻ کان پوءِ لکين هٿ ايندڙ زائد قدر ۾ اضافو ڪنديون آهن. خود سامراجي ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر ۾ اضافو ڪنديون آهن. خود سامراجي ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر کانسواءِ انهيءَ زائد قدر جا انبار بہ ٿين ٿا. جن کي سامراجي ملڪن جي هٿان استحصال جي شڪار ملڪن مان حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو سخت شديد ترين استحصال ۽ ڦرمار نون آزاد ملڪن کي ڏاڍو نقصان ڏيندو آهي. سرمائي جي روانگيءَ مان آمدنين جي وڌڻ جو اندازو ڪرڻ لاءِ سرمائي جي روانگيءَ جي منافعي خوريءَ جي آمريڪي انگن اکرن تي نظر وجهڻ ضروري آهي. 1966ع کان

1980ع جي پندرهن سالن ۾ پرڏيهي ملڪن ۾ ڪيل سرمائيڪارين جي گهٽائي 3.5 ارب ڊالرن مان وڌي 20.1 ارب ڊالر ٿي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪي پرماري هڪ هٿين کي 140 ارب ڊالر وصول ٿيا. جڏهن ته ترقي پذير ملڪن کي ملندڙ ڪل روانگي سرمايو انهيءَ انگ کان ڪو ٿورو ئي وڌيڪ هو. ترقي پذير ملڪن ڏي روانگيءَ واري سرمائي تي ترقي يافته ملڪن ڏي روانگيءَ واري سرمائي جي پيٽ ۾ نفعو وڌيڪ ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو 1979ع ۾ ترقي پذير ملڪن ۾ خانگي سرمائيڪارين جي گهٽائي تي 29.5 سيڪڙي جي شرح جي حساب سان منافعو ٿيو هو جڏهن ته ترقي يافته ملڪن جي منافعي جي شرح 177 سيڪڙو هئي. ڇاڪاڻ ته ترقي پذير ملڪن ۾ اڪثر سرمائيڪاري مجموعي سرمائيڪاريءَ جو 20 کان 25 سيڪڙو منافعو ڏيندي آهي.

منتقل ٿيندڙ منافعن مان نئين سرمائيڪاري: سرمائي جي روانگيءَ مان حاصل ٿيندڙ منافعن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو جنهن مان هڪ حصي کي سرمائي جا مالڪ، پنهنجي مادري ملڪ ۾ منتقل ڪندا آهن، ۽ ٻئي حصي کي پيداوار ڪري ڏيندڙ ملڪ ۾ ٻيهر سرمائيڪاريءَ لاءِ رکندا آهن. روانگيءَ واري سرمائي جي منافعن مان، جيڪا سرمائيڪاري ڪئي ويندي آهي، انهيءَ کي منافعن جي نئين سر سرمائيڪاري چئبو آهي. پرماري اجاريداريون ترقي پذير ملڪن مان ڪمايل منافعن جي هڪ وڏي حصي کي پنهنجي ملڪ ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، جنهن مان پوئتي پيل ملڪن جي معيشيت کي ڪاپاري نقصان رسندو آهي. 1971ع ۽ 1978ع جي دوران 62 ترقي پذير ملڪن مان 85.4 ارب ڊالر سرمايو ٻاهر منتقل ڪيو ويو هو جيڪا رقم انهن ملڪن ۾ ٿيندڙ نئين سرمائيڪار کان 2.5هوڻ تي وڌيڪ هئي.

سڀ کان وڌيڪ سرمايو آمريڪا منتقل ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ئي ملڪ نئين آزاد رياستن جو سڀ کان وڌيڪ استحصال ڪندو آهي. 1973ع کان 1981ع جي عرصي ۾ 160 ارب ڊالرن کان وڌيڪ سرمايو ترقي پذير ملڪن مان آمريڪا آندو ويو هو.

اهڙيءَ طرح سرمائيدار دنيا ۾ منافعن جي نئين سرمائيڪاري ۽ تمام وڏي پيماني تي ٿي رهي آهي. 1960ع کان 1981ع تائين آمريڪي پرماري هڪ هٿين، ترقي پذير ملڪن ۾ 29 ارب ڊالرن کان وڌيڪ جي نئين سر سرمائيڪار ڪئي؛ 1980ع ۾ آمريڪا انهن علائقن ۾ جيتري وڌيڪ گهٽي سرمائيڪاري ڪئي؛ انهيءَ 54 سيڪڙو حصو منافعن واري نئين سر سرمائيڪاري تي ٻڌل هو. لاطيني آمريڪا ۾ خانگي سرمائيڪاريءَ ۾ اضافي جو 90 سيڪڙو حصو ۽ ايشيائي ملڪن ۾ 100 سيڪڙو حصو منافعن واري نئين سر سرمائيڪاري تي ٻڌل هو. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته ترقي پذير ملڪن جي پورهيت عوام جو پيدا ڪيل زائد قدر انهيءَ پرڏيهي سرمائي ۾ اضافو ڪندو آهي. جيڪو سرمايو انهن ملڪن جو استحصال ڪندو آهي ۽ سامراجي ملڪن تي انهن ملڪن جي دارومدار کي وڌيڪ پختو ڪندو آهي.

سرمائي ۽ مال جي روانگي: سامراجي نظام ۾ سرمائي جي روانگي مال يا وکر جي روانگيءَ جو هڪ ذريعو هوندي آهي. تنهن ڪري جڏهن ڪارخاني جي شڪل ۾ سرمايو منتقل ڪيو ويندو آهي؛ تڏهن عام طور تي سرمائي جي روانگي ڪندڙ ملڪ مان ئي اهڙو سامان سڙو خريد ڪيو ويندو آهي، بلڪ قرض ۽ گهٽو ڪري انهيءَ شرط تي ڏنا ويندا آهن، ته قرض ڏيندڙ ملڪ مان ئي مال اوڏر تي خريد ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح شين جي ادائگيءَ کي وسعت ڏياري پرماري هڪ هٿيون خود سامراجي ملڪ اندر پيدا ٿيندڙ زائد قدر کي وڌي پئماني تي حقيقت جو روپ ڏياري سگهنديون آهن. انهيءَ سان گڏ ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ متاسٽا جي اڻ برابريءَ وارا موقعا ۽ وڌڻ لڳندا آهن. سامراجي قومن جو پرماري سرمايو خود پنهنجي زور تي ٻين قومن جي ڦرمار ۽ استحصال کي وڌائيندو آهي، هن سلسلي ۾ ترقي پذير ملڪن تي سڀ کان وڌيڪ دٻاءَ پوندو آهي، انهن ملڪن مان ڪيترائي ملڪ پرڏيهي واپار ۾ وڏا وڏا نقصان سهندا آهن ۽ واپار جي توازن ۾ سدائين گهاٽي ۾ رهندا آهن. واپار جو اهو گهاٽو

1981ع ۾ پنهنجي چوٽيءَ تي پهچي ويو هو. انهيءَ هڪڙي سال ۾ تيل جي روانگي جو واپار ڪندڙ ترقي پذير ملڪن کي واپار جي توازن ۾ 132 ارب ڊالرن جو گهاٽو ٿيو هو.

ترقي پذير ملڪن تي وڌندڙ قرض: سرمائي جي روانگي، پرڏيهي واپار جي توسيع ۽ واڌ ۽ ٻين قسمن جي قرمار وارين ڪارروائين سان ترقي پذير ملڪن تي پرڏيهي قرض لاڳيتو وڌندا رهندا آهن. پهرين انهن قرضن جو شمار ڪروڙن ۾ ٿيندو هو ۽ پوءِ اربن ۾ ٿيڻ لڳو ۽ هاڻ اهو کربن ۾ آهي. 1984ع جي آخر تائين ترقي پذير ملڪن تي 10 کرب ڊالرن جو قرض چڙهي چڪو هو.

ترقي پذير ملڪن مان برازيل سڀ کان وڌيڪ قرضي ملڪ آهي. 1982ع جي پڇاڙيءَ ۾ ان تي 87 ارب ڊالرن جو پرڏيهي قرض هو. انهيءَ وقت ميڪسيڪو تي 82 ارب ڊالر، ارجنٽائين تي 42 ارب ڊالر، ڏکڻ ڪوريا تي 37 ارب ڊالر ۽ وينزوويلا تي 36 ارب ڊالرن جو قرض هو ۽ اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن تي ٻه وڏو قرض هو. انهن قرضن جون ادائگيون، انهن ملڪن جي معيشيت تي هڪ وڏو بوجھ آهن. 1984ع ۾ قرضن مان ٿيندڙ آمدنيءَ جي ٽئين حصي کان ٻه وڌيڪ حصو رڳو وياج ۾ هليو ويندو هو. برازيل پنهنجي پرڏيهي آمدني جو 90 سيڪڙو حصو ۽ ارجنٽائين ۽ ميڪسڪو جي پرڏيهي آمدنيءَ جو 70_70 سيڪڙو حصو قرضن جي ادائگيءَ ۾ خرچ ٿي ويندو هو. اهڙي طرح ترقي پذير ملڪن جي هٿان جو ڪجھ نڪرندو آهي، اهو ئي سامراجي قومن جي پرماري نانيءَ ويڙهن جي هٿ چڙهندو آهي. ترقي پذير ملڪن جون وياجن واريون ادائگيون سامراجي قومن جي منافعن کي ايڏا ٻه وڏائيندڙيون آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي انهن جي دولت ۽ معاشي سگهه ۾ واڌارو ڪندڙيون آهن.

سرمائي جي روانگي ۽ سامراجي ملڪن جي پورهيت طبقي جو استحصال: سرمائي جي روانگي نه رڳو انهن ملڪن جي پورهيت جي استحصال ۽ لٽ مار ۾ اضافو ڪندي آهي، جيڪي انهيءَ سرمائي کي وصول ڪندا

آهن. ۽ انهيءَ کي استعمال ڪندا آهن. پر اها سرمائي جي روانگي، انهن ملڪن ۾ بہ زائد قدر جي ميڙ ۽ روڙ جي موقعن ۾ بہ اضافو ڪندي آهي. جن ملڪن مان اهو سرمايو ٻاهر موڪليو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سرمائي جي روانگيءَ سان سرمايو ٻاهر موڪلينڊڙ ملڪن ۾ پورهيي جي طاقت جي طلب گهٽجي ويندي آهي ۽ بي روزگاري وڌي ويندي آهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ پرماري هڪ هنڌين کي موقعو ملي ويندو آهي تہ اُهي پورهيت عوام جي حقن جي خلاف نئين سر نيون جارحيتون اختيار ڪن ۽ پورهيت طبقي جي استحصال جي شرطن کي وڌيڪ سخت ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ اجرتن قبول ڪرڻ تي کين مجبور ڪن.

سرمائي جي روانگي، پيداوار کي وڌيڪ سوڙهو ڪندي آهي ۽ بطور خريدار جي پورهيت طبقي جي استحصال کي وڌيڪ شديد ڪندي آهي. ڇاڪاڻ تہ پرماري اجاريدارين لاءِ اهو ممڪن ٿي پوندو آهي تہ اهي قيمتن جي ليول کي مٿاهون رکن. جيڪڏهن سرمائي جي پرڏيهي ملڪن ۾ روانگي نہ ٿيندي تہ پيداوار ۾ وسعت ايندي ۽ انهيءَ وسعت جي نتيجي ۾ شين جي پهچ ۾ واڌ ايندي ۽ قيمتون ڪري پونديون ۽ پرماري هڪ هنڌين جا مافوق منافعا گهٽجي ويندا. پر سرمائي جي روانگيءَ جي نتيجي ۾ پرماري نانيءَ ويڑهاءِ، نقصانن کان بچي پوندا آهن. تنهن ڪري اهي ڏيهي منڊيءَ تي هڪ قسم جو بند ٻڌي. انهيءَ ڳالهہ کي يقيني بنائيندا آهن تہ جيئن شين جي پيداوار جو وهندڙ درياهہ، قيمتن جي پرماري نظام کي لوڙهي نہ وڃي.

سرمائي جي پرڏيهہ ڏي روانگي، سراسري منافعي جي شرح ۾ گهٽتائي جي رجحان کي روکيندي آهي. اها معيشيت جي مختلف شعبن ۾ ٽڪرجندڙ صورتحال کي گهٽائيندي آهي ۽ پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي ورهاست جي عمل ۾ سرمائي جي حصيدارين جي مقدار کي بہ گهٽ ڪندي آهي. انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ جيڪي ماڻهو فائدو حاصل ڪندا آهن، انهن ۾ بہ پرماري سرمايو ۽ پرماري نانيءَ ويڑهاءِ اول نمبر تي هوندا آهن.

عالمي ڪارپوريشنون پورهيت استحصال ڪي تيز ڪن ٿيون

دنيا جي معاشي ورهاست: پرماري هڪ هٿي ڪارپوريشنن، سڀ کان پهرين خود پنهنجي ملڪ جي اندر مڙئي معاشي مورچا سنيالي ورتا ۽ ڏيهي منڊيءَ جي گڏجي ورهاست ڪئي، انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ ڪين ملندڙ زائد قدر وڏي ويو ۽ اهڙيءَ طرح سندن حوس وڌي وئي، پر سرمائيداري نظام ۾ ڏيهي منڊي لازمي طرح پرڏيهي منڊيءَ سان ڳنڍيل رهي ٿي. جيتوڻيڪ سرمائيداري گهٽو اڳ ۾ عالمي منڊيءَ کي جنم ڏئي چڪيو هو ۽ سرمائي جي روانگي اڳتي وڌي رهي هئي ۽ عظيم ترين هڪ هٿي مخالفن جا پرڏيهي ملڪن ۾ بينڪي رشتا ناتا ۽ اثرائتا گهيڙ لنگهي رهيا هئا ۽ پوءِ انهن هڪ هٿيون رکندڙ مخالفن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان معاهدا ۽ ٺاهه ڪرڻ شروع ڪيا ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ ڏيلي ڪارخانا قائم ڪرڻ شروع ڪيا. اهڙيءَ طرح قومي هڪ هٿيون، بين الاقوامي پرماري هڪ هٿيون ٽيندیون ويون ۽ ڪيترن ئي ملڪن جي پورهيت جي پيدا ڪيل زائد قدر کي پنهنجيءَ والار ۾ آڻيندیون ويون.

هنن عظيم ترين بين الاقوامي هڪ هٿين کي پنهنجيءَ ساخت ۽ بناوٽ جي لحاظ کان ٻن وڏن گروهن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون ته اهي آهن جيڪي ٻن يا ان کان وڌيڪ ملڪن ۾ هڪ وڏي سرمائي جون مالڪ آهن ۽ ٻيون پرمار ڪمپنيون گهڻ قومي يعني پرماري ڪارپوريشنون آهن، جن جو سرمايو ڪنهن هڪ ملڪ ۾ هوندو آهي پر اهي ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڏي پئماني تي معاشي سرگرميون ڪندیون

آهن. اڄوڪي دؤر ۾ بين الاقوامي پرماري هڪ هٿين جو اهو قسم وڌيڪ آهي ۽ اڄوڪي دنيا ۾ 11000 هزارن کان وڌيڪ پرماري ڪارپوريشنون موجود آهن. جيڪي پنهنجي معاشي ۽ اقتصادي طاقت جي زور تي دنيا ۾ پرماري عالمي ڪارپوريشنن کي معاشي اثر وارن حلقن ۽ خطن ۾ ورهائي رهيون آهن. اهي اثردار علاقا ۽ معاشي طاقت جيتري گهٽي هوندي آهي. ايترو ئي پرماري هڪ هٿين کي وڌيڪ زائد قدر ملندو آهي ۽ اهي امير ۽ شاهوڪار ٿيندڙ ويندڙ آهن.

هرڪا پرماري ڪارپوريشن پنهنجي اثر واري حلقي کي وڌيڪ اينگهائيندي رهي ٿي. ۽ ٻين کي پنهنجي جاءِ تان هٽائيندي رهي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح اثر واري حلقي جي نئين ورهاست لاءِ جنگ جوٽيو ٻيٺي آهي. اها جنگ سامراجي قومن جي تضادن کي وڌائي هٿيارن جي ڊوڙ کي وڌائيندي رهي ٿي ۽ سڌين فوجي چڙهاين جي راهه هموار ڪندي رهي ٿي. عظيم ترين پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي مخالفن کي ڊوڙائي ۽ پڄائي عالمي سرمائيداري معيشيت مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي وڏي ۾ وڏي حصي کي ڦٻائي رهيون آهن. جنهن جو ماضيءَ ۾ ڪو مثال نٿو ملي. پورهيت عوام جي لٽ مار ڪرڻ ۾ پرماري ڪارپوريشنون سيني کان اڳ ڪڍيو وڃن ٿيون. اڄوڪي سرمائيدار دنيا جي پيداوار جي چاليهه سيڪڙي حصي تي ۽ سرمائيداريءَ جي ڏيهي ۽ پرڏيهي آمد ۽ روانگيءَ جي واپار جي ست سيڪڙي تي سندن والار قائم آهي. جنهن لاءِ اهي پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي استحصالي سرگرمين جي دوران بين الاقوامي قانون جون به ٻيڪڙيون ڪنديون آهن ۽ ان کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪنديون آهن ۽ اهڙيءَ طرح اهي رياستن جي وچ وارن بنيادي اصولن ۽ معيارن کان ڪن لاتار ڪنديون آهن ۽ پورهيت عوام ۽ قومن جي آزادي ۽ خودمختياريءَ کي وڏو ڇيهو رسائيندڙ آهن. اهي ترقي پذير ملڪ، خاص طور تي پرماري ڪارپوريشنن جو شڪار ٿين ٿا. جتي قدرتي وسيلن جي جهجهائي هوندي آهي. صنعتي پورهيي جي گهٽائي هوندي آهي ۽ ڏيهي منڊي وڏي هوندي آهي. 1970ع جي ڏهاڪي جي

پچاڙيءَ ۾ پرماري ڪارپوريشن ترقي پذير ملڪن ۾ جيترو به سرمايو سيڙايو آهي، انهيءَ جي اڌ حصي کان وڌيڪ حصو ايشيا ۽ وچ آمريڪا جي ملڪن ۾ سيڙايو ويو هو ۽ اهڙيءَ طرح ان جي چوٽين حصي جيتري سرمائيڪاري ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۾ ڪئي وئي هئي.

هن ڏس ۾ ڪيترا ترقي پذير ملڪ پرماري ڪارپوريشن جي هن توسيع پسنديءَ جي مزاحمت تي لهي آيا آهن، جيڪي پرڏيهي ملڪيت کي قومي تحويل ۾ وٺڻ کانسواءِ رياستي شعبي ۾ ڪارخانا هٽي رهيا آهن ۽ معيشيت ۾ پرڏيهي ناٽي جي شرڪت جون حدون مقرر ڪري رهيا آهن. نہ رڳو اهو پر اهي پرماري ڪارپوريشنون ترقي پذير ملڪن جي حڪومتن تي اڻ سڌو دباءُ به وجهنديون آهن. اهي مختلف قسمن جا فائدا ۽ حفاظتون گهرنديون آهن، ۽ اهڙن قانونن جي گهر ڪنديون آهن، جيڪي سندن سرگرمين لاءِ مددگار ۽ سهڪار ڪندڙ هوندا آهن.

پرماري ڪارپوريشنون ۽ خانگي ڪارخانا: ٻين ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ زائد قدر کي وڌي انداز ۾ لڳائڻ لاءِ اهي پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي پرڏيهي پيداوار کي مسلسل وڌائيندیون رهنديون آهن. تنهن ڪري هن وقت انهن جي ڪل پيداوار جو 30 سيڪڙو حصو پرڏيهي ملڪن ۾ پيدا ڪيو وڃي ٿو.

پرڏيهي ملڪن ۾ پنهنجي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ پرماري ڪارپوريشنون پرڏيهي ملڪن ۾ پنهنجين ذيلي شاخن کي قائم ڪن ٿيون، رڳو پوئين ڏهاڪي ۾ اهڙين ذيلي شاخن يا ڪارپوريشنن جو تعداد 3000 مان وڌي 8200 هزار ٿي ويو آهي. پرماري ڪارپوريشنن جا مالڪ زائد قدر جي وڌائڻ جي حرس ۽ حوس ۾ اندا ٿي پوندا آهن ۽ انهيءَ مقصد لاءِ زيلي شاخن ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن ۽ پورهيتن جو بي رحميءَ سان استحصال ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح لکين پورهيت آهن، جيڪي پرماري ڪارپوريشنن جي مالڪن لاءِ زائد قدر پيدا ڪرڻ ۾ رات ڏينهن مصروف آهن. جنهن لاءِ آمريڪي جنرل موٽر ڪارپوريشن جي ڪيترن

ڪارخانن ۾ 750000 ماڻهو ملازم آهن. جڏهن ته 404000 ماڻهو جنرل اليڪٽرڪ ۾ ڪم ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن جون پرماري ڪارپوريشنون ۽ آمريڪي ڪارواري راڪاسن کان ڪو گهٽو گهٽ ڪونہ آهن. هالينڊ جي پرماري اجاريداري فلپس 348000 پورهيت ماڻهن جو استحصال ڪندي آهي ۽ اولهہ جرمنيءَ جي سيمينز ۽ اٽليءَ جي فيئٽ جي ڪارخانن ۾ ترتيبوار 338000 ۽ 315000 ماڻهو ملازم آهن.

اهي پرماري ڪارپوريشنون واجبي پورهيي کي گهٽائڻ ۽ زائد قدر کي وڌائڻ لاءِ ترقي پذير ملڪن جي پورهيت کي جديد صنعتي ملڪن ۾ ساڳيو ڪم ڪرڻ جي باوجود گهٽو گهٽ اجورو ڏيندیون آهن. اهڙيءَ طرح ڏيهي ملڪ جي پيٽ ۾ پرڏيهي ملڪن ۾ قائم ڪيل ذيلي شاخن جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت کي 5 کان 8هوڻ تي گهٽ پگهار ڏنا ويندا آهن.

پرماري ڪارپوريشنون، زائد قدر جي پيداوار کي تيزيءَ سان وڌائڻ لاءِ ٻيا ٻہ ڪيترا طريقا استعمال ڪنديون آهن. ترقي پذير ملڪن ۾ پرماري ڪارپوريشن جي ملڪيت وارن ڪارخانن ۾ ڏاڙي ڪم ڪار جا وقت، صنعتي طور سڌريل ملڪن جي ڪارخانن جي پيٽ ۾ گهٽو وڌيڪ لڪيا ويندا آهن ۽ ان کانسواءِ اوور ٽائيم واري ڪم جي طريقي کي ٻہ گهٽو ڪتب آندو ويندو آهي ۽ موڪلن کي ٻہ گهٽايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح پرماري ڪارپوريشنن جا مالڪ ڪم ڪار جي سختيءَ کي وڌائيندا رهندا آهن. پورهيي جي بچاءَ ۽ ڪارخانن ۾ حفاظتي اپائن تي خرچن ۾ ڪمي آڻيندا آهن ۽ مزدور قانونن جي ڪلم ڪلا خلاف ورزي ڪندا آهن. انهن مڙني اتڪلن سڌڪلن جي نتيجي ۾ پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي ڏيهي ملڪ جي پيٽ ۾، پرڏيهي ملڪن ۾ موجود ڪارخانن مان وڌيڪ منافعو ڪمائيندیون آهن. 1980ع جي ڏهاڪي جي اوائل ۾ سرمائيڪاريءَ جي حساب ڪتاب سان پرڏيهي منافعي جي شرح 25 سيڪڙي کان ٻہ مٿي ٻينل هئي. جڏهن ته صنعتي طور سڌريل ملڪن ۾ منافعي جي شرح 12 سيڪڙو هئي پرماري ڪارپوريشنون، پنهنجي

استحصالي ۽ ڦورو شڪل ۽ سڃاڻپ کي خاص طور تي لکائيندڙن آهن. پرڏيهي ملڪن ۾ ڏيلي شاخن قائم ڪرڻ وقت، اهي ڏيهي سرمائيدار ڏانهن سمجهڪار جو هٿ وڌائيندڙن آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڏيلي شاخن کي گڏيل جاکوڙ جو نالو ڏنو ويندو آهي، جنهن ڪري اهي قومي نالن ۽ جهنڊن جي هيٺان ڪارگذاريون ڏيکارينديون آهن. پر انهن ڳالهين سان کو فرق نه پوندو آهي، چاڪاڻ ته پرماري ڪارپوريشنون قومي نالن ۽ جهنڊن جي پردي جي پويان ئي پورهيت عوام کان وڌ ۾ وڌ زائد قدر نچوڙي ڪيندڙن آهن.

پرماري ڪارپوريشنن جي اصل مقصد تان پردو تڏهن کڄندو آهي، جڏهن سندن منافعن کي خطرو پيدا ٿي پوندو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ چليءَ ۾ آئيندي جي حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ ۾ آمريڪي انٽرنيشنل ٽيليفون ۽ ٽيليگراف جي ساز باز ان ڳالهه جو بهترين مثال آهي.

پرماري ڪارپوريشنون ۽ وافر زائد قدر: ڏيهي سرمائيدار ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي وڌائڻ ۽ پورهيي جي شدت ۾ تيزي آڻڻ جي سلسلي ۾ پرماري ڪارپوريشنن جي ڏيلي ڪارخانن سان ريس ڪري سگهن ٿا، پر هڪ ڪارگر ميدان اهڙو هوندو آهي، جنهن ۾ پرماري ڪارپوريشنن جي برتري مڃيل هوندي آهي، يعني اهو جديد ترين مشينري، ٽيڪنالاجي ۽ پورهيي جي پيداوار جو ميدان هوندو آهي، جيڪو ئي وافر زائد قدر جو وڏو سرمايو هوندو آهي. سرمائيدار دنيا ۾ گهٽو ڪري سڃي تحقيق ۽ ترقي (97 سيڪڙي تائين) صنعتي طور سڌريل ملڪن جي هٿن ۾ ٻڌل آهي، جنهن تي پرماري ڪارپوريشنن جي هڪ هٿي آهي. ٽيڪنڪي ترقيءَ جون رڻون ۽ جديد صورتگرين جو 80 سيڪڙو حصو انهن جي ئي هٿن ۾ آهي. بين الاقوامي هڪ هٿيون نئين ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي نون نون قسمن واريون شيون جوڙين ۽ ناهين ٿيون، ۽ پورهيي جي پيداوار وڌائين ٿيون. جيئن ته ڏيهي ڪارخانن وٽ ٽيڪنالاجي ڪانه هوندي اهي، ان ڪري اهي ڏيهي ڪارخانن تي چڙهت ڪري ويندڙون آهن.

پيداوار ۾ وڌي پئماني تي نرالپ جي دخل اندازي ۽ بذات خود پيداوار جو وڌي پئماني تي ٽيڻ، پرماري ڪارپوريشنن جي مٿيرائيءَ کي مستحڪم ڪندو آهي. اهي بين الاقوامي پورهيي جي ورهاست مان ٻه فائدو حاصل ڪندیون آهن، عام طور صورتحال اها آهي ته ترقي پذير ملڪن ۾ ڏيهي پيداوار ننڍي پئماني جي هوندي آهي ۽ ڇڙوڇڙ هجڻ جي ڪري ٽيڪنڪي ۽ جديد ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ هوندي آهي. مثال: ٽائيليند ۾ وڏيءَ صنعت جي شعبي ۾ 1000 کان 1500 ننڍا ننڍا ڪارخانا آهن، تنزانيا ۾ انڪل 100 اهڙا ڪارخانا آهن، جن مان ڪنهن ۾ ٻه 70 کان مٿي مزدور ڪونہ آهن.

ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي ڪري ڏيهي ڪارخانن جي پيٽ ۾ پرماري ڪارپوريشن جي ڏيلي شاخن جي پيداوار جي لاڳت ٻہ گهڻ هوندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهي لاڳيتو ۽ باقائدگيءَ سان وافر زائد قدر حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي ويندیون آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ نين ڄاول رياستن جي ٽيڪنڪي ترقيءَ کي لغام ڏيڻ جي ٻہ ڪوشش ڪئي ويندي آهي، پرماري ڪارپوريشنون يا ته نئين ٽيڪنالاجي ڏيڻ کان انڪار ڪنديون آهن يا مڙئي سڙئي معلومات ڏيندیون آهن. لاطيني آمريڪا جي ملڪن صنعتي لحاظ کان سڌريل سرمائيدار ملڪن کان جيڪا ٽيڪنالاجي موجوده ڏهاڪي جي اوائل کان هاڻ تائين گهرائي آهي، انهيءَ مان 70 سيڪڙو هالو چالو هئي ۽ اها ڳئل پيٽل ٽيڪنالاجي ٻہ ڪين سون جي اڳهہ تي ملي آهي.

اهي بين الاقوامي اجاريداريون ۽ هڪ هٿيون نون آزاد ٽيل ملڪن مان وڌيڪ زائد قدر ميڙڻ لاءِ حقن واسطن، سَندُن، اجازتنامن ۽ لاڳاپيل ٽيڪنالاجيءَ جي معلومات جي وڪڙ جا طريقا ٻہ استعمال ڪنديون آهن. ترقي پذير ملڪن ٽيڪنالاجي حاصل ڪرڻ ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي لاءِ هن وقت تائين جيڪي ادائگيون ڪيون آهن، سي 15 اربن ڊالرن کان ٽپي چڪيون آهن.

پرماري ڪارپوريشنون ۽ قيمتون: پرماري ڪمپنيون نہ رڳو پيداواري شعبي جي سيني بنيادي ذريعن تي قابض ٿي وڃن ٿيون، بلڪ سيني

بنيادي شين جي واپار تي ۽ قبضو ڪري وٺن ٿيون. انهن جي پرڏيهي ڏيلي شآخن رڳو 70 جي هڪ سال ۾ 80 ارب ڊالرن جو مال وڪيو هو. مڙني سرمائيدار ملڪن جي پرڏيهي واپار مان جيتري رقم حاصل ٿي هئي، اها ان جي 90 سيڪڙي کان ۽ وڌيڪ هئي. انهيءَ صورتحال ۾ پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي مطلب جون قيمتون مجرائڻ جي موقف تي هونديون آهن. اهي ترقي پذير ملڪن ڏي روانيون ٿيندڙ شين جون وڏيون وڏيون هڪ هٿي قيمتون مقرر ڪري سگهنديون آهن ۽ ترقي پذير ملڪن مان ايندڙ ڪچي مال ۽ ڪاڌ خوراڪ شين جون گهٽ هڪ هٿي قيمتون مقرر ڪري سگهنديون آهن. مثال طور ڪولمبيا ۾ آمريڪي پرماري ڪارپوريشنن جون ڏيلي شاخون ناقص موصلن کي سراسري عالمي قيمت کان يارهوڙ تي وڌيڪ وڪڻنديون آهن. اهڙيءَ طرح اهي ٽيٽراسائيڪلين کي عالمي قيمت کان ڏهوڙ تي ٿي. وي جي آوازن جي سامان کي 2.6هوڙ تي وڌيڪ وڪرو ڪنديون آهن.

پرماري ڪارپوريشنن ترقي پذير ملڪن مان ڪچي مال جي روانگيءَ جي وڏي حصي تي پنهنجو قبضو جمائي ورتو آهي. (اهي 90 کان 95 سيڪڙو ڪچو لوهه ۽ ايلمونيم جي ڏاتوءَ توڙي 90 سيڪڙو عمارتي ڪاٺ وڪڻنديون آهن، اهڙيءَ طرح ڪڪ، ڪپهه، ڪافي، جَوَ ٽامي، چانهه ۽ ناريل جي ٻج جي 85 سيڪڙي وڪري تي قابض آهن) اهي پرماري ڪارپوريشنون ترقي پذير ملڪن مان خريديل ڪچي مال جون گهٽ ۾ گهٽ قيمتون مقرر ڪنديون آهن، نتيجي ۾ انهن شين جي قيمتن ۾ ڪچو مال پيدا ڪندڙن جو حصو تمام گهٽ هوندو آهي. تنهن ڪري ڪپهه پيدا ڪندڙ ملڪ سوتي ڪپڙي مان تيار ٿيل لباسن جي ريزڪي قيمتن جو رڳو 6.4 حصو وصول ڪندا آهن ۽ انهيءَ 6.4 سيڪڙي مان پنهنجو منافعو حاصل ڪندا آهن. جڏهن ته ڪچي لوهه ۽ ايلمونيم جي ڏاتوءَ جي آخري قيمت ۾ پيداوار ڪندڙ ملڪ جو ڪجهه وڌيڪ حصو هوندو آهي، پر اهو ڏهه سيڪڙي کان مٿي نه هوندو آهي.

ڪافي، ناريل، چانهه، سٽي، ڪيلن، نارنگين جي قيمتن مان ڪين 20 کان 40 سيڪڙوءِ ڪنڌ مان 50 سيڪڙو حصو ملندو آهي.

ڪچي مال جي هڪ هٿي گهٽ قيمت تي خريداري پرماري ڪارپوريشن لاءِ تمام وڏن منافعن جو ذريعو هوندي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ترقي پذير ملڪن کي 50 کان 100 ارب ڊالر سالياني نقصان پوندو آهي، جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه کي ساڻون رکيو وڃي. 1980ع ۾ 68 ملڪن جي ڪل قومي پيداوار 10 ارب ڊالرن کان مٿي ڪانه هئي ۽ 37 ملڪن ۾ ته اها هڪ ارب ڊالرن کان به گهٽ هئي، انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهو ڪو گهٽ گهاٽو ڪونه آهي.

پرماري ڪارپوريشنن جا منافعا وڌندا رهن ٿا: هن باب ۾ ڄاڻايل حقيقتن مان واضح آهي ته پرماري ڪارپوريشنون هر انهيءَ جاءِ تان زائد قدر حاصل ڪن ٿيون، جتي اهي پهچي سگهن ٿيون، پرماري ڪارپوريشنون گهٽو ڪري زائد قدر کي بن حصن ۾ ورهائين ٿيون، هڪ حصي کي اهي ملڪ کان ٻاهر ڪٽي وڃن ٿيون، جڏهن ته ٻئي حصي کي پيداواري ضرورتن جي پورائي لاءِ ٻيهر لڳائين ٿيون. صورتحال اها آهي ته جيتوڻيڪ ترقي پذير ملڪن کي سرمائي جي ضرورت ڏاڍي آهي پر اها به حقيقت آهي ته انهن ملڪن مان منافعي جو وڏو حصو ٻاهر هليو ويندو آهي. مثال: 1970ع ۾ آمريڪي پرماري ڪارپوريشنون پنهنجي منافعي جو 71 سيڪڙو ترقي پذير ملڪن مان ٻاهر ڪٽي ويون. ترقي پذير ملڪن مان حاصل ٿيل منافعي جو حصو جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيو آهي. هتي رڳو ان ڳالهه جي يادگيري ڏيارڻ ضروري آهي ته 1970ع جي ڏهاڪي جي دوران آمريڪي پرماري ڪارپوريشنون ترقي پذير ملڪن جي معيشيت ۾ لڳل سرمائي جي هر هڪ ڊالر جي بدران ست ڊالر وڌيڪ پاڻ سان گڏ ڪٽي ويون هيون.

باب يارهون

منافعن کي وڌائڻ جا بينڪي ۽ جديد بينڪي طور طريقا

بينڪي سامراجي نظام: ماضيءَ ۾ سامراج کي وڌائڻ ۾ قائم ڪرڻ لاءِ بارود ۽ تلوار جي زور تي بينڪن تي قبضي جمائڻ جو عمل شروع ٿيو. 1874ع ۽ 1914ع جي وچ واري زماني ۾ وڏين ۽ عظيم قومن جي بينڪن جو حلقو جيئن ڪروڙن ڪلوميٽرن مان وڌي 6.5 ڪروڙ ڪلوميٽر ٿي ويو. انهيءَ ڪانسواءِ اڏوگابرين بينڪن ۽ ماتحت ملڪن ۾ قومن جو تعداد بہ وڌي رهيو هو. اٽڪل 93 ڪروڙ انسان سامراجي اقتدار جي داءُ ۾ پيڃ ۾ ڦاسي چڪا هئا. اهي بينڪون، اڏوگابريون بينڪون ۽ ماتحت ملڪ ۽ قومون ملي سامراج جي بينڪي رشتن واري نظام جي جوڙجڪ ۽ تعمير ڪري رهيا هئا، جيڪو اگهاڙي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ واري جبر ۽ استحصال تي ٻڌل هو. اهڙيءَ طرح بينڪي نظام سرمائيداري عالمي معيشيت جو حصو بنجي ويو ۽ سامراجي قومن جي برتريءَ ۽ مال ۽ دولت جي هٿ ڪرڻ جو اهم ترين سبب هو. پرماري هڪ هٿين کي بينڪن ۽ ماتحت ملڪن ۽ قومن ۾ پروسي ۽ فائدي واريون منڊيون ملي ويون ۽ نفعو ڏيندڙ سرمائيدارين جو هڪ دائرو بہ هٿ اچي ويو. اهي ملڪ، انهن جي لاءِ ڪچي مال، توانائي ۽ سستي افرادي قوت جو هڪ ذريعو ٿي پيا جنهن ڪري پنهنجي راڄ جي زور تي سامراجين بينڪن جي قدرتي وسيلن جي لٽ لائي ڏني ۽ غلام آبادين جي پيدا ڪيل قومي آمدنيءَ جي وڏي حصي کي ڦٻائي ورتو. 1920ع ۽ 1930ع جي ڏهاڪن جي دوران هندستان ۽ انڊونيشيا پنهنجي قومي آمدنيءَ جو 15 سيڪڙو حصو بطور

ڏن پنهنجن مالڪن ۾ آڻائن جي حوالي ڪندا هئا. بينڪي آقا ڪانگو ۾ پوءِ زائر جي قومي آمدنيءَ جو اڌ کان گهٽو حصو کٽي ويندا هئا.

بينڪي منافعو: انهيءَ ڏن جي اوگاڙيءَ لاءِ سامراجي قومن بينڪن جي ماڻهن جي مٿان دٻاءُ وجهڻ وارو هر ممڪن طريقو اختيار ڪيو ۽ سرمائيداري استحصال داداگيري ۾ گندا حربا ۽ چالون آزمايون. انهيءَ سامراجي لٽمار کي جاگيرداري ۽ نيم غلامداري استحصال ۽ عوام جي مٿان پوندڙ دٻاءُ جي غير معاشي چالن کي هڪ هڪ ڪري ڇڏيو. انهن بينڪي ڪارگذارين کي بيان ڪندي چليءَ جي شاعر 'پئبلو نرودا' پنهنجي تصنيف "ري فار آل" (هڪ راڳ سيني لاءِ) ۾ چيو آهي: "هتي سيني لاءِ صرف هڪڙو قانون آهي. عذاب. بک ۽ ڪوڙن جي ارزاني آهي."

بينڪي آڻائن ڏيهي آباديءَ جي مفادن کان مڪمل منهن موڙي پنهنجي لاءِ صرف هڪ ئي مقصد رکيو: ته وڌ کان وڌ منافعو ڪمائجي. جنهن لاءِ بينڪي آڻائن ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي وڌائي 12 کان 14 ڪلاڪ ڪري ڇڏيو ڪم ڪار واريون حالتون خراب ڪيون ويون. پورهيتن لاءِ بچاءُ واريون شيون اٽلي ٿي ويون. عورتن ۽ ٻارن جي پورهيي کي وڌ ۾ وڌ استعمال ڪيو ويو. مٿان فور مين ۽ اوورسيز انهيءَ ڀاڪا جو خيال رکندا هئا ته ڪم ڪار جي وقت مان هڪ منٽ به ڏيان نه ٽٽي. جيڪڏهن ڪنهن کان ڪا ڪوتاهي ٿيندي هئي ته ان کي سخت سزا ڏني ويندي هئي.

بينڪن ۾ پورهيتن جي پگهارن ۾ وڏا فرق هوندا هئا. جمڙوڪ: ڪينيا ۾ يورپي مزدورن جا پگهار ڏيهي مزدورن جي پگهارن کان پندرهوڻ تي وڌيڪ هوندا هئا. جڏهن روڊيشيا (جيڪو هاڻ زبيمبيا آهي) انهن جي ڏيهي مزدورن کان ٽيهوڻ تي وڏا پگهار هوندا هئا. اهڙيءَ طرح ٻين بينڪن ۽ ماتحت ملڪن ۽ قومن ۾ هن جهڙي ساڳي ڪم لاءِ يورپي ۽ ڏيهي پورهيت جي پگهارن ۾ ايڏو ئي وڏو فرق هو. بينڪن جي عوام

جي اهڙي وحشياڻي استحصال ۽ ڦرمار مان بينڪي آقائن ۽ مالڪن کي وڏو فائدو پوندو هو. اهڙي نموني انهن مظلوم عوام جي رت ست کي سون ۽ روڪ ناڻي ۾ بدلائي استحصالين ۽ لٽيرن انهن منافعن کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ منافعا ڪمايا، جيڪي منافعا اهي پنهنجي ملڪ ۾ بنائي سگهيا ٿي. جهڙوڪ: هندستان جي ڪوئلي جي کاڻين مان برطانوي سامراج کي 160 ڀيرا وڌيڪ منافعو ٿيندو هو يا بيلجيم جي ڪانگو جي ربڙ جي ڪارپوريشنن جي حصيدارين جا ورهايل منافعا حصيدارين جي قيمت کان ڏهوڻ تي هوندا هئا. اهڙيءَ طرح بينڪي سامراجيت غلامداري ڪارخاني واري پوڪي راهيءَ مان بہ بي انداز منافعا روڙي ورتا هئا. 1956ع جي ڏهاڪي ۾ 25 بينڪن ۾ اهڙي ڪيتي ٻاڙيءَ جي صنعت ۾ 50 لک ماڻهو ڪم ڪندڙ هئا. جن جا ڪي بہ انساني حق ڪونہ هوندا هئا. انهن لالچي ۽ ڦورو بينڪي سامراجين هارين جي پورهيي مان بہ وڏا وڏا نفعا ڪمايا هئا ۽ کين کين جهڙن ڪماين کان محروم رکيو ويو. هارين جا هٿ ۽ پير ناحقي مقاطعن ۽ قرضن واري بي رحم غلاميءَ ۾ جڪڙيا ويا هئا. ڪمن جي وسيلي قرضن جي ادائگي ۽ بيگر وارن طريقن کي وڏي پئماني تي استعمال ڪيو ويو. ان کان سواءِ ڏيهي آبادياڻي کي لٽڻ ۽ ڦرڻ جو هڪ طريقو اڃ برابريءَ واري متاسٽا بہ هئي، جنهن مان بينڪن ۾ واپار ڪندڙ پرماري هڪ هٿيون 100 سيڪڙو منافعو جوڙي رهيون هيون. بينڪي سامراجين جي منافعن کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ وڌن محصولن ۽ بين زوريءَ وارين وصولين مان ٿيندڙ آمدنين کي بينڪي ڪاموراشاهيءَ ۽ اهلڪارن جي حوالي ڪيو ويندو هو. مثال لاءِ 1930ع جي ڏهاڪي ۾ سياسي والار سان سڏيءَ ريت لاڳاپيل منافعا، انهيءَ بينڪي ڏن جي چوٿين حصي جي برابر ٿي ويا هئا، جيڪي برطانيا پنهنجي بينڪي سلطنت مان وصول ڪندو هو.

جيئن تہ بينڪن مان ملندڙ اڪثر منافعا، سندن ئي هٿن ۾ هٿيڪا رهندا هئا، هڪ هٿيون توڙي پرماري نانيءَ ويڙهاڪ کان گهٽو وڌيڪ امير ۽ شاهوڪار ٿي ويا هئا ۽ بينڪن مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جي وڏي

مقدار کي پنهنجين تجوڙين ۾ پريندا رهيا هئا. نتيجي ۾ عظيم ترين قومن جي هڪ هٿين جو گڏ ڪيل مجموعي زائد قدر وڏندو ئي رهيو ۽ اهڙيءَ طرح امير ڏينهون ڏينهن وڌيڪ امير ۽ غريب ڏينهون ڏينهن وڌيڪ غريب ٿيندا رهيا هئا.

بينڪي شهنشاهي شيرازو وکرڻ لڳو: پهرين مهاپاري لڙائيءَ کان پوءِ بينڪي نظام جو گهوٽالو گهرو ٿي ويو هو. اهو بحران ۽ گهوٽالو ايترو وڌي ويو جو ان جو شيرازو ئي وکرڻ لڳو هو جيڪو پوءِ نيٽ بينڪي نظام جي تباهيءَ ۽ برباديءَ جو پيش خيمو ثابت ٿيو. جنهن ڪري قومي آزاديءَ جي تحريڪن اڳتي وڌي پورن ڪنڊن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي، بينڪي سلطنتن کي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي 100 کان وڌيڪ آزاد ۽ خودمختيار رياستون اُپري آيون. لاطيني آمريڪا جون رياستون پهرئين ئي آزادي ماڻي چڪيون هيون ۽ پوءِ انهن سان ملي ۽ گڏجي ترقي پذير ملڪن جو هڪ وڏو گروهه ٺاهيو جنهن ۾ دنيا جي اڌ آبادي رهي ٿي.

انهن نون آزاد ٿيل رياستن مان ڪيترين سامراجي قومن جي جائدادن ۽ بينڪي انتظاميه کي پنهنجي هٿن ۾ آڻي ڇڏيو ۽ ڪيترين ئي خانگي پرماري هڪ هٿين جي سرگرمين کي گهٽايو ويو. 70 کان وڌيڪ نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ اهڙين پرماري ڪمپنين جي ملڪيتن کي قومي ملڪيتن ۾ ورتو ويو جنهن ڪري هاڻي سامراجي بينڪن ۽ ماتحت ملڪن ۾ پراڻن طور طريقن سان زائد قدر وارو ڏن وٺي نٿي سگهيا ۽ نه واڌو پورهيي جو قل ميڙي سگهيا ٿي. تنهن ڪري کين پاڻ کي نئين تبديل حالتن سان نڪائي ٻيهارڻو پيو ٿي ته جيئن اهي منافعن جي انهيءَ اهم ذريعن تان هٿ ڏوئي نه ويهي رهن. جنهن لاءِ بينڪن تي سڌيءَ حڪمرانيءَ جي نظام جي بجاءِ جديد بينڪي نظام کي لاڳو ڪيو ويو آهي.

جديد بينڪي نظام جو جوهر: جديد بينڪي نظام، اڳ برابريءَ واري معاشي ۽ سياسي لاڳاپن جو هڪ نئون نظام آهي، جنهن کي سامراجي قومن ۽ پوئتي پيل ملڪن ۽ قومن جي مٿان ٽاڦي چڙيو آهي. اهو اڳوڻين بينڪن جي قومن جي استحصال ۽ ڦرمار جي هڪ نئين صورت آهي، جنهن لاءِ سامراجي قومن سڌي سنئين ڌاڌ ۽ ڌمڪاءَ ۽ اگهاڙيءَ سياسي والار جي وات چڙي، معاشي استحصال ۽ ڦرمار جا نفيس ۽ نازڪ طريقا اختيار ڪيا آهن. انهيءَ طريقيڪار ۾ ڪڌهن ڪڌهن معاشي توسيع پسنديءَ سان گڏ سياسي ۽ فوجي دٻاءَ به استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح جديد بينڪي نظام، ترقي پذير ملڪن ۽ قومن جي پسماندگيءَ ۽ عالمي سرمائيداريءَ معيشيت تي لڏو لاهي ويهڻ واريءَ سندن ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندو آهي. جديد بينڪي سامراجي پنهنجي لالچي حڪمت عمليءَ کي لڪائڻ لاءِ وڏي واڪ يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اهي دراصل ترقي پذير ملڪن جي پسماندگيءَ جي خلاف ئي جاکوڙي رهيا آهن. جڏهن ته اصل ۾ سندن آڏو به اوليت وارا مقصد هوندا آهن، هڪ ته اڳوڻين بينڪن کي ۽ ماتحت ملڪن ۽ قومن کي عالمي سرمائيداريءَ جي ڪچ ۾ وهاريو وڃي ۽ ٻيو ته پرماري هڪ هٿين کي وڌ ۾ وڌ زائد قدر حاصل ڪرڻ جو هڪ سگهارو ذريعو موجود رهندو اچي. اهو ئي سبب آهي، جو اڳوڻين بينڪي سامراجين، بينڪي راڄ جي ٽن صدين ۾ جيترو حقيقي زائد قدر لٽيو هو اڄوڪن سامراجي ملڪن ۽ قومن گذريل ٽن ڏهاڪن جي اندر نون آزاد ٿيل ملڪن ۽ قومن کان ان کان گهڻو وڌيڪ حقيقي زائد قدر لٽي ۽ ڦري چڪا آهن.

جديد بينڪي استحصال: جديد بينڪي پرماريت، زائد قدر جي لٽ ۽ مار جي انهن سيني طريقن مان فائدو وٺندي آهي، جيڪي هڪ هٿي پرماري سرمايو پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ڪتب آڻيندو آهي، جديد بينڪي پرماريت ۾، سرمائي جي روانگي سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪندي آهي،

جنهن لاءِ جديد بينڪي حڪمت عملي آزاد ملڪن ۾ قومن ۾ سرمائي جي روانگي جي راهه هموار ٻه ڪندي آهي.

سامراجي قومن ۾ نين آزاد ٽيل قومن جي وچ وارو واپار ڦرلٽ جو هڪ طريقو هوندو آهي، جنهن لاءِ سامراجي رياستن مان نون آزاد ٽيل ملڪن ۾ ويندڙ شين تي ڪسٽم واريون رڪاوٽون گهٽايون ويندیون آهن ۽ شين جي متاسٽا کي پرماري هڪ هٽين جي حق ۾ ڪرائي ترقي پذير ملڪن لاءِ اڻ برابريءَ واري ۽ ناسازگار ماحول تيار ڪيو ويندو آهي. صنعتي ترقي ۽ امداد ڏيڻ جي نالي ۾ پاڻ کي لڪائي پرماري ڪارپوريشنون نون آزاد ملڪن ۽ قومن ۾ داخل ٿي ويندیون آهن، جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ انهن سان اڻ وٽندڙ رويو اختيار ڪيو ويو هو بلڪ رد ٻه ڪيو ويو هو. پر پوءِ ٻه اهي پرماري هڪ هٽيون ڏاڍيءَ مهارت سان انهن ملڪن جي حالتن سان پاڻ نهڪائيندي منافعن کي حاصل ڪرڻ جا موقعا تاڙي ونندیون آهن.

جديد بينڪي پرماريت ۾ تيزي آڻڻ لاءِ ترقي پذير ملڪن جي امداد جي نالي جو سهارو ورتو ويندو آهي. جيتوڻيڪ دعويٰ اها ڪئي ويندي آهي ته اها امداد مفت ۾ ڏني پئي وڃي، پر انهيءَ امداد سان لاڳاپيل شرط اڳوڻين بينڪن جي لٽ مار ۾ پاڻ واڌارو ڪندا آهن. جيئن اهو مطالبو ڪيو ويندو آهي ته وڌن منافعن وارين سرمائيڪارين لاءِ دروازا کليا رکيا وڃن ۽ انهيءَ سان گڏ انهيءَ خواهش جو اظهار ٻه ڪيو ويندو آهي ته سامراجي قومن جي مهانگين شين جي آمد وڌائي وڃي. امدادي شرطن کي اهڙيءَ طرح رکيو ويندو آهي ته جيئن پرماري ڪارپوريشنن کي هر عمل جي مڪمل آزادي هجي. دراصل بنيادي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ "امداد" جو مقصد ئي اهو هوندو آهي ته ترقي پذير ملڪ ۽ قومون سامراجي قومن جي اثر ۾ رهنديون اچن ۽ اهي سرمائيداري ترقيءَ جي راهه تي هلنديون رهن.

سامراجي قومون انهن قومن کي ڪمزور ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنديون آهن، جيڪي هر قسم جي بينڪي پرماريت جي

خلاف ويڙهه ڪنديون آهن ۽ جيڪي ڏارئين سرمائي جي هٿان وڏ ۾ وڏ زائد قدر جي ڦهائڙ جون مخالف هونديون آهن. انهيءَ مقصد لاءِ جديد بينڪي سامراجي ڏيهي وڏي بورزوازيءَ ۽ لاڏلن سماجي گروهن سان هٿ ملائيندا آهن ۽ خود سندن ڪاروبار ۾ ڪين مدد ڪرڻ کانسواءِ انتظامي عهدا به ڏيندا آهن.

انهيءَ جي باوجود جديد بينڪي پرماريت جون مخالف نيون آزاد ٽيندڙ قومون پنهنجي بنيادي ۽ قومي حقن لاءِ اُٿي رهيون آهن. ڇاڪاڻ ته اهي صاف صاف ڏسي رهيون آهن ته سندن دشمن ڪير آهن؟ جن ۾ پرماري ڪارپوريشنون، ڏاريو هڪ هٿي وارو سرمايو ۽ هر قسم جو بينڪي سامراج آهي. جيڪي سندن وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. جيڪي سندن زائد قدر کي اُتي لڳائي ويڻ ٿا ۽ انهيءَ کي پنهنجي دولت کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪن ٿا. ڪيترائي نوان آزاد ملڪ ۽ قومون سوويت يونين ۽ ٻين اهڙن سوشلسٽ ملڪن جي لاڳيتي معاشي مدد مان فائدو وٺي رهيا آهن. جيڪو جديد بينڪي سامراجين جي ڦورو عمل ڪان بلڪل ابتڙ آهي. ڇاڪاڻ ته سوشلسٽ ملڪن وٽان ايندڙ امداد نون ڇاول خودمختيار رياستن جي اندروني معاملن ۾ مداخلت سان مشروط نه هوندي آهي، انهيءَ جو مقصد صرف اهو هوندو آهي ته اهي ملڪ ترقي جي شاهراهه تي اڳتي وڌن ۽ ترقيءَ جي راهه تي گامزن رهن.

باب پارهون

زائد قدر جي پيداوار جي توسيع ۾ رياستي هڪ هٿي سرمائيداريءَ جو ڪردار

سرمائيداري اجاريداريءَ جي اندروني تضادن ۽ ٽڪائن ۾ بہ واڌارو ٿي رهيو آهي. ۽ اها رياستي اجاريداري سرمائيداري جو روپ ڌاري رهي آهي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ هٿين جي طاقت کي رياستي قوت سان سلهاڙيو ۽ گڏيو پيو وڃي. تہ جيئن زائد قدر جي پيداوار ۾ توسيع ۽ واڌ ٿي سگهي ۽ اجاريداري سرمايو ان جي اڳ کان وڌي حصي کي ڇڪائي سگهي. انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ مختلف طريقا واپرايا پيا وڃن.

رياستي ڪاروبار ۽ سرمائيدارن کي ملندڙ منافعو: رياست جي ڪاروباري سرگرمين ۾ توسيع ۽ واڌ مان اقتصاديات ۾ بورزوا رياست جي عمل دخل جي خبر پوندي آهي. اهي سرگرميون، رياستي هڪ هٿي ملڪيت جي حساب ڪتاب ۾ ڪيون ويندیون آهن. مثال: فرانس ۾ 1980ع جي ڏهاڪي جي شروعات ۾ صنعت ۽ ٽرانسپورٽ جي ميدانن جي ڪل اثاثن جي 34 سيڪڙي حصي تي رياستي ملڪيت قائم هئي. آمريڪا ۾ رياست 26 کرب ڊالرن جي جامد يا مستقل سرمائي جي مالڪ هئي. اهڙيءَ طرح برطانيا ۽ اٽليءَ ۾ 20 سيڪڙي کان وڌيڪ پورهيت ماڻهو رياستي ڪارخانن ۽ دفترن ۾ ملازم هئا. آسٽريا ۾ انهيءَ سلسلي جي ڪاروبار جي لحاظ کان ڪل صنعتي پيداوار جي ٽئين حصي کي پيدا ڪندڙ هئا.

رياستي ملڪيت وارن ڪارخانن ۾ بورزوا رياست پاڻ پنهنجي سر بہ هڪ هٿي سرمائيدار جي طور تي ڪم ڪندي آهي، ۽ هڪ هٿي سرمائيدارن جي پوري طبقي جي مفادن جي نمائندگي ڪندي آهي. انهيءَ لحاظ کان رياست پيداوار کي سرمائيداري طريقي تي منظم ڪندي آهي. اها مزدورن کان نہ رڳو واجبي پورهيي جي مدت ۾ ڪم ونڊندي آهي پر واڌو پورهيي جي مدت ۾ بہ ڪائنس پورهيو ونڊندي آهي. انهيءَ مقصد لاءِ رياست زائد قدر جي پيدا ڪرڻ وارا اهي حربا استعمال ڪندي آهي، جيڪي سرمائيداري ڪارخانن ۾ استعمال ٿيندا آهن. بلڪ وڌي ڳالهہ اها هوندي آهي تہ جيئن تہ انهن ڪارخانن ۾ حڪومت وٽ دباءُ جي ٻين ذريعن کان سواءِ خود رياست جي طاقت ۽ اختيار بہ حاصل هوندو آهي، ان ڪري اهي حربا ۽ چالون وڌيڪ ظالماڻيون ٿي وڃن ٿيون، تنهن کان سواءِ پورهيت کان وڌيڪ ڪم ونڻ لاءِ ڪين قومي مفاد جي بهتريءَ لاءِ وڌيڪ پورهيي ڪرڻ جا واعظ بہ ڪيا ويندا آهن.

رياستي ڪارخانن ۾ پورهيت ماڻهن جو ظالماڻو استحصال ۽ ڦرمار زائد قدر جي وڌي مقدار کي جنم ڏيندو آهي. انهيءَ زائد قدر جو وڏو حصو يا تہ سڌو سنواڻو پرماري هڪ هٿين کي ملندو آهي يا وري رڳو سندن خادمن ۽ سائڙين ڳاڻڙين ۾ استعمال ٿيندو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ هٿي سرمائيدارن جي هٿ ۾ ايندڙ مجموعي زائد قدر ۾ اضافو ٿيندو آهي.

رياستي ڪارخانن مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر ڪيترن رستن سان وڃي هڪ هٿي بورزوازيءَ جي هٿ چڙهندو آهي. انهيءَ جو سڀ کان اهم طريقو تہ رياستي ڪارخانن مان تيار ٿي نڪرندڙ شين جو وڪرو آهي. جنهن لاءِ رياست پرماري هڪ هٿين کي ٻارڻ، بجلي ۽ مختلف معدنياتي ڪچو مال ۽ ٽرانسپورٽ وغيره بلڪل سستن اگهن تي مهيا ڪندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهي اگهہ پيداواري لاڳت کان بہ گهٽو گهٽ هوندا آهن. اهي اگهہ انهن کان بہ گهٽ هوندا آهن. جن اگهن تي اهي شيون ۽ خدمتون عام آبادي‌ءَ کي ڏنيون ويندیون آهن، جيئن فرانس ۾

رياستي ترسٽ "شاربوتاج دي فرانس" اهڙين پرماري هڪ هٿين کي هڪ وڏي عرصي تائين پيداواري لاڳت جي 85 ۽ 90 سيڪڙو قيمت کان ب گهٽ تي ڪوٽلو ڏيندي هئي. اهڙيءَ طرح فرانسيسي رياستي انجمن "اليڪٽرڪستي دي فرانس" سالن تائين فرانس جي ڪيميائي ۽ ڌاتو سازيءَ جي صنعت کي بجلي انهيءَ اڳهه کان 5 کان 10هوڻ تي گهٽ ڏيندي هئي. جيڪو اڳهه عام ماڻهن کان ونڊندي هئي. رياستي هڪ هٿيءَ جي پيداوار کي گهٽ قيمت تي خريد ڪري خانگي هڪ هٿيون انهيءَ پيداوار جي لاڳت جي صرف هڪ حصي جي ادائگي ڪندیون آهن. جڏهن ته کين پيو حصو مفت ۾ ملي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اهي خانگي هڪ هٿيون رياستي ڪارخانن ۾ پيدا ٿيل زائد قدر جي هڪ وڏي حصي کي بنا ڪنهن معاوضي ڏيڻ جي هڙپ ڪري ويندیون آهن.

اهڙيءَ طرح اهي هڪ هٿيون رياستي ڪارخانن کي ڪچو مال ۽ ب سامان سڙو وڻن ۽ معانگن اڳهن تي وڪڻنديون آهن: جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته رياست کين انهن شين جي پيداواري لاڳت کان وڌيڪ قيمت ڏيندي آهي. نتيجي ۾ هڪ هٿيون نه رڳو وڪرو ٿيل پيداوار تي ايندڙ خرچ ڪيندیون آهن پر انهيءَ قيمت کان مٿي هي واڌو رقم ب وصول ڪندیون آهن. اهڙيءَ طرح واريون واڌو ادائگيون انهيءَ زائد قدر مان ڪيیون ويندیون آهن: جيڪو رياست جي ڪارخانن مان پيدا ٿيندو آهي.

اهي هڪ هٿيون رياستي ڪارخانن جي آمدنين ۾ ڪٽوتي ڪرائي وڏا فائدا ڪڻنديون آهن: ۽ ڪچي مال، بجليءَ ۽ ٻارڻ وغيره کي سستن اڳهن تي خريد ڪري وڌيڪ زائد قدر وصول ڪندیون آهن.

هنن جي منافعي جو هڪ وڏو ذريعو اهو ب آهي ته اهي رياستي ڪارخانن کي سستي اڳهه تي خريد ڪندیون آهن، اهي لاها چاڑهڻ ڪڏهن ڪڏهن وڏي پئماني تي ٿيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هي معاياري لڙائي کان پوءِ آمريڪي هڪ هٿين، رياستي ڪارخانا ۽ ٻيو مواد خريد ڪيا هئا، جن تي حڪومت جا 60 ارب ڊالر لڳا هئا، پر اهي انهيءَ

لاڳت کان گھٽو گھٽ اگھن تي وڪرو ڪيا ويا. مثال طور 'مارگن' گروھ ڏاتو سازيءَ جا ڪارخانا 12 ڪروڙن ڊالرن ۾ خريد ڪيا ھئا. جڏھن تہ انھن ڪارخانن تي حڪومت جي 5 ڪروڙ ڊالر لاڳت آيل ھئي. اھڙيءَ طرح اھو "شراڪتي" نظام بہ ھڪ ھٿين لاءِ ڪو گھٽ نفعي وارو نہ ھوندو آھي. جنھن تحت رياستي ڪارخانا ھڪ ھٿين کي عملي طور تي جھڙوڪ مفت ۾ ڏنا ويندا آھن. ٽيندو ھيئن آھي تہ ڪارخاني کي رياست تعمير ڪندي آھي، پر انھيءَ کي ھلائي، منافعو ھڪ ھٿيون ناھيندیون آھن. ان جي نتيجي ۾ ھڪ ھٿيون بنھ ٿورڙا پئسا سيڙائي، وڏو زائد قدر ڪمائيندیون آھن. اھو "شراڪتي" نظام آمريڪا ۾ گھٽو عام آھي. جتي ائٽمي توانائي، خلائي مواصلات جي صنعت کي رياستي سرمائي سان تعمير ڪيو وڃي ٿو پر ان جو انتظام ۽ ڪم ڪار خانگي احاريدارين کي ڏنو وڃي ٿو.

رياستي سرمائي مان خانگي سرمائي جي امداد ۽ بيون رعايتون: اڃوڪي سرمائيدار رياست، پنھنجي ھٿ ۾ بي انداز مالي وسيلا ھٿيڪا ڪيو ويٺي آھي. رڳو اھو چوڻ ئي گھٽو آھي تہ صنعتي طور تي سڌ ريل ملڪن ۾ رياستي بجيٽ قومي آمدنيءَ جو 20 کان 25 سيڪڙو ھوندي آھي. رياست انھن مالي وسيلن کي لڳاتار ھڪ ھٿين ۾ ورھائيندي رھندي آھي، جنھن جي ڪري پورھيت عوام جون آمدنيون گھٽجنديون ويندیون آھن ۽ ھڪ ھٿي سرمائي جا منافعا وڌندا ويندا آھن.

رياست مھارت واري عملي جي تربيت ۽ سکيا جو مالي بار کڻندي آھي. جيڪڏھن اھا ائين نہ ڪندي تہ اھا تربيت ھڪ ھٿين کي ڪرٽي پوندي. انھيءَ ڳالھ ۾ ڪوبہ شڪ ۽ شبھو ڪونہ آھي تہ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي انقلاب جي ڪري مھارت واري پورھيي جي استحصال ڪرڻ ڪانسواءِ زائد قدر جي پيداوار کي وڌائي ويڪرو ڪري نٿو سگھجي. اھو ئي سبب آھي جو ھڪ ھٿين کي جڏھن بہ وڏا مسئلا آڏو ايندا آھن تہ اھي انھيءَ جي حل جو سڃو بار رياست جي مٿان لاھي پاھي

رکندیون آهن. انهيءَ ڳالهه کان هرکو واقف آهي ته سائنس جي ميدان ۾ ترقيءَ کان سواءِ نه ته ٽيڪنالاجي اثرائتي نموني ترقي ڪري سگهي ٿي ۽ نه وري بنيادي طور نيون شيون پيدا ڪري سگهجن ٿيون. انهيءَ مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ رياست وڏا خرچ ڪڍندي آهي، اهي خرچ ئي هوندا آهن، جيڪي ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ جي راهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪري. عالمي منڊيءَ ۾ هڪ هٿين کي ٻين تي حقيقي پرماري برتري ۽ مٿيرائي ڏيارينداآهن. تنهن کان سواءِ اهي خرچ ئي هوندا آهن، جيڪي اجاريدارين کي انهيءَ جي اهل ڪندا آهن، جنهن جي بنياد تي اهي لاڳيتو وافر زائد قدر ميڙيندیون رهنديون آهن.

پنهنجي سرمائي مان رياست، هڪ هٿين کي ۽ خاص ڪري وڏين پرماري هڪ هٿين کي بي انداز مالي امدادون، قرض ۽ اڳواٽ دولت فراهم ڪندي آهي. عام طور اهي امدادي ادائگيون مفت ۾ ڏنيون ويندیون آهن. جڏهن ته اڳواٽ روڪڙ ۽ قرض وغيره آسان شرطن تي ڏنا ويندا آهن. انهن تان عام منڊيءَ کان گهٽ شرح تي وياج ورتو ويندو آهي. انهيءَ ئي پئسي جي زور تي وڏيون پرماري هڪ هٿيون پيداوار ۾ وسعت ۽ واڌ آڻيندیون آهن ۽ نيون نيون شيون پيدا ڪنديون آهن، جن جي نتيجي ۾ ڪين سندن مخالفن جي پيٽ ۾ نوان منافعا ۽ نئين وڏائي ملي ويندي آهي.

اهڙيءَ طرح رياست هڪ هٿين کي ٽيڪسن ۾ ڇوٽ يا رعايتون وغيره آڻي به وڏو منافعو پهچائيندي آهي. آبادیءَ جي غريب ترين طبقن جي پيٽ ۾ هڪ هٿين لاءِ ٽيڪسن جي شرح ۾ گهٽا پيرا ۽ گهڻي مقدار ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي آهي. مثال طور 'ريگن' انتظاميه جي جاري ڪيل سڌارن مان آمريڪي پرماري ڪارپوريشنين 1982ع ۾ ٽيڪسن جي ڏس ۾ 50 ارب ڊالرن جي رقم بچائي هئي. اهڙيءَ طرح منافعن جي سرمائيڪاريءَ تي قسمين قسمين رعايتون ڏنيون ويندیون آهن. ڪيترن ملڪن ۾ نئين سرمائيڪاريءَ جي وڏي حصي کي خالص منافعي وارو نه ڄاتو ويندو آهي. نتيجي ۾ ان تي ٽيڪس به لاڳو نه ڪيو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح ڪن ملڪن ۾ نون صنعتي ڪارخانن تي ڏهن سالن جي عرصي تائين ڪنهن به قسم جو ٽيڪس نه وڌو ويندو آهي.

سرمائيدار ملڪن ۾ ٽيڪسن جي نظام کان بچاءَ جا وڏا ذريعا خيراتي عطيا هوندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ هٿيون پنهنجن منافعن کي ٽيڪسن کان بچائي ويندیون آهن. خاص طور تي پينشنن، ويمي جي سرمائي، خيرات ۽ عطين يا سياسي پارٽين جي مالي امداد ۽ گذريل سالن جي نقصان جي پورت تي خرچ ٽيندڙ سرمائي تي ٽيڪس نه ورتو ويندو آهي. جنهن جي ڪري هڪ هٿيون اٽڪل ڪري، پهرين منافعن مان هڪ وڏيءَ رقم کي ڪڍي، مٿي ڄاڻايل ڏس ۾ ٽپائي ٽيڪس لائق سرمائي جي مقدار کي گهٽائي ڇڏيندیون آهن ۽ پوءِ جڏهن کين پئسي جي لوڙ پوندي آهي ته انهيءَ رقم مان پئسا ڪڍي ضرورت مطابق خرچ ڪندیون آهن.

اهڙيءَ طرح وقت گذرڻ سان سامان سڙي گسڻ ۽ پراڻي ٽيڪ جي مقدار کي وڌائي ڏيکارڻ واري چال به ٽيڪسن جي ادائگيءَ کان بچاءَ جا موقعا فراهم ڪندي آهي. عام حالتن ۾ سامان سڙو ڏهن يا مٿي سالن ۾ گسي خراب ٿي ويندو آهي، جنهن ڪري سامان جي 10 سيڪڙو قيمت کي هر سال صنعتي وکر جي لاڳت ۾ جوڙ ڪيو ويندو آهي. نئين سامان جي خريداريءَ لاءِ گڏ ٽيندڙ انهيءَ رقم کي ٻڌندڙ موڙي يا نقصان وارو مور چوندا آهن. هڪ هٿيون انهيءَ گسندڙ مقدار کي وڌائي چاڙهي سامان جي قيمت کي 4 کان 5 سالن ۾ پورو ڪري ڇڏيندیون آهن. انهيءَ جو مطلب اهو آهي ته اهي نفعي جي هڪ حصي کي سامان سڙي جي گسڻ ۽ خراب ٽيڻ جي نالي يا ڏس ۾ نقصانڪار مور يا ٻڌندڙ موڙيءَ ۾ ڏيکاري ڇڏيندیون آهن ۽ پوءِ گسڻ ۽ خراب ٽيڻ جي نالي ۾ ٻڌندڙ موڙي واري سرمائي وانگر اهو حصو به ٽيڪس کان آجو ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ هٿيون رياست کي پنهنجي منافعن جي اصل ليول کان گهٽ ٽيڪس ادا ڪندیون آهن. اهڙين ڪٽوتين جي بهاني سان آمريڪي هڪ هٿين 1988ع جي رڳو هڪ سال ۾ هڪ کرب پنجاهه ارب ڊالر ٽيڪس مان بچائي ورتا هئا.

اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن هڪ هٿين جا اڳواڻ ۽ سالار رياستي ادارن کان اڪ ٽيڪ جي سهاري ڏوڪي بازيون ۽ ڪندا آهن. اهي منافعن جي اصل مقدار کي لڪائيندا آهن ۽ سرمائي جي باري ۾ ڏاڍي نڪ جي پڪائي سان انگ اکر گهڻ ڪري ٻڌائيندا آهن. ٽيڪسن جي ادائگين جي اهڙين ڏانڊلين مان هڪ هٿيون بي انداز منافعو ڪمائيندیون آهن. مثال لاءِ آمريڪي ڪروڙ پتي 'هينري فورڊ' جي موت کان پوءِ سندس وارثن کي جائداد جي منتقلي لاءِ 54 ڪروڙ ڊالرن جا ٽيڪس ادا ڪرڻا هئا، پر ٽيڪسن کان لنوائڻ لاءِ هڪدم فورڊ فائونڊيشن قائم ڪئي وئي، ۽ جائداد جو هڪ وڏو حصو انهيءَ جي نالي تي بنا ٽيڪس ادا ڪرڻ جي منتقل ڪيو ويو ۽ باقي بچيل ملڪيت مان رياستي خزاني کي ۽ ڪروڙ 10 ڏهه لک ڊالرن جو ٽيڪس ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح صرف هڪڙي ئي اٽڪل سان فورڊ خاندان 52 ڪروڙ ڊالر بچائي ورتا.

رياست ۽ هڪ هٿي قيمتون: اڄوڪيءَ سرمائيدار دنيا ۾ سڀ کان وڏو گراهڪ خود بورزوا رياست هوندي آهي. صنعتي طور سڌريل ملڪن ۾ رياستي خريداريون ڪل قومي پيداوار جو 25 سيڪڙو هوندیون آهن. تنهن ڪري اها هڪ وڏي رياستي منڊي هوندي آهي.

انهيءَ صورتحال ۾ سرمائيدارن کي ۽ ان کان ۽ وڌيڪ اجاريدارين کي هڪ سگهاري منڊي ملي ويندي آهي، جو تہ اهڙيءَ طرح هڪ هٿيون پنهنجي پيداوار جي هڪ وڏي حصي کي وڪڻي سگهندیون آهن ۽ ائين طلب ۽ گهرج جي لاهن چاڑهن سبب جيڪو نقصان ٿيندو آهي، اهو گهٽجي وڃي ٿو ۽ منافعو وڌي وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح هڪ هٿين کي رياستي منڊيءَ ۾ وڪري لاءِ انتهائي سازگار حالتون ملیل هوندیون آهن ۽ ڏيتي ليتي ۽ ڏاڍي منافعي وارين قيمتن تي ٿيندي آهي، خود رياست ۽ هڪ هٿين کي فائدي ڏيارڻ لاءِ هڪ هٿي قيمتن واري نظام کي هٿي ڏيندي آهي. جنهن جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن خصوصي قسم جا قانون ۽ منظور ڪيا ويندا آهن. جن جي

ذريعي منڊيءَ تي هڪ هٿين جي مڙهيل وڏين قيمتن جي توثيق ڪئي ويندي آهي. اهڙا ڪوڙ مثال آهن، جن تحت رياست جي پاران خريد ۽ فروختن جي لاءِ خاص قيمتون مقرر ڪيون ويندیون آهن ۽ رياست پاران اها ذميداري قبول ڪئي ويندي آهي ۽ اها انهن ئي مقرر ٿيل قيمتن تي ئي شيون خريد ڪندي آهي. شين جا اهڙا اڳهه هڪ هٿين جي بورڊ جي ڊائريڪٽرن ۽ واسطيدار حڪومتي ادارن جي گڏيل فيصلن ۾ طئي ٿيندا آهن. اهڙين صورتن ۾ خود هڪ هٿين جي تجويز ڪيل قيمتن کي ئي قيمتن جو بنياد سمجهي طئي ڪيو ويندو آهي.

هڪ هٿين جي پيداوار جي قيمتن کي مٿيري رکڻ لاءِ رياست پرڏيهي واپار کي همٿائيندي آهي ۽ روانگين کي وڌائڻ لاءِ هرڪو قدم کڻندي آهي ۽ روانگي واپارين کي خاص روانگي انعامي ۽ امدادي ادائگيون ڪندي آهي. جڏهن ته شين جي روانگي واپار ۾ واڌ جي ڪري ڏيهي منڊيءَ ۾ شين جي فراهمي گهٽجي ويندي آهي. (جنهن جي ڪري ملڪ جي اندر ۾ قيمتن جي وڌڻ جا موقعا ملندا آهن) انهيءَ سان گڏ رياست اهڙي قسم جي شين جي ملڪ اندر آمدني گهٽ ڪرڻ لاءِ قانوني رڪاوٽون به وجهندي آهي.

سرمائيدار رياست نه صرف وڏين هڪ هٿي قيمتن جي پٺيرائي ڪندي آهي پر گهٽ هڪ هٿي قيمتن جو به ساٿ ڏيندي آهي. (رياستي ڪارخانن مان پيدا ٿيل انهن شين جي قيمت سستي رکندي آهي، جيڪي هڪ هٿين کي وڪيون ويندیون آهن) اهڙيءَ صورت ۾ رياستي بجيٽ مان ڪارخانن جي نقصانن جو پورائو ڪيو ويندو آهي. اهڙي رياستي سهڪار جي سهاري تي هڪ هٿي قيمتن واري نظام جي مضبوطي، هڪ هٿين جي مها منافعن کي مستحڪم ڪندي آهي.

جنگ بازي ۽ منافعا: معيشيت کي جنگي مقصدن ۽ هٿيارن جي ڊوڙ کي وڌائڻ وارو عمل، اصل ۾ رياستي هڪ هٿي سرمائيداريءَ جي ڳيجهوپٽي ۽ زوال پڏيريءَ جي نشاني آهي. اڄوڪيءَ انسانيت کي سڀ کان وڏو

خطرو اهڙي جنگ بازيءَ مان آهي. اها عظيم هڪ هٿي سرمائي کي اعتبار ۾ نه اچڻ جهڙا موقعا فراهم ڪندي آهي.

سامراجي اهڙن موقعن مان ڦورن وانگر فائدا ونڊندا آهن، ۽ وڏي انداز ۾ لٽ لائي ڏيندا آهن. مثال طور واڪ فيارمن پهرين مهاياري لڙائي مان 500 ڪروڙن جو خالص منافعو ڪمايو ان کان پوءِ بي مهاياري لڙائي انهن لاءِ وڌيڪ 12 ارب 12 ڪروڙ ۽ 70 لک ڊالرن جو منافعو آندو. اهڙيءَ طرح ٻين هڪ هٿي پرمارين ۽ جنگن مان زائد قدر جون وڏيون وڏيون رقمون ميڙيون، تنهن ڪري جنگ، جيڪا پورهيت عوام لاءِ موت، خون خرابو ۽ مصيبتون کڻي ايندي آهي، سا سرمائيدارن لاءِ مها منافعا آڻيندي آهي.

انهيءَ ڳالهه مان ئي خبر پوندي آهي ته هڪ هٿيون امن واري ماحول ۾ ۽ پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حڪومتن تي زور چو پريندیون آهن ته اهي فوجي خرچن کي وڌائين. هٿيارن جي ڊوڙ کي تيز ۽ تڪو ڪن ۽ جنگي جنون کي اُپارين. 1980ع جي ڏهاڪي ۾ معيشيت ۾ جنگ بازيءَ وارو عمل ڦهلجي گهڻو وسيع ٿي ويو آهي. 1982ع ۾ دنيا ۾ 6 کرب ۽ 50 ارب ڊالر فوجي مقصدن لاءِ رکيا ويا هئا. هيٺ ڄاڻايل حقيقتون انهيءَ بربادي جي حساب ڪتاب جي اندازي لڳائڻ ۾ مددگار ٿيندیون. اقوام متحده کي صحت جي حفاظت، تعليم، ماحول جي بچاءَ، ٽيڪنڪي امدادن ۽ کاڌ خوراڪ جي فراهمين جي سيني رڪاوٽن لاءِ لڳ ڀڳ 2 ارب ڊالر سال ۾ کپندا آهن (هنن ٻنهي رقمن يعني جنگ بازيءَ لاءِ 6 کرب ۽ 2 ارب ڊالرن جي امن ۽ سلامتي لاءِ 2 اربن ڊالرن سان پيٽ ڪريو.)

پر حد ته اها آهي جو سامراجي قومن جي پوتارن جي نظرن ۾ جنگ بازيءَ جي خرچن واري اها مٿاهين ليول تسلي بخش نٿي لڳي. نتيجي ۾ آمريڪي فوجي بجيٽ ۾ هر سال 12 کان 14 سيڪڙو واڌ ٿيندي رهندي آهي. اهڙين اڻ مين فوجي خرچن جي ڪري ئي سامراجي رياستون هڪ هٿين کي نهايت ئي نفعي وارن معاهدن جي پيشڪش ڪرڻ جي قابل ٿيندیون آهن. جيئن آمريڪا ۾ پينٽاگون هر سال اجاريدارين کي هڪ

ڪروڙ ڊالرن جون شيون ۽ خدمتون فراهم ڪرڻ جو چوندي آهي، انهن مڙني کان وڌيڪ نفعي وارا معاهدا جنرل ڊائنامڪس، رائفيلور انٽرنيشنل، بوئنگ ۽ ٻين ڪمپنين کي ملندا آهن.

هٿيارن جي صنعت وڏن ڪاروباري سالارن کي عام صنعت جي پيٽ ۾ وڌيڪ منافعو ڏيندي آهي. آمريڪا ۾ هٿيارن جي صنعت جا منافعا، عام ڪارخانيدارن کان اٽڪل 70 سيڪڙو منافعا وڌيڪ هوندا آهن. اهي وڌا منافعا نه صرف ان لاءِ وڌا منافعا آهن، جو فوجي ۽ هٿيارن جي صنعت ۾ وڌيڪ زائد قدر پيدا ٿيندو آهي، پر انهيءَ منافعي خوريءَ ۾ وڏو هٿ انهيءَ ڪالهه جو هوندو آهي ته عام ڪارخانن مان پيدا ٿيندڙ زائد قدر جو هڪ حصو کڻي هٿيارن جي ڪارخانن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. زائد قدر جي اها نئين ورهاست، رياستي هڪ هٿي بجيٽ ۽ ٽيڪسن جي ذريعي عمل ۾ ايندي آهي، تنهن ڪري فوجي صنعتي هڪ هٿين مان هٿ ڪيل زائد قدر اربين ڊالرن کي وڃي رسندو آهي، جيڪو 18 ملڪن سان هٿيارن جو واپار ڪندو آهي، ۽ برازيل 16 ملڪن سان واپار ڪندو آهي ۽ انهن ٻنهي مان هر ڪو ملڪ هر سال هڪ ارب ڊالرن کان وڌيڪ هٿيار وڪٽندو آهي. اهڙا فوجي خرچ انهن نون آزاد ترقي پذير ملڪن تي وڏو بار بنجي رهيا آهن، جن جي اقتصاديات اڳ ئي پختي آهي. اهڙن ملڪن جا انهيءَ ڏس ۾ خرچ 1970ع جي 27.8 ارب ڊالرن مان وڌي 1981ع ۾ 81 ارب ڊالر ٿي ويا هئا. اهي رياستون ايڏا ترقيءَ جي پهرين ڏاڪي تي بيٺل آهن، پر اهي هٿيارن جي خريداريءَ تي صنعت جي شعبي جي پيٽ ۾ ڇوڙ تي ۽ تعليم جي شعبي جي پيٽ ۾ 200 سيڪڙي کان وڌيڪ خرچ ڪن ٿيون. هٿيارن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ 10 کان وڌيڪ ترقي پذير ملڪن پنهنجون هٿيارن جون فيڪٽريون کوليون آهن. جيتوڻيڪ ڪين گهٽا هٿيار پوءِ ۾ گهرائڻا پون ٿا. 1980ع جي ڏهاڪي جي اوائلي ۾ 105 ترقي پذير ملڪ ٻاهرين ملڪن مان هٿيار خريد ڪندا هئا نه رڳو 1980ع جي هڪڙي سال جي

دوران انهن ملڪن جي پاران 18.3 اربن ڊالرن جا هٿيار خريد ڪيا ويا هئا.

رياست مزدورن ۽ سرمائيدارن جي رشتي ۾ مداخلت ڪندي آهي:
رياست مزدورن مان وڌ ۾ وڌ زائد قدر ڪڍڻ ۾ سرمائيدارن جي مدد ڪندي آهي، جنهن لاءِ اها پورهيي ۽ سرمائي جي رشتن ۾ ڏينهون ڏينهن پاڻ وچڑائيندي رهندي آهي. ڪيترن ملڪن ۾ خانگي سرمائي جي ضرورت وارا مزدور دشمن قانون منظور ڪيا وڃن ٿا. رياست اجرتن کي هڪ هنڌ بيهاري انهن جي وڌڻ کي سست ڪندي آهي، رياست انهيءَ ڳالهه تي ڳڻيڙ ٻڌي بيهندي آهي ته قيمتن جي واڌ جي باوجود مزدور پگهارن جي واڌ جي ڳالهه نه ڪن. انهن مڙني ڳالهين جي نتيجي ۾ سرمائيدار پورهيي جي طاقت کي سستو خريد ڪندا آهن ۽ پوءِ انهيءَ مان فالتو منافعا ميڙيندا آهن.

رياست، پنهنجي حقن لاءِ پورهيت جدوجهد جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهندي آهي، ۽ مزدورن کي هڪ هٿي سرمائي جي لاڳو ٿيل ڪم ڪار وارين حالتن کي قبول ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي، اها اهڙن قانونن کي لاڳو ڪندي آهي، جن جي وسيلي هڙتالن جي روڪ ٿي سگهندي آهي ۽ مزدور يونين جي خلاف قانوني طور ڪيس ڪري سگهبو آهي. مثال برطانيه ۾ ٻڌي ۽ ايڪي جي اظهار لاءِ هڙتالن کي غير قانوني ڄاڻايو ويو آهي ۽ روزگار جي قانون موجب، هڙتالن کي ڪامياب ڪرائڻ وارن پهريدار مزدورن جي تعداد کي گهٽايو ويو آهي. برطانوي ڪورٽن کي اهو حق ڏنو ويو آهي ته "ناجائز هڙتال" جي صورت ۾ مزدور يونين جي ڪاتن مان سرمائيدارن کي ڏنڊ پرائي ڏئي سگهن.

رياست هڪ هٿين جي پرڏيهي معاشي پکيڙ ۾ سهڪار ڪندي آهي:
رياست پرماري هڪ هٿين جي پرڏيهي معاشي پکيڙ يا ڦهلاءَ ۾ همت افزائي ڪندي آهي ته جيئن انهن لاءِ پرڏيهه مان زائد قدر کي پرماريت

جي لاءِ سولو ۽ آسان ڪري سگهجي. رياست يقيني بنائيندي آهي تہ خانگي سرمائيڪارين جي منافعي جي شرح وڌيل رکجي، انهن جو پرڏيهي واپار وڌندو رهي ۽ خريد ۽ فروخت ۾ هڪ هٿي واريون قيمتون قائم رهن. سامراجي رياستون پرڏيهي ملڪن سان ۽ خاص ڪري ترقي پذير ملڪن سان واپاري معاهدن ڪرڻ وقت اهڙا شرط رکنديون آهن، جاکاڙ تہ اهي معاهدا ئي رياستي سرمائي جي پرڏيهي روانگيءَ ۽ امدادي ادائگين جو اصل سبب هوندا آهن رياست پرڏيهي ملڪن ۾ رياستي پرماري هڪ هٿين جي معاشي واڌ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مختلف قسمن جون مالي ترڪيبون ڏيندي آهي ۽ خانگي سرمائي کي حڪومتي ضمانتن جي پڪ ڏياري ويندي آهي. پنهنجي پنهنجي ملڪ جي وڏين وڏين هڪ هٿين سان گڏجي سرمائيدار حڪومتون بہ بين الاقوامي پرماري نانيءَ ويڑها جوڙيندیون آهن. اهي پرماري هڪ هٿي ڪارپوريشنن جي بين الاقوامي دائري کي وڌائي، سرمائيداري هم آهنگيءَ کي سُهنجو ڪنديون آهن. اهڙيءَ طرح پرڏيهي ملڪن ۾ معاشي توسيع ۽ پکيڙ لاءِ رياست جي حمايت ئي هوندي آهي جيڪا پرماري هڪ هٿي سرمائي جي هٿان ٻين قومن جي ڦرمار ڪندي آهي ۽ انهن جي زائدقدر جي ميڙ ۽ روڙ ۾ سندن ساٿ ڏيندي ۽ سهڪاري ٿيندي آهي.

باب تيرهون

سرمائيدارن جي شاهوڪاريءَ جو سرچشمو ۽ زائد قدر

زائد قدر جو استحصال: اسان کي هاڻ اها ڄاڻ ملي چڪي آهي ته سرمائيدار خود پنهنجي ملڪ جي پورهيت عوام ۽ آبادي‌ءَ جي ٻين حلقن ۽ پرتن جي مفت ۽ بنا معاوضي پورهيي کان سواءِ ٻين سرمائيدارن ۽ ترقي پذير ملڪن مان ڪيتري قدر ۽ ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان زائد قدر ڦٻائيندا آهن. ته پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سرمائيدار اهڙيءَ طرح هٿ ايندڙ زائد قدر مان ڪهڙو ڪم وٺندا آهن؟

عام طور تي سرمائيدار انهيءَ رقم کي ٻن حصن ۾ ورهائيندو آهي. هو منافعي جي هڪ حصي کي ذاتي خرچن جي ڏس ۾ استعمال ڪندو آهي ۽ ٻئي حصي مان پنهنجي سرمائي کي وڌائيندو آهي. جنهن کري زائد قدر جو ٻيو حصو سرمائي جي ذخيري ۾ گڏجي ويندو آهي.

فضول خرچيون ۽ اجايون عياشيون وڌي رهيون آهن: سرمائيداري پنهنجي ذاتي خرچن واري سرمائي جي هڪ حصي کي پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي کاڌي پيتي، ڪپڙي لتي، ٻوٽن جورابن، گهريلو سجاوٽ ۽ دوائن وغيره تي خرچ ڪندو آهي. جنهن مان وڏو حصو عياشيءَ وارين شين ۽ ٻين غير پيداواري شين جي گڏ ڪرڻ تي خرچ ٿيندو آهي. جنهن لاءِ هو قيمتي ڪارن، ذاتي هوائي جهازن، محل نما مهانگن گهرن، شڪارگاهن، زيورن، مصورن جي تخليقن جي انبارن، ٻيڙين، طبيلن ۽ گوءِ ڪتڻ لاءِ گهوڙا وغيره خريد ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح

سرمائيدار پنهنجي ذخيري ٽيل سرمائي مان نوڪرن چاڪرن جا ڏڙ به رکندو آهي. وڏيون وڏيون دعوتون ڪندو آهي ۽ ٻيون به ڪيئي فضول خرچيون ڪندو آهي.

جيئن ته شاهوڪار خاندان هزارين پورهيت ماڻهن جي پورهيي مان زائد قدر کي ڦٻائي، مفت خوريءَ واري زندگي گذارينداآهن، ان ڪري انهي عياشيءَ ۽ فضول خرچيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هوندا آهن. جهڙوڪ: 'راڪ فيلر' خاندان ڪروڙين ڊالرن جي مالڪيت جي ڪيترن ئي گهرن، بنگلن ۽ محلن جا مالڪ آهن. شاهوڪار سرمائيدار پنهنجي گهرن گهاٽن، جي ناهه جوڙ ۽ سجاوٽ تي ڪروڙين ڊالر خرچ ڪن ٿا ۽ مصوري جي ذاڻي نمائش ۾ نايابنوادرات گڏ ڪندا آهن. مثال طور ڪيليفورنيا جي ارب پتي 'پال گيٽيءَ' جي گهر ۾ ارڙهين صديءَ جو فرانسيسي فرنيچر ۽ دنيا جي بهترين قالينن جو ذخيرو موجود آهي، جتي قديم يونان ۽ روم جي سنگتراشيءَ جا مجسما، ريمبرانٽ ۽ ٻين عظيم مصورن جون تخليقون موجود آهن. گيٽي جي لنڊن جي گهر واري آرٽ گيلري، ان جي ڪيليفورنيا جي گهر جي گيلريءَ کان گهٽ ڪانه آهي. اهڙيءَ طرح وائيس 'راڪ فيلر' وٽ به تصويرن جو لاجواب ذخيرو موجود آهي رڳو آمريڪي بورجوازي عياشيءَ جي سامان، هيرن جواهرن ۽ ويس وڳن جي خريداريءَ تي لڳ ڀڳ 4 ارب ڊالر سالياناخرچ ڪندا آهن.

نه رڳو اهو پر امير ماڻهو جوا خانن ۾ پنهنجون قسمتون آزمائيندا ۽ لٽائيندا به آهن. هيءَ ماڻهو جيترو پئسو جوا تي اُڏائيندا آهن، انهيءَ مان هزارين لکين ماڻهو پنهنجي بک ۽ بدحاليءَ جي بدران سکي ۽ ستابي زندگي گذاري سگهن ٿا. 1960ع جي ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ آمريڪي جوا جي اڏن جا منافعا 68 ارب ڊالر هئا. پرماري نانيءَ ويڑها استقبالن، آڏرياٽن، دعوتن ۽ خصوصي گڏجاڻين تي بي فڪرا ٿي پئسو خرچ ڪندا آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه انهيءَ زائد قدر جي زور تي ڪيو ويندو آهي، جيڪو پورهيت طبقي جي پگهر پورهيي ۽ رت ست مان پيدا ٿيندو آهي.

سرمائي جي ذخيري اندوزي: سرمائيدار پنهنجين فضول خرچين تي پاٽيءَ وانگر پئسو وڃائيندا ويندا آهن، ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ خزاني جا ڍير بہ گڏ ڪندا ويندا آهن. جنهن لاءِ اهي زائد قدر کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان جي هڪ حصي کي ذخيرو ڪندا آهن. اهي جمع ٿيندڙ رقمون، اڳ موجود سرمائي سان ملي، پاڻ بہ سرمائي جو حصو ٿي ويندیون آهن. جيئن تہ اهو سرمايو زائد قدر تي ٻڌل هوندو آهي، ان ڪري اهو سرمايو پڻ پورهيت طبقي جي مفت واري پورهيي تي قبضي جو نتيجو هوندو آهي. پيداوار تي سرمائي جي لاڳت ۾ زائد قدر کي شامل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار پنهنجي سرمائي جي ذخيري کي ٻن حصن ۾ ورهائيندو آهي، هڪ حصي کي وڌيڪ مشين، سامان سڙي، ڪچي مال ۽ ٻارڻ وغيره جي خريداريءَ تي لڳايو ويندو آهي، تنهن ڪري اهو وڌيل ثابت سرمائي ۾ بدلجي ويندو آهي. زائد قدر جي انهيءَ حصي کي ڪارخانن جي دائريڪار کي وڌائڻ، نين عمارتن جي اڏاوتن، نين ڪاٽين کوٽڻ ۽ تيل جي نون کوهن کي کوٽڻ وغيره لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

پر جيئن تہ ڪارخانا پاڻ مرادو نٽا هلي سگهن، ان ڪري ذخيري ٿيل سرمائي جي ٻئي حصي کي وڌيڪ پورهيتن، ملازمن ۽ انجنيئرن وغيره کي پگهارن جي ڏيڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، زائد قدر جي انهيءَ حصي کي وڌيل وارڦير واري سرمائي ۾ بدلايو ويندو آهي.

ڏسڻو اهو آهي تہ زائد قدر کي سرمائي جي شڪل ڪيئن ڏني ويندي آهي؟ مثال طور جيڪڏهن ڪنهن هڪ سرمائيدار وٽ هڪ ڪروڙ ڊالرن جو سرمايو آهي ۽ هو انهيءَ مان 80 لک ثابت يا مستقل سرمائي جي حساب ۾ لڳائي ٿو، ۽ باقي 20 لک وارڦير واري سرمائي ۾ رکي ٿو، ۽ جيڪڏهن سراسري زائد قدر 300 سيڪڙو ٿئي ٿو، تہ اهڙيءَ طرح 60 لک ڊالرن جو زائد قدر پيدا ٿيندو.

انهيءَ (60 لکن) مان جيڪڏهن سرمائيدار 10 لک پاڻ تي خرچ ٿو ڪري تہ پوءِ بہ وٽس 50 لک ڊالر ذخيري اندوزيءَ لاءِ بچن ٿا. انهيءَ رقم کي پنهنجي سرمائي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هو ان کي ٻن حصن ۾ ورهائيندو

آهي، جنهن مان 40 لک اهو ثابت سرمائي ۾ شامل ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح اهو (ڪل) سرمايو وڌي هڪ ڪروڙ 50 لک ڊالر ٿي ويندو آهي، جنهن مان مستقل يا ثابت سرمايو هڪ ڪروڙ 20 لک ڊالر ۽ وارڦير وارو سرمايو 30 لک ڊالرن جو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن استحصال جي پراڻي شرح برقرار ۾ رهندي آهي، تڏهن ۾ 90 لک ڊالرن جو زائد قدر حاصل ٿيندو آهي.

اهڙيءَ طرح سرمائيدار زائدقدر جي شڪل ڏياري، زائد قدر جي مقدار کي وڌائي سگهندو آهي. انهيءَ لحاظ کان سرمائيدار اجرتي پورهيتن جي پيدا ڪيل زائد قدر کي ڦٻائڻ کان پوءِ انهيءَ زائد قدر جي ٿي ڪرشمي تي يا سماري تي انهن کان وڌيڪ پورهيو ونندو آهي.

سرمائيدار جيئن پوءِ تيئن شاهوڪار ٿي رهيو آهي: سرمائيدار زائد قدر کي سرمائي ۾ ملائي، پنهنجيءَ دولت جي وڌيڪ ذخيري اندوزي ڪندا ويندا آهن. آمريڪا ۾ راڪ فيلر سرمائي جي اڏام ۽ وارڦير جو سڀ کان وڏو ڏسڻ جوڳو نظارو پيش ڪيو آهي. انهيءَ دنيا جي ڪنڌ ڪڙڇ جي پورهيت عوام ۽ محڪوم قومن جي پرماريت مان تاريخ جو عظيم ترين قاروني خزانو ميڙيو آهي. جنهن جي ابتدا گهٽو اڳ 1862ع ۾ ڪئي وئي هئي. جڏهن راڪ فيلر آمريڪا جي هڪ شهر ڪليولينڊ ۾ گاسليٽ جو ڪارخانو کوليو هو. اهو راڪ فيلر اصل ۾ هڪڙي گهوڙن چورائيندڙ ۽ نڱ جو پٽ هو. ان وقت وٽس 4 هزارن ڊالرن جو سرمايو هو. پورهيي جي زائد قدر وارن طريقن کي استعمال ڪري ۽ رشوتون ڪارائي، ڏوڪي بازيون ۽ بليڪ ميلنگ ڪري صرف ٻن ڏهاڪن جي اندر اندر هُن پنهنجي سرمائي ۾ ڏهه هزار پيرا واڌ آڻي ڇڏي هئي. 1880ع جي ڏهاڪي جي اوائل ۾ وٽس چار ڪروڙ ڊالر گڏ ٿي ويا هئا. ان کان پوءِ وارن ويهن سالن ۾ 1901ع تائين اهو سرمايو پنجوڻ تي وڌي 20 ڪروڙ ڊالرن جو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح پهرين مهاياري لڙائي کان اڳ ۾ 'راڪفيلر' جو سرمايو 90 ڪروڙ ٿي چڪو هو. ليڪن ان کان پوءِ ان جو خزانو 4 کان 5 ارب ڊالر

تي پهچي ويو هو. جڏهن ته سندس خاندان جو سرمايو ان کان بہ وڌيڪ هيو. 1955ع تائين راڪفيلر خاندان جي سربراهيءَ ۾ قائم پرماري نانيءَ ويڙهي جو سرمايو 61.4 ارب ڊالر کي رسي ويو هو ۽ هاڻي اهو هڪ کرب ۽ 63.2 ارب ڊالر جو ٿي ويو آهي.

ٻين وڏن وڏن پرماري ۽ مالياتي سرمائيدارن جو سرمايو بہ انهيءَ رفتار سان وڌي رهيو آهي. 'پال گيٽيءَ' جو مثال ئي ونڊجي ته 1930ع جي ڏهاڪي جي اول ۾ ڪيس سندس پيءُ وٽان هڪ ڪروڙ ۽ 50 ڊالر مليا هئا. 1960ع جي ڏهاڪي جي اول ۾ سندس خزانو هڪ ارب ڊالرن کان وڌي ويو هو. اهڙيءَ طرح ڏکڻ آمريڪا جي ڪروڙپتي 'هينري اوپنهائمر' کي 1957ع ۾ پنهنجي پيءُ وٽان ورثي ۾ 100 کان وڌيڪ ڪارخانا مليا هئا. 1970ع جي ڏهاڪي جي اول تائين هو انهن ۾ وڌيڪ 50 ڪارخانن جو اضافو ڪري چڪو هو. 1947ع ۾ جاپان جي مشهور ڪمپني سوني صرف 537 ڊالرن جي سرمائي سان پنهنجي ڪاروبار جي شروعات ڪئي هئي، پر هاڻي انهيءَ جو سالياني وڪرو 40 ڪروڙن ڊالرن کان چڙهي ويو آهي. انهيءَ فرم جي پيداوار هن وقت 160 ملڪن ۾ وڪامي ٿي.

جيئن جيئن، سرمايو هڪ هنڌ ذخيرو ٿيندو ويندو آهي، تيئن تيئن معاشري جي، دولت چند امير ترين ماڻهن جي هٿن ۾ ايندي ويندي آهي ۽ ڪروڙپتين جو تعداد وڌندو ويندو آهي. 1948ع ۾ 13000 هزار آمريڪي ماڻهن وٽ ڏهہ لک ڊالر في ماڻهوءَ کان وڌيڪ هئا. 1962ع ۾ انهن جو تعداد 67000 ٿي ويو. 1970ع جي ڏهاڪي جي اول ۾ اهو تعداد 200000 لک ٿي ويو. اڄوڪي آمريڪا ۾ 482 خاندان اهڙا آهن، جيڪي 22 کرب ڊالرن جي سرمائي تي قبضو ڪيو ويٺا آهن يعني ڪل سرمائي جي 40 سيڪڙي تي سندن قبضو آهي.

اهڙيءَ طرح ڪيترن ترقي پذير ملڪن سرمائيدارن وٽ بہ تمام وڏو سرمايو گڏ ٿيل آهي. اتي 10 سيڪڙو خاندانن وٽ جيترو سرمايو سانديل آهي، انهيءَ جي شرح صنعتي طور سڌريل سرمائيدار ملڪن کان بہ وڌيڪ آهي. 1970ع جي ڏهاڪي جي اول ۾ برازيل جي سرمائي جو 50

سيڪڙو هندوراس جي سرمائي جو 50 سيڪڙو ۽ پيروجي سرمائي جو 42.9 سيڪڙو حصو چند خاندانن جي هٿن ۾ قائل هو. جڏهن برطانيہ ۽ اولهہ جرمنيءَ ۾ اها شرح ترتيبوار 23.5 ۽ 30.3 سيڪڙو هئي.

منافعي خورن ۽ واندن جو تعداد وڌندو پيو وڃي: شاهوڪاريءَ جي واڌ جي ڪري ڪيترائي سرمائيدار ڪاروباري انتظامن مان هٿ ڪيندا پيا وڃن. اهي پيداواري عمل سان ناتا ٽوڙي ويهي ڪائڻ لڳا آهن. يعني اهي حصيدارين ۽ بانڊن وغيره جي آمدنيءَ تي جاوا ڪرڻ لڳا آهن. آمريڪا ۾ لڳ ڀڳ ڇوٽون حصو سرمائيداري پيداوار سان رڳو رسمي سروڪار ۾ نٽا رکن. سندن ڪارخانن ۽ ڪاروبارن کي پگهاردار ملازم، تنظيم ۽ انجنيئر وغيره هلائي رهيا آهن. اهي مفت منافعي خور وياج طور يا زائد قدر جي ورهايل منافعي کي حصول ڪري طفيلي زندگي گذارين ٿا، کين ڪم ڪار ڪونہ آهي، ۽ واندي زندگي گذارين ٿا، ڪيترن ئي ملڪن جا سرمائيدار اهڙي قسم جي محنت خوريءَ تي ٻڌل نٽ ٽانگر واري زندگيءَ کي پنهنجو آدرش بنائي اها آس لڳايو وينا آهن تہ کين هڪ ڏينهن اهڙي واندي زندگي ضرور نصيب ٿيندي.

سرمائي جي روانگيءَ جي ڪري اهڙن منافعي خورن جي بيڪار ۽ طفيلي زندگيءَ کي چار چنڊ لڳي وڃن ٿا. گهٽو ڪري کين اها بہ خبر نہ هوندي آهي تہ ڪهڙي ملڪ ۾ ۽ ڪهڙي ڪم تي سندن پئسا لڳل آهن کين صرف منافعي سان واسطو هوندو آهي ۽ اهڙن منافعي خورن جو روزانو تعداد وڌي رهيو آهي ۽ اها ڳالهہ انهيءَ جي شاهد آهي تہ پرماري هڪ هٿي سرمائيدار ڏينهون ڏينهن سماجي جسم لاءِ هڪ اجايو فالتو ۽ نڪمو ناسور بڻجي رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو پيدا ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ڪري پر قومي آمدنيءَ جي هڪ وڏي حصي کي ڪڙڪائي وڃي ٿو.

باب چوڏهون

زائد قدر لاءِ دوڑ ۽ پورهيت جي بنيادي مفادن تي سرمائي جي هلان

پورهيت عوام جي بنيادي مفادن تي سرمائيدارن جون هلائون، زائد قدر لاءِ سرمائيدار معاشري جي سرگرداني جا لازمي جُزا آهن، جنهن لاءِ سرمائيدار پنهنجي منافعن جي واڌ جي چڪر ۾ پورهيتن کي ٽڪائي چور ڪندڙ پورهئي ۽ آفتن ۽ مصيبتن جي دوزخ کي سندن جو مقدر بنائي ڇڏيندا آهن.

بيروزگاريءَ جو ٽڪائيندڙ ڪوهسار: روزگار جو کسجڻ، پورهيت ماڻهوءَ لاءِ هڪ وڏو عذاب هوندو آهي. بيروزگاريءَ جو مطلب اهو آهي ته ماڻهو زندگيءَ جي گذر سفر کان محروم آهي. اهو ماڻهو نه پورو کاڌو کائي سگهندو آهي ۽ نه گهر گهاٽ وارو ٿي سگهندو آهي. مطلب ته اهڙيءَ صورت ، کيس نه اڄ جي گذاري جو يقين هوندو آهي ۽ نه سڀاڻ لاءِ ڪا اميد هوندي آهي.

بيروزگاري ماڻهوءَ کي زندگيءَ کان مايوس ڪري ڇڏيندي آهي ۽ کيس ذلتن جي اوڙاهه ۾ ڌڪي ڇڏيندي آهي. بيروزگاري ڏاڍي بي رحم ٿ بندي آهي. اها انسان کي پنهنجي مستقبل کان مايوس بنائي ڇڏيندي آهي ۽ آپگهات ڏي وٺي ويندي آهي. 1983ع ۾ آمريڪي بيروزگارن جي هڪ جلسي ۾ هيٺ جاڻايل خوفناڪ حقيقتون پيش ڪيون ويون هيون. وسڪونسن اسٽيل مان هٽايل لڳ پڳ ڏهن پورهيتن خودڪشي ڪري ڇڏي هئي. جن مان هڪ جڻي پاڻ تي پيٽرول هاري باهه ڏئي ڇڏي هئي.

هڪ ڇٽي ڇوٽين منزل واري جاءِ جي دريءَ مان پاڻ کي اُڇلائي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي ۽ هڪڙي پورهيت پاڻ کي ۽ پنهنجي خاندان کي زهريلي گئس جي ذريعي ٻوساڻي ماري ڇڏيو هو. اهڙا ٻيا ٻه ڪيترائي مثال موجود آهن.

سرمائيداري نظام ۾ بيروزگاري کان ڇوٽڪارو ملي نٿو سگهي. سرمائيدار زائد قدر جي لالچ ۾ روز نئين ٽيڪنالاجي آڻيندا رهندا آهن. پورهيي جي تنظيم ڪاريءَ جا نوان طريقا اختيار ڪندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح پورهيي جي سختيءَ ۾ واڌ آڻيندا رهندا آهن. منافعن کي ايڏا ٻه وڌائڻ لاءِ اهي گهٽ افرادي قوت مان ٻه وڌ کان وڌ پيداوار ڪرائڻ گهرندا آهن، ان ڪري جيئن جيئن سرمائيداري نظام ترقي ڪندو آهي، وار قير وارو سرمايو ڦرندو ويندو آهي ۽ پيداوار ۾ ٽيڪنڪي سطح ۽ جدت جي واڌ سان گڏ اهو جيئن پوءِ تيئن ايڏان گهٽجي رهيو آهي، جنهن جي ڪري سرمائيدار مشينن تي وڌيڪ ۽ اجرتي پورهٽي پنهنجن خرچن کي گهٽ ڪندا وڃن ٿا. نئين ٽيڪنالاجي ملازمتن جي جڳهين ۾ گهٽتائي آڻيندي رهي ٿي ۽ سرمائيداري پيداواري طريقو سيني ضرورتمندن لاءِ روزگار ڏيڻ جي حق ۾ نه هوندو آهي. تنهن ڪري پورهيت طبقي جو ڪجهه نه ڪجهه حصو واندو هوندو آهي. يعني بيروزگاري وڌي ويندي آهي. بيروزگارن جي انهيءَ فوج ۾ نڪتل مزدورن کانسواءِ وڌيءَ عمر وارا پيرسن پورهيت ۽ اهڙن نوجوانن جو واڌارو ٿيندو آهي، جيڪي پنهنجي پيرن تي بيهڻ واري عمر کي پهچي ويندا آهن.

اهڙيءَ طرح هر سال بيروزگاريءَ ۾ واڌارو ئي ٿيندو رهي ٿو. جيڪو سرمائيداري معيشيت جي جسم تي ڪينسر جي ڳوڙهي وانگر پکڙيو وڃي ٿو. سرڪاري انگ اکر ٻڌائين ٿا ته صنعتي طور سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ 1960ع جي ڏهاڪي ۾ مڪمل بيروزگار ماڻهن جو انگ 65 لک هيو. جڏهن ته 1981ع ۾ اهو انگ وڌي ٻه ڪروڙ 47 لک ٿي ويو آهي ۽ 1983ع ۾ اهو انگ ايڏا وڌي 3 ڪروڙ 50 لک ٿي ويو آهي. بيروزگاريءَ جو اهو انگ 1932ع جي انهيءَ المناڪ تاريخي رڪارڊ کي ٻه پوئتي ڇڏي

ويو آهي. جڏهن سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ بيروزگاريءَ جو انگ ٻه ڪروڙ 40 لک ٿي ويو هو. (جيڪڏهن انهن انگن اکرن ۾ جزوي بيروزگارن کي شامل ڪبو ته اهو 3 ڪروڙ هو.) اڄوڪا سرمائيدار ملڪ جيڪو ڏيک ڏين ٿا، انهيءَ کي رڳو بيروزگاري چوڻ ڪافي ناهي. بلڪ اها هٿرادو مها بيروزگاري آهي. اهڙيءَ طرح 1983ع ۾ صنعتي طور سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ ڪم جي وسعت رکندڙ آبادي‌ءَ مان 10 سيڪڙو حصو بيروزگارن جو هيو.

ترقي پذير ملڪن جي صورتحال اڃا ٻه خراب آهي. جتي هر ٽيون ماڻهو بيروزگار آهي. 1980ع جي ڏهاڪي جي اول ۾ انهن ملڪن ۾ بيروزگارن ۾ نيم بي روزگارن جو انگ 40 کان 50 ڪروڙ هيو. مثال ميڪسيڪو ۾ 1983ع ۾ هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو بيروزگار هئا. ساڳي سال وينزويلا ۾ 24 سيڪڙو ماڻهو بيروزگار هئا. چلي‌ءَ ۾ بيروزگارن جو مقدار اڃا ٻه وڌيڪ هيو جتي ڪم ڪرڻ جي لائق ماڻهن جو 30 سيڪڙو بيروزگار هيو. ايلسلوادور ۾ شهري آبادي جو 40 سيڪڙو ۾ ڳوٺاڻي آبادي جو 70 سيڪڙو بيروزگار هو.

سرمائيدار وڌندڙ بيروزگاريءَ کي پورهيت کان وڌيڪ زائد قدر وٺڻ لاءِ هڪ ٻئي هٿيار طور استعمال ڪندا آهن. روزگار ڪسجڻ جو خطرو پورهيت کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪندو آهي ته اهو سرمائيدار جي اڳيان هر حال ۾ گوڏا ڪوڙيو ويٺو هجي. ڪڏهن هو سرمائيدار جي سخت ترين شرطن کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي ته ڪيس ٻين اهڙن ڪيترن ئي بيروزگارن مان هڪ جي بدلي ۾ ڪڍي ٻاهر ڪيو ويندو آهي. جيڪي سرمائيدار جو هر ڪو شرط مڃڻ لاءِ تيار هوندا آهن. آمريڪي ليکڪ 'جان ايسٽائن بيڪ' انهيءَ صورتحال کي بيان ڪندي پنهنجي ناول (ڏمر ۽ ڏاڍ جا انگور) (The Grapes of Wrath) دي گريپس آف راٿ ۾ لکي ٿو: "جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڪا گنجائش نڪرندي آهي، ته ڏهه ماڻهو ان لاءِ پاڻ کي پيش ڪندا آهن. اهي گهٽ ۾ گهٽ اجرتن وٺڻ

تي وڌندا آهن. جيڪڏهن اڳيون 30 سينٽن تي ڪم ڪري ٿو تہ مان 25 سينٽن تي ساڳيو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

"جيڪڏهن هو 25 سينٽ ٿو وٺي تہ مان 20 تي ڪم ڪندس."

"نہ، نہ مان تہ بکيو آهيان، مان پندرهن تي ئي ڪم ڪندس، مان صرف پيٽ تي ئي ڪم ڪندس." (جان استائن بيڪ "ڏمر جا انگور" دي گريپس آف ارٿ، دي سن ڊائل پريس، نيويارڪ، 1941ع ص 386_87)

پنهنجي نوڪري برقرار رکڻ ۽ بيروزگاريءَ کان بچڻ لاءِ پورهيت کي گهٽ اجوري تي ڪم ڪرڻ، پورهيي جي سختيءَ کي سهڻ ۽ ڪم ڪار جي خراب حالتن کي بہ قبول ڪرڻو پوندو آهي. انهيءَ سڄيءَ صورتحال مان سرمائيدار ئي فائدو ونڊندو آهي تہ ڪيس پنهنجي ٽجوڙين کي پرڻ لاءِ وڌيڪ زائد قدر حاصل ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح روزگار وارا بہ بيروزگارن وانگر هاريلين جي قطار ۾ بينل هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ روزگار سان لڳل ماڻهن جي پورهيي جي سختي، پورهيي لاءِ افرادي قوت جي ضرورت گهٽائي ڇڏيندي آهي ۽ روزگار جو ملڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

قيمتون وڌن ٿيون: قيمتن جو لاڳيتو وڌڻ بہ پورهيت عوام تي هڪ وڏو بار وجهندو آهي. سرمائيداري نظام جي اندر پورهيت عوام جي ضرورتن جون شيون صرف ئي ڏسن ۾ وڌن ٿيون يعني مٿي ئي مٿي ويندیون آهن. قيمتن جي واڌ وارو اهو رجحان تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، جيڪا اڄ ماني هڪ اڳهه ۾ ملي ٿي، سا سياڻي کان مهانگي ٿي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح گوشت، کير، پٽاڻن ۽ ٻين پاڄين ۽ کاڌي پيتي جي شين جا اڳهه تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. ڪپڙن، جوتن، ريڊين ۽ ٻين استعمال جي شين جا اڳهه بہ لاڳيتو وڌن ٿيا. مثال طور آمريڪا ۾ 1970ع کان 1981ع جي وچ ۾ ريزڪي قيمتون 150 سيڪڙو وڌي ويون ۽ برطانيا ۾ اهي 340 سيڪڙو وڌي ويون.

اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪن ۾ بہ قيمتون ڳاڻي ٽوڙ ٽيندیون ٿيون وڃن. 1978ع ۽ 1979ع ۾ اهي قيمتون 20 سيڪڙي سالياني حساب سان

وڌي رهيون هيون، جيڪي 1980ع ۾ 1981ع ۾ 35 کان 40 سيڪڙي تائين وڌي ويون هيون. اهي وڌندڙ قيمتون پورهيت ماڻهن لاءِ هڪ وڏو عذاب ٿي پونديون آهن. چاڪاڻ ته اجرتن جي واڌ قيمتن جي واڌ کان گهٽو پوئتي رهندي آهي. نتيجي ۾ پورهيت ماڻهو اڳوٽيون خريداريون به ڪري نه سگهندو آهي. اها قيمتن جي واڌ پورهيت ماڻهن کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪندي آهي ته اهي کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي ۽ بين ضروري شين جي خريدارين ۾ گهٽتائي آڻين يعني حقيقي پگهارون گهٽجي ويندیون آهن. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا ۾ 1973ع کان 1983ع تائين حقيقي اجرتن ۾ 20 سيڪڙو گهٽتائي اچي وئي هئي ۽ اهي گهٽجي 1971ع جي لڳ ڀڳ ٽي ويون هيون اهڙيءَ طرح ارجنٽائين ۾ 1981ع ۽ 1982ع جي سال ۾ حقيقي پگهارن ۾ 30 سيڪڙو گهٽتائي اچي وئي هئي.

قيمتن جي واڌ، پورهيت عوام جي زندگيءَ جو معيار ڪرائي ڇڏيندي آهي. پر اجاريداريءَ جا مالڪ انهن مان فائدو حاصل ڪندا آهن. ڇو ته اڳهن جي واڌ جي ذريعي اهي هارين ۽ پورهيتن کي شيون وڪڻي، کين ڦريندا آهن. قيمتن جي واڌ، اجاريدارين جي آمدنين کي وڌائي، سندن نفعن ۾ وڏيڪ اضافو ڪندي آهي.

قيمتن جو اضافو زائد قدر جي شرح کي به وڌائيندو آهي. جڏهن ته حقيقي اجرتن ۾ گهٽتائي پورهيي جي لاڳت ۾ ڪمر ڪندي آهي، جنهن سان واجبي پورهيي جي مدت گهٽجي ويندي آهي ۽ واڌو پورهيي جي مدت وڌي ويندي آهي ۽ واڌو پورهيي جي مدت جي ڏيگهه جي ڪري زائد قدر ۾ به واڌ ايندي آهي، جنهن عمل مان سرمائيدار کي وڏو نفعو ملندو آهي. پر اهو لڪل رهندو آهي، جڏهن ته سڏيءَ ريت ڏهاڙي ڪم ڪار جي وقت کي وڌائي يا پورهيي جي سختيءَ کي وڌائي پورهيت جو جيڪو استحصال ڪيو ويندو آهي، اهو ظاهر ظهور هوندو آهي، پر هڪ صورتحال ۾ استحصال ايترو ظاهر ظهور نظر به نه ايندو آهي.

بک ۽ خراب کاڏو: اڳهن ۾ اضافن، بيروزگارين ۽ پورهيت ماڻهن جي بنيادي حقن تي هڪ ٻئي جي پويان هلائن جي نتيجي ۾ پورهيت ماڻهن ۽ سندن خاندان کان کاڏ خوراڪ گهٽجي ويندي آهي. بک ۽ بدحالي ڪروڙين انسانن تي ڪوڙا وسائي رهي آهي. ايستائين جو خود آمريڪا ۾ هڪ ڪروڙ 40 لک ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ جو شڪار آهن. دنيا جي هن سرمائيدار امير ترين ملڪ ۾ به ڪڏهن ڪڏهن غريبن جا ٻار گند جي ڍيرن تان کاڏو ڳولڻ تي مجبور هوندا آهن.

نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ جتي جتي سڌريل ملڪن کان صنعتي طور تي ترقي جي سطح گهٽي گهٽ آهي: صورتحال ايا ئي گهٽي خراب آهي. دنيا جي اهڙن حصن ۾ لڳ ڀڳ هڪ ارب انسان اڻ پوري کاڌي جو شڪار آهن. جن مان 50 ڪروڙ ماڻهو بنهه ڏڪار واري زندگي گذارين ٿا. هر سال لڳ ڀڳ چار ڪروڙ ماڻهو بک جي وگهي مري ويندا آهن، جن ۾ اڌواڌ ٻار هوندا آهن.

ڏور اوپر جي ترقي پذير ملڪن ۾ سپ کان وڌيڪ نه سهپ جوگي صورتحال آهي، جتي 27 سيڪڙو آبادي بک ۽ بدحاليءَ ۾ ورتي پئي آهي. اهڙيءَ طرح آفريڪا جي 22 سيڪڙي آبادي لاءِ کاڏو به ڪونه آهي.

گهرن جي اڻ پورائي: دنيا جي لڳ ڀڳ هڪ ارب ماڻهن لاءِ مناسب گهر گهاٽ ڪونه آهن. سرمائيدار انهيءَ شديد ۽ حساس مسئلي جي حل لاءِ پنهنجي دولت خرچ ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهن. کين رڳو منافعي خوريءَ جي لوري لڳل آهي، تنهن ڪري کين غريبن جي گهر گهاٽ جي ڪا پرواهه ڪانه آهي. سرمائيداري نظام جڏهن وجود ۾ ٿي رهيو هو ان وقت کان ونئي اڄ تائين آبادي جي وڌن حصن کي اهڙن گهرڙن ۽ جهوپڙين ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو ويو ٿو جيڪي انسانن جي رهڻ جي لائق نه هوندیون آهن. ڪن ماڻهن کي مٿي ڍڪڻ لاءِ ڇت به ڪانه هوندي آهي. آمريڪا ۾ 1983ع جي انگن اکرن مطابق 30 لک ماڻهو بي گهر آهن،

جيڪي رستن ۽ پلين جي هيٺان يا زمين اندر ريل گاڏين جي شيخدار روشندانن ۾ رهندا آهن.

خاص ڪري ترقي پذير ملڪن جي شهري علائقن ۾ تمام گنديون ۽ گهاٽيون آبادیون تباهي آٽيندڙ حد تائين پکڙجي ويون آهن. شهرن جي چوٽون يا ٽيون حصو آبادي اهڙي غير انساني ماحول ۾ رهندي آهي. انهن گندگيءَ سان پريل وستين جي رهائش واريون حالتون ڏاڍيون ايذائيندڙ ۽ ذلت واريون آهن. اتان جي غير صحتمند ۽ گندگيءَ واري ماحول ۾ ماڻهن جا هشام رهن ٿا. جتي گهٽو ٽٽو ڏوهن جي دنيا آباد هوندي آهي. جيستائين سرمائيداري راج آهي. تيستائين اهڙين حالتن جي بدلجڻ جي اميد ئي اجائي آهي. ٻئي پاسي رهائشي حالتن کي سڌارڻ جي بجاءِ سرمائيدار هٿيارن جي صنعت ۾ سرمائيڪاريون ڪن ٿا ۽ جنگي تيارين تي خرچن جي پرمار آهي.

صحت جي سارسنيال ۾ مهانگي ٽيندي پئي وڃي: سرمائيدار دنيا ۾ طبي امداد جو ڏنڊ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. آمريڪا ۾ صرف پوئين ڏهن ٻارهن سالن ۾ علاج ٽيٽو مهانگو ٿي ويو آهي. اسپتال ۾ داخلا ونڊي علاج ڪرائڻ پري جي ڳالهه ٿي وئي آهي ۽ پورهيت ماڻهن جو ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ ئي مشڪل ٿي ويو آهي. دوا ساز فرمن مسلسل قيمتن کي وڌائي پورهيت ماڻهن جي جسم ۾ خون جو قڙو به نه ڇڏيو آهي. ايتريقدر جو سرمائيدار بيماريءَ ۽ حادثن مان به منافعن ڪمائڻ جي پويان آهن. ٻئي طرف آبادي جا وسيع تر غريب حلقا ڊاڪٽري علاج کان محروم ٿي چڪا آهن. نتيجي ۾ سندن صحت تي هاڃيڪار اثر پئجي رهيا آهن. جن مان ڪيترن کي وقت کان اڳ ئي موت اچي ورائي ٿو.

ترقي پذير ملڪن ۾ 1.5 ارب ماڻهو علاج جي سهوليتن وارو خرچ پري ئي نٿا سگهن. جن مان 40 ڪروڙ 6 سالن کان گهٽ عمر وارا ٻار آهن. انهن وٽ سڌريل سرمائيدار ملڪن جي پيٽ ۾ 70 سيڪڙو گهٽ دوائون

استعمال ٿين ٿيون. بيماريون عام جام آهن. سلهه، مليريا ۽ ٻيون پيٽ وغيره جون بيماريون سدائين هكيون تكيون موجود رهن ٿيون.

سرمائيدارن ۽ پورهيت طبقي ۾ سماجي ويچو وڌي پيو: سرمائيداري ترقيءَ جي عمل جي دوران پورهيت طبقي ۽ سرمائيدارن جي وچ وارو ويچو اڃا گهڻو وڌي ۽ وسيع ٿي رهيو آهي. معاشي بحاليءَ وارن انهن دورن ۾ به سرمائيدارن جا منافعا وڌيڪ تيزيءَ سان وڌندا آهن، جڏهن اجرتن ۽ پگهارن کي وڌايو ويندو آهي، زائد قدر جي ميڙ اميرن کي اڃا وڌيڪ امير بنائيندي آهي. جڏهن ته پورهيت ماڻهن جون حالتون اڃا وڌيڪ خراب ٿيندیون ويندیون آهن. قومي آمدنيءَ ۽ مجموعي سماجي پيداوار کان سواءِ ملڪ جي ڪل قومي دولت ۾ پورهيت طبقي جو حصو سسي سوڙهو ٿيندو ويندو آهي. آمريڪا ۾ اهو ئي عمل جاري آهي، جتي آبادیءَ جي هڪڙي سيڪڙي کان گهٽ حصو قومي دولت جي اڌ کان وڌيڪ حصي جو مالڪ آهي. اهي امير ترين ماڻهو آمريڪا جي ڪل آبادیءَ جو صرف 0.3 سيڪڙو حصو آهن، پر 22 سيڪڙو قومي دولت سندن قبضي ۾ آهي، ان ڪري ٻين سرمائيدار ملڪن جيان آمريڪا ۾ به مال ۽ دولت واريءَ انهيءَ ڏر جي پورهيي جي ٻين ڏرين سان جنگ جاري آهي، جڏهن ته آمريڪا جي ٻيءَ ڏر 60 سيڪڙي شهرين جي حصي ۾ قومي دولت جو صرف 7.5 سيڪڙو حصو اچي ٿو جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته مٿئين ڏر 0.3 سيڪڙي آبادیءَ جي هر فرد وٽ پورهيت ڏر جي جملي 60 سيڪڙي آبادیءَ جي هر فرد کان 600 ڀيرا وڌيڪ مال ۽ دولت موجود آهي. اها ڳالهه ٻڌائي ٿي ته اهو ويچو گهڻو وڌي رهيو آهي ۽ سرمائيداري نظام ۾ رهندي انهيءَ کي ختم ڪري نٿو سگهجي.

زائد قدر واري لالچ ۽ لوڀ، پورهيي تي دولت جي هلان کي اڃا به وڌائي رهي آهي. 1974ع جي سال ۾ آمريڪا ۾ بن ڪروڙن ۽ 30 لک اهڙن ماڻهن جو ڪاٿو لڳايو ويو هو جيڪي غربت جي ليکي کان به هيٺاهين زندگي گذاري رهيا هئا. 1983ع جي اول ۾ انهن جي تعداد ۾ اڃا

وڌيڪ 50 سيڪڙو واڌ آئي هئي ۽ انهن جو تعداد ٿي ڪروڙ 50 لک ٿي ويو هو. يعني ڪل آمريڪي آبادي جو 15 سيڪڙو حصو غربت جي ليڪي کان ٻه هيٺاهين زندگي گذاري رهيو آهي.

آمريڪا ۽ صنعتي طور تي ٻين سڌريل سرمائيدار ملڪن ۾ ٻه ڏاڍي غربت آهي. پر پوءِ ٻه اها نون آزاد ٿيل رياستن جي ماڻهن جي پيٽ ۾ گهٽي گهٽ آهي، جتي 80 ڪروڙ ماڻهن جي سالياني آمدني 150 ڊالر کان ٻه گهٽ آهي، جنهن جو مطلب ٿيو ته کين صرف 41 سينٽ ڏهاڙي ملندا آهن.

اهڙيءَ طرح صنعتي طور ننڍن سرمائيدار ملڪن ۽ ترقي پذير ملڪن جي وچ واريءَ غربت جو ويڇو گهٽ ٿيڻ جي بدران اڄا وڌيڪ وڌي رهيو آهي. هڪ اندازي موجب 1770ع ۾ يورپ جي ملڪن جي مجموعي آمدني، ترقي پذير ملڪن جي آمدنيءَ کان صرف 20 سيڪڙو وڌيڪ هئي. پر هڪ سؤ سالن کان پوءِ 1870ع ۾ اهو فرق وڌي 250 سيڪڙو ٿي ويو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ سؤ سال ٻيا گذريا ته 1920ع ۾ اهو فرق 630 ٿي ويو آهي. انهيءَ کي ڏسندي اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته 2000ع تائين صنعتي طور سڌريل سرمائيدار ملڪن جي مجموعي قومي پيداوار ترقي پذير ملڪن جي پيداوار کان 14هوڻ تي وڌيڪ ٿي وڃڻي آهي.

باب پندرهون

پورهيت عوام سرمائيداري ڦرمار جي خلاف جنگ ۾ آهي

وڏندڙ پرماريت ۽ سرمائيدارن جي هٿان پورهيت ماڻهن جي حقن تي هلائون، پورهيت ۽ انهن جي ساڻين ۾ احتجاج ۽ جوابي عمل کي هٿي ڏين ٿا. پورهيت طبقو پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ سرمائيدارن جي خلاف بيباکيءَ ۽ بهاديريءَ سان جهيڙيندو رهي ٿو. ۽ اهڙيءَ طرح هو بورزوا معاشري جي بنيادن کي لوڏيندو ۽ کرکٽو ڪندو رهي ٿو.

پورهيت طبقي جي پهرين طبقاتي ويڙهه: اوڻويهين صديءَ جي ابتدا کان اڳ پورهيت طبقي جي طبقاتي ويڙهه تمام سادي سودي هئي. ان وقت ۾ صنعت ۾ پهريون پيرو مشينون استعمال ٿيڻ لڳيون هيون، جنهن ڪري ان وقت جا پورهيت سرمائيدارن جي بدران خرابيءَ جي پاڙ مشينن کي سمجهندا هئا ۽ سندن پهرين احتجاجن جو نشانو به مشينون ئي ٿيندیون هيون.

سترهين صديءَ ۾ ئي سڄي يورپ ۾ سوتي ڪپڙي اُٽيندڙ آڌاڻن جي خلاف پورهيتن جي احتجاجن جي هڪ لهر اُپري آئي هئي ۽ ارڙهينءَ صديءَ ۾ ڪپڙي ڪتڻ ۽ سبڻ وارين مشينن کي ساڙيو ويو هو. اهڙيءَ طرح اوڻويهين صديءَ جي موڙ تي برطانيا جي فيڪٽرين، مشينن ۽ ڪلن ۽ پُرزن کي تباهه ڪرڻ جي هڪ وڏي تحريڪ اُٿي پئي جنهن کي لڊيني تحريڪ جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. جيڪا نيڊ نالي هڪ افسانوي سيکڙات سان منسوب ڪئي وڃي ٿي. جنهن کي 'جنرل لڊ'

سڏيو ويندو هو ۽ هن لاءِ مشهور هو تہ هُن پهريون پيرو مشينن جي ڪلن ۽ پُرزن کي پيڙ شروع ڪيو هو. ان کان پوءِ آهستي آهستي پاڻ بابت پورهيت طبقي جو شعور وڌڻ لڳو ڪيس خبر پئي تہ سندس جنگ مشينن سان نہ پر سرمائيداري استحصال ۽ ڦرمار جي خلاف آهي. تنهن کان پوءِ پورهيت طبقي جي جدوجهد متاهين ڏاکي تي پهتي ۽ هاڻ اُن انيڪ قسم جون شڪليون اختيار ڪيون آهن.

پورهيت طبقي جي معاشي جدوجهد: اوڻويهين صديءَ جي اول ۾ پنهنجي معاشي مفادن جي بچاءَ سان گڏوگڏ ۽ سرمائيدارن جي استحصال کي وڌائڻ واريءَ جاکوڙ جي خلاف مزاحمت ڪرڻ لاءِ تمام وڏي معاشي جدوجهد شروع ڪئي وئي. هن معاشي جدوجهد جي شروعاتي مرحلن ۾ پورهيت پاڻ ۾ گڏيل ۽ طبي امداد وغيره لاءِ گڏيل فنڈ قائم ڪري چڪا هئا. اوڻويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ پيشيور مزدور اتحاد (ٽريڊ يونين) قائم ٿيڻ لڳا هئا. اهي پهرين برطانيا ۾ ۽ پوءِ ٻين ملڪن ۾ وجود ۾ آيا هئا. اڄ اهي ٽريڊ يونينون مضبوط انجمنون ٿي چڪيون آهن ۽ پورهيت طبقي لاءِ بهتر ڪم ڪار جي حالتن ۽ رهائش وغيره جي مناسب حالتن پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. سرمائيدار دنيا ۾ سندن ميمبرشپ 1 ڪروڙ ۽ 40 لکن جي لڳ ڀڳ آهي.

پورهيت طبقي جي معاشي جدوجهد انهن لاءِ بنيادي اهميت وارن ڪيترن مطالبن تي ٻڌل هوندي آهي. انهيءَ جدوجهد جي هلندي پورهيت طبقو وافر ۽ ٿوري اضافي زائد قدر کي وڌائڻ لاءِ سرمائيدارن جي چال بازين ۽ طور طريقن جي مزاحمت ڪندو آهي. سندن تحرڪ جو بنيادي ميدان سرمائيداري پرماري هڪ هٿيون هونديون آهن. ان کان اڳ ۾ ڪو وقت پورهيت طبقي جو اهو معاشي مطالبو رهندو آيو هو تہ انهن جي ڏاڙيءَ جي ڪم ڪار جو وقت گهٽايو وڃي ۽ پورهيت طبقي انهيءَ ڏس ۾ سرمائيدارن کي جوڳيون رعايتون ڏيڻ تي مجبور ڪيو آهي. هن وقت پورهيي جي سختيءَ ۾ هيبتناڪ واڌاري ۽ اوور ٽائيم جي ڪم جي

اجائي ڏيگهه جي خلاف جدوجهد وڌي رهي آهي، انهيءَ کان سواءِ پورهيت طبقو ڪم ڪار جي بهتر حالتن، پگهار سان گڏ موڪل ۽ حفاظتي قانونن تي پابنديءَ سان عمل وارا مطالبا ڪري رهيو آهي.

اهڙيءَ طرح اجرتن جي مسئلي تي خاص ڏيان ڏنو ويجي ٿو. چاڪاڻ ته پورهيت طبقي سدائين پگهار گهٽائي زائد قدر کي وڌائڻ واري سرمائيداري لاڙي جي مخالفت ڪئي آهي. اهي پگهارن جي اضافي سان گڏوگڏ پورهيت طبقي جي مختلف گروهن کي مختلف پگهارن ڏيڻ واري امتيازي طريقيڪار جي به مخالفت ڪندا آهن. انهيءَ سان گڏ اهي پگهارن جي نه وڌائڻ واريءَ غير معقول پاليسيءَ جي خلاف سدائين چتي ويڙهه ڪندا آهن. جنهن تي گهٽو ڪري بورزوا حڪومت ڪڏهن ڪڏهن عمل به ڪندیون آهن. اهڙيءَ طرح اهي مردن ۽ عورتن جي برابريءَ وارن حقن ۽ پرڏيهي پورهيتن جي حقن لاءِ به جدوجهد ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پورهيت طبقو بهتر پگهارن لاءِ جدوجهد ڪرڻ سان گڏ پورهيت عوام جي حقيقي اجرتن جي وڌائڻ وارا مطالبا به ڪندو آهي. اهڙي نموني پورهيت طبقو بهتر سماجي ويمن ۽ ضمانتن، پينشن ۽ بيروزگاري الائونس لاءِ مطالبا به ڪندا آهن. اهي سرمائيدار رياست جي ٽيڪسن جي اوگاڑيءَ جي انهيءَ پاليسيءَ جي سخت مخالفت ڪندا آهن. جنهن جو مقصد پورهيت عوام کي قرڻ ۽ لٽڻ هوندو آهي. اهي پورهيت عوام جي صحت جي باري ۾ سرمائيدارن جي بي درد ۽ وحشي روشن جي خلاف سخت قسم جي جدوجهد ڪندا آهن. ان سان گڏ اُتان جي ڌرتي جي ماحول جي بچاءَ، ۽ آرام ۽ جسماني ورزش جي لاءِ بهتر موقعا ڏيڻ لاءِ به جدوجهد تيز تر ٿي رهي آهي. اهڙيءَ طرح پورهيت طبقو اسڪول جي تعليم جي واڌ ۽ وسعت ۽ بهتريءَ، پيشور تربيت ۽ سکيا ۽ رهائشي حالتن جي بهتريءَ لاءِ به مطالبا ڪندو رهي ٿو. انهيءَ سان گڏ اها تحريڪ به زور وٺي رهي آهي ته بي گهر گهاٽ ماڻهن کي خالي پيل فليٽن ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وڃي.

پورهيت طبقي جي موجوده معاشي جدوجهد بيروزگاريءَ جي مسئلي تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي ۽ انهيءَ سان گڏ اهي فيڪٽرين جي تالابندين، ڪاٽين ۽ ٻين ننڍين وڏن انفرادي ڪارخانن جي بندش جي خلاف به آواز اٺارين ٿا ۽ احتجاج ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح وڏي پئماني تي ٽيندڙ ڇانٽين جي خلاف به جنگ ڪن ٿا ۽ مطالبو ڪن ٿا ته خالي جاين کي هڪدم پريو وجي، جيڪڏهن سرمائيدار مطالبا مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا ته اهي فيڪٽرين ۽ ٻين ڪاروبارن تي قبضو ڪن ٿا ۽ سرمائيدارن کي پيداوار بند ڪرڻ نٿا ڏين. اهڙيءَ طرح نيڪالي ڏنل مزدورن جي حمايت ۽ ساٿن سات ڏيڻ جي اظهار لاءِ ڪي نه ڪي قدم به کڻن ٿا.

جيئن جيئن پورهيت طبقي جو طبقاتي شعور وڌي ٿو ۽ اهي بهتر انداز ۾ منظم ٿين ٿا، تيئن تيئن هڙتالون به وڌنديون رهن ٿيون. 1919ع کان 1939ع تائين سرمائيدار ملڪن ۾ لڳ ڀڳ 35 لک مزدور سالياني هڙتالون ڪندا هئا، 1960ع جي ڏهاڪي ۾ اهي انگ اکر هڪ ڪروڙ 27 لکن تي پهچي ويا ۽ 1970ع جي ڏهاڪي جي سالن ۾ هر سال لڳ ڀڳ به ڪروڙ 20 لک مزدور هڙتال تي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح ترقي پذير ملڪن جا مزدور به هڙتالون ڪري رهيا آهن.

هڙتالن جي شڪلين ۾ به هڪ قسم جي نرالپ اچي وئي آهي، يعني ڪڏهن ڪڏهن اهي هڪ يا ان کان وڌيڪ فيڪٽرين کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڏين ٿيون. ٻيءَ صورت ۾ اهي پوري صنعتي شعبن تائين پکڙجي وڃن ٿيون.

چاڪاڻ ته ڪنهن هڪ صنعتي شعبي جي مڙني ڪارخانن ۾ ٽيندڙ هڙتالون ڏاڍيون اهم حيثيت واريون ٿين ٿيون. اهي واپاريءَ لاءِ للڪار ٿين ٿيون ۽ اهو ثابت ڪن ٿيون ته پورهيت گڏيل مطالبن لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ جو پڪو عزم رکن ٿا. اهڙيون هڙتالون هڪ فيڪٽريءَ کان ٻين فيڪٽرين تائين پکڙجي وڃن ٿيون، اهڙيءَ طرح دٻاءُ کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ هڙتالون به ڪيون وڃن ٿيون ۽ پورهيت تحريڪ ۾ وڌيڪ جٽا شامل ٿي وڃن ٿا. آخر ۾ عام هڙتالون يا قومي ليول تي

هڙتالون ٿي وڃن ٿيون، جن ۾ ملڪ جا سڀ يا لڳ ڀڳ سڀ مزدور شامل ٿي وڃن ٿا.

مطالبن ميجرائٽ ۽ سرمائيدارن تي زور آڻڻ لاءِ هڙتالن جي شڪلين جي گهڻائي پورهيتن کي وڏن نقصانن کان بچائيندي آهي. اهڙيءَ طرح پورهيت طبقي جي معاشي جدوجهد لاءِ هڙتالن کانسواءِ ٻيا ذريعا ۽ استعمال ڪيا وڃن ٿا، جن ۾ مظاهرا، ڪانفرنسون ۽ گڏجاڻيون ۽ احتجاجي جلوس ۽ شامل هوندا آهن. اهڙي نموني پورهيت، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وغيره جي ذريعي ۽ پنهنجي حقن جو بچاءُ ڪندا آهن. سيپٽمبر 1982ع ۾ لنڊن ۾ طبي عملي جي هڙتال جي حمايت ۾ هڪ وڏو مظاهرو ٿيو هو. جنهن جي دوران هڪ لک 20 هزار ماڻهو قطارون ناهي پارليامينٽ جي آڏو گذريا هئا. جنهن کان پوءِ انهن گڏجي هڪ وڏو جلسو ڪيو هو.

اهڙيءَ طرح بيروزگار ۽ هاڻي گهڻو سرگرم ٿيندا پيا وڃن. ڪجهه سال اڳ آمريڪا ۽ جرمنيءَ جي بيروزگارن جي هڪ قومي ڪانفرنس ٿي هئي، اولهه جرمنيءَ ۾ اهڙي نموني جي پهرين ڪانگريس ۾ بيروزگارن جي لڳ ڀڳ 250 مختلف انجمن ۽ تنظيمن حصو ورتو هو. انهيءَ ڪانفرنسن جو نعرو هو ته "بيروزگار نڏڻڪا ڪونہ آهن" جنهن کان پوءِ بيروزگاريءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ "شهري پهلڪاري ڪاميٽيون" جوڙيون ويون.

پورهيت طبقي جي سياسي جدوجهد: طبقاتي ويڙهه جي دوران پورهيت طبقي ۾ اهو احساس جاڳي ٿو ته رڳو معاشي گهرون سندن بنيادي مقصدن جي حاصلات لاءِ اڻ پوريون آهن. طبقاتي معاشي جدوجهد رڳو ٿوريءَ گهڻي حد تائين سندن حالتن کي بهتر بنائي سگهي ٿي، پر انهيءَ سان سرمائيداري استحصال جو خاتمو ٿي نٿو سگهي. سرمائيداري استحصال جي خاتمي لاءِ ضروري آهي ته پوري بورزوا يا سرمائيداري نظام جي پاڙ پٽي وڃي. اهو ئي سبب آهي جو پورهيت طبقو رڳو معاشي

جدوجهد تي ڪوبہ پاڙيندو آهي. جنهن لاءِ اهو معاشي مطالبن سان گڏوگڏ سياسي مطالبا بہ آڏو رکندو آهي ۽ وڏي پئماني تي سياسي جدوجهد بہ ڪندو آهي.

سياسي جدوجهد پورهيت طبقي جي طبقاتي جدوجهد جي اعليٰ ترين شڪل آهي. جيڪا ڪنهن هڪ فيڪٽريءَ ۾ ڪنهن هڪ مالڪ جي خلاف مزدورن جي جدوجهد تائين محدود نہ رهندي آهي. بلڪ اها پوري پورهيت طبقي جي پوري سرمائيدار طبقي جي خلاف جدوجهد ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. انهيءَ جدوجهد ۾ پورهيت طبقو پنهنجي انهن بنيادي مفادن لاءِ وڙهندو آهي. جن جي حاصلات دراصل سرمائيدار طبقي جي اقتدار جو خاتمو آڻي ڇڏيندي آهي ۽ ان جي جاءِ تي پورهيت راج قائم ڪندي آهي. جنهن لاءِ پورهيت طبقو پنهنجي سياسي حقن جي بچاءَ ۽ انهن جي اضافي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح سامراجي جارحيت ۽ اڳرائي جي خلاف، امن ۽ آزادي ۽ هٿيارن جي خاتمي ۽ هڪ نئين عالمي جنگ کي روڪڻ لاءِ پورهيت طبقي جي جدوجهد ۽ ڪوشش هڪ نئون عالمي رخ اختيار ڪندي ٻئي ويجي.

بهرحال اڄوڪي دؤر جي پورهيت جدوجهد، سياسي ۽ معاشي شڪلين جو گڏيل روپ اختيار ڪندي ٻئي ويجي. سندن گهٽا ٽٽا ۽ اڪثر مطالبا معاشي حدن کان اڳتي وڏي سياسي رنگ اختيار ڪندا ٻيا ويجن. سياسي نعرن وارين هڙتالن، مظاهرن ۽ ٻين عوامي نوعيت جي هلچل جو دائرو وسيع ٿيندو ٻيو ويجي. اهڙيءَ طرح پيداوار ڪندڙ ڪارخانن جي انتظاميہ ۾ حقيقي شرڪت لاءِ پورهيت طبقي جا مطالبا ۽ گهرون وڏيڪ سختي اختيار ڪنديون ٻيون ويجن.

اهڙيءَ صورت ۾ پورهيت حڪومتن سان سڌيون ٽڪاهيون ڪندا آهن. ۽ انهن کان مطالبا ۽ گهرون ڪندا آهن تہ بيروزگاريءَ توڙي مهانگائي خلاف اثرائتا قدم کنيا ويجن. اهي سماجي ٻلائي جي ڏس ۾ خرچن گهٽائڻ وارين حڪومتي پاليسين جي مخالفت ڪندا آهن. پورهيت

تريڊ يونين مخالف قانونن ۽ تريڊ يونين جي برجستن ڪارڪنن جي گرفتارين جي خلاف شديد ۽ سخت احتجاج ڪندا آهن. اهي مقامي توڙي قومي معاشي ۽ سماجي مسئلن جي حل ۾ وسيع تر شرڪت لاءِ زبردست جهيڙيندا آهن. جيئن تہ اٽليءَ ۾ 1982ع ۾ 10 لک تعميراتي مزدورن هڙتال ڪندي مطالبو ڪيو هو تہ هڪ قومي رهائشي تعميراتي رٽا جوڙي وڃي. ساڳي سال فيبروريءَ ۾ اٽليءَ جي توانائي جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ بجليءَ ۾ برقي پورهيتن انهيءَ مطالبي لاءِ جدوجهد ڪئي تہ توانائي جي سلسلي ۾ هڪ گڏيل قومي رٽا جوڙي وڃي. انهيءَ مطالبي جو اظهار انهيءَ عام هڙتال جي دوران ڪيو ويو هو جنهن ۾ 120000 ڪارخانن جي پورهيتن ۽ دفتري ملازمن بہ شرڪت ڪئي هئي.

ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽيون: بورزوازي ۽ ان جي ڏاڍ ڏمر ۽ ڦرمار جي نظام جي خلاف چڪتاڙ جي نتيجي ۾ پورهيت طبقو پختو ۽ سگهارو ٿي رهيو آهي. انهيءَ جي تعداد ۾ بہ واڌارو ٿي رهيو آهي. انهيءَ جي تنظيم بہ بهتر ٿي رهي آهي ۽ پورهيت عوام سان انهيءَ جو ناتو بہ مضبوط ٿي رهيو آهي. اهو طبقاتي جدوجهد ۾ دليري، نظر ۽ اتحاد جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. پنهنجي تڪڙن مفادن لاءِ پورهيت جدوجهد، پورهيت عوام جي انقلابي شعور کي وڌائي رهي آهي. پورهيت طبقو نہ رڳو پنهنجن طبقاتي مفادن جو وڪيل آهي پر اهو سڄي پورهيت عوام جي مفادن ۽ حقن جو بہ نمائندو آهي. تنهن ڪري اهو سرمائيداري نظام سان جنگ ۾ جوٽيل مڙني قوتن جي قيادت ڪري رهيو آهي.

سياسي پارٽيءَ جي جوڙجڪ پورهيت طبقي جي پختگي ۽ ساڃاهه جي نشاني آهي. مارڪسي لينني ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽيون پورهيت طبقي جو اڳواڻ دستو هونديون آهن. جيڪي مزدورن جي تحريڪ جي سرواٽي ڪندي ان کي انقلابي بنائي ڇڏيندیون آهن. اهڙي پارٽي سرمائيداري استحصالي نظام جي خاتمي لاءِ ۽ سوشلزم ڏانهن اڳتي وڌڻ لاءِ جدوجهد جي دوران پورهيت طبقي کي متحد ۽ منظم

ڪندي آهي. اها پورهيت طبقي کي سماجي ترقيءَ جي مارڪسي لينني تصور سان سنواريندي آهي ۽ انهيءَ ڳالهه جو يقين ڏاريندي آهي ته اهو سڄو طبقو هڪڙي عزم سان گڏجي هڪڙي مقصد لاءِ عمل ڪندو آهي.

ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس 1947ع ۾ پهرين پارٽي ليگ آف ڪميونسٽس جي نالي سان ناهي هئي. جنهن جي ميمبرشپ ڪجهه سون کان اڳتي نه وڌي سگهي هئي، پر پوءِ 1984ع ۾ دنيا ۾ 8 ڪروڙ ماڻهو ڪميونسٽ پارٽين جا ميمبر ٿي چڪا هئا. اڄ 95 ملڪن ۾ ڪميونسٽ پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. اهڙيءَ طرح ڪميونسٽ تحريڪ اڃوڪي دؤر جي هڪ اثرائتي قوت بنجي چڪي آهي.

پورهيت طبقي پنهنجون سڀ کان وڏيڪ فخر لائق ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽين جي اڳواڻيءَ ۾ حاصل ڪيون آهن. قومن جي زندگي هجي يا پوري انسانيت جي زندگي هجي، انهن ۾ ڪابه اهڙي مائائتي ۽ اهم تبديلي ڪانه آئي آهي، جنهن ۾ ڪميونسٽن حصو نه ورتو آهي. مارڪسي لينني نظرين جو علم ڪيونسٽن کي موجوده واقعن کي وڏيڪ گهرائيءَ واري نظر سان ڏسڻ جي راهه ڏيڪاري ٿو ۽ اهي پنهنجي مفادن لاءِ خاص طور پورهيت طبقي ۽ عام طور پورهيت عوام جي جدوجهد جي مستقبل جي سفر جون واٽون وڏيڪ صحيح نموني ۾ وٺي هلڻ جي قابل ٿيندا آهن. اهي سڀائين انهيءَ جدوجهد جي پهرين قطار ۾ رهندا آهن ۽ ان جي مشڪل ۽ اهم ترين مورچن تي رهندا آهن. ڪميونسٽ ۽ پورهيت پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پورهيت طبقي ۽ ان جي ساٿين تاريخي سوين حاصل ڪيون آهن. روس ۽ يورپ، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نفرت جوڳي سرمائيداري نظامن جا تختا اونڌا ٿي چڪا آهن ۽ انهن ملڪن ۾ سرمائيداري استحصال ۽ ڦرمار کي سڀائين لاءِ مٽايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح انسانيت جو ٽيون حصو سوشلزم ۽ ڪميونزم ڏانهن سفر واري راهه تي گامزن رهندي پنهنجي لاءِ هڪ نئين سک ۽ سلامتيءَ واري زندگيءَ جي اڏاوت ڪري رهيو آهي.

حاصلات

اسان توهان کي، زائد قدر بابت رڳو ايترو ٻڌائڻ گهرون ٿا، تہ اهو سرمائيداري نظام سان گڏوگڏ ظاهر ٿيو آهي ۽ سرمائيداري نظام جي سڄي سفر ۾، ان جو ساٿي ۽ رفيق رهندو آهي. اهو سرمائيداري استحصال ۽ پرماريت جو مقصد بہ آهي ۽ سگهہ جو سرچشمو بہ آهي.

زائد قدر جي حاصلات لاءِ سرمائيدار، پورهيت طبقي کي بي رحم استحصال جو نشانو بنائيندا آهن ۽ پوري پورهيت عوام کي ڦريندا آهن ۽ مٿن ڏاڍ ۽ ڏمر ڪندا آهن.

زائد قدر جي حاصلات لاءِ، سرمائيدار پيداوار کي وسعت ڏيندا آهن. نيون مشينون نصب ڪندا آهن ۽ خود پنهنجي پاڻ ۾ بہ رقابت رکندا آهن. انهيءَ زائد قدر کي پنهنجي پاڪرن ۾ پرڻ لاءِ هڪ هٿيون ٺاهيندا آهن ۽ دنيا کي معاشي اثر وارن حلقن ۾ ورهائيندا آهن ۽ بينڪي ۽ جديد بينڪي انسان دشمن پاليسين تي عمل ڪندا آهن.

انهيءَ زائد قدر جي حاصلات لاءِ، سرمائيدار پورين قومن جي حقن ۽ مفادن کي پيرن جي هيٺان لتاڙي ويندا آهن. بين الاقوامي ليول تي غارتگريون ڪندا آهن، ۽ اڳوڻين بينڪن ۽ ماتحت ملڪن جي ماڻهن کي پوئتي پيل رکندا آهن. قدر زائد جي حاصلات لاءِ سرمائيدار ڏوهہ ڪندا آهن. جنگي پاليسين جي همت افزائي ڪندا آهن ۽ انسانيت کي هر طرف کان تباهہ ۽ برباد ڪرڻ ۽ ائٽمي جنگ جي ڪنڊيءَ تي آڻي بيهارڻ لاءِ هر ڪوڪڏوڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن.

سرمائيداري نظام جي جاءِ تي، قائم ٿيندڙ سوشلسٽ نظام، نہ سرمائيداريءَ کي سڃاڻي ٿو ۽ نہ زائد قدر کان واقف آهي. سوشلسٽ نظام ۾ پيداواري ذريعن تي اجتماعي ملڪيت قائم ٿيندي آهي، اتي انسان

جي هٿان. انسان جو استحصال نہ ٿي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ٿيندو آهي. سوشلسٽ نظام ۾ انسانن جا باهمي رشتا اجتماعي ٿين ٿا. دوستاڻي سهڪار ۽ باهمي امداد جي اصولن تي قائم ٿين ٿا. طبقاتي ڏڪار ۽ قومي ڇڪتاڻ سدائين لاءِ ختم ٿي وڃن ٿا. جتي هرهڪ جي پلائيءَ لاءِ سڀ جي سارسنڀال ۽ سڀ جي پلائيءَ لاءِ هرهڪ جي سارسنڀال زندگيءَ جا اصول ۽ قانون ٿين ٿا. سوشلسٽ نظام ۾ علي الاعلان سماجي پيداوار جو اولين مقصد انهيءَ ڳالهہ تي رکيل ٿئي ٿو تہ سڄي عوام جي وڌندڙ مادي ۽ ثقافتي ضرورتن جي پوريءَ ريت پورت ڪئي وڃي. انهيءَ عظيم مقصد کي ماڻڻ لاءِ سوشلسٽ معاشري ۾ پيداوار کي وڌايو ۽ بهتر ڪيو ويندو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بنياد تي سڌارا آندا ويندا آهن.

معاشري ۾ بنيادي تبديليون آنديون ويندیون آهن. ۽ عظيم آدرش کي حقيقت جو روپ ڏيارِيو ويندو آهي. سوشلزم انسانيت جي آڏو ترقيءَ جي اعليٰ ترين چوٽين کي سر ڪرڻ لاءِ نيون واٽون ۽ دڳ کوليندو آهي. جڏهن تہ سرمائيداري نظام ماڻهن لاءِ رڳو ڏک ۽ ڏولاوا آڻيندو آهي. پر سوشلزم کين آزادي، امن، سک ۽ سلامتيءَ جي رستي تي هلڻ جي آڇ ڪندو آهي.

خاڪي جويو

3 جولاءِ 1999ع

ڪن لفظن ۽ اصطلاحن جون سمجھاڻيون

- **واڌو پورهيي جو وقت:** پورهيت طرفان ڪم ڪار جو اهو وقت، جنهن ۾ هُو زائد قدر پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪو پوءِ سرمائيدار کي ڏيڻو ٿو.
- **زائد قدر:** پورهيت جي اصل پورهيي جي قدر جي طاقت کان وڌيڪ پورهيي مان پيدا ٿيندڙ قدر، جيڪو پوءِ سرمائيدار کڻي وڃي ٿو.
- **زائد قدر جو مقدار:** زائد قدر جو نجوڙ ۽ خالص مقدار.
- **زائد قدر جي شرح:** هي زائد قدر اهو زائد قدر سان واسطو رکندڙ مقدار ٿئي ٿو جنهن جي وسعت سان وارڦير وارو سرمايو وڌندو آهي. انهيءَ نسبت سان زائد قدر جي شرح وارڦير واري سرمائي جو سيڪڙو ڳڻبو آهي. انهيءَ ذريعي ئي اجرتي مزدور جي استحصال جو تعين ٿيندو آهي.
- **زائد قدر جو قانون:** وڏ ۾ وڏ زائد قدر جي پيداوار ڪرڻ ۽ سرمائيدار جي هٿان پورهيت جي استحصال جي ليول کي وڌائڻ لاءِ ٿيندڙ ڦرمار جو قانون.
- **ورهايل منافعو:** جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي ذريعي مقرر ٿيل منافعن مان هڪ حصيدار کي ملندڙ منافعو.
- **ويڪو مال:** پورهيت جي هٿن مان تيار ٿي نڪتل مال، جيڪو خريد ۽ فروخت ذريعي تبادلي ۽ متاسٽا لاءِ ڪيو وڃي.
- **ويڪو پيداوار:** ويڪو مال واري پيداوار، جيڪا خريد ۽ فروخت جي ذريعي تبادلي يا متاسٽا جي عمل ۾ اچي سگھي، وڪري جي مال ۾ تبديل ٿي ويل سماجي پورهيو.
- **نج يا خالص زائد قدر:** زائد قدر ڏاڙي ڪم ڪار جي وقت ۾ مستقل واڌ سان پيدا ٿئي ٿو. سرمائيدار پاران پورهيت جي استحصال جي شديد واڌ ۽ زائد قدر جي واڌ کي نج يا خالص زائد قدر چئبو آهي.
- **نسبتي يا فاضل زائد قدر:** اهو استحصال ۽ زائد قدر جي وڌائڻ جو هڪ رستو يا طريقو آهي، اهو زائد قدر، واجبي پورهيي جي مدت ۾ گھٽتائي ۽ واڌو پورهيي جي مدت ۾ واڌ جي ذريعي حاصل ڪيو ويندو آهي.
- **منافعن ۾ حصيداريءَ جو نظام:** هڪ ڪمپنيءَ جي ٻيءَ ڪمپنيءَ سان ضابطي يا ڪمپنيءَ ذريعي حصيدارين جي ورهاست جي ضابطي واري حصيداريءَ کي خريد ڪبو آهي.

- **واپاري سرمايو:** اهو سرمايو جيڪو واپاري سرمائيدار جي ويڪو مال جي وڪري لاءِ هڪ دائري اندر وارڦير ۾ ڪم اچي ۽ ان ۾ موجود قدر ۽ زائد قدر جو ڪاٽو لڳائي، تہ اهو واپاري سرمايو چئبو آهي.
- **واپاري منافعو:** زائد قدر جو اهو حصو جيڪو هڪ ڪارخانيدار واپاري ٻئي واپاريءَ کي خريد و فروخت جي سلسلي ۾ منافعي طور ڏيندو آهي، تہ جيئن هو انهيءَ مان فائدو يا ڪميشن حاصل ڪري سگهي، اها زائد قدر جي هڪ شڪل هوندي آهي.
- **واڌو پيداوار:** پورهيت پاران واجبي پيداوار کان وڌيڪ پيداوار جو حصو.
- **واڌو پورهيو:** هڪ پورهيت پاران واڌو پورهيي جي مدت ۾ زائد قدر جي پيدا ڪرڻ لاءِ ٺيندڙ پورهيو.
- **پورهيي جي طاقت:** ماڻهوءَ جي پورهيي لاءِ اها طاقت، جيڪا دماغي ۽ جسماني صلاحيتن تي ٻڌل ٿئي ٿي ۽ جن کي هو پيداوار جي عمل ۾ استعمال ڪندو آهي.
- **پورهيي جي طاقت جو قدر:** پورهيي مان پيدا ٺيندڙ اهو قدر، جيڪو پورهيي جي سگهہ کي ٻيهر پيدا ڪرڻ لاءِ گهرجي.
- **مرڪب يا گڏپ پورهيو:** اهو پورهيو تربيت ۽ سکيا ورتل پورهيو يا مهارت وارو پورهيو.
- **مقابلو يا چٽاپيٽي:** ويڪو مال پيدا ڪندڙ سرمائيدارن جي وچ ۾ وڌيڪ اڳهن، سٹي پيداوار ۽ وڪري جي حالتن لاءِ ڇڪتاڻ.
- **قدر جو قانون:** ويڪو مال جو معاشي قانون يا جيڪو پيداوار ۽ ويڪو مال جي واجبي سماجي پورهيي جي ڪپت جي دوران ٺيندڙ تبادلي ۽ مٽاسٽا ۾ ظاهر ٺيندو آهي.
- **منافعو:** ڪل سرمائي جي لاڳت تي، ڪُل اُپت، جيڪا سرمائيدار ڪٽندو آهي، اها زائدقدر جي بدليل شڪل ٿئي ٿي.
- **منافعي جو سراسري قدر:** پورهيت طبقي جي پورهيي مان ڦٻايل زائد قدر جو اهو سيڪڙو جيڪو سرمائيدار جي هر حصي ۾ سيڙايل سماجي سرمائي جي نسبت ۾ ظاهر ٺيندو آهي.
- **منافعي جي شرح:** ڪل سرمائي جي سيڪڙي جي حساب سان بيان ڪيل زائد قدر جي شرح.
- **ڪم ڪار جو ڏينهن:** ڪنهن هڪ آفيس يا ڪارخاني ۾ ماڻهوءَ پاران هڪ ڏينهن جي ڪم جو وقت.
- **لاڙ يا ڪرندڙ مور:** ويڪو مال جي پراڻي قدر مان نئين قدر ۾ پورهيي جي ذريعي ايندڙ تبديلي، جيڪا گاڏ پيٽ جي ذريعي گهٽجي ٿي.

- **واجبي پورهيو:** پورهيي جي طاقت جي قدر برابر پيداوار تي پورهيي جي لاڳت کي واجبي پورهيو چئبو آهي.
- **واجبي پورهيي جي مدت:** ڏهاڙي ڪم ڪار جو اهو حصو جنهن ۾ هڪ پورهيت پنهنجي پورهيي جي طاقت جي قدر برابر پيداوار ڪندو آهي.
- **مالياتي سرمايو:** هڪ هٿي پيداواري سرمايو جيڪو پرماري بئنڪاري سرمائي سان سلهاڙيل ٿئي ٿو.
- **پورهيي جي شدت:** پورهيي جي پيداواري سرگرميءَ کي تيز ۽ تکو ڪرڻ.
- **پورهيي جي پيداوار:** حقيقتي پورهيي جي صلاحيت.
- **سرمايو:** اهو قدر جيڪو اجرتي پورهيت جي استحصال لاءِ زائد قدر پيدا ڪرڻ ۾ استعمال ٿئي ٿو.
- **سرمائيداري ڊل:** زائد قدر جو اهو حصو زميندار زراعت مان اجرتي پورهيت ذريعي پيدا ڪيل زائد قدر مان هٿ ڪندو آهي.
- **سرمائيداريءَ جي ماتحت اختلافي مسواڙ:** اقتصاديات جي سرمائيداري اصول موجب، زمين تي پيداوار مان مالڪ پاران ڀرپايل زائد قدر جو هڪ حصو.
- **سماجي واجبي پورهيو:** سرمائيداري پيداوار جي معياري سماجي حالتن تحت ويڪو مال تي ڪتب ايندڙ پورهيو. اهو پورهيو ڪارخاني ۾ ويڪو مال جي خاص قسم جو واڌو مقدار پيدا ڪري ٿو ۽ ويڪو مال جي قدر جو مقدار ٻڌائيندو آهي.
- **گردش ڪندڙ يا وارڦير وارو سرمايو:** سرمائي جو اهو حصو جيڪو پورهيي جي طاقت ۽ ڪچي مال جي خريداريءَ لاءِ رکيو ويندو آهي. ۽ جنهن جو مقدار پيداواري عمل ۾ گهٽجندو ويندو آهي.
- **قرض تي وياج:** منافعي جو اهو حصو جيڪو سيڙپ ڪندڙ سرمائيدار، قرض ڏيندڙ سرمائيدار کي اڳ ورتل رقم جي استعمال کان پوءِ کيس ڏيندو آهي. اها زائد قدر جي هڪ بدليل شڪل هوندي آهي.
- **ڪرائيدار:** اهو سرمائيدار جيڪو حصيداريءَ ۽ بانڊن وغيره جي رقمن تي گذارو ڪندو آهي.
- **اجرت:** سرمائيدار وٽ پورهيت جي وڪاڻل پورهيي جي طاقت جي قدر جي بدليل شڪل.
- **اجرتي پورهيو:** سرمائيداري پيداوار ۾ پورهيت جي پورهيي جو اهو عيوضو جنهن جي بدران پورهيت سرمائيدار وٽ پنهنجي پورهيي جي طاقت وڪڻندو آهي.
- **قرضي سرمايو:** اهو سرمايو جيڪو ڪنهن سرمائيدار يا رياست کي وياج تي ڏنو ويندو آهي.

- **استعمالي قدر:** ماڻهن جي استعمال جي گهرجن کي پورو ڪندڙ ويڪو مال جو قدر ۽ مقدار.
- **رياستي هڪ هٿي قائدا:** سرڪاري ۽لور لاڳو ٿيل سياسي ۽ اقتصادي نظام جيڪو هڪ هٿي سرمائي جي مفادن کي وڌائيندو آهي.
- **فوجي اقتصاديات:** جنگي ماحول جي تيارين جي مقصد لاءِ ملڪي اقتصاديات جي ماتحتي.
- **اگهه:** قدر قيمت ۽ رقم.
- **پرڏيهي ڪارپوريشن:** هڪ وڏي پيداواري هڪ هٿي، جيڪا بين الاقوامي طور بين ملڪن ۽ قومن جو استحصال ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي ويندي آهي.
- **مستقل، جامد يا ثابت سرمايو:** سرمائي جو اهو حصو جيڪو پيداوار جي ديرپا وسيلن تي خرچ ڪيو ويندو آهي. جيئن ڪارخانا، عمارتون ۽ مشينن وغيره تي خرچ ٿيل سرمايو.
- **باندِ يا سَندَ:** اها پئسن جي هڪ اهڙي قسم جي ضمانت آهي، جنهن جو ونندڙ هڪ مقرر ٿيل نفعو ڪمائيندو آهي.
- **بئنڪاري سرمايو:** اهو سرمايو جيڪو بئنڪ ۾ پيل سرمائي مان سرمايو ٺاهيندو آهي.
- **بئنڪاري نفعو:** اهو حاصل ٿيل نفعن جي جوڙ ۽ جمع ٿيندڙ رقم جيڪا جوڙ جي فرق برابر ٿئي ٿي، اهو بہ زائد قدر جي هڪ بدليل شڪل آهي.
- **بينڪيت يا نوآبادي:** سياسي ۽ اقتصادي لحاظ کان غلامي ۽ هيٺ ملڪ يا قوم ۽ انهن جي ماڻهن تي سندن مرضيءَ ڪانسواءِ لاڳو ٿيندڙ پاليسين ۽ قانونن کي بينڪيت يا نوآبادي چئبو آهي.
- **بينڪي ڏانچو يا سامراجيت:** هڪ اهڙو ڏانچو يا نظام جنهن جي ذريعي بينڪي ۽ غلام ملڪن ۽ قومن جو سامراجي قومن جي ذريعي استحصال ۽ ڦرمار ڪئي وڃي، ان کي سامراجي نظام يا بينڪي ڏانچو چئبو آهي.
- **بين الاقوامي اجاريداري يا پرماري هڪ هٿي:** هڪ هٿي يا اجاريداري منافعن کي هٿ ڪرڻ لاءِ سرمائيداري دنيا ۾ پيداوار تي ضابطو رکيو وڃي ۽ ويڪو مال کي پرڏيهي ليول تي مجتا ڏياري وڃي. هڪ يا گهڻين ڪمپنين جو هڪ گڏيل سهڪاري واپار جنهن جو بيو ڪو مقابلو نہ ڪري سگهي.
- **وافر يا فاضل منافعو:** جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي مالڪن پاران حاصل ٿيندڙ منافعو وافر يا فاضل منافعو جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي ذريعي وڪرو ٿيندڙ حصيدارين جي اڳهن جي جوڙ ۽ سيڙايل سرمائي جي مقدار جي برابر ٿيندو آهي.

- **تجريدي پورهيو:** ويڪو مال کي تيار ڪندڙ جو سماجي پورهيو. جيڪو حقيقي روپ ونڊ ڪانسواءِ پورهيي جي طاقت مطابق ويڪو مال جو قدر تخليق ڪندو آهي.
- **حصيداري يا حصو:** هڪ ضمانت، جنهن جو هيءُ هڪ سرٽيفڪيٽ ٿئي ٿو جيڪو ٻڌائيندو آهي ته هن جي مالڪ جي رقمن جو هڪ خاص تعداد جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي سرمائي ۾ سيڙايل آهي، جنهن ڪري اهو ورهايل منافعن مان ڪن جو حقدار آهي.
- **حصيداري اڳهوتري:** بئنڪ ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج ڪمپنيءَ ۾ خريد و فروخت ٿيندڙ حصيدارين جي قيمت.
- **حصيدارين جي قبضي جو حصو:** جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ ۾ حصيدارين جو تعداد، جيڪو ڪمپنيءَ کي قبضي ڏيارڻ لاءِ هوندو آهي.
- **حصيدارين جو سرمايو:** اهو سرمايو جيڪو جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي مالڪن جي سرمائي کي ۽ سيڙپ ڪندڙن جي بچتن تي حصيدارين ۽ بانڊن جي ذريعي ايندو آهي.
- **پيداوار جو قدر:** قدر جي هڪ ٻي شڪل، سراسري منافعي ۽ پيداوار جي قيمتن تي ٻڌل قدر کي پيداوار جو قدر چئجي ٿو.
- **پيداوار جون قيمتون:** ويڪو مال جي پيداوار تي خرچ ايندڙ سرمائي يعني وسيلن جي خريداريءَ تي خرچ ٿيندڙ (ثابت يا جامد سرمايو) ۽ پورهيي جي طاقت جي خريداريءَ تي خرچ ٿيندڙ وارڦير وارو سرمايو ٻنهي کي گڏي پيداواري قيمتون چئبو آهي.
- **پيداوار جو منافعو:** قرضن جو وياج پيارڻ کان پوءِ سيڙپڪار سرمائيدار وٽ بچندڙ منافعي جو حصو.
- **جديد بينڪيت يا نوآبادي:** سامراجي ملڪن ۽ قومن پاران نون آزاد ٿيل ملڪن ۽ قومن تي مڙهيل سياسي ۽ اقتصادي نظام، جنهن تحت سرمائيداري ڏهاڙ ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ هڪ هٿي پرماري منافعن جو بچاءُ ڪيو وڃي ٿو.
- **حقيقي پورهيو:** ويڪو مال جي استعمالي قدر کي پيدا ڪرڻ ۾ هڪ ڪارگر صورت ۾ ڪتب ايندڙ پورهيو.
- **دنيا جي اقتصادي ورهاست:** دنيا جي منڊين تي سامراجي قومن جي وچ ۾ ٿيل معاهدي وارو نظام.
- **رياستي اجاريداري يا هڪ هٿي سرمائيداري:** سرمائيدار رياست جي واحد ۽ اڪيلي اهڙي جوڙجڪ، هڪ هٿي منافعن جي هٿ ڪرڻ لاءِ جمهوري هلچل ۽ قومي آزادي جي آزاديءَ جي جدوجهد کي دٻائيندي آهي ۽ اڳرائي واريون پاليسيون ٺاهيندي آهي.

- **سادو پورهيو:** اهو پورهيو جنهن لاءِ ڪنهن خاص تربيت يا سکيا جي ضرورت نه هجي.
- **سراسري منافعو:** سراسري قدر تحت وڌيل سرمائي تي ملندڙ منافعو.
- **فاضل يا وافر زائد قدر:** اهو زائد قدر جيڪو سرمائيدار جي ڪارخاني ۾ ٺهندڙ ويڪو مال جي اعليٰ سماجي قدر ۽ ادنيٰ سماجي قدر جي فرق مان ملندو آهي.
- **سرمائي جي واڌ:** زائدقدر جو سرمائي ۾ وري وري قرٽ.
- **سرمائي جي روانگي:** هڪ هٽين ۽ سرمائيدار شاهوڪار قومن جي، نگرانيءَ ۾ هڪ هٽي پرماري منافعن کي وڌائڻ خاطر. پرڏيهي منڊين کي هٽ ڪرڻ واسطي ۽ پڙ پنهنجي سامراجي دائري کي وڌائڻ لاءِ سرمائي کي ملڪ جي سرحدن کان ٻاهر نڪيڻ ٻين ملڪن ۽ قومن ڏي موڪلڻ کي سرمائي جي روانگي چئبو آهي. ان کي مالياتي يا پرماري ناڙو بہ سڏبو آهي.

خاڪي جويو

4 جولاءِ 1999ع



روز بروز تباهي مچائيندڙ فضائي بمبارين ۽ عام انساني آبادين تي توبن ۽ گولن جي وسڪارن جون خبرون چارون ٻڌندا رهون ٿا ۽ ان سان گڏ اسان اهي خبرون ٻڌندا رهون ٿا ته ڪنهن نه ڪنهن انسان بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي، خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. اهڙيءَ طرح اسان سرمائيداري سماج ۾ لکين ۽ ڪروڙين انسانن جي غربت ۽ محرومين جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا. سرمائيدار حڪومتون وڏن وڏن فوجي اڏالن کي ويهاري کارائيندیون آهن ۽ خطرناڪ هٿيارن جي تياريءَ تي اربين ۽ کربين روپيا خرچ ڪنديون آهن. جن ۾ ايٽمي، ڪيميائي ۽ جراثيمي قسم جا هٿيار شامل هوندا آهن. وچ اوپر ۾ فلسطيني ۽ لبناني وطن دوست ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ جمهوريت پسند جوڌا نسل پرستيءَ ۽ نسلي اڻ برابريءَ جي خلاف وڙهندي پنهنجون جانيون قربان ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي آزادي گهرندڙ قومن جي مٽان موت جا ملائڪ لامارا ڏئي رهيا آهن. سرمائيدار ملڪن ۾ بک ۽ بيروزگاري به گهٽي آهي ۽ هزارين ٽنن جي حساب سان غذائي جنسون جاٽي واٽي سمندن ۾ اُڇلايون يا وري ساڙيون وڃن ٿيون.

خاڪي جويو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.